
تنقيدون ۽ تجزيا
پروفيسر نذير احمد سومرو
ڏاهپ
تنقيدون ۽ تجزيا
پروفيسر نذير احمد سومرو
ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو
13

تنقيدون ۽ تجزيا

(مختلف ڪتابن تي لکيل، تنقيدي ۽ اڀياسي جائزا)

تنقيد ۽ تحرير

پروفيسر نذير احمد سومرو

ترتيب ۽ تدوين

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

ڏاهپ پبليڪيشن

لاڙڪاڻو ـ 2013ع

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

© ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو- ٢٠١٣ع

13

ڪتاب: **تنقيدون ۽ تجزيا**
ليکڪ: **پروفيسر نذير احمد سومرو**
ترتيب: **انجنيئر عبدالوهاب سهتو**
موضوع: **تنقيدي مضمون**
پهريون ڇاپو: **جنوري ٢٠١٣ع**
ڇپائيندڙ: **رياضت برڙو**
پاران: **ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو**

قيمت: 160 **رپيا**

"**Tanqeedoon ain Tajzia**"
Written By: Prof. Nazeer Ahmed Soomro
Compiled by: Engineer Abdul Wahab Sahito
1st Edition: January 2013 A.D
Published by: Dahap Publication, Larkano, Sindh.
E-mail: dahappublication@yahoo.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ:
* **مهراڻ ڪتاب گهر**، ويجهو گهنٽي ٽاور، لاڙڪاڻو * **رابيل ڪتاب گهر**، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻو * **المنعم لائبرري**، ٨٩- پروفيسرس ڪالوني، لاڙڪاڻو * **بُڪ ورلڊ**، نزد ذوالفقار باغ، لاڙڪاڻو * **اٽيل ڪميونيڪيشنز**، حيدرآباد * **سنڌيڪا بڪ شاپ**، حيدر چوڪ، حيدرآباد * **الفقراء ڪتاب گهر**، سانگهڙ * **نويد سراج بڪ اسٽور**، قنبر * **ڪامريڊ بڪ اسٽال**، ڄامشورو.

رابطي لاءِ:
رياضت برڙو، فزڪس ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو، پوسٽ آفيس لاڙڪاڻو. موبائيل فون: ٠٣٣٣ ٧٥٣٣٠١١

نوٽ: ڇپائيندڙ ۽ اداري جو، ڇپرايل ڪتابن جي مواد سان متفق هجڻ ضروري ناهي.

انتساب

مان هيءُ ڪتاب، علم و ادب سان چاهه رکندڙ ۽ چاهه ڏياريندڙ پنهنجي دوست، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ائنڊ ٽيڪنالوجي نوابشاهه/ ڄام شورو ۾ سول انجنيئرنگ جي هم ڪلاسي، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ اندر هم منصب ۽ هم پيشه، محترم رشيد احمد ڪٽپر صاحب ڏانهن منسوب ڪيان ٿو. جنهن جي ذاتي توجهه سبب، نئون ديرو جي علمي ادبي شخصيتن سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ۽ سنگت ٿي، جن منجهه پروفيسر نذير احمد سومرو صاحب جن ڪي نمايان حيثيت آهي.
نوڪريءَ منجهه مشغول رهندي، علم ادب سان ۽ ادب دوستن سان ٻه ناتو نڀائيندو اچي. جنهنڪري سندس لاڳاپا ساڻن ويجهڙائيءَ وارا رهيا آهن. سندن سار لهڻ ۽ وئي پڇاڻان، سندن پوين جي واهر ڪرڻ جهڙا ڪم سندس معمول ۾ سمايل آهن.
هڪڙو نئڙو پر معروف مثال هتي ڏيان ٿو، جنهن سان سندس شخصيت بابت تصور چٽو ٿيندو. ميجر مجاهد ميراڻي، جڏهن ملڪي سرحدن جي حفاظت ڪندي شهيد ٿيو ته سندس تڏي تي عذر چوڻ لاءِ ملڪ جون نامور شخصيتون پڻ آيون جن ۾: سنڌ جو وڏو وزير سائين قائم علي شاهه، اڳوٽو وزير اعظم محترم نواز شريف، سنڌ جو اڳوٽو وڏو وزير سائين غوث علي شاهه، خود بلاول ڀٽو زرداري وغيره هيا. تن ڪان تڏي تي عذر ڪير وني، جو شهيد جي پويان ڪير اهڙو نه هيو جيڪو انهن شخصيتن سان ملي سگهي. انهن مرحلن ۾ هيءُ صاحب اڳيان اڳيان هيو. شهيد جي چاليهي تي جيڪو ختمو ۽ خيرات جو بندبست، پنهنجي سر تي ڪنيائين.
ڪٽپر صاحب جا ان ڪان علاوه ٻيا ٻه ساراهه جهڙا ڪم ۽ گڻ آهن، جن جي ڪري نئون ديرو اندر سندس خاندان ڪي سياسي حيثيت ۽ مڃتا مليل آهي.
هن ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ همٿائڻ، دل ٻڌرائڻ ڪان علاوه سندس مالي تعاون پڻ رهيو، جنهن سبب هيءُ ڪتاب ڇپائيءَ جا مرحلا آسانيءَ سان طئي ڪري اڄ پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي.

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (204) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”تنقيدون ۽ تجزيا“** پروفيسر **نذير احمد سومري** جي مختلف ڪتابن تي لکيل، تنقيدي ۽ اڀياسي جائزن جو مجموعو آهي، هن ڪتاب کي ترتيب ۽ تدوين **انجنيئر عبد الوهاب سهتي** ڪئي آهي.

هي ڪتاب ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو پاران 2013ع ۾ ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون پياري دوست رياضت ٻرڙي جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

فهرست

پروفيسر صاحب جا تنقيدي مضمون	رياضت برڙو
پروفيسر نذير احمد سومرو (تعارف)	آصف علي سومرو
جراح نقاد	عاشق منگي
مرتب پاران ٻه اکر	انجنيئر عبدالوهاب سهتو

مضمون

١. ”اکين ڏنو ڪنن ٻڌو“ جو تنقيدي جائزو
٢. توهر-هتراڏو گُل
٣. ”پهاڪن جي پاڙ“ تي وچٽري نظر
٤. ”خيمي ۾ شام“ جا ڪجھ منظر
٥. ڊاڪٽر مبارڪ - حقيقت يا فسانو
٦. سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ تنبيل ”ڪمزور ۽ اڻ پورا“ ڪردار
٧. ضيا شاهه جون ساروڻيون ....
٨. ”ڪينجهر“ جون سنڌي ادب ۾ ڪاوشون
٩. ”گهڙيون گذاريم جن سين“ جو تنقيدي جائزو
١٠. ”مارو جي ملير جا“ تي هڪ اتاچري نظر
١١. نجم عباسي جي فلسفي جي چيرڦاڙ
١٢. ”ياد گهر“ جو ”اڌورو“ جائزو

پروفيسر صاحب جا تنقيدي مضمون

اسان جي عام سماجي توڙي ادبي مزاج ۾، تنقيد کي، اسان وٽ پسند ناهي ڪيو ويندو ۽ اهو پڻ عام طور سمجهيو ويندو آهي، ته تنقيد معنیٰ ڪنهن جو پَٽڪو لاهڻ! جڏهن ته حقيقت ۾ ايئن ناهي. تنقيد سماج کي سني رخ ۾ ۽ اڳتي وٺي ويندي آهي ۽ ادب ۾ به اِهو ئي ڪردار نڀائيندي، روشن راهون ڏيکاريندي آهي ۽ غلط وکون کڻڻ کان روڪيندي آهي. تنقيدَ شين کي انهن جي اصلي جوهر ۾ ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، ان ڪري شين جا سنا ۽ ڪوجها پاسا نروار ڪندي آهي، ته جيئن انهن جي ڪارج کي سمجهي به سگهجي، ته انهن مان بهتر طور لاڀ به حاصل ڪري سگهجي.

اسان جي سڄاڻ اديبَ، پروفيسر نذير احمد سومري به سنڌي ادب ۾ تنقيد کي ان مقصد لاءِ ئي ڪَتب آڻڻ چاهيو. هُنَ ان سلسلي ۾ خاص ڪوشش اها ڪئي، ته ڪتابن ۾ جيڪي غلط يا اختلافي ڳالهيون لکيون ويون آهن، تن جي نشاندهي ڪجي ۽ درست ڳالهه به ٻڌائجي. ان مقصد هيٺ هن مختلف ڪتابن بابت تنقيدي مضمون لکيا، جيڪي اوهان جي هٿن ۾ موجود ڪتاب ”تنقيدون ۽ تجزيا“ ۾، انجنيئر عبدالوهاب سَهتي سهيڙيا آهن.

هِنن محدود سٽن ۾، انهن مضمونن بابت تفصيلي راءِ ڏيڻ جي گنجائش ناهي. البت اهو مِحسوس ٿئي ٿو ته پروفيسر صاحب جون تحريرون ڪنهن به مصلحت کان انڪاري آهن ۽ اهي صرف سچ جو اظهار ڪرڻ چاهن ٿيون. پر، مون کي مضمونن جي مطالعي مان احساس ٿيو ته انهن ۾ طنز ۽ ٽوڪَ به چڱي مقدار ۾ آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ته اها ڪوڙِي باداميءَ وانگر به ٻڌجي ٿي پوي. جيڪڏهن پروفيسر صاحب طنز ۽ ٽوڪ کي ڇڏي، اصلاحي انداز اختيار ڪري ها، ته هنن مضمونن جي نوعيت ڪجهه ٻيءَ طرح ۽ وڌيڪ علمي هجي ها ۽ انهن کي گهڻو پسند به ڪيو وڃي ها.

بهرحال، ضرورت هئي ته انهن مضمونن کي سهيڙجي ها، پر اها پڻ ضرورت هئي ته انهن کي ايڊٽ به ڪجي ها. شايد اهو ڪم سهتي صاحب ان ڪري نه ڪيو هجي ته نذير صاحب جي تحريرن کي جيئن جو تيئن ئي شايع ڪجي، ڇاڪاڻ ته هو اسان وٽ جسماني طور موجود ناهي.

اميد اٿم، ته هن ڪتاب کي تعميري نظر سان پڙهيو ۽ پرجهيو ويندو.

رياضت برڙو

21 ڊسمبر 2012، لاڙڪاڻو

پروفيسر نذير احمد سومرو

(٢١ نومبر ١٩٤٨ع - ٨ ڊسمبر ٢٠٠٥ع)

مختصر تعارف

ڄم جو نالو: نذير احمد سومرو
پيءُ جو نالو: حاجي عبدالحميد سومرو
ڄمڻ جو هنڌ: پير جو ڳوٺ، نئون ديرو
تعليم
پرائمري: پرائمري اسڪول، پير جو ڳوٺ (آڪٽوبر ١٩٥٤ع-اپريل ١٩٥٨ع)
هاير سيڪنڊري: گورنمينٽ هاءِ اسڪول نئون ديرو (١٩٥٨ع - ١٩٦٤ع)
انٽرميڊيئيٽ: گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو (١٩٦٤ع - ١٩٦٦ع)
بي اي: يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو (١٩٦٦ع - ١٩٦٨ع)
ايم اي (پوليٽيڪل سائنس): سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو (١٩٦٨ع-١٩٧٠ع)
نوڪري
سي ٽي ٽيچر/ ڪريڪيولر ٽيچر/ جي ايس ٽي: گورنمينٽ هاءِ اسڪول وارھ (١٩٦٩ع).
ليڪچرار (پوليٽيڪل سائنس): پهرين پوسٽنگ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو (١٩٧٥ع)
ادبي دنيا ۾ ڪم
خاڪا، تجزيا ۽ تنقيدون.

آصف علي سومرو

پير جو ڳوٺ، نئون ديرو

جراح نقاد

”ملنديون مجتائون، جي هيءَ رهي سنڌڙي.“

(امداد حسيني)

هر انسان کي زندگي عجيب لقاءَ ڏيکاري، ڪجهه نه ڪجهه سوچرائي ۽ ڪرائي ٿي.
پروفيسر نذير احمد سومري به آخري عمر ۾، ڪنهن جذبي تحت لکڻ شروع ڪيو. هو جيڪڏهن جيئرو هجي ها ته مان ڪڏهن به نه لکان ها. هميشه هُن کي ۽ محمد ايوب قادريءَ کي چوندو هيس ته: لکڻ منهنجي وس جي ڳالهه نه آهي. اوهان لکو ٿا، چڻ مان لکان ٿو.
هر نفس کي، هڪ نه هڪ ڏينهن هيءَ دنيا ڇڏڻي آهي. سومرو مرحوم به، دنيا ڇڏي ويو پر، پنهنجي لکڻين ۾ زنده رهندو. هُن، لکڻ ۾ چيچڙ جي ڪري، دوست ۽ مخالف پيدا ڪيا. دوست، هُن کي هميشه ساريندا رهن ٿا. هي مجموعو ان جو ثبوت آهي. شل! رب پاڪ، هر اديب ۽ دانشور جا پاڳ پلا ڪري، جو دوست يار، مُئي کان پوءِ ڪيس، يادگيرين جي پيتا ڏيندا رهن.
انسان تي، هن ڌرتيءَ تي جيئڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. حضرت ابن عمرؓ به ڪنهن بيوسي، درد، ڏک ۽ پيڙا کان مجبور ٿي چيو هوندو: ”ڪاش! مان ڪنهن وڻ جو سُڪل پَنُ هجان ها، جنهن کي هوا پهاڙن تان ڪيرائيندي رهي ها.“ انسان کي، انسان جو اونو هئڻ گهرجي. جڏهن ماڻهو بيوس ۽ لاچار ٿي، ذميواريون پوريون نه ٿو ڪري سگهي ته پوءِ خدا کي ٻاڏائڻ کان سواءِ، ٻيو ڪو چارو ڪو نه ٿو رهي.

”هوا جي سامهون هلندا رهياسين،
”پيڙ تي پڙڪندا، جلندا رهياسين.“ (امداد)

هر حساس ماڻهو، متئين شعر وارو نمونو ٿئي ٿو. پروفيسر مرحوم به ڏاڍو نفيس ۽ حساس هيو. هُن چار پنج سؤ صفحا لکيا ۽ چپرايا، جيڪي ڪاوش اخبار، ڪينجهر رسالي ۽ ٻين مئگزينن اندر، مضمونن جي صورت ۾ ڇڙيا پکڙيا پيا آهن. انجنيئر عبدالوهاب سهتي صاحب ڪجهه گڏ ڪيا آهن. هيءُ مجموعو انهن تنقيدي مضمونن تي مشتمل آهي، جيڪي ڪن مڪمل ڪتابن مٿان لکيا ويا آهن. اڳتي به، ٻين ڪتاب چيرائڻ ۾، اگر الله جَلَّ جَلالُهُ ائين مهرباني ڪندو ته ڪا ڏکيائي ڪو نه ٿيندي.
روايت آهي ته: سهتا، ستن نانگن جا ڪاڌل آهن. مون کي ان ڪهاوت ۾ تورو نه، پر گهڻو شڪ آهي. انجنيئر عبدالوهاب سهتو جو نالو انگريزيءَ ۾ لکي، انٽرنيٽ تي ڪِلڪ ڪيو ته مختلف موضوعن وارا بلاگ جهڙوڪ ”سنڌي شخصيتون، سنڌي

سفرناما، پهاڪا ۽ چوٽيون، سنڌي ڪهاڻيون ۽ لاڙڪاڻو لک لهي“ وغيره ڪلي ايندا، جيڪي هن مسلسل محنت سان ڪنا ڪري جوڙيا آهن ۽ ڏينهون ڏينهن منجهن واڌاري لاءِ جدوجهد ۾ لڳل آهي. ايڏو ڪم ڪنهن نانگن-ڪاڏي جو تي سگهي تو!؟
اڄ ساري سنڌ، سورن ۾ ورتي پئي آهي ۽ سندس سور ڪير بہ ساڻيڻ ۽ سلجهائڻ لاءِ تيار ناهي. اهڙي گُهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾، مرحوم پروفيسر جهڙي قلمڪار جي کوٽ، شدت سان محسوس ٿي رهي آهي.
الله ﷻ ڪيس جنت ۾ جايون ڏئي. آمين.

عاشق منگي

نئون ديرو

٠١ ڊسمبر ٢٠١٢ع

ٽڪي جي دانگي ٻه وڄائي ونجي

ربِ ڪائنات، دنيا اندر، آزمائش ۽ پرک خاطر، اصل ۽ نقل جي شڪل، هڪجهڙي رکي آهي. اصل: سچ آهي، سونُ آهي، هيرو آهي، ايمان آهي. جڏهن ته نقل: ڪوڙ آهي، رول گول آهي، شيشو آهي، ڪفر آهي. سچ جهڙي شڪل، ڪوڙ کي به ملي. چمڪندڙ پتل کي ڏسي، گهڻا سونُ سمجهي مٿس پانيولجي پيا. شيشي ۾ به هيري جهڙي چمڪ ۽ رنگينيءَ-ذري رکيل آهي.

رات کي ڏينهن کان تضاد آهي ته منجهن فرق به اوڏو آهي، جو بار توڙي ٻڍو، اگهو توڙي سگهو، عورت توڙي مرد، چڱي نموني پرکي سگهن ٿا ۽ چئي سگهن ٿا ته هيءَ رات آهي، هو ڏينهن هيو. جڏهن ته اکين جي انڌي لاءِ: جهڙي رات، تهڙو ڏينهن.

رنگن اندر تضاد پڻ رکيل آهي. رنگساز ۽ ڪتي، کين نمبرن ڏيڻ کان اڳي سڃاڻندا آهن. عام ماڻهوءَ لاءِ، لڳي کان پوءِ به، لڳ پڳ هڪجهڙا رنگ/ ڪلر ساڳي ڳالهه هوندا آهن.

خوشبوئن منجهه، فضائن ۾ هوندي به قيد رکيو ويو آهي. پانت پانت جا عطر ۽ عنبير، مشڪ ۽ سينٽ بازار ۾ پيا هوندا، سندن خوشبوءِ هڪ ٻئي کان نرالي هوندي. کين پيٽي نروار ڪرڻ جنهن تنهن جي جاءِ ناهي. عطار ۽ سرهيو، کين پري کان سنگهي ٻڌائيندو ته فلاڻي خوشبوءِ آهي. جڏهن ته پانسانيءَ لاءِ هڙ هڪ ئي شيءِ هوندي.

ذائقن جا به، دنيا اندر، بي انداز نمونا رکيا ويا آهن. هر ميوي جو ذائقو جدارو آهي. هڪ ئي ميوي اندر مختلف جنسون رکيل آهن. هر جنس جو ذائقو ٻيءَ کان مختلف ۽ عجيب، متحير ۽ معقول آهي. جهڙي تهڙي کي، ڪاڏي کان پوءِ به ڪل ڪا نه پوندي. پچڻ تي فقط ايترو ٻڌائيندو: سنڌڙي انب جو ذائقو لنگڙي کان پلو هيو. چونسو ڪائڻ ۾، سروليءَ کان وڌيڪ لذيذ آهي. بينگن قلي ۽ قجري هڪجهڙا آهن ۽ ڪائڻ ۾ طوطا پوريءَ جهڙا آهن. مڙني انبن جو سردار ته سنڌڙي آهي پر انور رٽول به ٻيلي انور رٽول آهي. انبن جون ڪيتريون جنسون آهن: ڇا منجهن ذائقا آهن؟ سندن رنگ ۽ روپ ڪهڙو آهي؟ سي ته باغائي ۽ آرائين ڄاڻن. عام ماڻهوءَ کي خبر نه پوندي.

مختلف شين جي پرک، مٿي ٻڌايل ڪاسبين کي ان ڪري ٿي آهي، جو مٿن سندن محنت ٿيل آهي. منجهن سندن عمريون ڳريون آهن ۽ پيڙهيون پوريون ٿيون آهن. تڏهن وڃي اهي ان لائق ٿيا آهن جو هڪجهڙين شين منجهه ايڏا فرق ٻڌائي ٿا سگهن. جڏهن ته ناتجربيڪار ماڻهو ويچارو ته ڪينوءَ ۽ نارنگيءَ، موسميءَ ۽ مالٽي، سنگتري ۽ ترنج منجهه، هڪجهڙي شڪل هئڻ سبب، فرق ٻڌائي نه سگهندو، منجهانئن ملندڙ فائدا ۽

نقصان ٻڌائڻ ته ٿي پري جي ڳالهه. منجهن مختلف جنسون، رنگ روپ ۽ نسل پرکڻ ته ٺيو اجا وڏو ڪم. عام ماڻهوءَ کي ته اها به سُڌ ڪا نه پوندي ته ڪهڙي ماحول ۽ مٽيءَ ۾، ڪهڙي مند اندر ڪيترن هرن ۽ پاٽن ڏيڻ کان پوءِ، اهي ڄاڀي تيار ٿيندا. وڻ ۾ ئي صحيح پچي راس ٿي ڪائڻ لائق ٿيندا يا ڪين پال وجهڻ کان پوءِ ڪائڻ لائق ڄاڻبو. ڦر لهڻ کان پوءِ هٿي ئي اگهه ڪندو يا ڪيس ڪنهن ٻئي ملڪ يا منديءَ ۾ پڄائبو، ته چڱو اپراسو ٿيندو؟ جيترو انهن ڳالهين تي سوچ ويچار ڪبي، اوترو اجا ڊيگهه ڪائيندين پر پلئه نه پونديون.

علم وادب جو جهان به ائين وسيع آهي. گهڻ-پڙهيو ۽ شوق رکندڙ ماڻهو ئي مختلف شين کي پرکي سگهندو. عام ماڻهوءَ کي ڪهڙي خبر ته ڪهاڻي ۽ مضمون ۾ ڇا فرق آهي؟ علم عروض ڇا کي چئبو آهي؟ اهو ته ماهر ئي ٻڌائي سگهندو ته نظم و شعر جون ڪيتريون صنفون آهن؟ انهن ۾ ظاهري ڪهڙا فرق آهن؟ انهن تي طبع آزمائي ڪيئن ٿي ڪري سگهجي؟ متن تخليقي يا تحقيقي، تنقيدي يا تجزياتي بحث ڪيئن ڪري سگهبو. گهٽ پڙهيو يا ڪورو ڄٽ، انهن ڳالهين جي پرک ۽ پيٽ نه ڪري سگهندو.

تحقيق ۽ تخليق واري تحرير ان جي پختي هوندي، جيڪو گهڻي پڙهڻ سان گڏ، گهڻي مشاهدي منجهان، تجسس وارو ذهن استعمال ڪري لنگهيو هجي. اکيون پوري، واٽڙن وانگر ويندڙ کي، ڪل نه پوندي.

جڏهن ته تنقيد يا تنقيص جي صنف، نه پاڻ مرادو ڏانءَ ۾ ايندي آهي ۽ نه مشاهدي سان ذهن ۾ ويهندي آهي. ان لاءِ علم ۽ ادب اندر پيڙهيون وڄايل هجن، رب جي ڏنل ڏات ساڻ هجي، سؤ دفعو پڙهڻ کان پوءِ، هزار دفعو ڪڙهڻ واري عمل مان گذر ٿئي، تڏهن وڃي ان لائقيءَ ٿبو جو ڪنهن جا عيب، اگهاڙئي ٻنا، سنوارڻ جي تلقين ڪري سگهبي. پنهنجا پَلوَ آجا ڪندي، ٻين جي دلي خراش کان بچندي، سندن عيبن جي نشاندهي ۽ تراش سان سنوار ڪرڻ، ڏاڍو ڏکيو عمل آهي. تنهن هوندي به دنيا اهڙن مانجهي مٽيادار مڙس کان خالي ناهي. اجا ڪي آهين، جيڪي اهو جوکم جهڙو قدم کُڻي ڪڻن ٿا. منجهانئن ڪي پار پهچن ٿا، ڪي رکجي ۽ ڪٽي به پون ٿا.

تنقيد ڪرڻ واري کي اول پنهنجي پاڻ مان عيب ڪڍي، پوءِ ٻين جا عيب سنوارڻا آهن. اهو عمل، تڏهن سرانجام ڏئي سگهبو، جڏهن پاڻ ۾ پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ، صبر ۽ سهپ جي صلاحيت هوندي. لالچ، غرض ۽ وڏائي نه هوندي، ڇو جو پنهنجو عيب پنهنجي اک سان ڏسڻ، ان جو پاڻ ناقد ٿيڻ، دل جهلي وري ان جو پاڻ ئي ناصح ۽ مصلح ٿيڻ، ڏاڍا ڏکيا ڪم آهن.

اوهان پلي سيني دوستن يارن جي سجو ڏينهن وينا تعريفون ۽ تذڪرا ڪيو، پر ڪنهن ڪي پلجي به ياد نه ايندؤ. اگر ڪنهن هڪ جي تنقيد ڪيوَ، اها سمورن دوستن يارن جي هيانءَ تي تور ٿي پوندي. هر هڪُ اوهان ڪي انهيءَ عمل سبب، ڪرڙي نظر هيٺ رکندو. هونئن به ٽري ٻوليءَ ۾ چوٽي آهي:

رماڙيو رو نان ڪونهي، رُٺاڙيو رو نان هي.

اوهان پلي پنهنجي ٻار کي ڪيڏو به ڪڏائيندا ۽ پرچائيندا رهو پر اوهان کي ڪير به لوٽو ڦيري نه ڏسندو. اگر ڪينچل ۾، اوهان جي ئي ٻار روئي ڏنو ته، واٽ ويندڙن جو ڌيان به اوهان ڏانهن ڪجي ويندو. روئڻ جو سبب ڄاتي بغير، ڪُرڙين اکين سان اوهان کي گهورڻ لڳندو. وس پڄندس ته وڙهندو، اگر نه ته به اوهان کي چڙٻون ضرور ڏيندو. جڏهن ته اوهان پلي پرائي روئندڙ ٻار کي خرچي ڏئي، ڳراٽڙي پائي، پرچائي، روئڻ بند ڪرائي، ڪلائي خوش ڪري، گهر روانو ڪيو، پر اوهان ڏي ڪنهن جو به ڌيان نه ويندو.
سمجهه ۾ آيو ته ٻئي جي دل ونڻ تي ڪو به خوش نه ٿو ٿئي. البته ڪو اوهان تي ڪاوڙيو آهي ته هر ڪو ڏکي پيو ڪانئس سبب پڇندو ۽ اوهان خلاف، ڀڙڪائڻ لاءِ، ڪيس تازو توانو مواد پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو.
پروفيسر نذير سومرو صاحب، جيڪو ڪجهه، پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ ڪان پوءِ لکيو، سو گهڻو ٺڻو، سال ٢٠٠٢ع کان ٢٠٠٥ع دوران ئي لکيو. ان دؤر ۾ متس ۽ ماهوار ”ڪينجهر“ اندر سندس آرٽيڪل ڇپيندڙ محترم ناز سنائيءَ صاحب تي، پمفليٽ ڇپيا هيا. ان جو تذڪرو، ڪچهريءَ ۾ پڻ ڪيو هيائين. مون سندس دل رکڻ لاءِ، از راهِ مذاق چيو هيو:
”ادا مون به ڇهه ست ڪتاب لکي ڇپايا آهن، پر مون تي ته ڪنهن هڪ اکر به نه لکيو آهي. تو اڃا رسالن ۽ اخبارن ۾ لکڻ مس شروع ڪيو آهي، جو تو تي چوپڙيون ۽ پمفليٽ پيا ڇپجن. ڳالهه سمجهه ۾ ڪا نه ٿي اچي، يا ته ڇيرائڻ وارو تنهنجو دوست هوندو يا ڪو ذات-ڀائي.“
جڏهن اهو پمفليٽ ڏيکاريائين ته واقعي، سندس ڪنهن ذات-ڀائيءَ، خيرپور منجهان ڇپرايو هيو. ان تي چپ ڪري ويو. مون کيس چيو: ”ماضيءَ ۾ به ائين ٿيندو آيو آهي. هڪڙو ڪتاب لکندو هيو، ٻيا ڊوءِ ڊوءِ ڪري، سندس ڪتاب جا اختلاف ڳولي ۽ نروار ڪري، متس پابندي لڳرائيندا هيا. پوءِ پنجن رپين وارو ڪتاب، پنجاهه رپين ۾ به ڳوليو نه لڀندو هيو. جڏهن ته اهو ڪتاب هن وقت اگر ڪاباڙيءَ ۾ اچي، ته ڪير ڏهين رپئي به ونڻ پسند نه ڪندو.“
چوڻ جو مقصد اهو آهي ته تنقيد برداشت ڪرڻ به ڏاڍي ڏکي ٿيندي آهي. چو جو اها دراصل ليکڪ جي ڏُکندڙ رڳ تي هٿ رکي پوءِ ڪئي ويندي آهي. جنهن لکيو آهي،

سو پنهنجي پير تان هٽڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي. اها بي ڳالھ آهي تہ، نقاد کان علاوھ، هو سڄي دنيا جي نظر ۾ پڻ پنهنجي لفظن اندر غلط هوندو آهي.

ان لاءِ، مان پنهنجو ذاتي مشاهدي وارو هڪڙو مثال ڏئي، ڳالھ کي اڳتي وڌايان ٿو. منهنجي آفيس جو هڪڙو چوڪيدار، بجليءَ جو ڪم پڻ ڄاڻندو هيو، جنهنڪري ڏينهن جو ڪنهن دڪان تي وڃي سائيڊ جاب ڪندو هيو ۽ رات جو چوڪي ڏيڻ لاءِ اچي آفيس ۾ سمهي پوندو هيو. مون ڪيس چئي ڇڏيو هيو تہ آچر تي ڏينهن جي چوڪيداري بہ ڪيس ئي ڪرڻي آهي ۽ سندس آچر جي ڏينهن جي موڪل بند آهي. هڪ دفعي سياري ۾، آچر جي ڏينهن، منجهس موٽر نهرائڻ جو ڪم پئجي ويو. موبائيل فون تي رنگ ڪئيمانس تہ ڪٽندي ئي چيائين: ”سائين گهر جو پکو خراب ٿي پيو آهي. کوليو وينو آهيان. بند ڪرڻ ۾ اڌ ڪلاڪ لڳي ويندو. بند ڪري مان جلد اچان ٿو.“

يڪدم چيومانس: ”مون تو کي فون ان لاءِ ڪئي آهي تہ منهنجي گهر جو موٽر نہ ٿو هلي. منهنجو اندازو آهي تہ ان جو سيل سڙي ويو آهي. اهو مٽائبو!“

”سائين پوءِ سيل هتان وٺي اچان!“ يڪدم چيائين.

”ها يلا وٺيو اچ!“ ائين چئي مون فون بند ڪري ڇڏي.

سندس ڳوٺ، شهر جي پسگردائيءَ ۾ هيو، جتان سيل ملڻ ممڪن ئي نہ هيو. منهنجو گهر ۽ آفيس گڏ هيا، سي شهر اندر ئي هيا.

اهو ئي سبب هيو جو منهنجي نظر ۾، سندس ٻئي ڳالهايل جملا ڪوڙ تي مبني هيا. مون ڪوڙي کي ڪوڙو چوڻ بجاءِ، پنهنجو ڪم چئي فون بند ڪري ڇڏي. هو واقعي اڌ ڪلاڪ اندر، سيل وٺي، منهنجي گهر پهچي ويو.

پهرين ڳالھ تہ سياري ۾ پکو هلائبو ئي ناهي، تہ سڙندو ڪٿان؟ ٻيو، سيل دڪان تان ملندو آهي. جڏهن تہ هو پکو ناهڻ سبب گهر ۾ وينو هيو، اتان سيل ڪيئن ملندو؟

اهڙا ڪيئي جملا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي محل ۽ وقوع/ موقعي سان ميلُ/ ميچ نہ ڪائيندا آهن. ڪي تہ پنهنجي اندر بہ اختلاف ۽ تضاد پڻ رکندا آهن. جيئن:

١- ”اسان بہ مفت مشوري جو دڪان کوليون وينا آهيون.“

٢- ”ناني ساڻ هلي تہ مان هيڪلي هلي وڃان!“

٣- ”مان چو چوان تہ: لالوءَ لوسڻ لُئو آهي!“

پهرئين جملي ۾ آهي تہ: کوليو دڪان اٿم پر وکر وکڻان مفت ۾ ٿو. دڪان تہ کولبو ئي شين مٿان منافو ڪمائڻ لاءِ آهي، مفت ۾ شيون ڪپائڻ لاءِ نہ کولبو آهي. مفت ۾ ورهايل شيءِ کي چئبو آهي: سبيل. سبيل ۾ بہ گهٽو ٽٽو پاڻي ئي پياربو آهي، سو بہ تڏهن جڏهن واندڪائيءَ هجي. انهيءَ جملي اندر ئي تضاد موجود آهي.

ٻئي جملي ۾ پڻ ساڳيءَ طرح، في نفسهِ تضاد آهي. اگر ڪنهن کي اڪيلو ئي وڃڻو آهي ته پوءِ نانيءَ جي ساڻُ هلڻ جي تقاضا ۽ انتظار ڇو؟

ٽئين جملي اندر، هڪڙي ڳاهيءَ، جنهن جي ٻنيءَ مان چوريءَ ڳاهه لُڀجي ويو آهي ۽ هڪڙي ڏنار جو گفتو ڏنو ويو آهي. ڳاهيءَ جي پڇڻ تي، ٻوڙو ڏنار، ڪنهن تي چغلي هڻڻ ڪان لهرائڻ خاطر ائين چوي ٿو. ان بيوقوف ڪان، جنهن لاءِ جهڙي ٻني تهڙو ٻهرام، اگر ڪو پڇي ته: اي عقل جا اڪابر، جملي جي پهرئين اڌ ۾ تون ٿو چوين ته مان ڪنهن تي جُوٽي ڇو ڪٽان؟ ساڳئي جملي جي پوئين اڌ ۾ تون چور جو نالو ٿو ڪٽين! اهو ڇا ٿو ٻڪين؟

مٿي ڏنل جملن جو ڪارج ته ڇٽر يا ڊونگل وارو آهي. جيڪڏهن ان ڪان هٽي سندن ڇيد ڪجي ته اهي، پنهنجي پاڻ ۾ ئي، پنهنجي نفي پيا ڪن.

اهڙا جملا، جيڪي بيانَ ۾ اختلافي ۽ متضاد هجن، سي نقاد جي نظر تي ائين چڙهندا آهن، جيئن مک جي نظر ڦٽ تي. سارو صاف سٿرو وجود ڇڏي، اچي ڦُرڙيءَ کي ڪرڙڻ شروع ڪندي آهي.

اهڙي قسم جا ڪيترا ئي مثال آهن، جيڪي اسان جا ليکڪ حضرات پنهنجي لکڻين ۾ اڻ-ڄاڻائيءَ سبب ڪندا آهن. منجهانئن نموني طور ڪجهه هيٺ ڄاڻائجن ٿا ته جيئن ڳالهه اڳتي وڌي سگهي.

هڪ ڪهاڻيڪار پنهنجي هڪ ڪهاڻيءَ ۾، ڪهاڻيءَ جي نائڪ يا محبوبه لاءِ محنت ۽ جانفشانيءَ جو مثال ڏيندي چيو: ”او جاني، مون تو لاءِ وڏا جهد ڪيا آهن. تو کي راضي ڪرڻ لاءِ، گرم ڏينهن جي لُڪن منجهه، پراون باغن جا لوڙها لتاڙي، مالهين جو خيال نه ڪندي، ڪنڊيدار ٻيرين منجهان، صوفي ۽ مکڻ ٻير ڇاڻي، تو لاءِ آندا آهن.“

سندس اهو جملو، زمان ۽ مکان جي حساب سان، ڪوڙ تي مشتمل هوندو، ڇو جو گرميءَ جي ڏينهن ۾ ٻير نه ٿيندا ئي ناهن. ٻيرن جي موسم جنوري جو مهينو آهي، نه ڪ جُونِ جولاءِ. ان مند ۾ ته انب ٿيندا آهن. اگر اهڙي ڪهاڻيڪار تي ادبي نشست اندر ويني، ڪي نقاد تنقيد ڪن ۽ هيءُ سندن تنقيد تي چڙي پوي ته ان ۾ مهڙ ڪنهن ڏي تي ٿئي؟

ٻيو ٻه ننڍڙو مثال، ڳالهه کي چٽو ڪرڻ لاءِ ٿا ڏيون. اگر ڪو وڏي نالي وارو اديب، پنهنجي سفري يادن اندر اهو لکي ته، مان ان ڪوهه تي ويس جنهن تان مارئي پاڻي پريندي هئي. منظر ڪشي ڪندي اڃا به لکي ته: ”ڏينهن تتل هيو. پر ۾ نه وڻ هيو نه ٽڻ. نه پکي پکڻ پئي اڏاميو، ٻنپ ٻيراني لڳي پئي هئي. پاڻي ته ڪاٽي به نظر ڪو نه پئي آيو. ڪوهه منجهه به پاڻيءَ-ڦِنڊ نه هئي. ڪوهه جي تري اندر ڪک پن پريا پيا هيا ۽ سڄو

سڪو پيو هيو. مون منجهس ڳچي وجهي، وات سان وڏي رڙ ڪئي. منجهانئس، پاڻي نه هئڻ جي ڪري، پڙاڏو اٿيو. پڙاڏي ۾ ايڏي ته گجگوڙ ۽ آواز هيو جو اهو اٿندي ئي وڃي آسمان تي پهتو ۽ نتيجي ۾ ان جوءِ اندر چرندڙ مال ۾ ٽاهه پئجي ويو."

هاڻي اگر ڪو ناقد، ان صاحب کان پڇي ته: "سائين منهنجا! کوهه ۾ بوٽ مبارڪ وجهي رڙ ڪرڻ کان اڳ، اوهان فرمايو ته، اتي نه پکي هيو نه پکڻ، نه وڻ هيو نه ٽڻ، نه پاڻي هيو نه ئي ڪا پهر هئي. پوءِ جڏهن اوهان منجهس ڦوڪ ڏني ته منجهانئس وڏو پڙاڏو اٿيو. جڏهن ته پڙاڏو ڪڪائين ٿهه تان اٿندو ئي ناهي. اگر وقتي طور تي اهو به مڃيون ته اوهان جي جيئري جاڳندي ڪرامت ۽ مارئي جي نالي پوڻ سبب، کوهه تي اهو لقاءُ ٿيو جنهن سان مال ٽاهه ڪاڏو. سوال هاڻي هيءُ آهي ته: اهو مال، اوچتو اتي ڪٿان آيو؟ جنهن ۾ اوهان جي آواز جي پڙاڏي سان ٽاهه پئجي ويو؟ اهو مبادا کوهه صاحب جو ڪمال هيو يا اوهان جي بابرڪت ڦوڪ جو؟" ان پڇڻ تي اگر اهو صاحب چڙي پوي ته ان ۾ ڏوهه ڪنهن جو مڃجي؟ پڇڻ واري جو يا چڙڻ واري جو؟

هڪڙو بيو مثال، مان پاڻ تي ئي ٿو ڏيان. مان سال ١٩٥٩ع ڌاري ڄائم. سقوط ڍاڪا، ١٩٧١ع ڌاري ٿيو، جنهن وقت منهنجي عمر ٻارهن سال هئي ۽ ڳوٺ جي اسڪول ۾ ڇهون درجو پڙهندو هيس. هاڻي اگر مان پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙين ۾، دوستن يارن جي ٻبين تي پئي يادگيرين جو ڪتاب لکان ۽ منجهس اها ڊاڙ هڻان ته: "جڏهن ڍاڪا ۾ پٽو صاحب، مجيب سان ڳالهيون ڪرڻ ويو هيو ته مان به ان وفد ۾ ساڻ هيومانس. مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي ته: جڏهن مون کي پاڻيءَ جو گلاس آڻڻ لاءِ چيائون، تڏهن ڪين ڪا راز جي ڳالهه چوٽي هئي ۽ مون کان لڪائڻ خاطر، مون کي ڪنهن بهاني سان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائون." منهنجو اهو جملو، سؤ سال پڄاڻان، پلي ماڻهن کي سچ معلوم ٿئي ۽ مون کي اهو ڪوڙ ڦبي وڃي. پر اڄ جو ماڻهو، ايڏو بيوقوف ۽ انڌو ته ڪونهي جو هو انهيءَ صريح ڪوڙ کي سچ سمجهي ۽ ان تي آئندي جي تاريخ کي مرتب ڪري؟

پرفيسر نذير احمد سومرو صاحب به ان قسم جي جملن ۽ بيان بازين کي، جيڪي صريحًا ڪوڙ تي مبني هجن، پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن آئنده لکي ويندڙ تاريخ، درست ٿئي. سندس نظر فقط، تاريخ سان ويساهه گهاتي ڪندڙ ڪوڙن تي هئي.

سندس تربيت، پڙهيل لکيل ماحول اندر ٿي هئي. سندس والد سائين عبدالحميد سومرو صاحب ۽ سندس چاچو سائين در محمد صاحب جن، عليڳڙهه جا تعليم يافته هيا. اهي بي غرض ۽ لالچ کان ڪوهين پري انسان هيا، جيڪي عليڳڙهه مان ڪشالا ڪري تعليم وٺڻ کان پوءِ به تعليم عام ڪرڻ واري پاڪ پيشي سان، شانَ مانَ سان، ياعمر سلهاڙيل

رهيا. نہ ڪنهن وڏي عهدي/نوڪريءَ جي تمنا ۽ تقاضا ڪين ڪنهن وڏيري آڏو جهڪڻ تي مجبور ڪيو ۽ نہ ئي بي همت ۽ هڏ-حرام تي ٻين جي هٿن ڏي ڏسندا رهيا. نہ ئي اڄ وانگر پنهنجا ٽيوشن سينٽر کولي انهن ٻارن کي ڦريندا رهيا، جن کي ڏينهن جو پڙهائڻ لاءِ ڪين سرڪار وٽان پگهار ملندي هئي. بلڪ پنهنجي محنت ۽ هٿن جي پورهيي تي پاڙيندا ۽ ٻچا پاليندا رهيا. سائين در محمد آخر ڏاري، جڏهن رتوديرو ۾ پنهنجو پرائيويٽ اسڪول کوليو هيو، تڏهن بہ ٽيچرس گائيڊن جهڙا تيرهن چوڏهن ڪتاب لکي، ڇپرائي، نالو ۽ ناڻو ڪمايو هيو. اهڙن هٿن ۾ پليل ٻار جو ذهن پڻ لالچ کان پري ۽ بي رياءُ ضرور هوندو. نذير صاحب تي، انهن ٻنهي صاحب علم و ادب جي ڇاپ ڇِٽي هئي.

ڳوٺ ۽ شهر اندر، سندس صحبت پڻ صاحب علم ۽ ادب ماڻهن سان هئي. جنهن ۾ سر فهرست شاعر ۽ نقاد ذوالفقار راشدي هيو، جنهن ڪيس غلام محمد گرامي، امداد حسينيءَ ۽ وفا ناٿن شاهيءَ جهڙن مدبر شاعرن ۽ اديبن سان هٿ وٺي وڃي ملاقاتون ۽ ڪچهريون ڪرايون. ان ڪان علاوه، نئون ديرو منجهه، امام راشدي ۽ منظار سولنگيءَ سان پڻ ادبي لاڳاپو هيس. نوڪريءَ منجهه سندس ذاتي دوستي ۽ پريت استاد بخاريءَ، حاڪم شاهه بخاريءَ، مير ٽيبو، محسن ڪڪڙائي، نواز رڪٽائيءَ ۽ احمد خان مدهوش جهڙن شاعرن ۽ محققن سان رهي. هم پيشہ ليڪچرار دوستن ۾ بہ سندس دوستي اديبن سان رهي، جن ۾ ادل سومرو، اياز گل، وليرام ولڀ، مرحوم ملڪ نديم ۽ نواز چنڊ صاحب آهن.

اردو ٻوليءَ تي پڻ خاص دسترس هيس، جنهن سبب سندس لاڙڪاڻي توڙي ڪراچيءَ جي اردو اديبن سان ڏيٽ ويٽ چڱي خاصي هئي. منجهن مسلم شميم صاحب، مظهر جميل ۽ ظاهر نوري وغيره پڻ سندس گهاٽن لاڳاپي وارن منجهان هيا. رتوديرو ڪاليج مان جاري ٿيل مسلنيءَ جي اردو ڀاڱي جو پاڻ ايڊيٽر هيو. ان مسلنيءَ جو اردوءَ وارو ڀاڱو ڏاڍو جاندار هيو، جو ڪراچيءَ اندر هڪ اردو اديب سمورا ليک پڙهڻ کان پوءِ چئي ڏنو هيس: ”ليک واقعي مختلف موضوعن تي آهن، پر منجهن اسلوب ساڳيو آهي، جيڪو چغلي پيو ڏئي تہ هٿ ساڳيو هليل آهي.“

سندس تربيت جيئن تہ علمي ماحول ۾ ٿي هئي تنهنڪري مٿس ان ڳالھ جو گهرو اثر هيو ۽ وٽس ايترو صدري علم ڪٺو ٿي چڪو هيو جو هو آسانيءَ سان ڪنهن بہ تحرير جو چيد ڪري، مٿس تنقيد ۽ تجزيو ڪري پئي سگهيو. جڏهن هن، عمر جي آخري حصي ۾ قلم هٿ ۾ ڪنيو تہ ڏاڍو مضبوطيءَ سان ڪنيو. جنهن تي بہ لکيو، ٻي ٻاڪ ۽ ثبوتن سان. جنهن ڳالھ ۾ شڪ هوندو هيس، ان لاءِ ٻيهر ڪتاب اٿلائيندو هيو يا زنده

جهونڙن سان وڃي ملندو هيو، ته جيئن اکين ڏٺن ماڻهن جون پڪيون شاهديون هٿ ڪري، پنهنجي تحرير کي سچو ثابت ڪري. ان سلسلي ۾ جن ماڻهن سان، ڪن معاملن تي بحث لاءِ ويو هيو، سي هيا: ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، آفاق صديقي، سيد هاشم رضا، مسلم شميم ۽ مخدوم شبير احمد وغيره. انهن ماڻهن جا تذڪرا، مهراڻ هوٽل جي لان تي ٿيل ڪچهرين ۾ پڻ ڪندو هيو.

وٽس ثبوت جي طور تي ڪوڙ ڪتاب ساڻ هوندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪن ڳالهين جي پراءِ ۾ جيڪي حوالا ڏيندو هيو، تن ۾ ڪيترن ڪتابن جا صفحا نمبر به ياد هوندا هيس. ثبوت جي طور اگر ٻئي ڏينهن ڪتاب آڻيندو هيو ته منجهس واقعي ساڳي ڳالهه، ساڳين صفحن تي لکيل هوندي هئي. ديوان سنگهه مفتون جو يادگيرين تي مشتمل ڪتاب: ناقابل فراموش، مون پهرين وٽس ئي ڏٺو هيو. ان ڪان علاوه اهڙن نالن وارا جهونڙا ڪتاب پڻ ساڻ هوندا هيس، جو هڪ دفعي مرحوم ملڪ نديم صاحب هڪ ملاقات دوران، مذاق مذاق ۾ چئي ڏنو هئس: ”تو کي ڏس ته سدائين اهڙا پيانڪ ڪتاب ڪڇ ۾ ڪنيو ٿو وتين جن جا نالا ئي عجيب آهن، جيئن: ڪالي پربتون ڪي هري سائي مين.“

بهرحال هڪ اهڙي ماحول ۾ رچي بسي ۽ پچي نڪتو هيو جنهن ڪيس ڪندن ڪري ڇڏيو هيو. آخري وقت ۾ جيڪو به لکيائين سو ڪنهن ڪوري چا چڻ ڪنهن آتش فشان مان نڪتل لاوو هيو جنهن هر آڏو آيل کي سرڙي ڇڏيو. ڪو به موضوع، سندس تنقيد واري اک ڪان بچيل نه هجي هان، اگر زندگي ۽ طبيعت ساٿ ڏئيس ها. افسوس جڏهن لکڻ لاءِ ائنٿ متس، ته زندگي پوري ٿيڻ جي گهنٽي وڄس. جوڳي جُوءِ مٿي، رمتا تي ويا. رهي نالو رب جو.

سندس ڪم کي هر ذي علم و فهم، پسند ڪيو پئي ۽ ان جي حيثيت علمي ۽ اڪيڊمڪ پڻ آهي. جاڻ ۽ پرک جي گهرجائن لاءِ، سندس انهن مضمونن کي جيڪي مختلف ڪتابن تي ڀرپور نموني تجزئي طور لکيا ويا آهن، هت يڪجاءِ ڪيو ويو آهي ته جيئن آئنده جي تاريخ درست رهي. ان ڪان علاوه، جن صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين سي آهن: مهاڳ، خاڪا، ايپاسي/تجزياتي يا تنقيدي خط وغيره. جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا، تن جي به ادبي حيثيت آهي. اهي به عام آڏو، ضرورت آهر آڻڻ جي ڪوشش ڪبي. في الحال، پنهنجي وت ۽ وس آهر، پهرين وٽي ڪير پري، پيش ڪجي ٿي.

هن سڄي ڪم کي معرض وجود ۾ آڻڻ لاءِ، مختلف دوستن مختلف وقتن تي همٿايو پئي، جن ۾ عاشق منگي، رشيد ڪنڀر، منظور ڪوهيار، آصف سومرو، رياضت ٻرڙو ۽ ناز سنائي صاحب جن سر فهرست آهن. سندن مشورا ۽ معاونت، ڪتاب جي ترتيب

دوران، پڻ رهيا. ان لاءِ سندن ٿورا. مواد کي ڪمپوز ڪرڻ ۽ پروف چيڪ ڪرڻ ۾ رضا بخاريءَ وڏي محنت ڪئي. ان کي ياد نہ ڪرڻ، سندس ٿورو نہ مڃڻ جي مترادف آهي. وڏيڪ پرهندڙ پاڻ نقاد آهن. وٿانئن جوڳي موٽ ملِي، تہ پروفيسر جا ٻيا ليک بہ سهيڙي ضرور سندن هٿن تائين پهچايا ويندا.

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

٨٩- پروفيسرس ڪالوني،
قمبر روڊ، لاڙڪاڻو.
٢٣ دسمبر ٢٠١٢ع

مضمون

”اکين ڏٺو ڪنن ٻڌو“ جو تنقيدي جائزو

گذريل ويهين صديءَ جي آخري ٢٠ سالن واري عرصي ۾، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ڪتابن ۾ چرڪائيندڙ ڳالهين لکڻ ڪري گهڻو مشهور ٿيو. ”اکين ڏٺو، ڪنن ٻڌو“ سندس پنجون نمبر ڪتاب آهي، جيڪو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو طرفان جنوري ٢٠٠٤ع ۾ شايع ٿي، پڙهندڙن جي هٿن ۾ پهتو آهي.
ڪتاب جي آخري صفحي تي، سنڌ جي هڪ مانائتي اديب، مرحوم علي احمد بروهي طرفان ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جي ڪتاب ”يادگيرين جو سفر“ بابت راءِ ”اجا ڪي آهين جوڳي سنڌي جوءِ ۾“ جي نالي سان لکيل آهي، جنهن ۾ مرحوم علي احمد بروهي لکي ٿو: ”هيءُ ڪتاب سنڌ جي مشهور ۽ معروف اديب رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جي منفرد تصنيف ”ڪيئي ڪتاب“ جي طرز تي لکيل پنهنجي نوعيت جو ”انوکو“ ڪتاب آهي. اميد آهي ته پارکن کي پسند پوندو.“ خبر نه ٿي پوي ته مرحوم علي احمد بروهيءَ جهڙي سڄاڻ اديب ۽ قلمڪار، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جي تاثراتي ڪتاب ”يادگيرين جو سفر“ کي مرحوم رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جي شاهڪار ڪتاب ۽ سندس آتم ڪٿا ”ڪيئي ڪتاب“ سان ڪيئن ڀيٽ/ مماثلت ڏني آهي؟ جڏهن ته حقيقت هيءَ آهي ته رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي ڪتاب ۾ ماڻهن کي گاريون ڏنل ڪو نه آهن. ان جي ابتڙ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جي ڪتابن ۾ گهڻي قدر ماڻهن کي گاريون ڏنل آهن. هتي ڪتاب ”يادگيرين جو سفر“ تي تبصرو ڪرڻ مقصود ڪو نه آهي، ان ڪري ان کي ڇڏي، ڪامريڊ جي نئين ڪتاب ”اکين ڏٺو، ڪنن ٻڌو“ جو اڻ ڏريو جائزو پيش ڪجي ٿو.
ڪامريڊ جي هن ڪتاب ۾ عجيب و غريب تضاد نظر آيو. هڪ طرف هو پاڪستان جي پهرئين چونڊيل وزيراعظم جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي ساراهه جا ڍڪ ڀري ٿو ۽ وري ڪنهن ٻئي هنڌ ڀُٽي صاحب جي مخالفت ۾ وسئون ڪو نه ٿو گهٽائي. مثال طور ڪتاب ”اکين ڏٺو، ڪنن ٻڌو“ جا ٣٦ کان ٣٨ تائين صفحا ذوالفقار علي ڀُٽي جي ساراهه سان ڀريل آهن، پر ڪتاب جي صفحي ٦٩ تي ڪامريڊ رقم طراز آهي: ”پياري پاڪستان جو جڏهن حاڪم مسٽر ذوالفقار علي ڀٽو ٿيو، تڏهن چاپلوسي ٽولي کيس ’قائد عوام‘ ڪري سڏيو.“ سڄي پاڪستان جي ماڻهن کي اها خبر آهي ته جناب ذوالفقار علي ڀٽو ٢٠ ڊسمبر ١٩٧١ع تي پاڪستان جو حڪمران يعني صدر مملڪت ٿيو هو، پر ان کان گهڻو

اڳ يعني ١٩٦٨ع ۾ ڀٽي صاحب کي جلسن جلوسن کان سواءِ، اردو اخبارون، خاص طور تي نواءِ وقت ۽ سنڌي اخبارون ۽ رسالا قائد عوام ڪري سڏيندا ۽ لکندا هئا. ثبوت لاءِ ١٩٦٨ع کان وٺي ڀُٽي صاحب جي اقتدار واري تاريخ کان اڳ جون اردو ۽ سنڌي اخبارون ۽ رسالا ڏسي سگهجن ٿا. خبر ناهي ته ڪامريڊ مير محمد ٽالپر کي جناب ذوالفقار علي ڀُٽي کي مليل خطاب 'قائد عوام' ڇو پسند نه ٿو اچي. ڇا ڀٽو صاحب عوام جو ليڊر يا قائد نه هو؟ جڏهن ته مير صاحب پاڻ صفحي ٣٧ تي ڀُٽي صاحب لاءِ لکي ٿو: "رسم منصوري ۾ تخته دار تي ڏسي، مثال سرمدي ۾ آٽيندي شهادت جو درجو ڏيان ٿو."

ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ڪتاب "اکين ڏٺو ڪنن ٻڌو" ۾ اردو شاعريءَ جي دنيا ۾ شاعر انقلاب جو لقب ماٽيندڙ جوش مليح آبادي بابت هڪ لطيفو لکيو آهي، جيڪو اردو جي مشهور اديب ڪي ايل نارنگ ساقيءَ جي مشهور ڪتاب "اديبون ڪي لطيفي" مان ترجمو ڪري لکيو اٿس. ڪي ايل نارنگ ساقيءَ جو ڪتاب "اديبون ڪي لطيفي" الحمد پبليڪيشنز پراڻي انارڪلي لاهور مان اپريل ١٩٩٣ع ۾ شايع ٿيو آهي. ڪتاب جو مرتب ڪي ايل نارنگ ساقي صفحي ٥٥ تي لکي ٿو:

'ايڪ بار جوش مليح آبادي ني جگر مراد آبادي ڪو ڇيڙتي هوئي ڪها: "ڪيا عبرتناڪ حالت هي آپ ڪِي؟ شراب ني آپ ڪو رند سي مولوي بنا ديا اور آپ اپني مقام ڪو ڀول بيٺي. مجهي ديکيئي ڪ مين ريل ڪي ڪمبي ڪِي طرح اپني مقام پر آج ڀي وهان اٽل ڪڙا هون، جهان آج سي ڪَئي سال پهلي ٿا." جگر صاحب ني جواب ديا: "بلاشبہ آپ ريل ڪي ڪمبي هين اور ميري زندگي ريل گاڑي ڪِي طرح هي، جو آپ جيسي هر ڪمبي ڪو پيڇي ڇوڙتي هوئي هر مقام سي آگي، اپنا مقام بناتي جا رهي هي."'

ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٧٩ تي مٿئين لطيفي کي سنڌي ويس وڳا ڍڪائي لکي ٿو:

"برصغير جا ٻه شاعر هئا. هڪ حضرت جوش مليح آبادي ۽ ٻيو جگر مراد آبادي. هنن جي دهليءَ ۾ هڪ مئخاني ۾ ملاقات ٿي. (دهليءَ جو الائي ڪهڙو مئخانو؟ دهليءَ جو شهر سنڌ صوبي جي ڀهراڙيءَ جيان ته ڪو نه هيو ۽ نه ئي آهي، جو گهرن کان ٽڙيل، ٽوٽي، هڏ حرام، نه ڪم جا نه ڪار جا ۽ دشمن اناج جا، يا ڪم چور، پرائي ڀنگ ۽ چرس تي سندرو ٻڌي مئخانن جو رخ ڪندا آهن ۽ اهڙن ٽوٽي ۽ هڏ حرامن کي جتي ڪو چگو خالي ٿيل پلاٽ نظر ايندو آهي، ته ان ۾ ٻه ٽي ٻوٽا پوکي، پٽرون هٽي مئخاني جو بورڊ لڳائي ڇڏيندا آهن. ڪامريڊ کي الائي ڪنهن ٻڌايو ته حضرت جوش مليح آبادي ۽ جگر

مراد آباديءَ جي ملاقات ’ڪنهن مئخاني‘ ۾ تي هئي.) حضرت جوش مليح آباديءَ، جگر مراد آباديءَ کي چيو: ”شراب پِي تنهنجي صورت هڪ مولويءَ جهڙي تي وئي آهي. اوهان پنهنجو رتبو وساري ويٺا آهيو.“ جوش مليح آبادي چيو: ”آءٌ اجا ريل جي ڪنيي وانگر هڪ جاءِ تي بيٺو آهيان.“ جگر مراد آباديءَ چيو: ”اوهان برابر ريل جا ڊَنيا آهيو، آءٌ ريل گاڏي آهيان، اوهان هڪ جاءِ تي بيٺا آهيو ۽ آءٌ هلندو پيو وڃان.“

ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، پاڪستان جي نهڻ جو اکين ڏٺو شاهد آهي ۽ پاڪستان اپياس جا شاگرد بہ اهو ڀليءَ پت ڄاڻن ٿا تہ باني پاڪستان محمد علي جناح جڏهن ١١ سيپٽمبر ١٩٤٨ع تي لاڏاڻو ڪيو تہ خواجہ ناظم الدين (جنهن جو تعلق سابق اوڀر پاڪستان، موجودهہ بنگلاديش سان هو) نالي هڪ بنگالي سياستدان کي اختياري ڏرين پاڪستان جو گورنر جنرل (موجوده صدر جي عهدي برابر) مقرر ڪيو هو، پر ڪامريڊ مير محمد ٽالپر هڪ حقيقت کي مسخ ڪري صفحي ٨١ تي لکي ٿو:

”مسٽر محمد علي جناح جي فوت ٿيڻ بعد ان وقت جي وزير خزانہ غلام محمد کي گورنر جنرل مقرر ڪيو ويو. برطانيہ جي راڻي جي اهڙو فرمان جاري ڪيو هو.... غلام محمد دکن کان اچي پاڪستان پهتو. غلام محمد مسٽر جناح سان مليو، تنهن هن کي وزير خزانہ بڻايو. غلام محمد بدڪاريءَ ۽ شراب نوشيءَ ڪري اڌ رنگ ۾ ڦاسي پيو هو. ٿوري عرصي ۾ مسٽر جناح (قائداعظم) بہ لاڏاڻو ڪري ويو. هي گورنر جنرل جي عهدي تي آيو.“

اسان جي ڪامريڊ مير محمد ٽالپر کي ڪير سمجهائي تہ قبلا! قائداعظم محمد علي جناح جي فوت ٿيڻ کان پوءِ گورنر جنرل، غلام محمد نہ، پر خواجہ ناظم الدين ٿيو هو ۽ پاڪستان جي پهرئين وزيراعظم لياقت علي جي ١٩٥١ع ۾ قتل ٿيڻ کان پوءِ خواجہ ناظم الدين کي پاڪستان جو وزيراعظم مقرر ڪيو ويو ۽ خواجہ ناظم الدين جي خالي ٿيل جاءِ تي غلام محمد کي گورنر جنرل مقرر ڪيو ويو هو ۽ غلام محمد جي ئي دور ۾ ”ون يونٽ“ جو بل پاس ٿيو ۽ ”ون يونٽ“ عملي شڪل وٺي وجود ۾ آيو هو ۽ غلام محمد ئي اسيمبليون ٽوڙيون هيون. خواجہ ناظم الدين کان اقتدار جي سج لهڻ کان پوءِ پڇيو ويو: ”خواجہ صاحب توهان پاڪستان جا گورنر جنرل بہ رهيا تہ وزيراعظم بہ، مهرباني ڪري اهو ٻڌايو تہ مزو ڪهڙي عهدي تي هو؟“ جنهن تي خواجہ ناظم الدين وراڻيو هو:

”ٻنهي عهدن تي مزو ڪو نہ هو! ڇاڪاڻ تہ جڏهن آءٌ گورنر جنرل هوس تہ سڀئي اختيار وزيراعظم لياقت علي وٽ هئا ۽ جڏهن آءٌ وزيراعظم بڻيس تہ اختيارن جو مرڪز گورنر جنرل غلام محمد هو.“

پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٩٢ تي ڪامريڊ مير محمد ٽالپر لکي ٿو: ”پياري پاڪستان جا ڪيترائي نامور سياستدان ملڪ جا وزيراعظم ۽ وزيراعليٰ ٿيا. چند هيءُ آهن: مسٽر لياقت علي خان، سردار عبدالرب نشتر، ممتاز دولتانه، ايوب کهڙو، نواب افتخار حسين ممدوٽ، خواجه ناظم الدين ۽ حسين شهيد سهروردي.“ خبر نه ٿي پوي ته بقول ڪامريڊ ”چند هيءُ آهن“ ۾ قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو (بئريسٽر)، قاضي فضل الله لا گريجوئيٽ، محمد علي بوگره لا گريجوئيٽ، ممتاز علي ڀٽو (بارايٽ لا) جو شمار ڇو نه ڪيو ويو؟ جڏهن ته لاڙڪاڻو سان تعلق رکندڙ خانبهادر ايوب کهڙي جي تعليم مٿي ڏيکاريل سياستدانن جي مقابلي ۾ واجبي هئي (شايد رڳو ميٽرڪ).

مغربي تهذيب جا دلداده، بيهي ڪائڻ ۽ بيهي مٽڻ (پيشاب ڪرڻ) کي ترجيح ڏيندا آهن. بيهي ڪائڻ پيئڻ ۽ مٽڻ ته جانورن جي علت آهي. اسان جي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم بيهي ڪائڻ پيئڻ ۽ مٽڻ واري عمل کي ننديو آهي، پر ڪامريڊ مير محمد ٽالپر صفحي ١١٦ تي رقمطراز آهي: ”چاليهن سالن کان پوءِ بيهي پيشاب ڪجي، جنهن سان گردن ۽ مثاني کي فائدو آهي!“ هيءَ الائي ڪهڙي حڪمت ۽ طبابت آهي؟

ڪامريڊ مير محمد ٽالپر صفحي ١٢۴ تي لکي ٿو:

”سنڌ ۾ هندو توڙي مسلمان سهاڳ واريون عورتون نڪ ۾ نٿ پائين، مڙس جي مرڻ بعد نٿ لاهي ڇڏين.“ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر الائي ڪهڙي سنڌ جي عورتن جي ڳالهه ڪري ٿو، جيڪي سڄي عمر نٿون پائين ٿيون؟ جڏهن ته سنڌ جي ماضي توڙي حال ۾ سومرا خاندان سان واسطو رکندڙ گهٽي پاڳي ڇوڪريون نڪ ئي ڪونه ٽوپائين. جڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ جو نڪ ئي ڪونه ٽوپيو ويو ته ”نٿ“ جو ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي.

سُر جي سلطنت جي راڻي ۽ برصغير جي عالمي شهرت يافته ڳائڻي ۽ ناچڻي، فلمي اداڪاره ملڪه ترنم نورجهان بابت، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر ڪتاب جي صفحي نمبر ١۴٥ تي جيڪي ڪجهه لکيو آهي، سو ملڪه ترنم نورجهان جي اڳئين مڙس ۽ فلمي ڊائريڪٽر سيد شوڪت حسين رضوي جي نورجهان سان گهاريل ۽ گڏ گذاريل سالن جي ڪهاڻي واري ڪتاب ”نورجهان ڪي ڪهاني، ميري زباني“ مان ورتو اٿس. ڪامريڊ لکي ٿو:

”مشهور ڪرڪيٽ رانديگر نذر محمد جي سنگت ملڪه ترنم نورجهان سان هئي. هڪ ڏهاڙي نذر محمد نورجهان جي گهر ۾ هن جو.... ڪري رهيو هو ته اوچتو نورجهان جو مڙس گهر ۾ اچي ويو. پوءِ نذر محمد دريءَ مان ٽپو ڏئي ڀڄي ويو. سندس ٻانهن ڀڄي پئي هئي.“

ملڪ ترنم نورجهان جي اڳئين مڙس شوڪت حسين رضوي، نورجهان جي بيوفائي بابت پنهنجي ڪتاب "نورجهان ڪي ڪهاني، ميري زباني" جي صفحي ٨٠ ۽ ٨١ تي نورجهان ۽ ڪرڪيٽيئر نذر محمد جو ذڪر پنهنجي گهر ۾ نه، پر ڪنهن ڀر واري پاڙي جو گهر نزد اسلاميه پارڪ لاهور ۾ ڪندي لکي ٿو:

"نظر ڪي ساٿ اس ڪا معاشقه اتنا بڙها اور بات اتني ڦيلهي ڪه ميري ڊرائيور ني، اور لوگون ني مجهي ڪهنا شروع ڪرديا ڪه شاهه جي هم سن سن ڪي تنگ آچڪي هين... مجهي لوگون ني بتايا ڪه فلان جگه جاتي هي.... مين ني دو گاڙيون مين اپني دوست احباب بنائي اور فوراً اسلامي پارڪ ڪي طرف ڀاگا، هم ني بابا (دلال) ڪي مڪان ڪي ناڪ بندي ڪرلي، اس ڪي مڪان مين ايڪ سيڙهي اوپر ڪو جاتِي ٿي، مين اوپر چڙهنا شروع هوا، بدها مجهي پڪڙ تو نهين سڪتا ٿا، بدهي ني شور مچانا شروع ڪرديا، تاڪ نورجهان اور نذر سن ڪر اِدهر اُدهر هو جائين. اتني مين، مين اوپر پهنچ چڪا ٿا. وهان برآمدي مين پلنگ پر نذر اور نورجهان اِڪني ليٽي هوئي ٿي، اس وقت ميري پاس اگر پستول هوتا تو مين نورجهان اور نظر دونون ڪو گولي مار ديتا. يه مين اپني چشم ديد بتا رها هون. نظر گهبرا ڪي اُٺا اور ٢٥ فٽ ڪي بلندي سي نيچي ڪود گيا، وه نيچي گرا تو اس ڪا بازو ٽوٽ گيا."

ڪامريڊ جي چواڻي ته اهو واقعو نورجهان جي گهر ۾ ٿيو هو پر شوڪت حسين رضوي اکين ڏٺو شاهد ۽ نورجهان جو مڙس لکي ٿو ته اهو واقعو ڪنهن ٻئي هنڌ ڪنهن "دلال" ۽ پڙوي جي اهڙي جاءِ تي ٿيو، جيڪو اهڙن "مخصوص" ڪمن لاءِ "مختص" هيو.

ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ڪتاب "اکين ڏٺو ڪنن ٻڌو" ۾ "عام معلومات" به لکي آهي. ڪامريڊ مير محمد ٽالپر طرفان ڏنل "عام معلومات" صفحي ١٠١ کان شروع ٿي، صفحي ١٢٧ تي ختم ٿئي ٿي، جنهن جي صفحي ١٢٥ تي ڀارت جي نامور گلوڪارا ۽ اداڪاره "ثريا" بابت جيڪا معلومات ڏني آهي، سا پڙهي ڏاڍي حيراني ٿي. چاڪاڻ ته اردو گانن، موسيقي ۽ فلمن سان واسطو رکندڙ يا فلمن جا شوقين ۽ عام معلومات ۾ دلچسپي رکندڙ چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته برصغير جي نامور اداڪاره ۽ گلوڪارا جو موت ڏاڍي ڪسمپرسي واري حالت ۾ هلندڙ سال جي جنوري مهيني جي ٣١ تاريخ ٢٠٠۴ع تي ٿيو هو. ڪسمپرسي واري حالت ان ڪري، جو مائي ثريا سڄي عمر شادي نه ڪئي. ان ڪري سندس زندگيءَ جا آخري سال ڏاڍا انتهائي اڪيلائپ ۽ ويڳاڻپ وارا هئا. ثريا جي موت جي خبر نه رڳو هندستان ۽ پاڪستان جي ريڊيو ۽ ٽي وي اسٽيشنن تان نشر ڪئي وئي، پر بي بي سي سندس ياد ۾ پهرين فيبروري تي رات جو هڪ ريفرنس پڻ

نشر ڪيو هو، پر ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ڪتاب جي مذڪوره صفحي ١٢٥ تي مائي ثريا ڪي چند سال اڳ ۾ فوت ٿيل ڏيکاري ٿو. ڪامريڊ صاحب لکي ٿو:

”ڀارت جي نامور فلمي اداڪاره ۽ گلوڪاره ثريا جي دوستي اداڪار شيام سان هئي. ثريا جي ناني ڪيس شيام سان شادي ڪرڻ نه ڏني. شيام ڪنهن فلم جي شوٽنگ ۾ گهوڙي تان ڪري پيو هو ۽ فوت ٿي ويو. ثريا هاڻي چند سال ٿيا ته فوت ٿي وئي.“ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ڪتاب ۾ مهاڳ لکڻ جي تاريخ ٢٠-٠٧-٢٠٠٣ لکي آهي ۽ سندس ڪتاب جنوري ٢٠٠٤ع ۾ شايع ٿيو. ان حالت ۾ ڪامريڊ اهو ڪيئن لکيو آهي ته اداڪاره ثريا چند سال ٿيا ته فوت ٿي وئي. جڏهن ته مائي ثريا جي موت جي تاريخ ٣١ جنوري ٢٠٠٤ع آهي! ۽ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ڪتاب جو مهاڳ گذريل سال جي جولاءِ مهيني جي ٢٠ تاريخ تي لکيو معنىٰ ٢٠-٧-٢٠٠٣؟

ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ڪتاب جي صفحي ١٦١ تي لکي ٿو: ”صوبي سنڌ ۾ جيڪي وزيراعلىٰ ٿيا آهن، تن ۾ سهڻي شڪل جا مير بنده علي ٽالپر ۽ يوسف هارون هئا. ٻيا ديگ جي ڪرچڻ/ڪرڙ جهڙا هئا.“ جيڪڏهن ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جي هن ڳالهه کي درست مڃئون ته ڇا سنڌ جي وزارت اعلىٰ جي عهدي تي رهندڙ پيرزادو عبدالستار، قاضي فضل الله ۽ ممتاز علي ڀٽو صاحب رنگ جا ۽ منهن مهاندن جا ڪوجها هئا؟ هونءَ به جسماني خوبصورتي ته عارضي شيءِ هوندي آهي. اصل ۾ سٺي سيرت ۽ ڪردار کي جاوداني حاصل آهي. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي: ”سهڻا توهه پٽن تي پيا آهن.“

برصغير جي نامور عالم، اديب، دانشور ۽ سياستدان مولانا ابوالڪلام ”آزاد“ جي باري ۾ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، ورهاڱي کان اڳ سکر جي مشهور صحافي ۽ ايڊيٽر ويرو مل بيگراج جي دوست ۽ انڊيا جي مشهور اديب ۽ صحافي ۽ رياست اخبار جي ايڊيٽر سرڳواسي ديوان سنگهه مفتون جي حوالي سان پنهنجي ڪتاب جي صفحي نمبر ٢٥ تي جيڪا ڳالهه لکي آهي، سا ديوان سنگهه مفتون جي شاهڪار ڪتاب ”ناقابل فراموش“ (پاڪستاني ايڊيشن ١٩٧٥ع) جي صفحي ٦١٧ تان کڻي ان ۾ ڦيرڦار ڪري لکي آهي.

ڪامريڊ مير محمد ٽالپر صفحي ٢٧ تي لکي ٿو:

”ڪيڏي مهل سيڪريٽري محمد اجمل خان اندر آيو، تنهن چيو ته وزيراعظم جواهر لال نهروءَ جو فون آيو آهي. هو چوي ٿو ته آءٌ هن وقت مولانا صاحب سان ملڻ چاهيان ٿو. مولانا صاحب چيو ته نهروءَ کي چئو ته هن وقت آءٌ تمام گهڻو مشغول آهيان ۽ ١١ بجي اچي. اجمل خان ويو ۽ وري اندر اچي چيائين ته پنڊت نهرو صدر ڀارت راڌا ڪرشن ڏانهن وڃي رهيو آهي، پوءِ توهان وٽ ايندو. مولانا صاحب چيو ته تون صدر صاحب جي دفتر ۾ نهروءَ کي فون ڪري چئي ڇڏ ته نه اچي. آءٌ مصروف آهيان. ديوان سنگهه

”مفتون“ کي خيال آيو ته متان وزيراعظم پنڊت نهرو اچي نه وڃي. ان ڪري سوچ ۾ هيس ته موڪلائي وڃان. آخر هٿ ٻڌي عرض ڪيم ته قبلا هاڻي مفتون موڪلائي ٿو ۽ هڪڙو عرض آهي ته اوهان پير آهيو، آءٌ توهان جو مريد ٿيان. مولانا صاحب مشڪي جواب ڏنو ته ديوان سنگهه! تون بابا گرو نانڪ جو مريد آهين. جيڪو هڪ الله پاڪ جو پوڄاري آهي، توکي ٻئي پير جي ضرورت نه آهي. چڱو خدا حافظ! ڪو وقت ملي وڃئي، ته مڙئي منهن ڏيکاريندو ڪر! مفتون صاحب جڏهن ٻاهر دروازي تي آيو، ڏسي ته جهنڊي سان سرڪاري گاڏي بيٺي آهي ۽ ان ۾ وزيراعظم نهرو ويٺو آهي. دروازي تي پوليس سنتري الرٽ بيٺو هو، تنهن وزيراعظم کي چيو ته مون کي مولانا صاحب کان حڪم مليو آهي ته پنڊت نهروءَ کي اندر اچڻ نه ڏجانءِ، جو آءٌ مصروف آهيان. اهو ٻڌي پنڊت نهرو واپس هليو ويو. مفتون چوي ٿو ته آءٌ هڪ ٽيڪسي ڪري پنهنجي اخبار جي دفتر ڏي روانو ٿيس ۽ دل ۾ چوندو ويس ته هاءِ هاءِ! مولانا آزاد ڪو وڏو قلندر صفت انسان آهي جو وزيراعظم کي به ڪونه پڇيائين. مون دل ۾ چيو ته اهڙي محترم انسان سان وري ملڻ ٿئي يا نه. هر شخص کي اهڙي عاقل، عالم ۽ ٻي ريا انسان جي نقش قدم تي هلڻ جي خدا توفيق عطا فرمائي.“

”رياست“ جي ايڊيٽر ۽ ”ناقابل فراموش“ جي مصنف ديوان سنگهه مفتون پنهنجي ڪتاب ۾ صفحي ٦١۴ کان ٦١٨ تائين مولانا ابوالڪلام ”آزاد“ جو ذڪر خير ڪيو آهي، پر ديوان سنگهه مفتون ڪٿي به نه ٿو لکي ته ڪو هن (مفتون) مولانا آزاد کي چيو هو ته جيئن ته مولانا سيد آهي، ان ڪري مفتون سندس مريد ٿيڻ چاهي ٿو ۽ نه ئي ديوان سنگهه مفتون اهو لکي ٿو ته هو جيئن ئي مولانا آزاد جي ڪمري مان ٻاهر نڪتو ته هن ڏٺو ته دروازي تي سرڪاري جهنڊي سان هڪ ڪار بيٺي آهي، جنهن ۾ پنڊت جواهر لال نهرو وزيراعظم هند ويٺو آهي ۽ نه ئي دروازي تي بيٺل ڪنهن سنتري سپاهي جو ذڪر ڪري ٿو. جيئن ڪامريڊ مير محمد ٽالپر لکي ٿو ته دروازي تي پوليس سنتري الرٽ بيٺو هيو. تنهن وزيراعظم نهروءَ کي چيو ته مون کي مولانا آزاد صاحب کان حڪم مليو آهي ته وزيراعظم نهروءَ کي اندر اچڻ نه ڏجانءِ.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته مولانا آزاد جهڙو شخص هندستان جي ڪنهن به صوبي مان شايد وري پيدا ٿئي ۽ وزيراعظم پنڊت نهرو، مولانا آزاد سان نه رڳو محبت ڪندو هو پر مولانا جي بيحد عقيدت جي حد تائين عزت ۽ احترام ڪندو هو. پر ايئن به ناهي ته پنڊت جواهر لال نهرو جڏهن مولانا سان ملڻ آيو ته هن سنتريءَ کي حڪم ڪري ڇڏيو هو ته خبردار پنڊت نهروءَ کي ڪنهن به حالت ۾ مولانا جي آفيس ۾ گهڙڻ نه ڏجانءِ!

مولانا آزاد ۽ پنڊت نهروءَ جي متين ڳالهه نہ تہ ڪامريڊ مير محمد ٿالپر جي اکين ڏٺي آهي ۽ نہ ڪنن ٻڌي آهي، ڇاڪاڻ تہ اها ڳالهه ديوان سنگهه "مفتون" جي ڪتاب "ناقابل فراموش" ۾ لکيل آهي. ديوان سنگهه مفتون پنهنجي ڪتاب "ناقابل فراموش" جي صفحي ٦١٧ تي لکي ٿو: "ايڪ باتين هوئي ٿِين ڪ آپ ڪي سيڪريٽري محمد اجمل خان صاحب ڪمري مين داخل هوئي اور آپ ني ڪها ڪ پنڊت جواهر لال نهرو ڪا ٽيليفون آيا هي، وه دس بجي ملني ڪي لئي آ رهي هين. يہ سن ڪر مولانہ ني اجمل خان صاحب سي ڪها ڪ جواهر لال جي سي ڪهدو ڪ وه ١١ بجي آئين، مين ايڪ باتين ڪر رها هون. مولانا ڪا جواب سن ڪر اجمل خان صاحب تو پنڊت جواهر لال نهرو ڪو ٽيليفون ڪرني چلي گئي اور مين حيران ڪ هندستان ڪا وزير تعليم، يهان ڪي وزيراعظم ڪو ڪهه رها هئي ڪ ايڪ نہ آئين وه ايڪ باتين ڪر رهي هين. پر مين ني محسوس ڪيا تو يہ خلاف توقع نهين، ڪيون ڪ پنڊت جواهر لال جِي مولانا ڪي ايسي هي عزت ڪرتي هين، جيسي ڪوئي شخص اپني بزرگون ڪي ڪرتا هي. مولانا يي پنڊت جِي ڪو اپنا عزيز سمجهتي هين. هم ني ڦر باتين شروع ڪي ٿين ڪ اجمل خان صاحب ڦر آئي، اور انهون ني بتايا ڪ پنڊت جي تو اپني ڪوٺي (بنگلي) سي چل چڪي هين اور پنڊت جي ڪي سيڪريٽري ني بتايا ڪ وه پهلي راڌا ڪرشن هندستان ڪي صدر ڪي هان جائين گي، اور وهان سي يهان تشريف لائين گي. يي سن ڪر مولانا ني ڪها ڪ راڌا ڪرشن جي ڪي هان فون ڪردو ڪ ايڪ مين مصروف هون، وه ١١ بجي آئين. اس پر اجمل خان ني عرض ڪيا ڪ چند گز ڪي فاصلي پر راڌا ڪرشن جِي ڪِي ڪوٺي هي، پنڊت جي ١١ بجي تڪ ڪهان انتظار ڪرتي رهين گي؟ يہ سن ڪر مولانا ني اپني جيب سي گهڙي نڪالي اور ديڪا ڪ دس بجني مين ايڪ دس منٽ باقي هين، چند لمحي آپ ني سوچا اور ڪها ڪ اچا آني دو، ڪيا حرج هي. مين ني جب يہ ڪيفيت ديڪِي تو مين ڪڙا هوگيا اور عرض ڪيا ڪ آپ بهت مصروف هين، اور پنڊت جي يي آ رهي هين، مجهي اجازت ڍِيجِيي، مين جانا چاهتا هون. اس پر آپ ني ڪها ڪ: نهين دس بجني مين دس منٽ باقي هين. ٿوڙي دير بينيي. ڦر باتين شروع هوئين، مگر مين محسوس ڪر رها تا ڪ ميرا بيننا مناسب نهين هي. پانچ منٽ گذري، مين ڦر ڪڙا هو گيا اور ڪها اجازت ديجيئي مين جا رها هون، پنڊت جي آتي هي هون گي. اس پر آپ ني ڪها اچا جائين، مگر مجهي آپ سي اور يي باتين ڪرني هين، ڪسي روز ڦر آئيي، اور اجمل خان سي فون پر وقت مقرر ڪر ليجيي. مين ني سلام ڪيا اور ڪمري سي باهر آيا تو ديڪها باهر سڙڪ پر دوڙ ڏوپ جاري هي. پنگي سڙڪ صاف ڪر رهي هين اور ڇهه سات پنڊت جي ڪي انتظار مين ڪڙي هين. مين اپني

ٽيڪسي مين واپس اپني دفتر آگيا اور راستي مين سوچتا رها ڪ مولانا ڪا مرتبہ اور پوزيشن ڪس قدر بلند هي ڪ آپ وزيراعظم سي يي ڪه سڪتي هين ڪ ايي فرصت نهين، ايڪ گهنٽا بعد آئيي.“

پڙهندڙ پاڻ اندازو لڳائين تہ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، ديوان سنگهہ مفتون جي لکيل ڳالھ جو ڪيڏو نہ سنو ۽ سليس ترجمو ڪري پنهنجي طرفان اهو بہ لکي ڇڏيو تہ ديوان سنگهہ مفتون جڏهن مولانا آزاد جي ڪمري مان نڪتو تہ دروازي تي ڪار ۾ انديا جو وزيراعظم منتظر هو! ڪيڏو نہ سنو ٺئي ها تہ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر مٿين ڳالھ لکندي ديوان سنگهہ مفتون جي ڪتاب ”ناقابل فراموش“ ۽ صفحي جو حوالو بہ لکي ڇڏي ها!

ٽوهر_هڙاڏوگُل

ادب جو تخليقي عمل، ادب جي مختلف صنفن ۾ ورهايل ٿئي ٿو. هر تخليقڪار پنهنجي ڪيفيت، تجربي ۽ مشاهدي جو مختلف نمونن سان ادب جي الڳ الڳ صنفن ۾ اظهار ڪري ٿو. ادب جي انگريزيءَ ۾ لغوي معنيٰ ”اکرن جي دنيا“ لکيل آهي. اڄ ڪلهه ڪوڙ سارو ادبُ سائنسي ادب، ڪلاسيڪل ادب، مذهبي ادب، ثقافتي ادب، سياسي ادب، تاثراتي ادب ۽ معلوماتي ادب جي نالي سان لکجي رهيو آهي.

ڊاڪٽر فهميده نسرين چواڻي: ”هر قسم جو لکيل مواد، ادب ڪو نه هوندو آهي.“ اردوءَ جو مشهور ليکڪ سردار جعفري چوي ٿو: ”اخبار جي هر خبر، سياسي تبصرو يا مضمون ادب جو حصو ڪونه ٿئي ٿو.“ پر ڊبليو-ايڇ هڊسن جي چوڻي آهي: ”ادب مان مطلب اُهي ڪتاب آهن، جيڪي موضوع ۽ طرزِ بيان جي لحاظ کان عام دلچسپيءَ وارا هجن.“

ان مطابق محترم محمد انور بلوچ جو ڪتاب ”ٽوهر ڳاڙها گُل“ مواد جي لحاظ کان ڏاڍو دلچسپ آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ، مشهور سنڌي شاعر ۽ نثر نگار نصير مرزا لکيو آهي. محترم نصير مرزا ڪتاب جي مهاڳ کي، خط-نما جو نالو ڏيندي لکي ٿو: ”ڇا ته سرءُ جي مند ۾ خوشگوار تحفو آهي: هيءُ ڪتاب!“ محترم نصير مرزا، پنهنجي لکيل مهاڳ ۾، محترم انور بلوچ کي اڄ سڌيءَ طرح مرزا قليچ بيگ، راشدي برادران، پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه ۽ شيخ اياز سان ڀيٽ ڏني آهي. مرزا قليچ بيگ يا راشدي برادران يا پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه ۽ شيخ اياز، ڪن ماڻهن/ليکڪن جيان پرايون لکڻيون/شيون ڪٽي/اُتاري/نقل ڪري ڪونه لکيون هيون. جڏهن ته محمد انور بلوچ جي هن ڪتاب ۾ آيل مواد، گهڻو ڪري، ٻين ڪتابن تان اڌارو ورتل ۽ چوري ٿيل آهي.

اڄ کان ڏهه سال اڳ، فرنٽيئر پوسٽ پبليڪيشنز لاهور طرفان ”مشرقي پاڪستان ڪِي اَن ڪَهِي داستان، پندره گورنر-پندره ڪهانيان“ جي نالي سان هڪ ڪتاب شايع ٿيو هو. ڪتاب جو مصنف ميجر ايس جي جيلاني آهي، جيڪو اوڀر پاڪستان جي ١٥ گورنرن جو لاڳيتو اي ڊي سي رهيو هو. ميجر جيلاني، پندرنهن گورنرن جي طبيعت، عادتن ۽ مزاج بابت تفصيل سان لکيو آهي. محترم انور بلوچ ”پندرنهن گورنر، پندرنهن ڪهانيان“ مان اوڀر پاڪستان جي هڪ گورنر ۽ پاڪستان جي آخري گورنر جنرل ۽ پهرئين صدر اسڪندر مرزا ۽ گورنر جسٽس شهاب الدين، جنرل اعظم خان، عبدالمنعم خان ۽ اوڀر پاڪستان جي هڪ سابق وزيراعليٰ ۽ شيخ مجيب جي ذاتي دوست ابو

حسين سرڪار بابت ميجر جيلاني جا ٻڌايل/لکيل واقعا ڪٽي، انهن ڪي سنڌي ويس وڳا پهرائي (سنڌي ترجمو) ۽ ذاتي مهارت سان پنهنجي طرفان به ڪي جملا ۽ الفاظ ٽنبيا آهن، ته جيئن اصلي ۽ نقلي جو فرق مٽجي وڃي. محترم انور بلوچ جي ڪتاب مان اهڙيون ڳالهيون ڪٽي انهن جي تڪ تور ڪجي ته هوند، ايترن صفحن جو هڪ ٻيو ڪتاب تيار ٿي سگهي ٿو. محترم انور بلوچ پنهنجي ڪتاب ۾ ”ليکڪ پاران“ واري حصي/صفحن ۾ لکي ٿو: ”بهرحال ٿوهر ڳاڙها گُل ۾ پيش ڪيل ڳالهين ۾ منهنجي ذهني ڪاوش جو هجڻ گهٽ سهي (ڪتاب ۾ ته مواد پراڻو آهي، پوءِ ذهني ڪاوش ڇا معنيٰ؟) پر اهو نئين نسل لاءِ ڪنهن به آئيني کان گهٽ ڪونهي.“ محترم انور بلوچ پنهنجي واکاڻ پاڻ ڪري چوي ٿو ته سندس ڪتاب نئين نسل لاءِ آئيني برابر آهي. نه رڳو ڪتاب جي مهڙ ۾، پر ڪتاب جي اندرين صفحن ۾ به پنهنجي تعريف پاڻ ڪندي، پنهنجي ڪهاڻين مان پاڻ چونڊ ڪري، پاڻ کي داد ڏئي پاڻ ئي لکيو اٿس! پنهنجي واکاڻ پاڻ ڪرڻ وارو عمل ڪيتري قدر پسند جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو، ان لاءِ فارسي جي هڪ شاعر جو خيال آهي:

”ثناءِ خود بخود ڪردن نه زيبد مرد دانا را“

(پنهنجي واکاڻ پاڻ ڪرڻ، هڪ سياڻي ماڻهوءَ کي نٿي جڳائي.)

پر محترم انور بلوچ پنهنجي ڪتاب جي صفحي نمبر ٩٦ تي پنهنجي تعريف پاڻ ڪندي لکي ٿو: ”پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ حد کان وڌيڪ نيڪيءَ جا ڪم ڪندي (ماشاءَ الله) به منهنجي ڳوٺ جو هڪ پريو مڙس مون تي سدائين ڪاوڙيل هوندو آهي....“ محترم انور بلوچ جيڪڏهن پنهنجي ڳوٺ جي بهبوديءَ ۽ ترقيءَ يا سماجي ڪمن ۾ اڳيرو آهي ته ان تي سائين ايترو نازان آهي جو پنهنجي ڪيل نيڪيءَ لاءِ پاڻ کان داد وني، پنهنجي قلم سان پنهنجي ڪاتي (ڪتاب) ۾ لکي ڇڏيائين، ته جيئن آئنده جي لاءِ هڪ ”سند“ رهي، ته هن سدائين نيڪيءَ جا ڪم ڪيا آهن. نيڪيءَ لاءِ ته سياڻن چيو آهي: ”نيڪي ڪري درياهه ۾ وجهه“. مهاتما گانڌي پنهنجي خودنوشت جي پهرئين صفحي تي لکيو آهي: ”منهنجي لاءِ عذاب آهي جو ماڻهو مون کي موهن جي بجاءِ مهاتما ڪري ڪوٺين ٿا، مان مهاتما ناهيان.“

محترم انور بلوچ جي ڪتاب جي بئڪ ٽائيٽل تي محترم طارق عالم لکي ٿو: ”ڳوڙهي ڳالهه، بنا ڪنهن ڦند ڦير جي لکڻ جو فن، انور بلوچ جي قلم جو خاصو آهي. هو جنهن سادگيءَ ۽ ايمانداريءَ سان ڳالهائي ٿو، جنهن شدت سان دوستن سان بي غرض محبت ڪري سگهڻ جي قوت رکي ٿو، اهڙي ئي شدت، سادگي ۽ ايمانداريءَ سان لکڻ جي قوت به اتم رکي ٿو.“ محترم انور بلوچ جي راءِ سان متفق ٿيڻ يا اختلاف ڪان هٽي

ڪري آئون پڙهندڙن جي آڏو چند حوالا ڏئي فيصلو به معزز پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو، ته سائين انور بلوچ لکڻ ۾ ڪيتري سادگيءَ ۽ ايمانداريءَ کان ڪم ورتو آهي.

ميجر جيلاني، اسڪندر مرزا جي حوالي سان پنهنجي ڪتاب جي صفحي نمبر ٨٧ تي لکي ٿو: ”هُو ڪڏهن ڪڏهن گدڙن جو شڪار ڪندو هو.“ محترم انور بلوچ اها ساڳي ڳالهه پنهنجي ڪتاب جي صفحي نمبر ٨٧ تي ڇاپائي ميجر جيلاني جي لکيل لفظ پهاڙيان جو ترجمو پهاڙي ڪيو آهي. جڏهن ته اردوءَ جي پهاڙيان کي اسان سنڌيءَ ۾ ٽڪريون چوندا آهيون. برصغير جي هڪ اهم سياستدان ۽ گڏيل پاڪستان جي هڪ اهم ليڊر، نيشنل عوامي پارٽي جي سربراهه مولانا ڀاشانيءَ کان ڪير واقف ناهي؟ مولانا عبدالحميد ڀاشانيءَ جي ’گهيراؤ جلاؤ تحريڪ‘ ڪنهن کان وسري هوندي؟ پر اهو محترم انور بلوچ جي قلم جو ڪمال آهي، جو هو مولانا ڀاشانيءَ کي اوڀر پاڪستان جو هڪ مقامي ليڊر قرار ڏئي ٿو ۽ گڏيل پاڪستان جي آخري صدر يحيٰ خان جي واتان مولانا ڀاشانيءَ لاءِ ”ملان“ جو لفظ چورائي ٿو. حالانڪ ميجر جيلانيءَ مطابق صدر يحيٰ خان ”ملان“ جو لفظ استعمال ئي ڪونه ڪيو هو. نقليءَ تي اصلي جو ٺپو هڻڻ خاطر، محترم انور بلوچ پنهنجي طرفان ”ملان“ لفظ لکي ڇڏيو آهي. ”پندرنهن گورنر، پندرنهن ڪهانيان“ مان مولانا ڀاشانيءَ جي ڳالهه هوبهو ڪنئي اٿس!

محترم انور بلوچ پنهنجي ڪتاب ۾ اوڀر پاڪستان جي هڪ گورنر جسٽس شهاب الدين جي ڳالهه صفحي ٩٨ تي ڇاپائي آهي، جيڪا اصلي ڪتاب جي صفحي ٤٥-٤٨ ۽ ٥١ تان ڪنئي وئي آهي. جسٽس شهاب الدين پنهنجي زال سان ايتري شدت سان محبت ڪندو هو، جو ميجر جيلانيءَ پيش گوئي ڪئي هئي ته جيڪڏهن ٻنهي مان هڪڙو به اڳ ۾ مري ويو، ته ٻيو گهڻو وقت زنده رهي نه سگهندو ۽ ميجر جيلاني خود لکي ٿو: منهنجي اها پيشنگوئي حادثاتي طور تي سچ ثابت ٿي. جڏهن ته محترم انور بلوچ مٿين ڳالهه لکندي ميجر جيلاني کي به ٻاءِ پاس ڪري ويو! ۽ سواءِ ڪنهن حوالي، نالي وٺڻ جي اها ڳالهه پنهنجي طرفان لکي ڇڏيائين ۽ ڪردار جو سرٽيفڪيٽ ڏيڻ لاءِ مخصوص ستون لکڻ واري ڳالهه به ميجر جيلانيءَ جي ڪتاب تان هوبهو ڪنئي وئي آهي.

شيخ مجيب الرحمان جي ساٿيءَ ۽ اوڀر پاڪستان جي هڪ سابق وزيراعليٰ جي ساجي تنگ لوڏڻ واري عادت، جنهن هڪ آمريڪي عورت کي بيزار ڪري وڌو هو، ان لاءِ محترم انور بلوچ پنهنجي طرفان چند جملا لکي پوءِ ميجر جيلاني جي ڪتاب مان ڪنيل ڳالهه جو ترجمو ڪري ٿو. مثال طور: انور بلوچ لکي ٿو: ”چوندا آهن ته عادت بري هجي يا ڀلي پر عضوو ٻڌجي ويندي آ ۽ ڪني اڱر وڍي ڇڳي. اڇو ته ان حوالي سان هڪ تاريخي ڳالهه ٻڌايانوَ.“ (صفحو ١٠٥) محترم انور بلوچ، ابو حسين سرڪار جي ڳالهه ۾

پنھنجي طرفان وڌاءُ ڪندي لکي ٿو: اھا آمريڪي عورت سفارتي عھدي تي فائز ھئي. (انور بلوچ ڪي الائي ڪنھن ٻڌايو آھي تہ اھا آمريڪي عورت ھرويرو سفارتي عھدي تي فائز ھئي.) (ص-١٠٥) ۽ ابو حسين سرڪار جي ٿنگ لوڏڻ سبب ان ڍنر مان احتجاج طور اٿي وڃڻ لڳي ھئي! ميجر جيلاني تہ پنھنجي ڪتاب ۾ ان عورت جو احتجاج طور محفل/ڍنر مان اٿي وڃڻ جي ڳالھ ئي ڪونہ لکي آھي. لڳي تہ ائين ٿو تہ اھو محترم انور علي بلوچ جو ذھني اختراع آھي. اوير پاڪستان جي گورنر ۽ ١٩٥٨ع واري مارشل لا جي ھڪ اھم ڪردار جنرل اعظم بابت بہ جنرل ڊبليو- اي- برڪيءَ وارا لفظ تہ اعظم تون ڪھڙي ڪن ڪان سريلو ٻڌندو آھين.... واري ڳالھ ميجر جيلاني جي ڪتاب جي صفحي ١١٠ تان ڪنئي وئي آھي.

محترم انور بلوچ جاپاني قونصل جنرل مسٽر تاڪانيڪا ۽ اوير پاڪستان جي گورنر عبدالمنعم واري ڳالھ لکي ٿو. جڏھن تہ خود ميجر جيلاني لکي ٿو: ”یہ دلچسپ واقعہ میري غیر حاضري ۾ پیش آیا.“ يعني ميجر جيلاني بہ ٻڌل ڳالھ لکي ٿو، پر محترم انور بلوچ وڏي شد مد سان اُتاري، ”رڳو مشھور آ تہ“ جا الفاظ واڌارو ڪري، اسان جي علم ۾ اضافو ڪيو آھي.

ان ڪان علاوه شيخ مجيب الرحمان جي ٢٥ مارچ ١٩٧١ع تي گرفتاريءَ وقت پنھنجي قوم لاءِ چيل طنزيہ جملا (اصلي ڪتاب جو صفحو ١٧٨ ۽ ترجمو ١٥٤) يا شاھ ايران جي مانَ ۾ ڪيل دعوت ۾ ھڪ گويي بابت ايران جي بادشاھ جا الفاظ، تہ ان ڪلام ۾ فارسي الفاظ تنبيا ويا آھن. (اصلي ڪتاب ص-١٣٨ ۽ ترجمو ص-١٥٦) يا اسماعيلي فرقي جي موجوده روحاني پيشوا پرنس ڪريم آغا خان جو نيرن تي، سندس مُريد جي قوٽو ڪيڻ جو واقعو (اصل ص- ٨٧ ۽ ترجمو ص- ١٥٤) يا گڏيل پاڪستان جي بنگالي وزيراعظم محمد علي بوگره جا ڪوڪرا پار (سنڌ سرحد) بابت ڏنل ريمارڪس (اصلي ص ٨٧ ۽ ترجمو ص ١٦٥) يا گورنر عبدالمالڪ طرفان اُگھاڙا ۽ فحش ڪتاب گھرائي لکي لکي پڙھڻ (اصلي ص ١٤١ ۽ ترجمو ص ١٢٢) يا ١٢ نومبر ١٩٧٠ع تي اڌ رات جو اوير پاڪستان (ھاٽوڪي بنگلاديش) ۾ ساموندي طوفان، ٻوڏ ۽ موسميات کاتي جي نااھليءَ وارا واقعا ھڙ جا ھڙ، ميجر جيلانيءَ جي ڪتاب مان اُڌارا ورتل آھن. ايمانداريءَ جي تقاضا تہ اھا ھئي يا تہ محترم انور بلوچ ”پندره گورنر، پندره ڪھانيان“ ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪري ھا يا گھٽ ۾ گھٽ ڪتاب جو نالو ۽ ان جي مصنف جو نالو ضرور ڏئي ھا. انور بلوچ جھڙي ڪھاڻيڪار لاءِ ائين پرائي محنت تي ھٿ صاف ڪرڻ ڪجھ مناسب نٿو لڳي.

محترم انور بلوچ پنهنجي ڪتاب جي صفحي ١٣٥ تي جناب ذوالفقارعلي ڀُٽي جي حوالي سان اردوءَ جي مشهور شاعر حبيب جالب جي هڪ شعر جو ذڪر ڪندي لکي ٿو، ”.... مشهور آ تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ شايد ايوب خان جي نادرشاهيءَ کان تنگ ٿي، ڀٽو صاحب جڏهن جرمنيءَ هليو ويو تہ حبيب جالب ”وطن ڇوڙ ڪر نہ جا“ نالي هڪ نظم لکي، ماڻهن کي موهي وڌو هو. محترم انور بلوچ چواڻيءَ تہ جڏهن ڀٽو صاحب جرمنيءَ هليو ويو تہ پوءِ حبيب جالب ڪنهن کي مخاطب ٿيندي شعر پڙهيو، تہ وطن ڇوڙ ڪر نہ جا؟ حقيقت اها آهي تہ حبيب جالب اهو شعر لاڙڪاڻي جي جناح باغ ۾ قائم، سنڌ جي هڪ سابق وزير اعليٰ قاضي فضل الله جي بنگلي جي پويان، ڪامرس ڪاليج نالي هڪ خانگي ڪاليج ۾ ٿيندڙ هڪ فنڪشن/مشاعري ۾ جناب ذوالفقار علي ڀُٽي کي صلاح ڏيندي پڙهيو هو. ان شعر جا ٻڌندڙ هزارين اکين ڏٺا شاهد اڄ بہ لاڙڪاڻي ۾ موجود آهن، پر حبيب جالب کي دعوت ڏئي گهرائيندڙ، ان وقت ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ شعبي سياست جو ليڪچرار ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين جو موجوده سيڪريٽري جنرل ۽ لاڙڪاڻو سنگت ڪراچيءَ جو باني چيئرمين ۽ اردوءَ جو نامور شاعر جناب مسلم شميم، جنهن ان پروگرام جي ڪارروائي پڻ هلائي هئي، سو ڪراچيءَ ۾ اڃا خير سان حال حيات آهي. محترم انور بلوچ حبيب جالب جو شعر بہ غلط لکيو آهي. حبيب جالب، جناب ڀُٽي صاحب کي مخاطب ٿيندي شعر پڙهيو:

”المانيہ کي قول هين اگرچہ هين دلفريب- اپني وطن کي سرو سمن ڇوڙ کي نہ جا“.

ان مشاعري/فنڪشن واري رات گذرڻ کان پوءِ، ورندڙ صبح جو حبيب جالب کي لاڙڪاڻي کان لاهور ويندي، روهڙي ريلوي اسٽيشن تان گرفتار ڪيو ويو هو.

محترم انور بلوچ صفحي ٦٦ تي لاهور ۾ ٽريننگ دوران هڪ بروچ جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪو هن سان بروچڪي ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. موٽ ۾ انور بلوچ چويس ٿو: ”سنڌ ۾ بروچ، قوم نہ پر ذات آهي ۽ ذاتين جون الڳ الڳ ٻوليون بہ ٿينديون آهن.“ ڇا واقعي سنڌ ۾ بروچ قوم نہ، پر ذات آهي ۽ مري، گوپانگ، ڪوسا، بروهي، مينگل ۽ ٻيا ساڳي ۽ هڪ ٻولي ڳالهائيندا آهن؟ بادھ جا بروهي، دوڙ نوابشاھ جا مري، ڪراچيءَ جا مڪراني، لاڙڪاڻي ۾ رهندڙ بروهي، زهري ۽ مينگل، جمالي ۽ ڪوسا سيئي پاڻ کي هڪڙي ذات وارا سڏائيندا، ڪوٺائيندا ۽ سمجهندا آهن؟ ۽ انهن جي ٻولي الڳ الڳ نہ آهي؟

آمريڪا ۾ سکيا دوران ڪيليفورنيا رياست جي هڪ شهر بيڪرس فيلڊ جي علائقي مان نڪرڻ مهل محترم انور بلوچ جو مڪاميلو هڪ پوڙهي عورت سان ٿئي ٿو، جنهن محترم انور بلوچ جي ننڍن ڦيٿن واري ڪاري ٿيلهي تي اکڻ شڪن ٿي، هن جو پيڇو

ڪيو. لاڙڪاڻي جي دوڪاندار ۽ گراهڪ جيان، انور بلوچ ڪان نہ رڳو قيمت پڇي ٿي، پر قيمت بہ طئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. هر حالت ۾ انور بلوچ صاحب ڪان اهو ٿيلهو خريد ڪرڻ چاهي ٿي. (وچ! آمريڪا ۾ چئبو ٿيلهن جي ايڏي ڪوت هئي.) آمريڪا ۽ يورپ مان گهمي موٽندڙ يا رهندڙ ماڻهو اهو پليءَ پت چاڻن ٿا تہ اُتان جا ماڻهو ڪنهن جي ذاتي زندگيءَ ۾ مداخلت ڪو نہ ڪندا آهن ۽ نڪو اهو چاڻن تہ وارو ڪر پئسا گهڻا؟
محترم انور بلوچ، مغل بادشاھ اورنگزيب جو ذڪر ڪندي، دارا ڪي ان جو ڀيو ياءُ قرار ڏيندي لکي ٿو: ”.... ان ئي اورنگزيب جڏهن پنهنجي ’ٻئي ياءُ‘ دارا جو ڪنڌ ڪپڻ جو حڪم ڏنو ۽ جلاد، بنا دير هن جو ڪنڌ ڪپي، رومال ۾ ويڙهي سندس اڳيان پيش ڪيو....“ دارا تہ شاهجهان جو وڏو پٽ ۽ ولي عهد هو، جنهن ڪي پنهنجو رقيب سمجهي اورنگزيب قتل ڪرايو هو. اهو تہ اورنگزيب جو وڏو ياءُ هيو ۽ نڪي دارا جو سِر اورنگزيب جي آڏو پيش ڪيو ويو هو. دارا جو سر تہ پنهنجي قيدي پيءُ شاهجهان ڏانهن ڊاڪوڻ ۾ ڊڪي موڪلي ڏنو ويو هو ۽ شاهجهان خوش ٿي جڏهن ڊاڪوڻ جو پڙ کوليو هو تہ پنهنجي ولي عهد ۽ شهزادي پٽ جو سر ڏسي اپ ڏاريندڙ رڙيون ڪري چيو تہ: ”يا الله ههڙا ڏينهن؟ واقعي تون بي نياز آن ۽ پوءِ ٻدي شهنشاھ شاهجهان جو منهن وجي ڊاڪوڻ سان لڳو، ۽ شاهجهان جا ڏند بہ ڀڄي پيا ها.“
محترم انور بلوچ صفحي ١٢٠ تي مغل بادشاھ اڪبر جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: ”.... ياد رک تہ ڪن بادشاهن جي تہ ٻري وقت ۾ ”قبر“ بہ ڪونہ ٻچي آ، چا اڪبر بادشاھ جو مثال ان لاءِ ڪافي ناهي.“ جيڪڏهن انور بلوچ جي متينءَ لکيل ڳالهہ تي ڪٽي ويساھ ڪجي تہ اڪبر بادشاھ جي لاءِ اهڙو برو وقت بہ آيو جو ان جي قبر لاءِ هن روءِ زمين تي جاءِ ڪا نہ بچي آ، تہ آگره ڪان ١٦ ڪلوميٽر جي فاصلي تي فتح پور سڪريءَ ۾ بانيءِ پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح جي طرز تي نهيل شاندار مقبرو، اڪبر بادشاھ جو ناهي تہ پوءِ ڪنهن جو آ؟ ان مقبري جي تهہ ۾ اڪبر بادشاھ جي ”قبر ناهي“ تہ پوءِ سڄي برصغير جا تاريخدان هن وقت تائين چپ ۽ خاموش چو رهيا ۽ اهو چو نہ لکيائون تہ ان مقبريءَ ۾ ڪجهہ بہ ڪونهي ۽ اڪبر بادشاھ جي قبر ڪٿي بہ ناهي؟!
محترم انور بلوچ صفحي ١٤٧ تي فارسيءَ جي عالمي شهرت يافتہ شاعر ”حافظ شيرازيءَ“ جو هڪ مشهور شعر لکي، ان جي معنيٰ ۽ ترجمو غلط لکيو آهي. حافظ شيرازي جي شعر جي پوئين سٽ هن طرح آهي:

بخال هندوش بخشم سمرقند و بخارا

(محبوب جي ڳل جي ڪاري تر تان سمرقند ۽ بخارا گهوري ڇڏيان ها.)

پر محترم انور بلوچ حافظ شيرازيءَ کي فقط شيرازي ڪري لکيو آهي. نہ رڳو حافظ ”شيرازي“ هو، پر محترم رسول بخش پليجي چواڻي: مشرق جو ڏاهو يعني شيخ سعدي بہ شيراز جو هو ۽ هن بہ ڪيترن شعرن ۾ شيرازي لفظ استعمال ڪيو آهي.
محترم انور بلوچ حافظ جي شعر جي معنيٰ لکندي ڪاري تر جي بجاءِ ڳل تي ڇُڳهہ لکي ٿو. سائين انور صاحب لکي ٿو: ”مان سندس ڳل جي ڇُڳهہ تان سمرقند (ڪتاب ۾ ثمرقند لکيو اٿس) ۽ بخارا بہ قربان ڪري ڇڏيان ها. ڪاڏي محبوب جي ڳل تي ڪارو تر- ڪاڏي هتراڏو معنيٰ ڳل تي ڇُڳهہ؟
محترم انور بلوچ لکي ٿو: ”..... نڳ ماڻهوءَ جا بہ ڪي اصول ٿيندا آهن. نڳ هڪ پيرو ظاهر ٿيڻ ڪان پوءِ نڳي ڇڏي ڏيندو آ“. محترم انور بلوچ چواڻي تہ نڳ هڪ پيرو نڳي ظاهر ٿيڻ ڪان پوءِ نڳي ڇڏي ڏيندو آهي. جي واقعي ايئن هجي ها تہ پوءِ اسان جي سنڌ ۾ نڳيءَ جو نانءُ نشان ئي ختم هجي ها. هتي تہ ڪيترائي نڳ پيا روز روز پڪڙجن ۽ ظاهر ٿين. ڇا انهن نڳي ڪرڻ ڇڏي ڏني آ؟
محترم انور بلوچ مصر جي عياش بادشاهہ، شاهہ فاروق ڏانهن منسوب ڪندي لکي ٿو تہ ”شاهہ فاروق هڪ وار چيو.... دنيا ۾ فقط ڇهہ بادشاهہ وڃي رهندا، هڪ برطانيہ جي راڻي، چار تاش جا بادشاهہ ۽ ڇهون مان پاڻ.“ تاريخي حقيقت تہ ڪجهہ هن طرح آهي تہ فرانس جي بادشاهہ (نينگر) لوئي چوڏهين کي وندرائڻ لاءِ سندس استاد، ”تاش“ ايجاد ڪئي هئي ۽ ان سان گڏ پيشنگوئي بہ ڪئي هئائين تہ اڳتي هلي هن دنيا ۾ بادشاهي نظام ختم ٿي ويندو ۽ سڄي دنيا ۾ فقط پنج بادشاهہ حڪومت ڪندا، جن مان چار منهن جا (تاش جا) ۽ هڪڙو برطانيہ جو. جڏهن تہ لوئي چوڏهين جي استاد، ”برطانيہ جي راڻي“ ڪو نہ چيو هو.
محترم انور بلوچ پاڪستان جي هڪ سابق وزيراعظم حسين شهيد سهرورديءَ کي اوڀر بنگال جو ليڊر قرار ڏئي لکي ٿو: ”اوڀر بنگال جو ليڊر حسين شهيد سهروردي پنهنجي ساٿين سان گڏجي سياسي مسئلا اڪثر ”باٿ روم“ ۾ وڃي ڊسڪس ڪندو هو، جيڪا روايت ان جي سياسي جاءِنشين، شيخ مجيب الرحمان برقرار رکي.“ ڇا مرحوم حسين شهيد سهروردي رڳو اوڀر بنگال جو ليڊر هو؟ مرحوم حسين شهيد سهروردي تہ گڏيل بنگال يعني اولهہ بنگال ۽ اوڀر بنگال جو ليڊر هو. هُو ڪلڪتي (اولهہ بنگال) ۾ پيدا ٿيو. اڳتي هلي هُو پاڪستان جو وزيراعظم ٿيو. اهڙي وڏي ۽ ذهين ليڊر کي اوڀر بنگال جو رهنما سڏڻ؟ لڳي ٿو تہ محترم انور بلوچ جي دل ۾ بنگالين جي لاءِ ڪو وڏو پيڙ موجود آهي ۽ هن جي دل ۾ ان آتشڪدي مان لفظن جي صورت ۾ چڻنگان نڪرنديون رهن ٿيون. مثال طور مولانا عبدالحميد ڀاشانيءَ جهڙي بلند پايہ ليڊر ۽

حسين شهيد سهرورديءَ جهڙي ڄاڻو سياستدانن کي، جن جي هاڪ سڄي پاڪستان/هندوستان ۾ هئي، ايرندي بنگال جو مقامي (لوڪل) ليڊر سڏڻ ڇا معنيٰ؟ شيخ مجيب الرحمان جي لاءِ اهو لکڻ تہ هو بہ پنهنجي ليڊر سهروردي وانگر بات روم ۾ مسئلا ڊسڪس ڪندو هو. ڪهڙي زمري ۾ اچن ٿا؟ محترم انور بلوچ ڪي الائي ڪنهن ٻڌايو آهي تہ سهروردي ۽ شيخ مجيب الرحمان بات روم ۾ ويهي ڳالهائيندا هئا. تاريخي ڪردارن کي ايئن مسخ ڪرڻ ۽ انهن تي الزام هڻي انهن کي داغدار ڪرڻ، شيخ مجيب الرحمان لاءِ اهو لکڻ تہ هو پاڪستان کي ٽوڙڻ لاءِ بيتاب هيو. اهو سڀ زهريلي پروپيگنڊا جو نتيجو آهي. پير علي محمد راشديءَ تہ اردو جي مشهور اخبار ”جنگ“ ۾ شيخ مجيب الرحمان جي دفاع ۾ ڊگهو ڪالم ”شيخ مجيب الرحمان پاڪستان ٽوڙڻي پر بضد نهين ٿا“ جي نالي سان لکيو هو. مرحوم حسين شهيد سهروردي ۽ شيخ مجيب الرحمان نڪو بند ڪمرن ۾ ويهي ڳالهائيندا هيا ۽ نہ ڪي بات روم ۾، پر اهي ٻئي خاص مسئلا ٻاهر اڱڻ ۾ بينل وڻ هينان ويهي ڊسڪس ڪندا هيا. اوير پاڪستان جي آخري مهينن ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو ڍاڪا جي گورنر هائوس ۾ شيخ مجيب الرحمان سان مليو، تڏهن شيخ مرحوم، ڀُٽي صاحب کي استاد بخاريءَ جي لفظن ۾ چيو هو: ”هتي ڪَن اٿئي ڀتين کي ۽ جاسوس تي هوا“ ۽ پوءِ ڀُٽي صاحب کي ٻاهر اڱڻ ۾ بينل هڪ وڻ هيٺ وٺي اچي ڳالهايائين.

محترم انور بلوچ صفحي ٩٧ تي لکي ٿو: ”عشق صرف هڪ، پر معشوق ڪيئي هوندا آهن ۽ ڪنهن عشق تي فرشتا بہ ساڙ ڪن ٿا.“ ڪنهن بہ عشق تي الائي ڪهڙي فرشتي/فرشتن ساڙ ڪيو هو؟ فرشتا تہ آسماني مخلوق آهن، جيڪي کائڻ پيئڻ ۽ انساني حواسن کان آزاد آهن، تہ پوءِ انساني جبلت ”ساڙ“ انهن ۾ ڪيئن ۽ ڪٿان آيو؟ يا فرشتن جي ساڙ جو ڪو هڪ اڌ مثال!؟ محترم انور بلوچ صفحي ١٧٢ تي منافق جي تشريح ڪندي لکي ٿو: ”اي منافق! توکان تہ اسان جي پاڙي جو ڪتو بہ چڱو آ، جو پٺ پويان حملو ڪرڻ بجاءِ سامهون ڀونڪي ٿو.“ ڪي ڪتا ڀونڪڻ کان سواءِ پنيان اچي چڪ پائي زخمي ڪري ڇڏڻ سبب ”چور ڪتا“ سڏبا آهن. اها تشبيهہ هيئن تي سگهي پئي تہ چور ڪتو بہ منافق جيان آهي، پٺ پويان چوريءَ چڪ پائيندو آهي.

محترم انور بلوچ صفحي ٧٣ تي لکي ٿو: ”قسمت جو آسرو ڪمزور ماڻهو ڪندا آهن. همت وارو ماڻهو تدبير سان پنهنجي تقدير سنواريندو آهي ۽ معزز ليکڪ هر هنڌ قسمت/تقدير جي بجاءِ تدبير جو قائل آهي، پر خود پاڻ ڪيترن جاين تي پنهنجي ڳالهين جي ترديد ڪري ٿو. مثال ابو حسين سرڪار کي بدقسمت لکڻ/سڏڻ. تدبيرون تہ ڪيترن

جاين تي ناڪام ويون آهن ۽ تقدير ماڻهن جو ساٿ ڏنو آهي. دنيا مثالن سان ڀريل آهي؟ ان معاملي ۾ ڇا چئجي؟

محترم انور بلوچ پاڪستان جي پنجين صدر مرحوم فضل الاهيءَ بابت هڪ من گهڙت ۽ افواهه واري ڳالهه لکي ٿو: ”ڪنهن ايوان صدر جي ديوارن تي چاڪنگ ڪئي هئي ته ايوان صدر ۾ قيد فضل الاهي کي آزاد ڪرو!“ پاڪستان جي صدر جي آفيس ۽ رهائش گاهه يعني ايوان صدر لاڙڪاڻي، دادو، حيدرآباد، سکر يا شڪارپور ۽ نوابشاهه جون عام ديوارون يا ڪراچيءَ جي فيڊرل بِي ايريا واري يوسف پلازه جون پٽيون ۽ ديوارون ته ڪو نه هيون، جن تي ڪجهه به لکڻ لاءِ هر ايري غيري، نٿو خيري ڪي ڪا به جهل پل ڪو نه هئي، جو برش کڻي صدارتي هائوس جي پرسان آيو ۽ چاڪنگ به ڪري ڇڏيائين ته: ”صدر فضل الاهي کي آزاد ڪرو.“ چاڪنگ ڪندڙ کي صدارتي هائوس جي ٻاهران بيٺل ڪنهن به محافظ/گارڊ منع ڪونه ڪئي؟ هيءُ جملو يا هھڙا جملا جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي مخالفن قومي اتحاد ۾ شامل ماڻهن جا هيا، جن ڀُٽي صاحب جي ساک کي ڇيهو رسائڻ لاءِ گهڙيا هئا ته پاڪستان جي صدر فضل الاهي کان وڌيڪ طاقتور جناب ذوالفقار علي ڀٽو آهي. محترم انور بلوچ نه رڳو سنو کهاڻيڪار آهي پر سنجيده ليکڪ به آهي ۽ سنڌين چواڻي هند سنڌ/آمريڪا گهميو وينو آهي، ان کي صدارتي هائوس هڪ عام جڳهه نظر آئي جنهن تي رولو ۽ آواره ماڻهو چاڪنگ ڪندا هئا؟!

سنڌ ۾ نالن کي بگاڙڻ يا اڌ نالو وٺڻ عام آهي. ورهاڱي کان اڳ ۾ پرائمري اسڪولن جا هيڊ ماستر، مسلمانن جي ٻارن جا نالا، جنرل رجسٽر ۾ داخل ڪرڻ وقت بگاڙي لکندا هيا. جيئن عيدن خان يا محمد عيدن مان عيدو، عبدالمجيد مان مجو يا حاڪم مان حاڪو. اهڙا، بگڙيل نالن وارا، پراڻا جنرل رجسٽر اڄ به ڏسي/پڙهي سگهجن ٿا. لاڙ هجي يا اُتر، پر پنهنجو نالو ماڻهوءَ جي ڪمزوري هوندو آهي، ڇاهي کو اُچاريندڙ اڌ بگاڙي وٺي يا سڄو مڪمل وٺي، ماڻهوءَ جو ڌيان هڪدم ڇڪجي ويندو.

مون کي ياد ٿو اچي ته جناب ذوالفقار علي ڀُٽي نئين ديري ۾ پنهنجي بنگلي ۾ عيد جي ڏينهن تي کُلي ڪچهري پئي ڪئي ته سنڌ جو هڪ ٻي ڊپو نقاد ۽ شاعر ذوالفقار راشدي ساڻس ملڻ آيو، ته ان وقت لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر کي سڏي ڀُٽي صاحب چيس: هن شخصيت کي سڃاڻين؟ جواب ۾ هن ”نه“ ڪئي، ته ڀُٽي صاحب ڪيس چيڀيندي چيو: ”هي منهنجو نالي ڀائي آهي ۽ تون ڪيس نه ٿو سڃاڻين، ته پوءِ منهنجي ضلعي ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڪيئن رهندين؟“ محترم انور بلوچ صفحي ١٤٠ تي هڪ سمجهه ۾ نه ايندڙ ڳالهه لکي آهي: آچر نالي ماڻهوءَ کي انور صاحب سڏ ڪيو پر هن جي ڀر ۾ بيٺل هوندي به آچر ڪو جواب نه ڏنو، ڇاڪاڻ ته آچر کي اها خبر ڪانه هئي ته هو آچر آهي. پر

بقول انور صاحب جي، هو آچر آهي. محترم انور لکي ٿو: ”مون ڏٺو ته لاڙ جي اڪثر علائقن ۾ ماڻهو پنهنجو نالو اڌ ٻڌائيندا ۽ سڏائيندا هئا. جيئن منٺار مان منو، آچر مان آچو ۽ ڪريم بخش مان ڪَرُو. ايئن هڪ وار مون آچر نالي پنهنجي هڪ زيردست کي محمد آچر چئي سڏيو ته هن منهنجي پير ۾ بيٺل هوندي به ورندي نه ڏني ۽ مان سوچي رهيو هوس ته هيءَ به ڪيتري وڏيرڪي سازش هئي.“ سمجهه ۾ اچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته هڪ بالا عملدار پنهنجي زيردست/هينئين ملازم/پٽيوالي کي جنهن جو نالو آچر هجي ۽ ڪيس سڏ ڪري ۽ هو جواب نه ڏئي؟ چو ته هو محمد آچر نه، پر آچو آهي؟ ڇا هينئين ملازم جو آفيس جي رڪارڊ ۾ به نالو ”آچو“ لکيل هيو؟

ڇا لاڙڪاڻي ۾ (ڇاڪاڻ ته انور صاحب ضلع لاڙڪاڻي سان تعلق رکي ٿو) غوث بخش کي غوثو، ڪامل کي ڪامون، گل محمد کي گلو، نبي بخش کي نبو نه سڏيو ويندو آهي؟ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ته نالن کي عام طور بگاڙيو ويندو آهي. خود گهر جا ڀاتي ننڍڙن ٻارن جا نالا بگاڙي اُچاريندا آهن. ڇا اها به وڏيرڪي سازش هوندي؟ وڏيرن لاءِ ٻيون سازشون ئي کوڙ آهن، جنهن پيڙا ۾ عام شريف پيسجي رهيو آهي. عام سنڌين چواڻي: ابا وڏيرن ته شريفن جا تيئر اتاري ڇڏيا آهن.

متين اوٽاين جي باوجود به ڪي ڪي ڳالهيون حقيقت تي مبني آهن، جيڪي دل کي ڇهي وڃن ٿيون. مثال طور صفحي ٣٣ تي انور صاحب لکي ٿو: ”جذبن کان خالي لفظ پنهنجي جاءِ تي ڪابه معنىٰ نه ٿا رکن، ايئن ڪنهن کي نلهو ”ادي“ چوڻ ڪابه اهميت نه ٿو رکي. جيستائين ان لاءِ ڪابه پاڪيزه سوچ نه هجي.“ محترم انور بلوچ هڪ ڪڙو سچ ۽ تلخ حقيقت لکي آهي. اڄ جي سنڌ ۾ واقعي ”ادي“ اهو لفظ آهي، جنهن جي ڪابه معنىٰ ۽ مفهوم نه آهي. هڪ دفعي آءٌ ڪراچيءَ جي سنڌ سيڪريٽريٽ واري ڪينٽين ۾ وينو هيس. منهنجي پرسان سنڌ جي مختلف ضلعن سان تعلق رکندڙ ٽيچر وينا هئا، جيڪي ڪراچيءَ ۾ ايس ايل تي سڏيا آهن. خوش گپين ۾ هڪ ٻئي سان بي ايڊ ڪاليج ۾ پڙهندڙ عورتن جو ذڪر ڪري رهيا هئا. جن مان الف، ب کي چيو ته ”هوءَ فلاڻي ڏاڍي سهڻي آهي.“ ”اڙي تون ته انهيءَ کي ادي چوندو آهين ۽ اڄ چوين ٿو ته منهنجي محبوبا آهي.“ جواب ۾ ”ب“ وڏا ٽهڪ ڏئي چيو ته ”اهوئي پهريون ۽ آخري حربو آهي، ڪنهن سهڻي عورت جي قريب اچڻ جو ۽ ان کي ”حاصل“ ڪرڻ جو.“ يا انور صاحب جو ساڳئي صفحي تي لکيل جملو: ”اگهاڙي حالت ۾ هلڻ عورت جي وڏي بي عزتي آهي“ يا ”ڪي ڪي ماڻهو ڏاڍا سهڻا ۽ پنهنجي سونهن جيترو ئي وڏيڪ من جا ڪوٺا هوندا آهن“ يا ”عورت جو ڏک سندس مڙس يا قبر هوندي آهي.“ هي جملا هڪ سنجيده ۽ حقيقت پسند پڙهندڙ لاءِ وڏي معنىٰ ۽ ڪشش رکن ٿا. ڪٿي ورجاءُ به نظر اچي ٿو. مثال

طور صفحي ٣٥ تي شينهن پاروٺو گوشت..... ۽ ساڳي ڳالهہ صفحي ١١١ تي لکيل آهي. هن ڪتاب جي مواد سان اختلاف رکي سگهجي ٿو، پر اظهار بيان واري دلچسپي کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي!

”پهاڪن جي پاڙ“ تي وچٽري نظر

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ضلعي لاڙڪاڻي مان جن اديبن پنهنجي لکڻين جي ذريعي نالو ڪمايو، منجهن هڪ نالو عبدالڪريم سنديلي مرحوم جو به آهي. مرحوم عبدالڪريم سنديلو ضلعي لاڙڪاڻي جي هڪ تعلقي لب دريا/ڏوڪري (هاٽي باقراڻي) جي هڪ واهڻ محراب سنديلي ۾ پيدا ٿيو. شروعات ۾ سنڌي پرائمري ماستر ۽ پوءِ سنڌي پرائمري استادن جي تربيتي اداري ٽريننگ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ٽيچر ۽ سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪرڻ کان پوءِ سنڌي ادب جو ليڪچرار مقرر ٿيو. ترقي ڪندي ايسوسيئيٽ پروفيسر جي عهدي تي پهتو، جتان رٽائر ڪيائين. ڪجهه وقت ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو ۽ گورنمينٽ ڪاليج سيوهڻ جو پرنسپال به ٿي رهيو. سنديلي صاحب ڪوڙ سارا ڪتاب به لکيا جن ۾ ”تحقيق لغات سنڌي“، ”ڏهس نامو“ ۽ ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“ قابل ذڪر آهن. ’لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو‘ سندس پي ايچ ڊي جو شايد موضوع به هو. سندس پي ايچ ڊي جو نگران برصغير تائين شهرت رکندڙ عالم دين، اديب ۽ ضلعي لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب هئا. سنديلي مرحوم جو هڪ ڪتاب ”پهاڪن جي پاڙ“ نالي سان آهي، جيڪو هن ١٩٦٦ع ۾ پنهنجي هڙان خرچ ڪري ڇپرايو هو. هن ڪتاب تي سنڌ جي ٻن وڏين هستين جهڙوڪ علامه آءِ آءِ قاضي ۽ مخدوم طالب مولیٰ جا رايا پڻ ڏنل آهن. هيءُ ڪتاب سڀ کان پهريون دفعو ١٩٦٦ع ۾ لاڙڪاڻي جي پاڪستان (اليڪٽرڪ) پرنٽنگ پريس مان ڇپيو هو، جنهن جو مالڪ لاڙڪاڻي جو هڪ صحافي محمد خان شيخ هو.

”پهاڪن جي پاڙ“ تي ”ٻه اکر“ خود مرحوم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي لکيا هئا. ”ٻه اکر“ ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ”پهاڪن جي پاڙ“ تي بحث ڪري انهن سنڌي عالمن جا نالا ڪنيا آهن. جن جي ڪتابن مان مرحوم سنديلي صاحب بنيادي مواد ڪٺي لاءِ حاصل ڪيو هو، جن ۾ راءِ بهادر ڪوڙو مل چندن مل ڪلناڻيءَ جو ”سنڌي پهاڪا“ ١٨٨٩ع، ديوان ڪيول رام سلامت راءِ آڏواڻي جو ”گل شڪر“ سال ١٨٦٩ع (ڊاڪٽر سنديلي صاحب پاڻ اهڙي ترتيب ڏئي لکيو آهي، يعني ١٨٨٩ع جو ڪتاب اول ۽ ١٨٦٩ع ۾ شايع ٿيل ڪتاب ٻي نمبر تي)، ٽيون ڪتاب سنڌي زبان جي محسن اعظم مرزا قليچ بيگ جو ”پهاڪن جي حڪمت“ ١٩٢٦ع وارو، چوٿون ڪتاب ”گلقند“ جيڪو آنجهاني پيرو مل مهرچند آڏواڻي جو ١٩٢٦ع وارو. پاڻ اڳتي هلي لکي ٿو ته ساڳئي مصنف جو ”پهاڪن جي پيڙهه“ پڻ شامل ٿيل آهي.

ڊاڪٽر سنڌيلو، اڳتي هلي هڪ نامعلوم ماڻهوءَ جنهن جو نه پورو نالو لکيو اٿائين ۽ نه ذات، نه قوم نه رهائش، جو ٿورو مڃيندي لکي ٿو: ”جناب ز.م. جنهن خلوص نيت سان پنهنجا بيش بها ۽ قيمتي قلمي نسخا اڌ ڳالهائي ۾ پيش ڪيا، تنهن لاءِ بنده وٽ ڪي به لفظ ڪونه آهن، جن سان پوري طرح سان ڳڻ ڳائي سگهجن.“

ڊاڪٽر سنڌيلي جا هڪ نامعلوم ماڻهو لاءِ اهڙا واڪاڻ پڙيا جملا پڙهي، تجسس وڌيو ته آخر اهو ”ز.م.“ صاحب ڪير هو، جنهن جي شاندار ذاتي لائبرري ۾ اهڙا قلمي نسخا به موجود هئا، جيڪي ايترا بي بها ۽ قيمتي، ساڳئي وقت اڻ لڀ به هئا، پر ڊاڪٽر سنڌيلي کي هن اڌ ڳالهائي ۾ ڏئي ڇڏيا؟ راقم الحروف مسٽر ”ز.م.“ جي تلاش ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي سيني جهونن علم و ادب جي شائقين سان به مليو پر هر هنڌان جواب مليو: ”الائي“!

پنهنجي ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي مرحوم، محمد خان شيخ، مالڪ پاڪستان پريس جا ٿورا مڃيا ۽ لکيو ته: ”محترم جناب محمد خان شيخ (مالڪ پاڪستان پريس) جو ازحد ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجو وڙ ڪري پريس کي ئي ڪتاب لاءِ وقف ڪري ڇڏيو، جنهنڪري ڪم جلد ”ستڙ“ ٿي ويو. پريس جي عملي ميان غلام مصطفىٰ خان، محمد عظيم انصاري ۽ محرم علي جا به مجرا نه وڃائبا جن اويل سويل ۾ پريس ۾ پئي ڪم ڪيو. آخر ۾ ڊاڪٽر سنڌيلي انهن ڪتابن جي ڳڻپ ڏني ۽ ڏيکاري آهي، جيڪي سندس مطالعي هيٺ رهيا يا بقول هن جي ته سندس نظر مان گذريا، جن ۾ فارسي جا ۵ ڪتاب، گجراتي جو هڪ ڪتاب، تلنگو (هي زبان حيدرآباد دکن جي پرپاسي ۾ مدراس جي وچ واري علائقن جي آبادي وارا ڳالهائيندا آهن)، اردو جا ١٦ ڪتاب، سنڌي جا ١٢ ڪتاب، انگريزي جا ٻه ڪتاب، جن ۾ هڪ Dictionary of Hindustani Proverbs, Banaras ١٩١٠ ۽ هسٽورين هسٽري آف سنڌ، سر ايليٽ، ڪلڪتو ١٩٥٦ع ٻيو ڇاپو ۽ سنڌي قلمي نسخا ٣، پر انهن بابت ڪجهه به نه لکيو اٿائين ته اهي قلمي نسخا ڪنهن جي ملڪيت هئا؟ يا ڪين ڪيئن هٿ آيا؟ آخر ۾ ڊاڪٽر صاحب سن اشاعت اسلم منزل ٠١-٩-١٩٦٦ لکيو آهي. هن ئي ڪتاب جو ٻيو ڇاپو پڻ ڊاڪٽر صاحب ساڳئي پريس پاڪستان پريس مان پهرين مارچ ١٩٦٩ع تي شايع ڪرايو. ٻئي ڇاپي ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو ”ڇاپو ٻيو“ جي عنوان هيٺ لکي ٿو:

”هن ڇاپي ۾ ڪجهه وڌيڪ مواد وڌايل آهي، جن سڄڻن پهاڪا ۽ رايا موڪليا آهن، تن جو ٿورائتو آهيان. سنڌيلو اسلم منزل نزد پاور هائوس لاڙڪاڻو ٠١-٣-١٩٦٩“ اسلم منزل پنهنجي جاءِ تي موجود آهي پر پراڻي پاور هائوس ۾ هاڻي واپڊا جي آفيس آهي. خبر ناهي ته مرحوم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي کي الائي ڪهڙن دوستن نوان پهاڪا لکي

موڪليا، جن جو پاڻ ثورائتو تہ ضرور آهي پر انهن جا نالا لکڻ، ڳڻڻ ۽ ڳڻائڻ "ضروري" نہ سمجهيائين؟! هجڻ تہ ائين کپندو هو تہ مرحوم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو اهڙن عالمن ۽ اديبن جا نالا لکي ڇڏي ها، چاڪاڻ تہ اهڙا نوان پهاڪا، سندس جاکوڙ نہ پر "بين" جي محنت جو نتيجو هيا، جن کي ڊاڪٽر صاحب پنهنجي کاتي ۾ لکي ڇڏيو!

هلندڙ سال جي سيپٽمبر مهيني جي ٢٩ تاريخ يعني اربع ڏهاڙي تي ملڪ جي معروف اخبار "ڪاوش" جي هائيڊ پارڪ ۾ وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي مان علي اڪبر نالي ڪنهن دوست جو خط "پهاڪن جي پاڙ" جو مهاڳ ڪيڏانهن ويو؟" جي عنوان سان شايع ٿيو آهي. پنهنجي خط ۾ محترم علي اڪبر صاحب، ڪتاب "پهاڪن جي پاڙ" بابت مصنف جي "ٻہ اکر" کي مهاڳ سڏي، سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده سيڪريٽري انعام شيخ جي خلاف جڻ تہ اڻ سڌي طور محاذ ڪڙو ڪندي، ڪيس پنهنجي تنقيد جو نشانو بڻايو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ مرحوم سنديلي جو هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان پهريون ڀيرو ١٩٨٩ع ۾ تڏهن ڇپيو هو، جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ ڊائريڪٽر سنڌ جو ڄاتل سڃاتل قلمڪار سائين حبيب الله صديقي صاحب هو ۽ نہ انعام شيخ. ان حالت ۾ انعام شيخ جو ڪهڙو ڏوهہ؟ سنڌي ادبي بورڊ جو ڪوبہ سيڪريٽري پنهنجا اختيار استعمال ڪندي، پنهنجي مرضيءَ پٽ-اندر ڪوبہ ڪتاب شايع نہ ٿو ڪري سگهي. ڪتاب بابت هڪ خاص ميٽنگ ٿيندي آهي، جنهن ۾ بورڊ جا ميمبر ويهي ڪو فيصلو يا آخري ۽ حتمي راءِ ڏيندا آهن. سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل ١٩٨٩ع واري ڇاپي جي مهڙ ۾ جناب حبيب الله صديقي جي راءِ پڙهي سگهجي ٿي، جنهن مان اندازو ٿي ويندو تہ خود ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي کي ان راءِ کان آگاهہ ڪيو ويو هو تہ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيندڙ سندس ڪتاب جي پهرين ايڊيشن (هُونءَ ٿيون ايڊيشن) ۾ سندس "ٻہ اکر" شامل ڪو نہ هوندو. حيرت ٿي تہ محترم علي اڪبر (وارهہ) کي ٻہ اکر ۽ مهاڳ ۾ ڪو بہ فرق نظر نہ آيو، جو ٻہ اکر کي مهاڳ لکي ڇڏيائين، جڏهن تہ مرحوم ڊاڪٽر عبدلڪريم سنديلي پاڻ "ٻہ اکر" لکيا هئا، نہ ڪ مهاڳ! جيئن محترم علي اڪبر لکي ٿو.

محترم علي اڪبر (وارهہ) پنهنجي خط ۾ لکي ٿو: "هن وقت ڄاڻايل ڪتاب (پهاڪن جي پاڙ) سنڌي ادبي بورڊ پاران چوٿون دفعو ٢٠٠٤ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. تڏهن بہ ڪتاب جو مهاڳ نظر انداز ٿيل آهي. انعام شيخ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿيو هو، مون ڪيس خط لکي ان معاملي جي نشاندهي ڪرائي هئي تہ توهان نوجوان ادب پرور اديب آهيو، اوهان ۾ وڏيون اُميدون آهن. "پهاڪن جي پاڙ" جي خارج ڪيل "مهاڳ" متعلق گذارش ڪئي هئم تہ اوهان جڏهن بہ هن ڪتاب جو نئون ڇاپو

ڇپيو ته مصنف طرفان لکيل "مهاڳ" ڪتاب ۾ درج ڪري پوءِ پڙرو ڪجو ته بهتر ٿيندو. اڄ جڏهن ڪتاب تي نظر پئي ته ڪتاب کي اُٿلائي پٿلائي ڏسڻ جي ڪوشش ڪيم پر "مهاڳ" ڏنو ئي نه ويو آهي. ان ڳالهه جو مون کي ڏاڍو ڏک ۽ دلي صدمو پهتو آهي. جو منهنجي عرض کي اٽڪلو ڪري ڪتاب مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي. ڊاڪٽر سنڌيلي جو روح اڳ ۾ ئي رنجايو ويو آهي (مگر ڪيئن ۽ ڪڏهن؟) هن لائق محقق ڪيڏي محنت ۽ مشقت کان پوءِ ڪتاب تيار ڪيو هوندو. ان جي "مهاڳ" لکڻ ۾ به ڪيس وقت لڳو هوندو."

محترم علي اڪبر (وارهه) جنهن کي بار بار مهاڳ سڏي ۽ لکي ٿو سو ته اصل ۾ مصنف جا "ٻه اکر" لکيل آهن ۽ علي اڪبر پاڻ به خط ۾ مڃي ٿو ته اُهي ٻه اکر (مهاڳ) صرف ۱۴ صفحن جو آهي (سو به ڊيمي سائيز تي) ته ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي جهڙي ليکڪ کي ٻه اکر سو به صرف ۱۴ صفحن تي لکڻ لاءِ ڪيترو وقت لڳو هوندو؟ جو محترم علي اڪبر لکي ٿو ته ان "مهاڳ" لکڻ ۾ به ڪيس "وقت" لڳو هوندو. ڊاڪٽر سنڌيلي جي "ٻه اکر" ۾ سواءِ ڪتابن جي وچُور ڏيڻ جي ٻيو ڇا رکيو آهي؟ جيستائين علي اڪبر جي عرض کي مانائتي موٽ (مُحترم انعام شيخ جي طرفان) نه ملڻ جو سوال آهي ته ان سلسلي ۾ عرض ڪجي ٿو ته سائين ۱۹۸۱ع تائين سنڌي ٻارهين ڪلاس لازمي درسي ڪتاب ۾ سنڌ جي رنگين ڪلام شاعر "استاد بخاريءَ" جو شاهڪار نظم "پورهيت جو پڳهر" شامل هوندو هو، پر ۸۲-۱۹۸۱ع کان مذڪوره درسي ڪتاب مان اُستاد بخاريءَ جو نظم خارج ڪيو ويو ۽ اڄ تائين خارج ئي آهي. ان وچ ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جا ڪيترا چيئرمين بدليا ته ڇا اسين چيئرمين يا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ طرفان سرڪاري طور چيرائينڊڙ اداري کي ان ڳالهه جو ذميوار ٺهرائي انهن جي خلاف لکون ته فلاڻي چيئرمين جي دور ۾ ته استاد بخاريءَ جو شاهڪار نظم شامل هو پر فلاڻي جي دور ۾ جڏهن درسي ڪتاب شايع ٿيو ته ان ۾ استاد بخاريءَ جو نظم ئي ڪو نه هو. ڪتاب کي اُٿلائي پُٿلائي ڏسڻ مان ڇا ورندو؟ پاليسي ميڪرز جي ڏنل هدايتن موجب سرڪاري ڪتاب شايع ٿيندا آهن. مُحترم علي اڪبر وارهائي ته سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر به منهنجي خيال ۾ ڪو نه آهي. سائين علي اڪبر کي گهربو هو ته هُو محترم انعام شيخ کي لکڻ بجاءِ سڌو سنئون بورڊ جي چيئرمين ۽ ميمبر کي خط لکي سندن ڌيان ڇڪائي ها يا روبرو انهن سان لهه وچڙ ۾ اچي ها.

هاڻي اچو ته ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي جي ڪتاب پهاڪن جي پاڙ تي به هڪ نظر وجهندا هلئون. پهاڪن جي پاڙ بابت سنڌيلي صاحب جيڪي حڪايتون، آکاڻيون ۽ ڪهاڻيون بيان ڪيون آهن، منجهانئن ته ڪيتريون اڻ نهڪندڙ ۽ سمجهه کان بالاتر آهن،

جن تي اڳتي هلي بحث ڪبو، پر في الحال منڍ ڪي ٿا ونئون. ڊاڪٽر مرحوم جن ڪي پهاڪو ڪري لکيو آهي سي ڪجھ پهاڪا ضرور آهن پر هڙئي نه. منجهانئن ڪوڙ ورجيسيون يا ورجيسي جملا ۽ چوڻيون آهن. پهاڪن، ورجيسين ۽ چوڻين بابت ججهو علم رکندڙ عالم محترم انجنيئر عبدالوهاب سهتو، پنهنجي ڪتاب "موزون آکاڻين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوڻيون" جي مقدمي ۾ پهاڪن، چوڻين ۽ ورجيسين ۾ فرق کولي ٻڌايو آهي ته پهاڪي، چوڻي ۽ ورجيس ۾ ڪهڙو فرق، چو ۽ ڪيئن آهي؟

ڊاڪٽر، پهاڪن جي پاڙ جي مُنڍ ۾ جيڪو پهاڪو "آءٌ به ويندي پيڪين، مون به لهندي سڪ" ڏنو آهي، سو پهاڪو نه پر ورجيس آهي. هيٺ ڪجھ ٻيا به مثال ڏجن ٿا:

مثال-١: اڇي ڏاڙهي اٿو خراب، ڪي ڊاڪٽر صاحب پهاڪو ڄاڻايو آهي حالانڪ هي به "پهاڪو" نه، پر ورجيس آهي.

مثال-٢: اپڻا مال هي، روسون پيي ڪائسون پيي. هي به پهاڪو نه، پر ورجيس آهي.

مثال-٣: تيسمار خان

هاڻي پڙهندڙ پاڻ اندازو ڪن ته "تيس مار خان" سنڌيءَ جو لفظ آهي يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ جو؟ تيس مار خان يعني ٽيهه ماريندڙ خان. هي پهاڪو ته نه، البته ورجيس ضرور آهي. اهڙيءَ طرح پاڻ ڏاڍن سان پاند نه اٽڪائجي (ڪتاب جو صفحو ٤١)، پڪي ماني ڇڏجي پر سنگت نه ڇڏجي (ڪتاب جو صفحو ٤١)، پهاڪا نه، پر چوڻيون آهن. اهڙيءَ طرح "پيروءَ وارا پنج سيپارا" ڪتاب جو صفحو ٤٧، "پئسا ئي پاڻي ۾" ڪتاب جو صفحو ٤٧، ورجيسيون آهن ۽ نه پهاڪا، جيئن مرحوم سنڌيلي ڄاڻايا آهن. اهڙيءَ طرح ڪتاب جي صفحي ٦٣ تي "چانديا مگسي" ۽ صفحي ٦٦ تي "چور ڪي چون ته گهڙينس گهر ۾" يا صفحي ٦٧ تي "چور نه ته چاڪي ئي سهي" ۽ ساڳئي صفحي تي "چورن مٿان مور" ۽ صفحي ٦٨ تي "چٽي ڪوريءَ واري ڊيگهه" يا صفحي ٧٠ تي "هنود ڪاسائيءَ واري ڪڏ" ڪي ڊاڪٽر سنڌيلي پهاڪا ڄاڻايا آهن جيڪي حقيقت ۾ پهاڪا نه، پر ورجيسيون آهن. ان ڪان سواءِ صفحي ٧٥ تي دلوراءِ جي نگري پڻ ورجيس آهي. يا ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٧٥ تي فارسي چوڻي ڪي پهاڪو ڪري لکيو آهي. فارسيءَ جي اها چوڻي هن طرح آهي:

دراز ريش: خضر يا ابليس.

اهڙيءَ طرح سنڌيلي مرحوم ڪوڙ سارن پهاڪن جو پس منظر به ڏاڍو عجيب ۽ غريب لکيو آهي. مثال "اڊائي گهرن جو خير." سنڌ ڪان ٻاهر برصغير جي ٻين صوبن ۾ ڪٽي ايئن چوندا هجن ته اڊائي گهرن جو خير گهرجي، باقي ٻين جو حشر ڪهڙو به ٿئي ان ۾ اسان جو ڇا وڃي. حقيقت هيءَ آهي ته سنڌ ۾ مرد توڙي عورتون، دُعا گهرڻ مهل هن

طرح جا جملا استعمال ڪندا هئا ته: ”يا الله- سڀ جو خير- هندو- مسلمين جو خير. اوڙي پاڙي جو خير!“

مرحوم سنديلي جي تعريف ڪندي سنڌ جي هڪ سني شاعر مرحوم احمد خان ”آصف“ مصراڻي جيڪي شعر چيا، سي پڻ ڪتاب ۾ شامل آهن. آصف مصراڻي چوي ٿو:

”مبارڪ جو حقدار سنديلو صاحب،

پهاڪن جي واضح ڪئي جنهن حقيقت“

احمد خان آصف مصراڻي چواڻي ته، سنديلو صاحب مبارڪ جو حقدار آهي، جنهن پهاڪن جي حقيقت واضح يعني کولي نروار ڪري لکي آهي. سنديلي مرحوم پهاڪن جي حقيقتن جي وضاحت ڪيتري قدر سني ڪئي آهي، ان جو هڪڙو مثال ڏيڻ ڪافي سمجهان ٿو.

”پيٽ ۾ ڪوئا“ نالي ورجيس ڪي مرحوم سنديلو ”پهاڪو“ ڪوئيندي ان جو پس منظر بيان ڪري لکيو آهي ته: (هي پهاڪو ڪتاب جي سنڌي ادبي بورڊ ٻئي ايڊيشن جي صفحي ۴۵ تي ۽ پهاڪو نمبر ۵۲ ڪري لکيل آهي) ”هڪڙي ماڻهوءَ کي هميشه پيٽ ۾ سُور رهندو هو. هڪ ڏينهن ان ڪان بيتاب ٿي بادشاهه وٽ لنگهي ويو ۽ وڃي عرض ڪيائين ته جهان پناهه، پنهنجي حڪيم کي حُڪم ڪريو ته مون کي پيٽ جي سُور جي اهڙي ڪا دوا ڏئي جو آئون هن عذاب جي جيئڻ ڪان مري وڃان. بادشاهه پنهنجي حڪيم کي هن غريب جي علاج لاءِ حڪم ڪيو. حڪيم اهو حڪم ٻڌي ٻه ادائي سير پڳڙا گهرايا ۽ انهيءَ شخص کي حڪم ڪيائين ته هي پڳڙا کاءُ. هو جيترا گهٽي ۾ گهٽا کائي سگهيو، اوترا کاڌائين. پڳڙن ڪان پوءِ سخت اڃ لڳس. حڪيم کي عرض ڪيائين ته: مون کي پاڻي پياريو. حڪيم ڪيس پاڻي ته ڪو نه پياريو، الٽو حڪم ڏنائين ته هن جون ٽنگون ۽ ٻانهون ٻڌي ڪيس وڻ ۾ اهڙي طرح لڙڪايو جو سندس ٽنگون مٿي ۽ ڪنڌ هيٺ ٿئي. هڪدم حڪم جي تعميل ڪئي وئي. سندس هينان هڪڙو ڪونار پاڻيءَ سان پريل رکايو ويو. لڙڪڻ شرط گهٽي خُشڪي ۽ اڃ سبب ان غريب جو وات ڦاٽي ويو. هينان پاڻي ڏسي، سندس وات مان هڪ ٻئي پنيان ٽي ڪوئا، پاڻيءَ جي ڪونار ۾ ٽپي پيا. ڪوئن جو پيٽ مان نڪرڻ ۽ سندس پيٽ جو درد دفع ٿي وڃڻ. بادشاهه پڇيس ته: ”توکي ڪيئن خبر پئي ته هن جي پيٽ ۾ ڪوئا آهن؟“ حڪيم عرض ڪيو: ”سائين آئون پاڻ هن وانگر ڪانير هئس. روزانو جهنگ مان ڪانيون ڪري گهر موٽندو هئس. هڪ دفعي ڪانيون ڪري سج بيني گهر آيس. پاڻي پيئڻ جي خيال سان گهڙامنجيءَ ڏانهن وڌيس. ڏسان ته ننڍڙا ڪوئا، دلن جي ڪنارن تي وينا آهن. جيڪڏهن اوندهه هجي ها ته ضرور پاڻي پي وڃان هان ۽ ڪوئا پيٽ ۾ داخل ٿي وڃن ها. هاڻي جڏهن ته هي

ڪانير آهي، تڏهن مون کي يقين ٿيو ته هي ڪنهن ڏينهن دير سان گهر آيو آهي ۽ پاٽيءَ سان گڏ ننڍڙا ڪوئا به ڳهي ويو آهي.“ وري بادشاهه پڇيس ته: ”مريض کي پڳڙا چو کارائيي؟“ عرض ڪيائين ته: ”پڳڙا مريض کي ان ڪري کارايم ته جيئن ڪيس اکين جو ڊاءُ هجي.“ بادشاهه حڪيم جي حڪمت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس ججهو انعام ڏنائين.

مرحوم عبدالڪريم سنديلي مٿئين پهاڪي، جيڪا اصل ۾ ورجيس آهي جو جيڪو پس منظر لکيو آهي، ان کي عقل سليم قبول به ڪري ٿو يا نه؟ پلي اوندهه هجي پر اهو ڪيئن ممڪن آهي جو هڪ انسان جي نڙي مان/ ڪاڪڙي مان هڪ يا ٻه يا ٽي ڪوئا آرام سان داخل ٿي وڃن! هي پس منظر ته هٿ جو گهڙيل ٿو ڏسجي، جنهن جو نه منهن، نه مٿو ۽ نه پڇ! انساني پيٽ ۾ ڪوئا زنده به رهيا ۽ انساني پيٽ اندر نازڪ عضون: جيري، جگر، هنيانءَ، بڪين، ڦڦڙن ۽ آنڊن کي ڪوئن ڪجهه به نه ڪيو؟ ۽ اهي آرام سان هڪ انسان جي پيٽ اندر ڊوڙون پائڻ ۾ مشغول رهيا.

مرحوم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ته خير سان هڪ سائنس ڪاليج جو پرنسپال به هو يا پاڻ ڪو اونداهي ڪنڊ ۾ رهائش پذير ڪونه هو، جو اهڙي هٿ نوڪي ۽ غير سائنسي ڳالهه لکي، پڙهندڙن کي بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. فرض ڪجي ته سنڌيءَ جو ڪو اديب مرحوم سنديلي جي هن ڪتاب جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪري ٿو ۽ اهو ڪتاب شايع ٿي وڃي ٿو ته اردوءَ جا اديب ۽ پڙهندڙ اسان جي سنديلي صاحب جهڙن عالمن، اديبن ۽ ڏاهن بابت ڪهڙي راءِ قائم ڪندا. اها ته سنڌين جا اديب جيڪي پي ايڇ ڊيءَ جون ڊگريون به رکندا آهن، انهن جي عام معلومات جو عالم اهو آهي جو زنده ڪوئا ڪنهن انساني پيٽ ۾ داخل ٿيندي ڏيکارن، جيڪي مهينن تائين هڪ زنده انسان جي پيٽ ۾ ڊوڙون پائيندا وتن. خبر ناهي ته مرحوم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جو خيال ڇا هوندو، جڏهن ڪنهن سندن سامهون اچي چيو هوندو ته: ”هن کي پيٽ ۾ پوليس آهي يا فلاڻي کي مغز ۾ اٽ آهي“، ته منهنجي خيال ۾ سنديلو صاحب، پنهنجي پهاڪي جي پس منظر کي شاهوڪار بنائڻ لاءِ ان ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ پوليس به داخل ڪري سگهي ها ۽ فلاڻي جي مغز ۾ اٽ کي به ٽپائي ڇڏي ها. هيءَ ته عام سوچ جي ڳالهه آهي ته ڪي شعر، ڪي سٽون، ڪي ورجيسيون، ڪي پهاڪا، ڪي چوٽيون علامتي ٿين ٿا. اهڃاڻ مان اندازو ٿي وڃي ٿو ته اهي علامتي اهڃاڻ آهن. پلا سنڌي ۾ چوندا آهن ته: ”پرائو ٽٽ ڪنهن پنهنجي ڳڀيءَ ۾ وڏو آهي.“ ته ڇا اهو ممڪن آهي؟ هڪ جو ريڇُ (ٽٽ) ٻئي جي ڳڀيءَ ۾ ڪيئن داخل ٿي سگهي ٿو؟

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي ڪتاب ”پهاڪن جي پاڙ“ (جنهن جون پاڙون گهڻي قدر ڪمزور آهن) ۾ ڪل پهاڪن جو تعداد ۵۲ (ٻاونجاهه) آهي. جڏهن ته ورجيسيون ۳۰ ۽ ورجيسي جملا ۱۰، چوڻيون ۳۱ آهن. حيرت آهي ته سنديلي صاحب کي اها خبر ئي ڪا نه پئي ۽ ڪتاب جو نالو ”پهاڪن جي پاڙ“ لکي ۽ رکي ڇڏيائين.

”خيمي ۾ شام“ جا ڪجھ منظر

ادب جي هڪ صنف رپورتاز (*Reportage*) بہ آهي. رپورتاز اصل ۾ فرانسيسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جتان منزلون طئي ڪندو، مشرقي ٻولين تائين پهچندي پهچندي اهڙي جاءِ والاري وينو آهي جو چڻ تہ مشرقي ٻوليون سندس موجد هيون/آهن. جڏهن تہ هن صنف جو موجد مغرب ئي آهي، پر هن کي فروغ ۽ ترقي مشرق ۾ ملي. دلچسپ ڳالھ هيءَ آهي تہ انسائيڪلوپيڊيا آف برٽينيڪا ۽ نيو اسٽينڊرڊ انسائيڪلوپيڊيا (برطانيا) يا انگريزي ادب جي ٻين ڪيترن ئي معتبر ڪتابن ۾ يا معروف لغتن توڙي ادب جي نثري تاريخ ۾ رپورتاز جو ڪٿي بہ ذڪر تيل ڪونهي.

ڊيوڊ گرامبس پنهنجي مشهور ڪتاب -Literacy Companion Dictionary“١٩٨٤” جي صفحي ٣١٣ تي Words about words تحت رپورتاز جي تشريح ڪندي لکي ٿو:

“The reporting of news, factual topical writing that comes from direct observations or documentable events or situations, news writing story.”

اردوءَ جي مشهور اديبہ ڊاڪٽر صبيحہ انور پنهنجي ڪتاب ”اردو مين خود نوشت سوانح حيات“ (فخرالدين ميموريل ڪاميٽي لکنو انڊيا ١٩٨٢ع) جي صفحي ٦٠ تي رپورتاز بابت لکي ٿي:

”رپورتاژنگار کو يہ آزادي بهرحال هوتي هي کہ وه واقعات کا بيان کرني کي ساٿ ان جذبات کو ڀي سميٽ لي، جن پر عام طور سي لوگون کي نظر نهين گئي.“

گورنمينٽ اسلاميہ ڪاليج خانيوال (پنجاب) جي شعبي اردوءَ جو پروفيسر ۽ اردوءَ جو مشهور ليکڪ ڊاڪٽر امتياز حسين بلوچ پنهنجي هڪ مضمون ”رپورتاز-فن اور روايت“ جي عنوان هيٺ لکي ٿو: ”رپورتاز کي فن کا بنيادي تقاضا يہ هي کہِ ان واقعات کي بيان ۾ صحت واقعات کو بهت اهميت دي جائي. جوني، من گهڙت، خود ساختہ اور لغو قصي کهانيان رپورتاز کا حصا نهين بن سکتي. اپني فني ٽيڪنڪ اور برتائو کي اعتبار سي يہ بهت ”انوکي“ اور ”اولڙي“ صنف نثر هي. ايک خبر، حادثي، بلوي، تقريب، ڪانفرنس، سفر اور واقعي کو بنياد بنا کر اسي لکا جاتا هي.“

هڪ ٻيو اديب، نورالحسن نقوي رپورتازنگاري جي باري ۾ لکي ٿو: ”ڪسي واقعي کي خبر يا رپورٽ اس طرح تيار کي جائي کہ اس مين افساني کا انداز پيدا هوجائي يا اس مين مصنف کي شخصيت جهلک اٿي تو يہ هي رپورتاز هي.“

وڏن ڄاڻو اديبن ۽ عالمن جي ڏنل ۽ لکيل تشريح کي نظر ۾ رکندي (سواءِ صحت بياني جي، جيئن ڊاڪٽر امتياز حسين بلوچ لکي ٿو: رپورتاز جي خاص اهميت "صحت بياني" آهي. جڏهن ته خيمي ۾ شام منجهه ذڪر ڪيل واقعا صحت جي لحاظ کان بيمار آهن.) ڏسجي ته محترم نصير مرزا جو لکيل ڪتاب خيمي ۾ شام رپورتاز جي هوبهو شڪل آهي!؟ هن ڪتاب ۾ به مهاڳ ڏنل/لکيل آهن. هڪ ليکڪ جي امان سائڻ مانواري شريف النساءِ جو، ٻيو خود صاحب ڪتاب محترم نصير مرزا جو: جيڪو "ڪيرتر ياترا" نالو ڏئي ڪتاب جو مواد/متن شروع ڪري ٿو. "ڪيرتر ياترا" کان اڳ به هڪ مهاڳ "ملفوظات" جي نالي سان آهي، جيڪو نصير مرزا گرجستانيءَ جي نالي سان لکيو ويو آهي. ٻنهي مهاڳن جي ابتدا هنن جملن سان ٿئي ٿي: وچ ۾ ٻڙيون ٻڙيون به ليکڪ طرفان ڏنل آهن: "اسلام عليڪم .... سامعين و قارئين.... حاضرين و غائبين.... اهل دنيا و اهل القبور"!

مان سمجهان ٿو ته گذريل ويهين صديءَ، جنهن جي آخر ۾ ڪتاب لکيل آهي ۽ هلندڙ نئين ايڪيهين صدي، جنهن ۾ ڪتاب شايع ٿيو آهي، جو اهو پهريون ۽ انوکو يا سڪيلڊو مثال آهي ته ڪو (دنيا جو) دنيوي ڪتاب، زنده انسانن يا زنده پڙهيل انسانن کان سواءِ مري ويل پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل انسانن لاءِ به آهي! خاص ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي هيءَ به آهي ته ڪتاب نه رڳو قارئين لاءِ آهي پر غائب مخلوق لاءِ پڻ فائديمند آهي، ڇاڪاڻ ته خود ليکڪ مخاطب ٿيندي چوي ٿو: "حاضرين و غائبين...؟!!"

ڪتاب جي صفحي ٢٧ تي محترم نصير مرزا لکي ٿو:

"ڏٺو وڃي ته هر ماڻهوءَ جو ڪونه ڪو مذهب ضرور هوندو آهي. مثال طور جيئن مان آرپار شيعو آهيان." جڏهن ته شيعو عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ: ٽولو آهي. مسلمانن جا جيڪي فرقا، مسلڪ يا مڪتبہ فڪر آهن، انهن منجهه سني، بريلوي، ديوبندي، شيعا ۽ اهلحديث آهن. ايئن جيئن هندن ۾ راڌا سوامي يا عيسائين ۾ پروٽيسٽنٽ يا ڪيٿولڪ وغيره. مخصوص سوچ کان هٽي ڪري، تنگ نظري ۽ تنگ دلي کان پاسو ڪري، اڻ-ڏري راءِ ڏجي ته پوءِ شيعو ڪنهن مذهب جو نالو نه آهي.

سنڌ ۾ جڏهن پروفيشنل ڪاليجن ۾ داخلائون انٽر جي امتحان ۾ رکيل مارڪن سان ملنديون هيون، تڏهن ڪاليجن ۾ فرسٽ ايئر ۽ انٽر جي شاگردن لاءِ نيشنل ڪئڊٽ ڪور عرف عام ۾ اين سي سي جي ٽريننگ ڪندڙن کي ٢٠ مارڪون ڏنيون وينديون هيون. فوجي نظام تحت انهن وانگر اين سي سي جي شاگردن جي ساليانی پاسنگ آئوٽ پريڊ به ڪاليجن ۾ ٿيندي هئي. محترم نصير مرزا اين سي سي جي ويهن

مارڪن ڪي ١٠ مارڪون ڇاڻائي اين سي سي جي سڪيا حاصل ڪندڙ شاگردن تي طنز، ٽوڪ ۽ چٽر ڪندي صفحي ٤١ تي لکي ٿو:
”يا خدا!!“ مان دل ۾ چوان ٿو: ”هي گڏ آهن يا NCC جا شاگرد، جيڪي صبح سان ڊريسون پائي، ڪاليج گرائونڊ ۾ گڏ ٿي ڏهن مارڪن جي آسري تي ٽنگون ۽ پير پيا هيڏانهن هوڏانهن ڪندا هئا.“ پر ان حقيقت کان ڪير انڪار ڪندو ته جيڪي شاگرد ملٽريءَ ۾ ڀرتي ٿيا، تن سڀني کي ان اين سي سي جي سڪيا وڏو ڪم ڏنو.
اسان سنڌي وهنجڻ يا تڙ ڪرڻ کي سنڌي ٻوليءَ جي لحاظ کان وهنجڻ وڃڻ ڪونه چوندا آهيون. وهنجڻ به وڃبو آهي ڇا؟ محترم نصير مرزا ته سنڌي ٻوليءَ جو هڪ سٺو ۽ بهترين ليکڪ آهي. پنهنجي منفرد اسٽائيل جي ڪري هو سنڌي ادب ۽ شاعري پڙهندڙن ۾ مقبول پڻ آهي. ڪيس گهٽ ۾ گهٽ، اها ڄاڻ هئڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ وڃڻ ڪٿي، ڪڏهن ۽ ڪهڙي معنى ۾ استعمال ٿيندو آهي. مثال ڪا شيءِ وڃڻ، داخلا وڃڻ يا پلئه وڃڻ ۽ بدلو يا انتقام وڃڻ، پر محترم نصير مرزا پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٣٦ تي اسان جي پاڇائي محترمه دردانه بيگم کي خط لکي ٿو: ”.... بس بيگم صاحبه! مون هيءُ خط ڪرچات سينٽر جي لان ۾ ڪرسيءَ تي ويهي سوچڻ شروع ڪيو هو ۽ هاڻي پنهنجي رهائش لاءِ مقرر (Chinkara Cottage) مان ٻاٿ وڃي جلدي جلدي ڪرچات سينٽر جي هال ڏانهن پيو وڃان.“ انگريزيءَ ۾ وهنجڻ کي ڇئبو آهي: ”ٽه ٽيڪ باٿ“. ان جو ترجمو سائين نصير مرزا، اڌ لوهه جو، اڌ ڪاٺ جو ڪندي لکي ٿو: ”مان چنڪارا ڪاٽيج مان ٻاٿ وڃي پيو وڃان.“
پٺائيءَ جي هڪ سورميءَ ۽ سنڌ جي لاثاني ڪردار مارئي واري ڪوهه جي منظرنگاري ڪندي، محترم نصير مرزا ڪتاب جي صفحي ١٢٤ تي لکي ٿو:
”.... ڊرائيور جيپ مارئي جي ڪوهه وٽ اچي بيهاري، مارئي جي ڪوهه کي هٿ لائڻ ان کي اکين سان چمڻ ۽ درشن ڪرڻ لاءِ اتاولا ٿي، هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏيندا جيپ مان ائين انڌاڌنڌ لهئون ٿا، ڄڻ اهو ڪوهه خدانخواسته اتان ڪو هليو ٿي ويو. هيءُ ڪوهه ڀالواءِ ڳوٺ کان ڏيڍ ميل پنڌ تي هيو. ڪوهه ته لٽجي چڪو هو، صرف نالي ماتر ڪوهه جا آثار هئا.... ٻن پهرن جا ڪي اڀائي ڪن ٿيا هوندا. الائجي ڪهڙي جذبي ۽ موڊ سان مارئي جي ڪوهه ۾ منهن وجهي، وڃي سڏ ڪريان.... مارئي .... مارئي .... مارئي .... پوءِ ان ايڪوٽي ۾ ٻلاول، بخشڻ ۽ غلام محمد ميجر به جنبي ٿا وڃن. مڃاڻ ته اڪ ڇنڀ ۾ ماحول ڄڻ پراسرار ٻڻجي ويو. ان سان ڀالواءِ جي ڏڳن ۽ ڏڳين ۾ اهڙو اچي ٿاهه پيو جو ....“
محترم نصير مرزا پاڻ چوي ٿو: ڪوهه ته لٽجي چڪو هيو ۽ نالي ماتر ڪوهه جا آثار هيا. پوءِ محترم نصير مرزا ڪهڙي ڪوهه ۾ منهن وجهي وڃي مارئي، مارئي، مارئي ڪيو

جو سندس ٻيا دوست به ان ۾ جنبي ويا ۽ ماحول هڪدم پراسرار ٿي پيو ۽ سندن آواز جي ايڏي گونج ۽ پڙاڏو ٿيو جو اچي مال ۾ ٺاهه پيو!؟ مٿيءَ سان پريل ۽ ڏٽيل ڪوهه جي مٿان ٻيهي ته ضرور سگهجي ٿو پر جڏهن اهو مارئي واري ڪوهه جو منهن به ڏٽجي چڪو هيو ته پوءِ ڪوهه جي منهن مان ڇا مطلب؟ ڇا معنيٰ؟

هڪ ڀيري سنڌ جي يگاني شاعر استاد بخاريءَ سان دادوءَ جي موجوده بس اسٽينڊ ڪان ٿورو پريرو هڪ نئين هوٽل (ان زماني ۾ دادو جي موجوده بس اسٽيڊ جو ترقياتي ڪم شروع ٿي چڪو هو) ۾ ويٺا هئاسين. مون استاد بخاريءَ کان پڇيو: بخاري صاحب! توهان پنهنجي عمر آهر ۽ وسيع تجربي مان اهو ٻڌايو ته هن دنيا ۾ سڀني کان وڌيڪ مٺي ۽ پياري شيءِ ڪهڙي آهي؟

جواب ۾ چيو هئائين: ”صحت سان ٿُپ زندگي.“

ٽر جي هڪ سٺي ساک رکندڙ شخص، نهالچند جي نالي ۽ سندس رفاحي ڪمن واري هاڪ کان ڪير واقف ناهي؟ اردوءَ جي هڪ اديب ۽ مزاح نگار محمد خالد اختر ياترا جي نالي سان ٽر جو سفرنامو لکيو هو. ياترا نالي هي ڪتاب ١٩٧٩ع ۾ قوسين پبلشر لاهور طرفان پهريون دفعو شايع ٿيو هو. محمد خالد اختر هن ڪتاب ۾ به سفرناما ڏنا. سندس پهريون سفر نئون ڪوٽ کان شروع ٿئي ٿو. محمد خالد اختر سان هن سفر ۾ ضيا نالي ماڻهو به گڏ آهي. ڪيس اسلام ڪوٽ ۾ ترقياتي ۽ فلاحي ڪمن جي حوالي سان اتان جي ٽائون ڪاميٽي جي ١٥ سال مسلسل چيئرمين رهندڙ شخص سان ملايو وڃي ٿو. اختر خالد به ٿر جي سفر ڪي ياترا لکي ٿو ۽ نصير مرزا به پنهنجي ٿر جي سفرنامي کي ٿر ياترا جو نالو ڏئي ٿو! ڇوندا آهن ته اديب، شاعر ۽ ليکڪ ڏاڍا نفيس، نرم ۽ زود حس هوندا آهن. هو ڪنهن ست ڏارئي تي به خنجر جو وار ۽ ننولي يا چٽر برداشت ڪونه ڪري سگهندا آهن، پر مرحوم محمد خالد اختر ۽ نصير مرزا، اديب ۽ ليکڪ هوندي به سواءِ ڪنهن تڪليف پهچڻ جي، سواءِ ڪنهن رنج ملڻ ۽ ڪنهن ڏوهه گناهه جي پنهنجن پنهنجن سفرنامن ۾ اسلام ڪوٽ جي هن ٻيڙي ديوان کي پنهنجي انتقام جو نشانو بنائيندي، پنهنجي اندر ۾ ويٺل همزاد/ماڻهوءَ کي خوشين سان نهال ڪري ڇڏين ٿا. محمد خالد اختر جي ڪاڪي نهالچند سان ڪنهن به طرح جي ڄاڻ سڃاڻ ڪانهي ۽ هو پهريون ڀيرو ديوان نهالچند سان ملاقات ڪري ٿو. ديوان نهالچند لاءِ پنهنجي سفرنامي جي صفحي ٢٢ تي محمد خالد اختر لکي ٿو:

” هم ايڪ اقامت خاني کي پاس سي گذري جو سيٺ نهالچند ئي ني اسلام ڪوٽ مين آني والي مسافرون کي ليئي بنوايا ٿا. اس کي برآمدي مين دو ڪولهي عورتين اور ايڪ بچا ديکا. آگي ٽائون ڪاميٽي کي دفتر کي عمارت آئي. هم قصبي کي ڪناري

پر سيٺ نهالچند کي حويلي سي کچ قدم پر ٿي، ڪ هم ني سرخي مائل شلوار قميص مين ايڪ چريري، لمبي، ڪڙيل سي آدمي ڪو گلي سي نڪلتي اور باهر ريتون ڪي طرف جاتي ديڪا. يہ سيٺ نهالچند هين. ضيا (سفرنامي جو همسفر) ني اسي ٢٥ سال پهلي مني مين ديڪا ٿا. هم ني جلدي جلدي قدم بڑهائي اور اسي جا پڪڑا. وہ اپي پوسٽ آفيس کي نگڑ سي آگي نهين بڑها ٿا. ”سو يہ هي وہ حيران ڪن آدمي“: مين ني اپني دل مين ڪها، ”جس ني اپني قصبي کي ليئي اتنا کچ ڪيا هي ڪ لندن شهر کي ميئر ني لندن کي ليئي يي نهين ڪيا هوگا. جسي بهت ڪم لوگ پسند ڪرتي هين. داڑهي موچ مندا نهالچند خود ڪو اڪرا ڪر رکتا ٿا. بال ترچي هوئي، مهندي سي رنگي هوئي. شيوڪ (سفرنگار جو ميزبان) ني بعد مين بتايا ڪ سيٺ نهالچند کي عمر ستر (٧٠) سال سي ڪسي طرح ڪم نهين. ضيا کي تعريف پر مشهور آدمي باغ باغ هوگيا. اس کي باچين چر گئين.“

”شهر والي تو مجهہ سي ناخوش هين“ سيٺ نهالچند بولا، ڪيا وہ (سيٺ نهالچند) تر ڪا شيش ناگ نهين هي؟!“ مجهي خيال آيا.

قارئين پاڻ اندازو ڪن تہ محمد خالد اختر جي دل ۾ سيٺ نهالچند جي خلاف ڪهڙو آتش ڪدو ٻري رهيو هو، جو لکي ٿو تہ پنهنجي تعريف ٻڌي واچون ٽڙي پيس! ۽ اجا اڳتي وڌي ڪيس شيش ناگ سان تشبيهہ ڏني اٿس. شيش ناگ کي ڏسي تہ ماڻهوءَ جي جان مان درڙيون ۽ سيسراٽيون نڪري وينديون آهن. ڪاڪي نهالچند ڇا ڪيو هو؟ سفر نگار رڳو اتي بس نہ ٿو ڪري پر صفحي ٧٩ تي نهالچند جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

”هم سي هاٿ ملا ڪر وہ اس طرف چل پڑا، تيز قدمون سي چلتا هوا، شيش ناگ کي طرح اينٺا هوا.“

محترم نصير مرزا ٻہ پنهنجي ڪتاب خيمي ۾ شام ۾ ديوان نهالچند جو ذڪر ٻہ ساڳيءَ طرح ايئن ئي ڪري ٿو، جيئن محمد خالد اختر ڪيو آهي. محترم نصير مرزا، محمد خالد اختر جو حوالو، هن جي ڪتاب ياترا مان ڏئي صفحي ١٧١ تي لکي ٿو: ”شايد ڪجهہ ئي لمحن ۾ ڪنهن اطلاع اچي ڏنو تہ سيٺ نهالچند پڌاري رهيو آهي. سيٺ صاحب پوءِ جڏهن پندال ۾ داخل ٿيو تہ سڀ ان پنجاسي سالا مهان هستيءَ رٽائرڊ چيئرمين ٽائون ڪاميٽي جي مانَ ۾ اٿي بيهي رهيا هئا.... ساٽس ڳالهائيندي هن محسوس ڪيو تہ هو ڪڇهريءَ جو ڪوڏيو ۽ گهٽ-ڳالهائو شخص ضرور هو، پر هن جون ڳالهيون نصير مرزا لاءِ بور بلڪل نہ هيون. شايد ڪجهہ گهڙين ويهڻ ڪان پوءِ هو اوچتو محفل مان اٿي ڪڙو ٿيو هو، چيائين: ”موڪلاٽي ڪانهي، منهنجي دوا کائڻ جو وقت ٿي ويو آهي. رام رام“ ۽ نصير مرزا ڪيس پندال مان ائين اٿي ويندو ڏسي ۽ وقت

سان دوا کائڻ واري ڳالهه تي دل ۾ چيو: "ابا ڏسو، پنجاسي سالن واري مڙهي ڪاڪي کي به زندگي سان ڪيڏو پيار آهي."

محمد خالد اختر ته پنهنجي جاءِ تي رهيو پر خبر ناهي ته محترم نصير مرزا جو ڪاڪي نهالچند ڏانهن ڪهڙو انتقام رهيل هو، جو هڪ معزز انسان، جيڪو اسلام ڪوٽ جو نئون معمار ليکيو وڃي ٿو، جنهن جي تعريف ٻڌي خالد اختر پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٦٠ تي لکي ٿو: "نهالچند ترقياتي ڪمن جي حوالي سان ايترو ورجايو ويو جو ٻڌي ٻڌي (ڪَن به پچي پيا؟) ٿڪجي پياسون." ان کي نصير مرزا مڙهه/مڙهي/مڙهو ڪري لکيو آهي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اڄ به ڏاڏي ۽ ناني کي احترام منجهان بابو ڪراڙو ڪري سڏيو ۽ ڪوٺيو ويندو آهي، پر پرائي ۽ ڌارئي جي لاءِ يا پنهنجي عزيز قريب لاءِ نفرت جو اظهار ڪرڻ تي اچن ته چوندا: "ڪم ڏسو مڙهي جا". سنڌي ٻوليءَ ۾ مڙهه، مُردي لاءِ به استعمال ٿيندو آهي. سنڌ جي وڏي شاعر شيخ اياز به مڙهه لفظ پنهنجي شاعري ۾ ڪٿي استعمال ڪندي چوي ٿو:

"آ مڙهه جي ماٺ هوائن ۾."

نصير مرزا جو شايد خيال آهي ته جيڪڏهن پوڙهو/عمر-رسيده انسان بيمار ٿئي ته هو ويچارو وقت تي دوا به نه کائي ۽ بيماريءَ ۾ چڙي چڙي قبر يا شمشان گهاٽ جو انتظار ڪري؟!

ائين ته شيخ اياز جو وقت تي دوا کائڻ جو ذڪر، خود نصير مرزا هن ئي ڪتاب جي صفحي ٢١٧ تي ڪندي لکي ٿو: "هاڻي اياز صاحب (شيخ اياز) کي ماني کاڌي ٥ منٽ گذري چڪا هئا، دوا جو وزن وٺڻ لاءِ هڪ دفعو وري هن اندر جو رخ ڪيو." وقت تي دوا کائڻ ڪو عيب ڪونهي. پٽائيءَ به ڪنهن هنڌ چيو آهي: "جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، وڏا وس ڪيام."

شيخ اياز هجي يا ڪاڪو نهالچند يا ڪو مشهور ماڻهو يا ڪو گمنام ماڻهو ڇو نه هجي، جيڪڏهن بقول نصير مرزا، "ڪاڪي نهالچند جي عمر مني صدي کان به ١٠ سال تجاوز ڪري چڪي هئي" ته مرحوم شيخ اياز به ڪو نوجوان يا جوان جماڻ ڪونه هو، جو وقت تي دوا پيئي ڪاڏائين. هتي منهنجو مقصد ڪنهن جي به گهٽتائي يا تضحيڪ يا عيب-جوئي قطعي نه آهي. مون ۾ خود اڻ ڳڻيا عيب آهن. آئون ڪير ٿيندو آهيان، ڪنهن جي عيب-جوئي ڪرڻ وارو؟ پر هي ٻٽا معيار ڇو ۽ ڇا لاءِ؟ هڪڙن لاءِ هڪڙا ماڻ ۽ ماپا ۽ ٻين لاءِ ٻيا؟ ائين ڇو؟ شيخ اياز صاحب دوا کائي ته نيڪ، پر جي ڪاڪو نهالچند دوا کائي ته ٿيو مڙهه! مان اڄ به شيخ اياز کي سنڌ جو وڏو شاعر مڃان ٿو. منهنجو شمار اهڙن ماڻهن منجهان ڪونه آهي، جيڪي وڏي شاعر هجڻ جا نپا بدلائيندا رهندا آهن. سنڌ

جي مشهور اديب، ڪهاڻيڪار ۽ سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر شوڪت حسين شوري چواڻي: اسان سنڌين جي عجيب و غريب نفسيات رهي آهي. ڪڏهن شيخ اياز تي وڏي شاعر هجڻ جو ٺپو هنيو ويو تہ ڪڏهن استاد بخاري تي. وري ٺپو بدلائي ڪڏهن نياز همايوني تي هنيو ويو تہ ڪڏهن ابراهيم منشيءَ تي. ديوان نهالچند لاءِ محمد خالد اختر پنهنجي سفر نامي جي صفحي ٦٠ تي لکي ٿو: ”وه ١٥ سال سي ٹائون کميٹي کا چيئرمين تھا، ايک مستند چيئرمين جو هر کام پادري کي طرح تن دهي سي کرتا تا.“ جئين محمد خالد اختر، ديوان نهالچند کي پادريءَ سان تشبيهہ ڏني آهي، ساڳيءَ طرح محترم نصير مرزا پنهنجي ڪتاب (خيمي ۾ شام) جي صفحي ١٧١ تي ديوان نهالچند کي پادري سان تشبيهہ ڏئي، مکي نهالچند جو تعارف ڪرائيندي لکي ٿو: ”هن ڏنو اهو شخص جنهن کي سيني مکي صاحب! مکي صاحب! چئي پئي ماڻُ ڏنو. اهو هڪ ڪڙو تڙو چست ۽ کهري آواز وارو شخص هو، جنهن جا بظاهر سروپا ڪنهن عيسائي پادري جهڙا هئا.“ هي سڀ ڇا آهي؟ لڳي تہ ائين ٿو ڄڻ ڪنهن، محمد خالد اختر جي ديوان نهالچند بابت ڏنل راءِ جو صاف ۽ سنئو ترجمو ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ محمد خالد اختر بہ لکي ٿو: ”هو (نهالچند) نوجوانن وانگر ڪڙو تڙو يعني نوجوانن وانگر چست هو ۽ پادري پئي لڳو.“ محترم نصير مرزا کي بہ ساڳئي نموني هن جي شخصيت پادريءَ جيان لڳي.

خيمي ۾ شام جي صفحي ٦٧ تي محترم نصير مرزا هڪ گمنام سياح جو سفرنامو ڏنو آهي، جنهن جو هنڌ شهيد آباد ڏيڪاري ٿو. ان جي فوٽ نوٽ ۾ محترم نصير مرزا لکي ٿو: ”هي سفرنامو ڪنهن عزادار سياح جو لکيل آهي. هي سفرنامو اتر سنڌ جي سفر دوران گهڻا گهڻا سال اڳ راقم الحروف کي هڪ اجاڙ ريلوي اسٽيشن جي بينچ تي مليو هو..... راقم (نصير مرزا) کي مطالعي بعد اهو تذڪرو ڇاڪاڻ تہ گهڻو دل گداز لڳو ۽ خاص ڪري عزادار پڙهندڙن جي واسطي ان ۾ ڪافي مواد نظر پئي آيو، ان ڪري مسودي کي ضايع ڪرڻ بدران اهل بيت سان محبت رکندڙن جي مطالعي ۽ ملاحظي لاءِ هتي شايع ڪيو پيو وڃي.“ (مرتب يعني نصير مرزا)

اتر سنڌ ۾ جيڪي اجاڙ، ويران ۽ بيابان جو منظر پيش ڪندڙ ريلوي اسٽيشنون آهن، اتي تہ ٢٤ ڪلاڪن ۾ بہ مس ڪا ريل گاڏي اچي بيهندي آهي. اها ڳالھ مڃڻ جهڙي بہ آهي تہ اهي ڪاغذات (گمنام سياح جي ڊائري) ان اجاڙ ريلوي اسٽيشن تي اصلي ليکڪ ڪان وسري بہ ويا هجن پر ان اجاڙ ريلوي اسٽيشن جو نالو لکڻ ۾ ڪهڙي مصلحت يا قباحت هئي جو نصير مرزا ان ريلوي اسٽيشن جي نالي کي بہ باءِ پاس ڪيو آهي. جڏهن تہ ان سفرنامي ۾ ان خوني سانحي جي ٺيڪ واري تاريخ ۽ ڏينهن بہ ڏنو اٿس (٣

جون ۱۹٦۳ع). ۱۹٦۳ع جا نوجوان، ٻار ۽ ڇوڪرا جيڪي هاڻي ۴۰ ورهين کان مٿي ٽپي هليا آهن، تن سڀني کي خبر آهي ته اهو خونريز سانحو جنهن دهشت ۽ خوف ڦهلائي ڇڏيو هو سو سنڌ جي ڪهڙي شهر ۾ ٿيو هو؟ جو اڄ به راقم الحروف کي ان شهر مان گذرندي ڏاڍي مونجهه ۽ رت جي ڏپ ايندي آهي ۽ بس يا ويگن ۾ سفر ڪرڻ وقت ان شهر مان گذرڻو لازمي هوندو آهي ته دل ۾ چوندو آهيان: اتان نه ڪو لهي ۽ نه ئي چڙهي، جو مٿان ۲ منٽ به بس يا ويگن اتي بيهي! يزيدن جي به کوٽ آهي ڇا؟ يزيد رڳو ان شهر ۾ ڪو نه هئا پر يزيد هر هنڌ پنهنجو روپ مختلف نالن سان مٽايو سڄي پاڪستان ته ڇا پر سڄي دنيا ۾ پنهنجا مڪروهه چهرا ڪنيو، ڊرائيڪولا جيان انساني رت جا پياسا پنهنجي منفي ڪردار سميت عارضي ئي سهي پر جتي ڪٿي سلامت آهن.
منهنجو هڪ هم ڪلاسي يزيد جو ٻيو روپ آهي. منهنجي ان هم ڪلاسيءَ جي شڪل ۽ جسم ۽ رت ۾ يزيد، ابن ملجم، حجاج بن يوسف، هٽلر، مسوليني، ابن زياد ۽ هلاڪو جا سڀئي اوگڻ موجود آهن پر ڪٿي ڪٿي ته انهن سڀني کي به مات ڏئي ويندو آهي. ان گمنام سياح جي ڊائريءَ ۾ ڪتب آندل جملا ۽ ٻولي ۽ خيمي ۾ شام جي لکندڙ (نصير مرزا) جي ٻولي ۾ حيرت انگيز هڪجهڙائي ۽ مماثلت آهي، جيڪا پڙهندڙن کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي. اهو ان لاءِ ته گمنام سياح، اديب به آهي خيرپور شهر ۾ هو ڪنهن ادبي گڏجاڻي ۾ آيل هو. خيمي ۾ شام جي صفحي ۷۳ تي لکيل آهي ”مسافر کي ياد آهي ته هو ڏهن ارڙهن ورهين جي ڄمار ۾ پهريون دفعو ميرن جي اسٽيٽ ۾ ڪنهن ادبي گڏجاڻي جي سلسلي ۾ پنج تن پاڪ چوڪ تي موجود هڪ ايئر ڪنڊيشنڊ هوٽل ۾ پهتو هو ته هن عليڪ سليڪ کان پوءِ اسٽيٽ جي مقامي ماتمدار عزيزم حداد صاحب کي پنهنجو هم مذهب ڄاڻي ان خوني واقعي تان پردو کڻڻ جي وينتي ڪئي هئي. شايد گمنام مسافر جو اشارو خيرپور جي هڪ پروفيسر ۽ اديب حداد صاحب ڏانهن آهي، ڇاڪاڻ ته گمنام مسافر جيڪو اديب پڻ آهي، ان سان ڪچهري به ظاهر آهي ڪنهن اديب ئي ڪئي هوندي!
ڪو به پاڙهو قسم جو ماڻهو يا ڪوئي اديب ۽ شاعر، اڪيلو ئي ڪتاب پڙهندو آهي يا ڪيس ليڪڪ جي همت افزائي ڪرڻ ۽ دل جو بار جهڪو ڪرڻ خاطر ٻين ماڻهن جي ضرورت پوندي آهي؟ اردوءَ جي ڪنهن شاعر چيو آهي: ”غم ڪوئي بوجهه تو نهين جو بانٽ سڪون.“ غمن وانگر ڪتاب به ورهائي سگهبا آهن ڇا؟
مشاهدو ته اهو آهي ته ماڻهو اڪيلائيءَ ۽ نويڪلائيءَ ۾ اطمينان سان ويهي ڪتاب پڙهندا آهن. ائين ته پاڪستان جي پهرئين چونڊيل صدر ۽ وزيراعظم، قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو جي ڪراچيءَ ۾ سنڌس ڪلفٽن واري بنگلي ۾ سنڌس ذاتي لائبرري

۾ بي شمار ڪتاب پيل آهن، جن مان اڪثريت تي پينسل سان حاشيہ ۾ جناب ذوالفقار علي ڀُٽي طرفان اختلافي نوٽ پڻ لڳل آهن ۽ سنڌ جي مشهور ۽ معروف نقاد ذوالفقار راشديءَ جي لائبرري بہ ڏسڻ وٽان آهي. ايئن تہ ڪڏهن ڪونہ ٿيو هو جو مرحوم ذوالفقار راشدي جيڪو گادي نشين يعني هزارين مريدن جو اڳواڻ ۽ روحاني پيشوا هو سو مريدن ۽ احبابن کي کوٽ ڪري پوءِ ڪتاب پڙهندو هو يعني انهن کي بہ شامل ڪندو هو، جڻ ڪو بار ۽ بوجهہ هيو جو هلڪو ڪندو هو. محترم نصير مرزا، شيخ اياز بابت هڪ عجيب و غريب ڳالهہ لکي آهي: ”شيخ اياز ايترا ڪتاب اڪيلي سر پڙهيا آهن“! خيمي ۾ شام جي صفحي ٢١٥ تي محترم نصير مرزا لکي ٿو:

”اياز صاحب اسان کي پنهنجي هڪ مختصر، مستطيل نما اسٽڊي روم ۾ آڻي ويهاري ٿو. اسٽڊي روم جي هڪ سائيڊ سان نيٽ سان واٽيل ڪرسين جو سيٽ، ڪرسين تي آرامده ڪشن رکيل، وچ تي ننڍڙي ٽيبل، ٻي سائيڊ کان آمهون سامهون ڪٻٽ، ڪٻٽ ۾ اندر، مٿان پاسن کان ڪتاب سوڙها سٽيل هڪ ٻئي سان سلهاڙيل، هڪ ٻئي سان قبيل (لڳو هنن ڪتابن کي ڪنهن هٿ جو ڇهاءُ ڏني ورهيہ لنگهي ويا آهن). ڪٻٽن جي مٿان رسالا، اخبارون، ميگزينس جا بنڊل، انهن جي اوچائي ڇت تائين. ابوءِ! اهو سڀ ڪجهہ اياز صاحب اڪيلي سر پڙهيو آهي. اهو سوچي منهنجا هوش خطا ٿا ٿيو وڃن.“

ڏيو منهن؟

عام مشاهدو اهو آهي تہ ڪنهن بہ گهراڻي جا مختلف ماڻهو مختلف جاين تي رهندا آهن، توڙي جو هو پاڻ ۾ ويجها مٽ مائٽ هوندا آهن. ڪن سببن جي ڪري هو هڪٻئي کان گهڻو ٽڪو اڻ لاڳاپيل رهندا آهن، تنهن هوندي بہ ڪين اها خبر پوندي آهي تہ فلاڻا فلاڻا سندن ناتي رشتي ۾، ڏاڏاڻن توڙي ناناڻن جي حوالي سان مائٽ آهن. فرسٽ ڪزن تہ وڏي ڳالهہ آهي، غمي ۽ شاديءَ ۾ اهڙن مٽن مائٽن جو اڪثر ذڪر نڪرندو آهي يا ماءُ ۽ پيءُ ڪڏهن ڪڏهن ڳالهين ڳالهين ۾ ٻڌائي ڇڏيندا آهن تہ فلاڻا اسان جي رت ۾ آهن. محترم نصير مرزا کي پنهنجي فرسٽ ڪزن بابت ڄاڻ ١٩٩٠ع ۾ ملي ٿي! حيرت آهي تہ محترم نصير مرزا کي ڪنهن بہ گهر جي ڀاتيءَ يا مٽ مائٽ اهو ڪو نہ ٻڌايو تہ ادي بي بي سندن ويجهي عزيزه آهي؟ محترم نصير مرزا خيمي ۾ شام جي صفحي ٣٣٠ تي مسز شيرين فيروز نانا رخصت وٺئون ٿا هاڻ، سيني کي سلام ٿيو، جي عنوان هيٺ لکي ٿو: ”٨٠ سالا مسز شيرين فيروز نانا عرف ادي بي بي منهنجي فرسٽ ڪزن ۽ مني ڀيڻ آهي ۽ اها خبر بہ.... گهڻو گهڻو..... گهڻو دير سان پئي هئي مون کي، اٺويهہ سو نوي ۾.... ان جي خبر پلا مون کي پوي ها تہ ڪيئن؟ مان ننڍي نوڙهي جي گهٽين ۾ رلندڙ رف ڪاڳر ۽ هوءَ ڪڏهن لنڊن، ڪڏهن اٽلي، تہ ڪڏهن ڪراچيءَ ۾.“ ايئن تہ

ذوالفقار علي ڀُٽي جي سڳي ڀاءُ سڪندر علي ڀٽي صاحب جي اولاد ٻڙهي خدا بخش ۾ نہ، پر حيدرآباد ۾ رهندي آهي ۽ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ ڪڏهن لندن، ڪڏهن آمريڪا، ڪڏهن دوبئي، تہ ڇا بلاول زرداري کي ۽ فاطمہ ڀٽو کي اها خبر ڪانهي تہ سندن والدين جو سڳو سوٽاڻ حيدرآباد ۾ رهندو آهي؟ محترم نصير مرزا وري ڦيرو ڪائي ٿو ۽ صفحي ٣٣١ تي لکي ٿو: ٺندي نوڙهي ۾ ڪو بزرگ گذر ڪندو هو تہ هوءَ سوسيءَ جو وڏو گهيريدار غرارو پائي الائي ڪٿان ظاهر ٿيندي هئي ۽ بقول امان جي تہ تڏي تان اٿندي مهل چوندي ويندي هئي تہ مرزاڻين تہ ڪاڏيون آهن ڪانگن جو هڏيون ۽ مڙس ماريو پاڻ حيات وينيون آهن. اها منهنجي ان دور جي يادگيري آهي جڏهن مان بنهہ ڪمسن هوس.“ محترم نصير مرزا هڪ هنڌ لکي ٿو: بي بي مسز شيرين فيروز نانا هڪ ويجهي رشتيدار هئڻ واري لاڳاپي سان ڪيس خبر ١٩٩٠ع ۾ پئي، وري اتي جو اتي لکي ٿو تہ سندس امڙ سانئڻ ڪيس ٻڌايو هيو تہ هوءَ غميءَ ۾ سوسيءَ جو وڏو گهيريدار غرارو پائي الائي ڪٿان ظاهر ٿيندي هئي. هتي ڪير پُڇي؟

ذوالفقار راشدي هڪ گهڻ پاسائين شخصيت هو. هو هڪ ئي وقت اديب، ليکڪ، ايڊيٽر، نقاد، شاعر، زميندار ۽ پنهنجي درگاهہ جو سجاده نشين هو. سندس مريدي خادميءَ جو سلسلو سنڌ کان علاوه بلوچستان جي ضلعي سبيءَ تائين ڦهليل هو. مرحوم ذوالفقار راشديءَ سن ٥٠ واري ڏهاڪي جي پوين سالن ۾ لاڙڪاڻي مان هڪ هفتيوار رسالو مذهب انسانيت شايع ڪيو، جيڪو سندس ادارت ۾ نڪرندو هو. ذوالفقار راشدي نوبنو ۽ تندرست جسم جو مالڪ هو پر اوچتو ڪيس ڳلي ۾ تڪليف ٿي پئي. انهيءَ شام جو ٢٥ آگسٽ ١٩٨٦ع تي لاڙڪاڻي جي ريلوي اسٽيشن جي پر ۾ هڪ نئين نهيل خانگي ميڊيڪل سينٽر ۾ داخل ڪيو ويو. رات ٿيڻ سان سندس تڪليف ۾ شدت وڌندي وئي تہ وقتي مسيحائن کي نماڻي نموني ۾ عرض ڪيو ويو تہ جيڪڏهن ڪا خطري جهڙي ڳالهہ آهي تہ راشدي صاحب کي ڪراچيءَ يا پاڪستان جي ڪنهن شهر جي وڏي اسپتال ڪٽي وڃجي. انسانن بجاءِ پئسن سان چاهہ رکندڙ، وقتي مسيحائن فرمايو: نہ! اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي ۽ جيئن تاريخ ٢٦ مان بدلجي ٢٧ آگسٽ ٿي تہ راشدي صاحب اک ٻوٽي ۽ ٢٧ تاريخ شام جو ڪيس پنهنجي هزارين مريدن، احبابن ۽ چند دوستن (چند دوست ان ڪري لکان ٿو تہ ذوالفقار راشدي جي دوستن کي ان ڏينهن اڻ ٽر ڪمن ڪارن کي منهن ڏيڻو هيو ان ڪري اهي ويچارا جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيڻ کان مجبور هئا) جنازي نماز ادا ڪئي. ان رات ريڊيو پاڪستان جي مرڪزي خبرن ۾ ۽ ورندڙ صبح جو سيني انگريزي، اردو ۽ سنڌي اخبارن ۾ راشدي صاحب جي فوت ٿيڻ جون خبرون لڳيون ۽ سنڌ جي گورنر ۽ وزيراعليٰ جا تعزيتي بيان اخبارن ۾ ڇپيا. محترم نصير مرزا

پنهنجي ڪتاب جي صفحي ۴۷۳ تي ذوالفقار راشديءَ ڪي سنڌ جي ڀهڳڻ ليکڪا مانواري ماهتاب محبوب جي سٽيزن ڪالونيءَ واري سندس بنگلي ۾ ماسٽر چندر جي سالگره واري تقريب ۾ زنده ۽ تاڙيون وڄائيندي ڏيکاري ٿو. واقعي ڪنهن جو ڪرشمہ ساز قلم ڪهڙا نہ ڪرشما ڏيکاري سگهي ٿو. محترم نصير مرزا خيمي ۾ شام ۾ مذڪوره صفحي تي لکي ٿو:

”خير..... مون چوڻ پئي چاهيو تہ ۱۵ جون ۱۹۹۰ع تي، سٽيزن ڪالوني ۾ تيل سرڳواسي ماسٽر چندر جي سالگرهہ ملهائڻ واري ڏينهن تي بهشت نما گهر جي ڪشادي ڊرائنگ روم ۾ قمر سومرو تيز لئي تي ڪوئي خوشي ڀريو ڪلام ڳائي رهيو هو ۽ حميد سنڌي، ادا محبوب شيخ، سائين نثار حسيني ۽ مان دائرو ناهي جهمريون هٽي ڦري رهيا هئاسين. سائين محمد ابراهيم جويو، ذوالفقار راشدي صاحب، سائين ولي رام وليپ ۽ دادي ليلان تاڙين جي تال ڏئي جڻ اسان کي اتساهي چئي رهيا هئا: ”نچ نچ ناچو، مهل اها تي نچڻ جي“.

مانواري ماهتاب محبوب تہ اهو سيٽيزن ڪالوني وارو بنگلو ۱۹۸۸ع ۾ نهرايو ۽ ان کان اڳ ۾ هوءَ لطيف آباد نمبر ٦ ۾ رهندي هئي ۽ اها محفل جي تاريخ ۽ سن ۱۵ جون ۱۹۹۰ع آهي تہ ائين ڪهڙي ريت ۽ ڪيئن ممڪن آهي تہ مرحوم ذوالفقار راشدي صاحب، ان ڏينهن، تاريخ ۽ سن ۾ حيدرآباد ۾ شرڪت ڪئي؟ جڏهن تہ سندس حياتي جي گل ٽيڻ جي تاريخ ۲٦ آگسٽ ۱۹۸٦ع آهي!

سنڌ جا راشدي برادران ڪنهن بہ رسمي تعارف جي ضرورت نہ تا رکن. پير علي محمد راشدي، سنڌ جو هڪ متنازعہ ڪردار هو ۽ ان سان گڏ هڪ سنو اديب ۽ اعليٰ درجي جو نثرنگار پڻ هيو. ان کي چڏي، سندس ننڍي ڀاءُ پير حسام الدين راشدي تہ علم جو درياءُ هو، ان ڪهڙا ڪوڙ هنيا ها يا ڪهڙن نقادن پير حسام الدين جا ڪوڙ پڪڙيا هئا؟ ان لاءِ صفحو ۲۲۷ شاهد آهي، جنهن ۾ محترم نصير مرزا سنڌ جي مشهور ۽ مانائتي ليکڪ محترم مراد علي مرزا کان انٽرويو ڪندي سوال پڇيو: ”يلا سنڌ جي ڏيڍ سؤ سالا نثري ادب ۾ صاحب اسلوب نثر نگار اوهان جي نظر ۾ ڪير؟ پهرين تہ راشدي برادران ..... ۽ ڇا تہ بلا جا نثرنگار هئا، اهي يائر ڪوڙ کي سچ ڪن يا سچ کي ڪوڙ، نثر ۾ ڪرشما ڏيکارڻ جا تہ اصل ماهر هئا.“

پير حسام الدين ڪهڙي سچ کي ڪوڙ ڪري ثابت ڪيو هو يا ڪهڙي ڪوڙ کي سچ ڪري ڪو ڪرشمو ڏيکاريو هئائين؟

انهن سيني ڳالهين جي باوجود ايترو ضرور چئبو تہ اسان جي جديد اديبن ۾ محترم نصير مرزا جهڙو عمدو نثر شايد ئي ڪو لکندو هجي. ڪراچي بنواس وارا صفحا بيحد

وٽندڙ آهن. خيمي ۾ شام ۾ جتي شيخ اياز، بردي، نارائڻ شيام جو ذڪر موجود آهي، اتي سنڌ جي عڪاس شاعر استاد بخاري جو نالي ماتر به ذڪر نه ڪرڻ ڪتڪي ٿو ۽ ڪتاب جي آخر ۾ سيلف پورٽريٽ ٻئي جي آخر ۾ اردوءَ جي نقاد پروفيسر وقار عظيم جي ڏنل جملي "مان تنقيد ۾ شرافت جو قائل آهيان" تي، مان نصير مرزا کي مٿس عمل ڪرڻ جي دعا ڪريان ٿو.

ڊاڪٽر مبارڪ: حقيقت يا فسانو؟

دنيا جي مختلف ٻولين ۾ سڀ کان اهم ۽ دلچسپ صنف، آتم ڪٿا جي رهي آهي. ان ڏس ۾ روسو جو ”اعتراف“ وڏي جاءِ والاري ٿو. ”آتم ڪٿا“ ۾ وڌيڪ دلچسپيءَ جو ڪارڻ، اها ڳالهه به ٿي سگهي ٿي ته لکڻ وارو پنهنجيون يادگيريون لکي ٿو، جيڪي شخصي وڌيڪ هونديون آهن. ٻيو ته اهڙين لکڻين ۾ مبالغي جو عنصر جهجهو هوندو آهي، جيڪو قارئين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندو آهي.

اردوءَ جي ليکڪ ممتاز مفتي پنهنجي جيون آکاڻي ”الکهه نگريءَ“ ۾ ڄاڻايو آهي: ”اڪثر آتم ڪٿائون اهو ميرو ڪپڙو هونديون آهن، جن کي ليکڪ ڌوئي پوئي اڇو اجرو ڪري ڪلف لڳائي، استري ڪري پيش ڪندو آهي.“ مشفق خواجه، يونس احمر جي آتم ڪٿا ”ماضيءَ جي تعاقب ۾“ ۾ لکيو آهي: ”آتم ڪٿا ۾ ڪوڙ ۽ ڙٽ هڻڻ جي وڏي گنجائش هوندي آهي. لکندڙ پاڻ کي هيرو ۽ پنهنجي اڻ وڻندڙ ڪردارن کي وِلين طور پيش ڪرڻ جي جاکوڙ ڪندو آهي.“

اهڙيءَ ريت، ڊاڪٽر مبارڪ علي صاحب پنهنجي آتم ڪٿا ”در در نوڪر ڪائي“ ۾ به پاڻ کي هيرو، وڏو عالم، تاريخدان، اردو ڳالهائيندڙ، ويچارو، مهاجر، بي ضرر ۽ معصوم شخص طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ سان واڳيل ڪردارن جو ذڪر ڪندي ساڳين حالتن ۾ رهندي به اردو ۽ سنڌي ماڻهن ۾ ويڇا رکي ويو آهي. سنڌي عالمن ۽ اديبن کي لوڻو اتس ۽ اردو ڳالهائيندڙن جون ڪوتاهيون لنوائي سندن واکاڻ ڪري ويو آهي. مرزا عابد عباس جيڪو ڪنهن زماني ۾ سٽي ڪاليج جو پرنسپال هو ۽ پوءِ انٽر بورڊ جو سيڪريٽري ٿيو، بدعنوانين هيٺ حڪومت ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. ڊاڪٽر صاحب انهيءَ ڪري ان جي هڪ-پاسائين واکاڻ ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته هن جا ڪيترا پٽ، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا سان واڳيل آهن، جيڪي مبارڪ صاحب لاءِ چير چاڻ آهن.

ڊاڪٽر مبارڪ صاحب پنهنجي آتم ڪٿا ۾ اورينٽل ڪاليج جي غير تڪراري عالم ۽ معلم مخدوم امير احمد، پروفيسر غلام مصطفیٰ شاهه، جسٽس (رٽائرڊ) حسن علي عبدالرحمان ۽ ذوالفقار علي ڀُٽي کي پنهنجي ڪٽرپڻي جو نشانو بڻايو آهي ۽ شيخ اياز تي به چوهه چنڊيا اٿائين.

مخدوم امير احمد صاحب بابت لکي ٿو:

”مخدوم امير احمد کي پاس کوئي ڈگري يا سرٽيفڪيٽ نہ ٿا، اس کي باوجود وہ خود کو فاضل الحرمين کهتي ٿي. چلتي فرتي پرزي ٿي. يہ وہ زمانہ ٿا، جب آمريڪا سي خشڪ دودہ اور گهي کي ڈبي اسڪولون کي ليئي آتي ٿي... جو بچتي ٿي وہ اسڪول کي هيڊ ماسٽر صاحب حلوائيون کي هاٿ فروخت کرتي ٿي، **شايد** يهي مخدوم صاحب ڀي کرتي هون گي.“

تاريخدان ۽ اڻ ڏريا ماڻهو، اگر مگر، چونڪ، چناچ ۽ شايد جهڙن مبهم لفظن جو سهارو ڪونہ وٺندا آهن، پر هو سچا، پڪا، نوس ۽ تز دليل ڏيندا آهن تہ جيئن ڪنهن بہ قسم جي شڪ ۽ شبهي جي گنجائش نہ رهي ۽ ڊاڪٽر مبارڪ وانگر نہ تہ ”شايد مخدوم امير احمد بہ ايئن ڪندو هوندو.“ يعني سڪل ڪير ۽ آمريڪي براند ڪوپرو ڪٽي وجي دڪاندارن وٽ وڪڻندو هو. ڊاڪٽر مبارڪ هڪ اردو اسڪول جي هيڊ ماسٽر تي بہ اهڙو الزام لڳايو آهي، پر نالو ظاهر نہ ڪيو اٿس.

ڊاڪٽر مبارڪ ٽونڪ مان اچي تاريخدان تہ ٿيو، پر هتي جي ڪلچر جو شايد ادراڪ ڪري نہ سگهيو، جو غلام مصطفىٰ شاهہ جي شهپرن تي بہ ڪاوڙ ڪيدي اٿائين.

”جب ان (غلام مصطفىٰ شاهہ) کي سامني پيش هوئي. مين ني ديکها بڙي مونڇهون والي شخصيت ميري سامني هي. يہ وي سي سي مجهي ”ٿانيدار“ لگي. مين ني ڈرتي ڈرتي عرض کيا کہ اچا ميرا پروينڊنٽ فنڊ سي ميرا حصا دين، تاڪ اس سي سفر کي اخراجات نڪلين تو کها کہ سارا نهين ملي گا. اس مين سي صرف ٨٧ فيصد ملي گا.“

ڊاڪٽر مبارڪ علي کي پروفيسر غلام مصطفىٰ شاهہ تہ صوبيدار لڳو، پر حيدرآباد دڪن مان آيل ڊاڪٽر محي الدين صديقي جيڪو ڊاڪٽر مبارڪ علي جي نوڪري واري عرصي دوران سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هيو، جيڪو بقول ڊاڪٽر مبارڪ علي جي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي ليڪچرارن کي ٻن آڱرين وارو اڌوگابرو هٿ ڏيڻ بہ عار سمجهندو هيو، سو ڪيس ”صوبيدار“ نہ لڳو. آڱرين سان صرف آڱريون ملائڻ وارو هٿ تہ عام ماڻهوءَ کي صوبيدار، وڏيرا ۽ بيوروڪريٽ ئي ڏيندا آهن!

غلام مصطفىٰ شاهہ بابت صفحي نمبر ١٢٢ تي لکي ٿو:

”سنڌ يونيورسٽي کا ڪيمپس جس انداز سي بنايا گيا هي، وہ ڀي اپني طرز کا ايڪ ڪارنامہ هي. آرٽس فيڪلٽي سي ايڊمنسٽريشن کي عمارت تڪ پيدل جاني کي ليئي بيس منٽ چاهئين. يہ فاصلہ ويراني سي هوڪر طي هوتا هي. يہ ڪارنامہ ڀي غلام مصطفىٰ شاهہ کا هي، اس کا مقصد يہ ٿا کہ اساتذہ و طلبہ کو ايڪ دوسري سي دور رکهو.“

هاڻي سائين ڏيو منهن؟

هر سرڪاري عمارت نقشي موجب نهندي آهي. ايئن سنڌ يونيورسٽي به سرڪاري منظوريءَ سان نقشي موجب نهي، جنهن ۾ ايڊمنسٽريشن بلاڪ جو حصو آرٽس فيڪلٽي کان الڳ ۽ جدا نهيو ته ان ۾ غلام مصطفيٰ شاهه جو ڪهڙو ڏوهه؟ سنڌ يونيورسٽي غلام مصطفيٰ شاهه جي اوطاق يا بنگلو ته ڪونه هئي، جنهن کي غلام مصطفيٰ شاهه ور وڪڙ ڏئي پنهنجي مرضيءَ مطابق نهرائي ها. دنيا جي اڪثر يونيورسٽين جون عمارتون اهڙيءَ طرح نهيل هونديون آهن ته جيئن انتظاميه ۽ تدريس واريون عمارتون/ جايون هڪ ٻئي کان الڳ هجن، جيئن هڪ ٻئي تي اثر انداز نه ٿين.
ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ غلام مصطفيٰ شاهه جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:
”جب غلام مصطفيٰ شاهه وائيس چانسلر هو ڪر آئي تو انهون ني آتي هوئي يه ڪام ڪيا ڪه يونيورسٽي اولڊ ڪيمپس ڪو راتون رات خالي ڪرڪي نيو ڪيمپس لي گئي.“
اهو به ڏوهه غلام مصطفيٰ شاهه جو ته ڄامشوري ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي نئين نهيل عمارت ۾ ڪلاسز چو هلرايا ويا. شايد ڊاڪٽر مبارڪ صاحب جو مقصد اهو هيو ته نئين نهيل عمارت ويران پئي هجي ها ۽ پلي چور اچي در دروازا ڪڍي/ پٽي وڃن ها.
مٿين ڳالهين لکڻ جو مقصد، ڊاڪٽر مبارڪ علي جو ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي/ نظر نه ٿو اچي ته: سنڌي وائيس چانسلر ايترا تعصبي هيا جو ويچارن مهاجرن کي انهن جو جائز حق به نه ڏيندا هيا ۽ نه وري ڪين اها خبر هئي ته يونيورسٽيءَ جي عمارت ڪيئن نهندي آهي يا يونيورسٽي جو نظام ڪيئن رکبو ۽ هلائبو آهي؟ سندس واضح مقصد: اهو بانور ڪرائڻ آهي ته ڪيئن نه نااهل سنڌي ماڻهو خوامخواهه ڪرسيون سيڙايو وينا هيا/ آهن. (هاءِ ڙي سنڌي قوم تنهنجي قسمت! جو تنهن جي مٽيءَ مان جڙيل هيرن ۽ جواهرن کي به ٻي ملهه پٽر ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو.)
پنجاب يونيورسٽي لاهور جي شعبي تاريخ جو چيئرمين پروفيسر محمد اسلم، انڊيا جي تعليمي سفر جي روئيداد ”سفرنامه هند“ ۾ لکي ٿو: ”شعبه فلاسافيءَ کان شعبه تاريخ ڏانهن وڃڻ لاءِ به ڪار تي وڃڻو پيو.“ هاڻي پڙهندڙ خود اندازو لڳائن ته پنجاب يونيورسٽي چندي ڳڙهه جا تعليمي شعبا هڪ ٻئي کان ڪيترو پرتي آهن. ساڳيو حال ٻين ملڪن جي يونيورسٽين جو به آهي.
ڊاڪٽر مبارڪ علي کي اها به ڪاوڙ آهي ته سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد شهر مان ڄامشوري چو منتقل ڪئي وئي.
ڊاڪٽر پاڻ تاريخ جو پروفيسر آهي، ڪيس يقينًا اها ڄاڻ هوندي ته ورهاڱي کان اڳ ۾ جڏهن سنڌ ۾ ڪابه يونيورسٽي ڪا نه هئي، تڏهن ۱۹۴۰ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ، سنڌ

يونيورسٽيءَ جو بل پاس ڪيو ۽ ان بل جو محرڪ ان زماني ۾، سنڌ جو وزير تعليم سائين جي ايم سيد هيو. سنڌ يونيورسٽيءَ ڪي پوءِ جڏهن ڪراچيءَ مان تپڙ ڪٽايا ويا ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ حيدرآباد ۾ ڪابہ جاءِ خالي نہ هئي، تڏهن حيدرآباد جي هندو عاملن جي چڏيل اسڪول نووديالا (علم جو مرڪز) ۾ عارضي طور سنڌ يونيورسٽي قائم ڪئي وئي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي مستقل طور تي ڄامشوري ۾ ناهڻ جو فيصلو، سنڌ يونيورسٽيءَ جي پهرئين وائيس چانسلر اي بي حليم جي ڏينهن ۾ ٿيو، جنهن جو تعلق صوبي بهار، انڊيا سان هيو. اي بي حليم، سنڌ جي هڪ وزير تعليم ۽ بعد ۾ بٽيل وزيراعلیٰ پير الاهي بخش جو استاد رهي چڪو هيو. ان ڪري پير الاهي بخش وڏو زور ڏئي، اي بي حليم کي انڊيا مان خاص طور تي گهرائي، سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪرائي، ساڻس پنهنجا تر سنوان ڪيا هيا.

خود ڪراچي يونيورسٽي، شهر کان ايترو پري هئي جو روزاني اخبار ”جنگ“ ڪراچي ۾ هر هفتي ڪراچي يونيورسٽيءَ بابت ڪالم لڳندو/ شايع ٿيندو هو ”شهر سي بارھ ميل پري.“ ان زماني ۾ شاھ لطيف يونيورسٽيءَ جو نانءُ نشان ڪاغذن ۾ بہ موجود ڪونہ هيو، تہ ڇا سڄي سنڌ جا شاگرد/ شاگردياڻيون ان حيدرآباد واري نووديالا (موجوده اولڊ ڪئمپس) ۾ ماپن ها؟

ڊاڪٽر مبارڪ علي سنڌ جي ذهن (Talent) کان ايڏو خائف/ چڙيل آهي يا نفسياتي طور تي ايڏو مرعوب آهي يا سنڌين جي علمي ڄاڻ، هاڪ ۽ ڌاڪ سندس دل تي تور ڪري بيني آهي، جو پنهنجي آتم ڪهاڻي کان سواءِ، جڏهن ڪو ڪتاب لکي ٿو، تڏهن سندس دل/اندر ۾ ڄائو مائو ذهين سنڌين جي خلاف جيڪو اوبر آهي، سو ڏاڍي اٽڪل بازي سان پنن تي منتقل ڪري ٿو. سندس هڪ ڪتاب جو نالو ”تاريخ اور دانشور“ آهي. ان ڪتاب ۾ سنڌ جي هڪ مايہ ناز مورخ ۽ دانشور پير حسام الدين شاھ راشديءَ تي نالي وٺڻ کان سواءِ جلھ ڪئي اٿائين. لکي ٿو: ”هڪڙو دانشور، جيڪو انڊيا مان لڏي آيل اسڪالرز جي مالي پريشانين جو ناجائز فائدو وٺي ڏوڪڙن عيوض ڪائڻ ڪتاب لکرائي پنهنجي نالي ۾ شايع ڪرائيندو هو؟“

ڊاڪٽر مبارڪ لکي ٿو:

”تقسيم هند کي بعد بهت سي عربي و فارسي کي اسڪالرز هجرت کر کي پاکستان آئي اور يهان آکر ان کو مالي پريشانيون کا سامنا کرنا پڑا. ان حالات سي فائده اٹھا کر سنڌ کي ايک مشهور **دانشور** ني، جنهين حکومت ايران و پاکستان سي تمغي اور انعامات بهي ملي، ان لوگون سي معاوضہ پر کام کرا کي اپني نام سي چهپوايا اور مشهور محقق اور دانشور هوگئي.“

ڊاڪٽر صاحب جي ايڏي وڏي زٽ ۽ الزام جي جواب ۾ اردو جي مشهور اديب مشفق خواجه پنهنجي قلمي نالي ”خامہ بگوش“ سان هڪ ڪالم لکيو، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿائين تہ پير صاحب جي علمي و تحقيقي معيار جي بلنديءَ جي شاهدي هندستان جي هڪ وڏي معروف عالم صلاح الدين عبدالرحمان بہ ڏني آهي ۽ هن جي علمي ۽ تحقيقي ڪم بابت ساراهہ جا ڍڪ پريا اٿائين. ان ڪان سواءِ مولانا شبلي ۽ مولانا سيد سلمان ندوي جيڪي مستند علم جا وارث آهن، تن پڻ هندستان ۾ ويهي پير حسام الدين شاهہ راشديءَ جي علمي ڪمن تي ڪتاب لکيو آهي، جيڪو هندستان ۾ شايع بہ ٿي چڪو آهي. مشفق خواجه پنهنجي ڪالم ۾ ڊاڪٽر مبارڪ کي صلاح ڏيندي لکيو آهي تہ هاڻي ڊاڪٽر مبارڪ علي کي هڪڙو بيو ڪتاب ”مورخ اور افواهين“ بہ لکڻ کپي، جنهن ۾ اهو لکي تہ مورخ افواهہ ڪيئن هلائيندا/اڏائيندا آهن ۽ اهڙي ڪتاب لکڻ لاءِ ڊاڪٽر مبارڪ علي کي ٻين ڪتابن جي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ ورق گردانيءَ جي بہ گهرج ڪانہ پوندي، ڇاڪاڻ تہ ڊاڪٽر مبارڪ علي جي پنهنجن ڪتابن ۾ ڪوڙ ساترو مواد اڳ ۾ ئي موجود آهي.

انڊيا ۽ پاڪستان جا تاريخدان ۽ تحقيقي عالم، پير حسام الدين راشدي جي تعريف ڪندي لکن/چون تہ هو سند جو درجو رکي ٿو، پر هيڏانهن اسان جو عالم ۽ محقق هجڻ جي دعوىٰ ڪندڙ مخصوص سوچ ۽ ذهن وارو علامہ ڊاڪٽر مبارڪ علي آهي، جيڪو سنڌ ۽ سنڌين جي علمي ڪارنامن ۽ هاڪ وارين شخصيتن ڪان نابري واريو ويٺو آهي ۽ فخر سان/وڏي دعوىٰ سان لکي ٿو: ”ڇا جا سنڌي دانشور، اديب ۽ شاعر؟ ڪهڙا سنڌ جا عالم؟ اهي جيڪي پراوا لکيل ڪتاب پنهنجي نالن ۾ شايع ڪرائيندي پاڻ کي عالمن ۽ دانشورن جي صفن ۾ بيهاريندا آهن؟“

مشفق خواجہ ڪيڏو نہ صحيح لکيو آهي: ”ڊاڪٽر صاحب هڪڙي مهرباني ٻي بہ ڪري ها تہ گهٽ ۾ گهٽ انڊيا مان لڏي/ڏڪجي آيل انهن علم جي اڪابرن/ عالمن/ دانشورن ۽ اسڪالرز جا نالا بہ ڄاڻائي ها، جن ڪان پير صاحب ڏوڪڙن عيوض ڪتاب لکرايا يا انهن اسڪالرز جا هٿي يا هُٽي ڇپيل ڪتابن جا نالا ئي ڄاڻائي ها تہ هوند سندس دعوىٰ جو دليل ملي وڃي ها!“

مشفق خواجه جي صلاح/راءِ سان متفق ٿيندي ڊاڪٽر مبارڪ علي کي صلاح تہ نہ، پر هڪڙي گذارش ڪندم تہ ڊاڪٽر صاحب کي هڪ ٻيو ڪتاب ”مورخ اور الزام“ جي نالي ۾ لکڻ کپي، جنهن ۾ وضاحت ڪري تہ متعصب مورخ جڏهن پنهنجيءَ تي ايندا آهن تڏهن ڌُر پير ٻڌجي، محسن قوم جي ماٿهن تي ڪيئن الزامن جا ڌوڙيا وسائيندا آهن؟

ڊاڪٽر مبارڪ علي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان جي لاءِ لکي ٿو تہ: ان جي دور ۾ مون کي اسپين جو وظيفو مليو پر حسن علي عبدالرحمان منهنجي موڪل جي منظوري نہ ڏني. سوال آهي تہ اهي ڪهڙا سبب هيا، جن جي ڪري حسن علي عبدالرحمان سنڌس موڪل منظور نہ ڪئي؟ يا هروڀرو حسن علي عبدالرحمان تي الزام هنيو اٿس! هر دفعي جيان اها ڪوشش ڪئي اٿس تہ سنڌي وي سي تعصب وارا هيا.

ڊاڪٽر مبارڪ علي پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ پهريائين انگلينڊ ۽ پوءِ جرمني ويو ۽ جيڪا اسٽيڊيز ليوِ ورتي هئائين، ان کان وڌيڪ عرصو پنهنجي مفاد (پي ايچ ڊي جي ڊگريءَ جو ونڻ) لاءِ پنهنجي مرضيءَ سان جرمنيءَ ۾ رهي پيو. ان ۾ ٻئي ڪنهن جو ڪهڙو قصور؟ جڏهن لکڻ تي آيو تہ پنهنجي ان قصور کي بہ شيخ اياز جي کاتي ۾ لکي ڇڏيائين. وري ان ڳالهہ تي اڻ سڌيءَ طرح ڳنڍ ٻڌي اٿس تہ شيخ اياز کيس اردو ڳالهائيندڙ مهاجر ليڪچرار سمجهي سنڌس موڪل منظور نہ ڪئي.

ڊاڪٽر مبارڪ علي کي پنهنجي ورتل موڪل واري عرصي جي خبر هئي تہ پوءِ سرڪاري ملازم جي حيثيت سان سنڌس فرض پئي بڻيو تہ هو قانون مطابق هتي موٽي اچي ها ۽ وڌيڪ گهربل موڪل منظور ڪرائي واپس هليو وڃي ها. ڊاڪٽر مبارڪ علي، سنڌ يونيورسٽيءَ کي بہ ٿهلي رام جو دوڪان سمجهيو تہ نهيو واٽيو چا ڪندو، پاڻهي ساڻس حساب ڪتاب ڪري ونبو. حقيقت اها آهي تہ شيخ اياز تي ڊاڪٽر مبارڪ علي اهو الزام هنيو آهي تہ هن کيس اردو ڳالهائيندڙ مهاجر سمجهي زيادتي ڪئي. حالانڪ شيخ اياز جو پهريون شعري مجموعو ”بوئي گل نالهٔ دل“ اردو ۾ هو ۽ جنهن سگهر ۾ اردوءَ جي آبياري ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

ڊاڪٽر مبارڪ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾، پنهنجي گهڻ-گهريي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبہ فلاسافيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر عطاءُ الرحيم جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: شيخ اياز جي ڊپ ۽ خوف کان ٻيا ليڪچرار ساڻس ملڻ کان ڪَوَ ڪائيندا هيا. تڏهن هو ڊاڪٽر عطاءُ الرحيم وٽ شعبي فلاسافيءَ ۾ وڃي ويهندو هيو. پروفيسر ڊاڪٽر عطاءُ الرحيم اصل ۾ هندستان جي سي پي صوبي ۽ هاڻوڪي مڌيہ پرديش جي شهر ناڳپور جو رهواسي هو ۽ حيدرآباد مان نڪرندڙ اردو رسالي ”نئين قدرين“ ۾ مضمون لکندو هيو. ١٩٨١ع جي انين شماري ۾ ڊاڪٽر مبارڪ علي جي دوست پروفيسر عطا جو هڪ مضمون سنڌس دوست ۽ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ۽ اردو ڳالهائيندڙ خان رشيد جي ياد ۾ شايع ٿيو، جيڪو مواد جي لحاظ کان شيخ اياز جي حمايت ۽ ڊاڪٽر مبارڪ علي جي شيخ اياز تي ڪيل حملي/ الزام جي ترديد ڪري ٿو.

ڊاڪٽر عطاءُ الرحيم لکي ٿو:
”سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر خان رشيد تي ڪراچيءَ ۾ فالج جو حملو ٿيو ته ڪيس لياقت نيشنل اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي هو مهينن جا مهينا داخل رهيو. جيئن اها خبر سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر شيخ اياز کي پئي ته، هن نه رڳو ڊاڪٽر خان جي موڪل منظور ڪئي، پر سندس پگهارون به گهر ويٺي ڏياري موڪليون.“
ڊاڪٽر مبارڪ علي، دعا ڪري ميرپور خاص واري پير آفتاب حسين شاهه جيلانيءَ کي جنهن شيخ اياز کي فون تي ڊاڪٽر صاحب جي پارت ڪندي ڪيس ٻيهر نوڪريءَ تي بحال ڪرايو، پر ڊاڪٽر مبارڪ علي پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ پير آفتاب حسين شاهه کي چڱائيءَ جو بدلو ڏيندي لکي ٿو. ”وزير صاحب جي آفيس ۾ ٥٠ کن ماڻهو ڪيس وڪوڙيون بيٺا هئا، انهن مان ڪي ميڊيڪل ڪاليج ۽ ڪي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ جا خواهشمند هيا ۽ ڪن کي نوڪريءَ جي گهرج هئي. خبر ناهي ته ڪنهن جو ڪم به ٿيندو هيو الائي نه؟“
علامه مبارڪ کي اها ڄاڻ ئي ناهي ته، ميڊيڪل يا انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ڏيڻ جو مجاز تعليم کاتي جو وزير نه، پر وزير اعلىٰ ۽ گورنر هوندو آهي.
مبارڪ جي ڪتاب مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيس پنهنجي ٻولي ڳالهائيندڙن جي لاءِ دل ۾ نرم گوشو موجود آهي، نه ته پلا ڪهڙو سبب آهي جو سيئي ڳُتا لفظ، سنڌين جي ڳلي ۾ هار ناهي وڌا اٿائين. پاڻ به ان ڳالهه جو اعتراف ڪندي لکي ٿو:
”ڪيي ڪيي انسان ذاتي طور پر فرقيوارانه صورتحال سي اس قدر متاثر هوتا هي ڪه وه اس ڪا حصا بن جاتا هي اور اس ڪا اسي نقطه نظر سي جذباتي تعلق بن جاتا هي.“
ڪڏهن ڪڏهن سچ زبان تي اچي ئي ويندو آهي.

”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ ٿنبيل
ڪمزور ۽ اڻ پُورا ڪردار

”سنڌ جي ادبي تاريخ“ نالي وارو ڪتاب، خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ پنهنجي نالي پائي ۽ سندس دور جي هڪ وڏي اديب ۽ شاعر محمد صديق مسافر جي مدد سان ١٩٣٧ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو. هن ڪتاب جي پهرين اشاعت، ٻي جنگ عظيم جي ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ختم ٿي وئي. ١٩٥٤ع تائين هن ڪتاب جو ٻيو ۽ ٽيون ڇاپو پڌرو ٿيو، جنهن جو ذڪر ڪتاب جي لائق مصنف خانبهادر محمد صديق ميمڻ هن طرح ڪيو هو:
”ٽيون ڇاپو ١٩٥٤ع، ادبي تاريخ جي پهرين اشاعت ١٩٤٤ع ۾ ختم ٿي. ستن سالن جي اندر پهرين ۽ ٻي اشاعت ختم ٿي.“ ساڳئي ڪتاب جو سال ٢٠٠٢ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان جيڪو ڇاپو آيو، ان ۾ سنڌالاجيءَ وارن ڪتاب جو چوٿون ڇاپو لکيو. عجب جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي هن ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ کي مهراڻ اڪيڊميءَ شڪارپور طرفان، سن ٢٠٠٣ع ۾ نئين سر سنواري سينگاري شايع ڪري ڪتاب جو ٽيون ڇاپو قرار ڏنو ويو آهي! جڏهن ته ١٩٦٨ع واري سال ۾ ان ڪتاب جو چوٿون ڇاپو[1] به ڇپجي چڪو آهي.
نئين سر سنوارڻ ۽ سينگارڻ مان منهنجو مطلب آهي ته ڪتاب جي ٽائيٽل پيج تي اصلي مصنف خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي نالي سان گڏ واڌارو ڪندي، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري جو اسم گرامي به لکيل آهي ۽ سندس نالي سان گڏ **واڌارا** جو لفظ ڏنو ويو آهي. حيرت جهڙي ڳالهه هيءَ به آهي ته جڏهن خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي حياتيءَ واري دور ۾ (١٩٥٤ع) ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ جو ٽيون ايڊيشن به شايع ٿي چڪو هو، ته پوءِ اڌ صدي جو هيڏو عرصو گذري وڃڻ کان پوءِ به هي ٽيون ايڊيشن ڪيئن ٿيو؟
ڪتاب جي ٽائيٽل تي واڌاري طور ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري جو نالو لکيو ويو آهي. جڏهن ته ٽائيٽل کان اندرئين يعني پهرين صفحي تي عبدالجبار عابد لغاري جو نالو الائي ڇو غائب آهي؟ جيڪڏهن واڌارو نالو ڪتاب جي ٽائيٽل تي آهي ته پوءِ اندرئين صفحي تي به هجڻ گهربو هو. ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري ڪجهه **ضميمي** (واڌارو) بابت جي عنوان هيٺ لکي ٿو: ”ڪجهه **محروم** مگر معروف اديبن ۽ شاعرن جي **ذاتي**

[1] آر ايڇ احمد حيدرآباد طرفان نائون. وهاب سهتو

معلومات ۽ سندن تخليقات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.“ خبر ناهي ته ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ ڪي سائين جي ايم سيد ڪان وٺي استاد بخاري تائين مشهور ۽ معروف ماڻهو الائي ڇا ۾ **محروم** نظر آيا؟ جيڪڏهن لفظ **مرحوم** ڪي پريس ۽ پروف جي چڪ سمجهي ڇئون ته اهو لفظ **محروم** نه، پر **مرحوم** آهي ته پوءِ به حيرانگي ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته سائين جي ايم سيد، پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي، الله بخش نظاماڻي، شام جئسنگهاڻي، موج لغاري، محمد اسماعيل فدا عرساڻي، غلام اصغر ونڊير، محمد عثمان ڏيپلائي، رئيس ضياءَ الدين بلبل، قاضي عبدالمجيد عابد، محمد حسن ترڪ، پروفيسر غلام حسين جلباڻي، پروفيسر علي نواز جتوئي، ڪريم بخش ڇنا، غلام رضا پٽو، ٻيڙو فقير ڪنيار، محمد بخش جوهر، استاد بخاري، زيب عاقلي، ڊاڪٽر اياز قادري، انور هالائي، پروفيسر محمد اڪرم انصاري، علي محمد راهو، ڊاڪٽر سيد اسد الله شاه بيخود حسيني، جمال الدين مومن، زيب پٽي، م-ن محزون، جهڙن نامور، اديبن، عالمن ۽ شاعرن جي نالي جي سامهون سندن وفات جي تاريخ لکيل ئي ڪانهي ۽ اهڙن اديبن ۽ شاعرن جو تعداد به ٨٠ کن آهي. ان حالت ۾ هڪ پڙهندڙ اهڙن ٨٠ کن عالمن، اديبن ۽ شاعرن کي ڇا سمجهي؟ حال حيات ۽ زنده؟ هي سڀ عالم، اديب ۽ شاعر تازو گذري ويل ٢٠ صديءَ جي پيداوار هئا ۽ ڪين لاڏاڻو ڪئي به ڪي صديون ته ڪونه گذريون آهن، جو سندن وفات جي تاريخ ته ڇاپر سال به ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري جهڙي عالم ۽ اديب کي خبر ڪانهي؟ جڏهن ته مذڪوره عالمن ۽ اديبن مان ڪوڙ اهڙا به آهن، جن جون ورسيون هر سال وڏي ڌوم ڌام سان سنڌ ۾ ملهايون پيون وڃن! مثال طور سائين جي ايم سيد ۽ استاد بخاري.

محترم ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري **ضميمي** جي شروعات ۾، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي ته ڪجهه معروف اديبن ۽ شاعرن بابت ذاتي معلومات جو ذڪر ڪيو آهي. ذاتي معلومات جي ذڪر جو عالم هيءُ آهي ته ڪن اديبن ۽ شاعرن جو سالِ ولادت غلط لکيو ويو آهي. مثال طور: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ ڪجهه عالمن ۽ جن شاعرن جي وفات جو سال غلط لکيو ويو آهي، تن ۾ مخدوم طالب المولىٰ ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي شامل آهن. سنڌ جي قلمڪار مولانا حاجي احمد ملاح کي ڪير نه سڃاڻي؟ پر نه ان جي ڄم جو سال، نه وفات جو؟!

لاڙڪاڻي جي بهترين غزل گو شاعر نواز علي نياز جعفري، جنهن جي موت پير حسام الدين راشديءَ ڪان ”هو ڏوٿي، هو ڏينهن“ جهڙو شاهڪار ڪتاب لکرايو، اهڙي نامور شاعر جو نالو به غلط لکيو ويو آهي. نواز علي نياز جعفري بجاءِ، نياز علي نياز سومرو ڪري لکيو اٿس! جيڪڏهن ڊاڪٽر عابد لغاري جي لکيل نالي تي اچئون ته پوءِ

سڄي سنڌ تہ ڇا، پر خود لاڙڪاڻي جا ماڻهو ۽ سنڌ جي ادبي دنيا ۾ نياز علي نياز سومرو کي ڪير بہ ڪونہ سڃاڻي! البتہ نواز علي نياز جعفري کي تہ هر ڪو سڃاڻي! وڏي ڳالھ تہ جتي شاعر جو نالو بہ غلط لکيو ويو آهي، اتي شاعر جي والد صاحب جو نالو آچر خان جي بدران آچار خان لکيو ويو آهي!

شاعرن جي ذاتي تخليقات جو عالم هي آهي تہ (واڌارو موجب) ڪوڙ اديبن ۽ شاعرن جي تخليقات جو ذڪر بہ نہ ٿو ملي! لاڙڪاڻي ضلعي جي مشهور صوفي شاعر فقير هدايت علي نجفي تارڪ بابت ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري لکي ٿو: نظم توڙي نثر ۾ ٢٠٠ ڪتابن جو مصنف **آهي**. (هتي پڙهندڙ لفظ **آهي** تي ڌيان ڏين.) جڏهن ڊاڪٽر عابد لغاري فقير نجفي تارڪ لاءِ لکي ٿو تہ ١٩٣٩ع ۾ گذاري ويو (ص-٥٦٥)، ان حالت ۾ لفظ **آهي** مان ڇا مراد ۽ مطلب؟ جڏهن تہ فقير تارڪ جي ٢٠٠ ڪتابن مان ڪنهن هڪ ڪتاب جو نالو بہ ڪونہ ڄاڻايو اٿس! رشدالله شاھ جهنڊي وارو بابت لکي ٿو تہ بذات خود ٧٠ ڪتابن جو مصنف هيو. پر سندس ڪنهن بہ **تخليق** جو ذڪر ڄاڻايل ڪونهي. ائين سنڌ جي رنگين شاعر استاد بخاريءَ جي ڪنهن بہ شعري مجموعي جو نالو لکيل ڪونهي. حتيٰ ڪ سندس پهرئين شعري مجموعي ”گيت اسان جا، جيت اسان جي“، جيڪو ١٩٧١ع ۾ گاج پبليڪيشن دادوءَ طرفان سنڌ جي مشهور اديب تاج صحرائي شايع ڪيو هو، جو بہ ذڪر ڪونهي.

اجا تہ ڊاڪٽر عبدالجبار لغاري لکي ٿو: اديبن ۽ شاعرن جي **تخليقات** جو ذڪر ڪيو ويو آهي، پوءِ استاد بخاري ۽ ٻين جون تخليقات ڪاڏي ويون؟ اهڙيءَ طرح مرحوم علي محمد راهوءَ جي احوال ۾ (صفحو ٦١٦) راهوءَ جي اهم تاليف ”سيرت رسول ڪريم صلي الله عليہ واليہ وسلم“ جو ذڪر ڪونهي. راهوءَ مرحوم کي، هن ڪتاب تي، بين الاقوامي سيرت ايوارڊ مليل چڪو هو.

سنڌي روزاني اخبار مهراڻ جي سابق ايڊيٽر مرحوم سيد سردار علي شاھ ذاڪر جي احوال ۾ سندس نعتيہ ڪتاب ”واردات عشق“ جو ذڪر ڪونهي. جڏهن تہ سيد سردار علي شاھ ذاڪر کي سندس هن نعتيہ مجموعي تي صدارتي ايوارڊ ملي چڪو هو. اهڙيءَ طرح ضلعي لاڙڪاڻو جي تعلقي واري شهر رتوديرو کان ٻن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي مشهور ڳوٺ طيب جي ديوان سرڳواسي ا-ح-جئسنگهاڻيءَ جي ڪنهن بہ ڪتاب جو ذڪر ڪونہ اٿس. جڏهن تہ هن جا ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن، جن ۾ آتما باغ، تون ۽ مان، دل جو جام سدا پرپور ۽ ديوان سام شامل آهن. هن مختلف ٻولين ۾ شاعريءَ جا ٥ ديوان لکيا. سندس ڪيترائي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب مختلف ماڻهن وٽ لاڙڪاڻي ۾ پيل آهن.

ضميمي (**واڌاري**) جي صفحي ٥٨٦ تي سنڌ ۾ ڄاتل سڃاتل قلمي ڪردار حاجي حقير ابن مڱڻ کي ڊاڪٽر عبدالجبار عابد، سندس نالي کي شارٽ فارم ۾ فقط حاجي حقير ڪري لکيو آهي. ٿورو سوچجي ته حاجي حقير کي سنڌي ادب ۽ شاعريءَ ۾ ڪير سڃاڻي؟ ڊاڪٽر عبدالجبار عابد **واڌاري** جي صفحي ٥٤٩ تي شمس الدين بلبل سان پنهنجي **ضميمي** جي شروعات ڪري لکي ٿو. سندس شخصيت ۽ علمي ادبي خدمتن تي سنڌ يونيورسٽي ۾ تحقيقي مقالو لکي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ورتل آهي. سوال آهي ته اها ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڪنهن کي تفويض ڪئي وئي ۽ ڪهڙي سال ۾؟ ايئن ته مولوي ثناءُالله ثنائي جي شاعريءَ تي لاڙڪاڻي جي پروفيسر ڊاڪٽر بشير احمد شاد به ١٩٨٩ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي ڪئي، پر ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ مولوي ثناءُالله ثنائيءَ جي ذڪر ۾ اهڙي ڳالهه ڪانه لکي آهي. هتي ادب سان عرض ڪجي ٿو ته، جڏهن ڪنهن جي لاءِ به معلومات ڏيو تا ته مهرباني ڪري پوري، مڪمل ۽ صحيح معلومات ڏيو. اڻ پوري، اڌوري ۽ ناقص معلومات ڏيڻ مان فائدو؟

مولانا ابوالڪلام آزاد جي جڳ مشهور ڪتاب ”انسانيت موت ڪي دروازي پر“ جو ترجمو علي محمد راهوءَ ”انسانيت موت جي دروازي تي“ ڪيو هو ۽ نالو ڏنو هئائينس **تذڪره** پر ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري تذڪره جي بجاءِ ان کي **اخلاقيات** لکيو آهي!

پروفيسر غلام حسين جلباڻيءَ شيخ فريد الدين عطار جي مشهور ڪتاب ”منطق الطير“ جو ترجمو ”پکين جي پارليامينٽ“ جي نالي سان ڪيو هو، جيڪو تصوف بابت آهي، پر ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري کي اهو ڪتاب **فلسفو** نظر آيو ۽ **فلسفو** ڪري لکيو اٿس.

صفحو ٦٠٦ تي سنڌ جي وڏي شاعر شيخ اياز جي مشهور ۽ ايوب خان جي حڪومت واري دور ۾ بندش پيل، خطن تي مشتمل ڪتاب ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ کي شيخ اياز جو **شعري مجموعو** قرار ڏئي ٿو! شيخ اياز جا ڪتاب ”هي گيت اڃايل مورن جا“ ۽ ”جل جل مشعل جل“ شيخ اياز جي ڪتاب ”وڄون وسڻ آيون“ ۾ شامل آهن، جڏهن ته ڊاڪٽر عبدالجبار عابد انهن کي الڳ الڳ ڪري لکيو آهي. ڪنهن زماني ۾ واقعي اهي الڳ الڳ شايع ٿيا هئا پر ڪتابي صورت ۾ نه، پر ”روح رهاڻ“ رسالي ۾. اهي جڏهن ”وڄون وسڻ آيون“ ۾ شامل آهن ته پوءِ الڳ الڳ لکڻ جي ضرورت؟

ضميمي ۾ ڪتاب جي صفحي ٥٨٤ تي بالي ۽ ناز واري خيرپور جي رهاڪو، غلام اصغر وندير جي اصطلاحن بابت لکيل ڪتاب ”سنڌي ڪتمنڙا“ کي **پولي** قرار ڏئي ٿو!

سنڌ جي هڪ لاثاني سپوت ۽ دانشور حضرت علامه آءِ آءِ قاضي جي احوال ۾، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري، سندس مشهور ڪتاب Adventures of brown girl in search of God جي ترجمي بابت لکي ٿو: اهو مقبول ماهوار ”رهبر“ ڊائجيسٽ ۾ ”سانوري ڇوڪري

سائين جي تلاش ۾“ جي نالي سان شايع ٿيو هو. هتي سوال آهي ته علامه آءِ آءِ قاضي جي هن مشهور ڪتاب جو سنڌي ترجمو ”پوري چوڪري حق جي ڳولا ۾“ جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيو ويو آهي. حضرت علامه صاحب جو اصلي انگريزي لکيل ڪتاب پڻ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيو ويو هو. ان جو ذڪر ڪرڻ پڻ بيحد ضروري هو. ڊاڪٽر عبدالجبار عابد صاحب ڪي اهو پڻ لکڻ کپندو هو ته علامه صاحب اهو ڪتاب جارج برنارڊشا جي ڪتاب ”ڪاري ڇوڪري حق جي تلاش ۾“ جي جواب ۾ لکيو هو. ڊاڪٽر عابد لغاري صاحب، ضميمي واري حصي جي صفحي ٥٩٦ تي سابق ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن ۽ سابق وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي ۽ سابق وزير تعليم سيد غلام مصطفيٰ شاهه جو ذڪر به سندس وفات واري تاريخ ڏيڻ کان سواءِ ڪيو آهي.

سيد غلام مصطفيٰ شاهه جو اهم ڪارنامو هي به هيو ته شاهه صاحب پنهنجي وائيس چانسلريءَ واري دَور ۾ سنڌ جي هڪ دانشور ۽ عالم، مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ کي پي ايڇ ڊي جي ڊگري نه هوندي به پي ايڇ ڊي جي شاگردن جو گائيڊ مقرر ڪيو هو. مرحوم قاسمي صاحب جي زير نگراني، ڪافي اديبن ۽ پروفيسرن پي ايڇ ڊي جي ڊگري ورتي هئي. شايد ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ پنهنجي پي ايڇ ڊي جي ڊگري به مرحوم قاسمي صاحب جي نگرانيءَ ۾ حاصل ڪئي. جڏهن ته سيد غلام مصطفيٰ شاهه جو اهو به رڪارڊ آهي ته هو واحد سنڌي عالم، اديب ۽ پروفيسر هيو، جيڪو قومي اسيمبليءَ جو ٽاڪيل ميمبر نه، پر چونڊيل نمائندو هو. ان جو ذڪر ڪرڻ به بيحد ضروري ۽ لازمي هو.

ڪتاب (ضميمي) جي صفحي ٥٩٤ تي پير محمد ابراهيم جان سرهندي جي احوال ۾ ڊاڪٽر عابد لغاري لکي ٿو:

”سائين جي ايم سيد جي خلاف جذباتي انداز ۾ ”سنڌ سونهاري“ نالي ڪتاب لکيائين، ڪتاب سان اتفاق ڪجي يا نه؟ پر پير صاحب جي ٻوليءَ ڪي هر ڪنهن واکاڻيو!“ هتي ڊاڪٽر عبدالجبار عابد جي لکيل جملي کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته خبر ناهي ته الائي **ڪنهن** پير جان سرهندي جي ٻوليءَ کي واکاڻيو هيو؟ پراوا ۽ غير جانبدار اديب، عالم ۽ عام پڙهندڙ ته پري رهيا پر جيتري قدر منهنجي واقفيت واري حلقي جي ڳالهه آهي ته خود پير صاحب جي پنهنجي ئي **مخصوص** حلقي ۽ مڪتبهء فڪر وارن ڪي پير صاحب جي ٻوليءَ تي سخت اعتراض هو. پير جان سرهنديءَ پنهنجي ان **شاهڪار** ڪتاب ”سونهاري سنڌ“ ۾ سائين جي ايم سيد کي **جيئمڙو** ڪري لکيو هو. ڇا اهڙي سنڌي ٻوليءَ کي ساراهه جوڳو چئي سگهجي ٿو؟ پاڪستان جي پهرئين چونڊيل صدر ۽ وزيراعظم ۽ سنڌي سپوت، قائد عوام ذوالفقار علي ڀُٽي جا

مشهور مخالف اديب ۽ اخباري ڪالم نگار، جڏهن پنهنجي مضمونن ۾ ڀُٽي صاحب جو ذڪر ڪندا آهن تہ جناب ذوالفقار علي ڀٽو يا ڀٽو صاحب، يا فقط لفظ ڀٽو تي اڪتفا ڪندا آهن يا ڪندا هيا، پر پاڪستان، سنڌ ۽ برصغير جي اهم سياستدان، اديب ۽ دانشور سائين جي ايم سيد لاءِ اهڙا نازيبا ۽ ڪرپ پريل الفاظ لکڻ واري جي ڪير ساراهہ ڪندو؟ يا ڪنهن ساراهہ ڪئي هوندي؟ اهو پڙهندڙ پاڻ بہ اندازو لڳائي سگهن ٿا! ”سنڌ سونهاري“ جهڙي ڪتاب جي رد عمل ۾ ”شيخ المشائخ“ جهڙو ڪتاب بہ تہ لکيو ويو هو ۽ يقيناً ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري جي نظر مان ضرور گذريو هوندو. جتي ”سنڌ سونهاري“ جهڙي اٽوٽندڙ مواد واري ڪتاب جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اتي ”شيخ المشائخ“ نالي واري ڪتاب جو ذڪر، محمد عثمان ڏيپلائي واري احوال ۾ اچڻ گهربو هو.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هي عاجز ٻنهي ڪتابن جي شايع ٿيڻ تي ڏڪارو ۽ معترض رهيو آهي. اهڙي ڳالهہ مون استاد بخاري، ذوالفقار راشدي ۽ ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي سان ان زماني ۾ ئي ڪئي هئي، جن مون سان اتفاق ڪيو هو.

ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري ڪتاب جي ”ضميمي“ ۾ صفحي ٥٩٨ تي سنڌ جي هڪ بهترين شاعر ۽ نالي واري شخصيت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي احوال ۾ لکي ٿو:

”(مخدوم صاحب) پاڻ جميعت الشعراءِ سنڌ جو روح روان ۽ ڪيترو ئي عرصو ان جو صدر پڻ رهيو. جنهن هيٺ ڪيتريون ئي مشهور ڪانفرنسون ٿيون. سندس ادبي ذوق جي ڪري ڪيترو ئي عرصو سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين رهيو.“ عجيب جملو هي آهي تہ هو (مخدوم صاحب) ادبي ذوق جي ڪري ڪيترو ئي عرصو سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين رهيو! ان جي معنىٰ اها ٿي مخدوم صاحب ۾ ٻي ڪابہ قابليت ڪا نہ هئي، سواءِ ادبي ذوق جي. ان ڪري هو سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين رهيو! ائين تہ سنڌ ۾ نالي ماتر اديب ۽ عام پڙهندڙن مان ڪيترائي ماڻهو اهڙا بہ آهن، جن وٽ سني لائبرري آهي ۽ وڏو ادبي ذوق بہ رکن ٿا. ان جو مطلب پوءِ اهو ٿيو تہ اهڙي ادبي ذوق رکندڙ شخص کي سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو وڃي. رڳو **ادبي ذوق** سنڌي ادبي بورڊ جهڙي وڏي اداري جي چيئرمين جو معيار آهي ڇا؟

لاڙڪاڻي جي اديب ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي جي احوال ۾ ”ضميمي“ واري حصي جي صفحي نمبر ٦٢١ تي ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري هن طرح لکي ٿو:

”ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ولد حاجي غلام حسين ميمڻ، شڪارپور جي هڪ ڳوٺ ماڙي ۾ جائو، پر تعليم ۽ نوڪري جي لحاظ کان، **سڄي عمر** لاڙڪاڻي ۾ رهيو. اتان ئي

گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج ۽ اڪانامڪس ڪاليج مان پرنسپال جي عهدي تان رٽائر ڪيائين.“ ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ جي هن ڳالهه سان ڪير اتفاق ڪندو ته ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي نوڪريءَ وارو سڄو عرصو **لاڙڪاڻي** ۾ گذاريو! ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پروفيسر ٿيڻ کان اڳ ۾ اريگاشن کاتي ۾ اوورسيئر هيو ۽ بعد ۾ پراڻي سکر جي منڊ ۾ ٽڪريءَ تي ٺهيل هڪ خانگي تعليمي اداري اسلاميه آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ١٩٧٢ع ۾ جڏهن پاڪستان جي صدر جناب ذوالفقار علي ڀُٽي ملڪ جي سيني خانگي اسڪولن ۽ ڪاليجن کي، پنهنجي پاليسيءَ موجب، سرڪاري تحويل ۾ ورتو ته اسڪولن ۽ ڪاليجن جا ٽيچر، ليڪچرار ۽ پروفيسر راتورات سرڪاري ملازم بڻجي پيا. اهڙن پروفيسرن ۾ مرحوم ميمڻ عبدالمجيد سنڌي به شامل هو. ١٩٧٢ع کان پوءِ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي سکر جي نيشنلائيزڊ اسلاميه آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج ۾ ڪجهه عرصو رهيو، پوءِ گورنمينٽ نيشنلائيزڊ آرٽس ڪاليج رتوديرو جو پرنسپال (سال ٧٥-١٩٧٤) ۽ بعد ۾ شڪارپور جي، قومي تحويل ۾ ورتل، شاهه لطيف ڪاليج ۾ پڻ پرنسپال رهيو هو. اورسيئريءَ دوران، دادو ۾ به رهيو هو. ان حالت ۾ اهو ڪيئن مڃجي ته مرحوم ميمڻ عبدالمجيد سنڌي نوڪريءَ وارو سمورو عرصو لاڙڪاڻي ۾ گذاريو. ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري ”ضميمي“ واري حصي ۾ ساڳئي صفحي تي ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڪتابن جي وچور ۾ لاڙڪاڻي جي ميونسپل ايمپلائيز ايسوسيئيشن طرفان شايع ٿيل مشهور ڪتاب ”لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو“ کي به ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي **ترتيب** ڏيکاري ٿو. اصل ۾ ايئن ناهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ”لاڙڪاڻو- ساهه سيباڻو“ ڪتاب جو مرتب نه هو.

ڪتاب جي صفحي (”ضميمي“ وارو) ٥٦٤ تي، شڪارپور شهر جي مشهور باڪمال صوفي شاعر فقير غلام علي مسرور جي احوال ۾ ڊاڪٽر عابد لغاري فقير غلام علي مسرور کي صفحي ٥٦٤ تي بدويءَ جي بجاءِ **سومرو** لکي، سندس تعارف هن ريت ڪرائي ٿو: ”شڪارپور ۾ ڄائو، پرائمري استاد هيو.“

هتي سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا فقير غلام علي مسرور سومرو به هيو ۽ پرائمري استاد به؟ حقيقت هن ريت آهي ته فقير غلام علي مسرور نه ذات جو سومرو هيو ۽ نه ئي پرائمري استاد هيو. فقير غلام علي مسرور کي چار پٽ آهن، جن جا نالا هي آهن: لعل بخش بدوي، رحيم بخش بدوي، ميران بخش بدوي ۽ سنڌ جو مشهور ۽ معروف پي ٽي وي ملازم، شاعر مسرور بيدل بدوي. جناب مسرور بيدل، لاڙڪاڻي مان ڊاڪٽر ساغر ابڙو جي ادارت ۾ شايع ٿيندڙ ”صوفي“ پبليڪيشن جي فيبروري ٢٠٠۴ع واري شماري

۾ پنهنجي والد صاحب مرحوم غلام علي مسرور بدويءَ بابت هڪ مضمون، ”ويهين صديءَ جو باڪمال صوفي ۽ شاعر فقير غلام علي مسرور“ جي عنوان سان لکيو آهي، جنهن ۾ لکي ٿو:

”فقير غلام علي مسرور بدوي عالم ملڪوت مان، عالم ناسوت ۾ پاڻ پسائڻ ۽ حق جي ثابتي ڏيڻ لاءِ فقيري ويس وني شڪارپور جي معروف تعليمدان، رحيم بخش احمداڻي بدويءَ جي ڀاڳيري گهر ۾ تاريخ پهرين جولاءِ سن ١٨٩٤ع مطابق ٢٦ ذوالحج ١٣١١ هجري جمعي ڏينهن تولد ٿيو. (ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري، پنهنجي طرفان فقير غلام علي مسرور بيدل جي ولادت جو سن ١٨٩٣ع لکيو آهي)... ابتدائي انگريزي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور مان حاصل ڪيائين پر ميٽرڪ دوران سندس والد ڪيس سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو، پر انگريزي زبان کي پنهنجي روحاني آزاديءَ ۾ رڪاوٽ سمجهي، تن مهينن ۽ ٻارهن ڏينهن کان پوءِ، پڙهڻ ڇڏي هليو آيو. تاهم ١٩١٠ع ۾ فائينل جو امتحان پاس ڪيائين، جنهن بعد ٽيچرس ٽريننگ اسڪول حيدرآباد سنڌ ۾ ٽريننگ ورتائين. ملازمت دوران فقير سائين مسرور حيدرآباد، نوشهرو، شهدادپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ به رهيو. پهرين آڪٽوبر ١٩٤٨ع تي جمعي ڏينهن بحيثيت **سپروائيزنگ ٽيچر** چارج ڇڏي موٽي شڪارپور آيو.“

حيرت آهي ته سواءِ ڪنهن تحقيق ڪرڻ جي، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري اهو ڪيئن لکي ڇڏيو ته، فقير ميان غلام علي مسرور بدوي نه پر سومرو هيو ۽ پرائمري ماستر به رهيو هو؟!

شڪارپور جي ڄائي مرحومه بادام ناتوان کي سنڌي ادب ۾ خاتون اول جو درجو حاصل آهي. مرحومه بادام ناتوان ضلعي دادوءَ جي مشهور شهر ميهڙ کان اوڀر طرف ٻن ٽن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هڪ ڳوٺ گهاڙيءَ جي زميندار رئيس عبدالباقيءَ سان پرڻيل هئي. سندس اولاد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبي اقتصاديات جي پروفيسر محترمه نسيمِ ٽيبو ۽ مشهور اسٽوڊنٽ، قوم پرست ليڊر ۽ اديب محترم مير ٽيبو ۽ ميهڙ تعلقي جو زميندار محترم گلزار ٽيبو شامل آهن. پر اسان جو محقق ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري پنهنجي ”ضميمي“ جي حصي (صفحي ٦١١) ۾ مرحومه بادام ناتوان لاءِ لکي ٿو:

”بيگم محمد حسن ٿهيم شڪارپور ۾ ڄائي، علم و ادب جي انتهائي باذوق خاتون هئي.“ هاڻي پڙهندڙ پاڻ اندازو لڳائين ۽ علم و ادب جي هڪ اهم خاتون، جنهن کي گذاري وئي کي صديون به ڪونه گذريون آهن، جنهن جي ماشاءالله اولاد به خير سان

حال حيات آهي. ان جي باري ۾ ههڙي غلط معلومات لکڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي؟ ڪاڏي ٺهيم ذات ۽ ڪاٿي ٽيپو؟

ڪتاب ۾ ڏنل "ضميمي" جي صفحي ٦١٩ تي سنڌ جي مشهور ۽ معروف قلمڪار مرحوم محمد علي جوهر جي احوال ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري لکي ٿو:

"عربيءَ ۽ فارسي تي عبور سان گڏ ڪجهه انگريزي سان بہ تعلق هوس. زميندار ۽ ٺيڪيدار هجڻ جي باوجود نظم ۽ نثر تي سٺي پهچ هيس!" خبر ناهي تہ هتي ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ جي هن جملي لکڻ جو مقصد ڇا آهي تہ **زميندار ۽ ٺيڪيدار** هجڻ جي باوجود نظم ۽ نثر تي سٺي پهچ هيس. قلم تہ قدرتي ڏات آهي. ائين تہ سائين جي ايم سيد، حضرت علامہ آءِ آءِ قاضي، راشدي برادران، عطا محمد حامي، سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، مرحوم سائين ميران محمد شاهہ، مخدوم طالب المولىٰ، نواب بهاول خان بهاول (تاجپور جو نواب)، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سيد علي اڪبر شاهہ ميهڙ وارو وغيرهہ سيني صاحبان جو تعلق زميندار گهراڻي سان هيو. سيئي نظم يا نثر، ٻنهي تي عبور رکندڙ هيا. پوءِ انهن لاءِ ڇا چئجي! مون هتي فقط اهي نالا لکيا آهن، جن جو ذڪر ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ پنهنجي "ضميمي" ۾ ڪيو آهي، نہ تہ اهڙا زميندارڪا ٻار/نوجوان ڪوڙ هيا، جن ادبي ۽ شاعراڻي دنيا ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو. جن ۾ نسيم ڪرل، عبدالڪريم پلي ۽ ذوالفقار راشدي شامل آهن ۽ ڪنهن حد تائين قائد عوام ذوالفقار علي ڀُٽي جو نالو بہ ڳڻي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ پڻ صاحب بہ اهل قلم هو. پوءِ ڇا هنن لاءِ اهو لکي سگهجي ٿو تہ، **هيا تہ زميندارڪا ٻار پر اهل قلم هيا**؟! معنيٰ زميندارڪو ذهين نينگر يا پيراڻي خاندان سان واسطو هجيس يا ٺيڪيدار ۽ خوشحال خاندان جو فرد هجي تہ اهو اهل قلم ٿي نہ ٿو سگهي! اهل قلم هئڻ تہ فخر جهڙي ڳالهہ آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري، "ضميمي" واري حصي ۾ ڪتاب جي صفحي ٥٥٨ تي سنڌ جي هڪ مانائتي اديب ۽ شاعر مرحوم محمد صديق مسافر (١٨٧٩-١٩٦١) بابت لکي ٿو:

"محمد صديق ولد گلاب خان، ٽنڊو باگو ضلع بدين ۾ ڄائو.... پاڻ بہ ڪيترين ئي اخبارون جاري ڪيون هئائين. (اهڙين اخبارن جا نالا؟) سنڌي مسلم ادبي سوسائٽيءَ جو روح روان هو. هن اداري اڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري علم و ادب جي وڏي خدمت ڪئي ۽ ڪيترائي ادبي شهپارا ڪتابن جي صورت ۾ شايع ڪيا."

خبر نہ ٿي پوي تہ ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري جهڙو عالم ۽ اديب، ١٩ صدي ڇا کي سڏي ۽ سمجهي ٿو؟ ڳڻپ جي لحاظ کان ١٩ صدي پهرين جنوري ١٨٠٠ع کان شروع

تي، ۳۱ ڊسمبر ۱۹۰۰ تي ختم ٿيندي. ان جي وچ ڌاري جي معنيٰ ۱۸۴۰ع کان ۱۸۵۵ع وارو عرصو. هاڻي لغاري صاحب پاڻ انصاف ڪري ته جڏهن محمد صديق مسافر مرحوم، پنهنجي جمڻ کان ۳۰ سال اڳ ۾ سنڌي ادبي سوسائٽي جو روح روان ڪيئن بڻيو؟! حقيقت هيءَ آهي ته سنڌي ادبي سوسائٽي جو وجود نه ۱۹ صدي ۾ هيو ۽ نه ئي ان سوسائٽيءَ ۱۹ صدي ۾ ڪي ڪتاب شايع ڪيا هيا. جڏهن وجود ئي ڪونه هوندو ته ڪتاب ڪٿان شايع ٿيندا؟ سنڌي ادبي سوسائٽي جو وجود ويهين صدي ۾ پيو هيو ۽ ڪتاب به ويهين صديءَ ۾ ئي شايع ٿيا، نه ڪي ۱۹ صديءَ ۾، جيئن ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري لکيو آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري جي قلم جو ڪرشمو هيءُ به آهي ته هڪ مشهور پر مري ويل شاعر ڪي هڪ ڀيرو ٻيهر زنده ڪري لڏپلاڻ ڪندي ڏيکاري ٿو. سنڌ جي مشهور شاعر ۽ نواب شاهه سان تعلق رکندڙ پرسرام ضيا ڪي ڪير نه سڃاڻي؟ سندس مشهور غزل "تون ياد ڪرين نه ڪرين، مان ياد ڪريان ٿو" پرسرام ضيا جي ڳوٺائي مرحوم غلام رسول ڳائي، نه رڳو پاڻ ڪي پر شاعر پرسرام ضيا ڪي به امر ڪري ڇڏيو. پرسرام ضيا جو غلام رسول جي آواز ۾ ڳايل ڪلام، اڄ به حساس دليون رکندڙ انسانن ڪي ٻن ٽن منٽن لاءِ چپ ڪرائي ڇڏيندو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري پنهنجي "ضميمي" (صفحي ۵۵۶) ۾ پرسرام ضيا بابت لکي ٿو:

"پرسرام ضيا، وفات ۱۹۳۵ع، نوابشاهه جو باڪمال شاعر هو، ورهاڱي بعد هندستان هليو ويو." پڙهندڙ پاڻ اندازو لڳائين ته هڪ انسان ۱۹۳۵ع ۾ مري وڃي ٿو ته اهو ٻارنهن تيرهن سالن کان پوءِ يا ان کان به وڌيڪ عرصي کان پوءِ ڪيئن زنده ٿيو، جو لڏپلاڻ ڪري هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ هليو ويو؟ هي ته قيامت جا آثار آهن. جڏهن الله تعاليٰ جي واعدي موجب **انسان هڪ دفعو ٻيهر زنده ڪيا ويندا**. ڇا اصلي قيامت کان اڳ ۾ ئي ڪا قيامت به ٿي هئي جو مرده هڪ ڀيرو ٻيهر زنده ٿي پيا هيا؟! ۽ لڏپلاڻ ڪرڻ لڳا هئا؟!

سنڌيءَ جي مايه ناز اديب ۽ دانشور، تماهي "مهراڻ" جي ايڊيٽر مرحوم غلام محمد گراميءَ جي احوال ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري صفحي ۶۰۱ تي لکي ٿو:

"غلام محمد گرامي ولد جاڙو خان ميهڙ ضلع دادو ۾ ڄائو، علم ادب جي ذوق ۽ شوق ۾ سيد حاجي علي اڪبر شاهه جي ذاتي نظرداريءَ سبب هن عالمن، اديبن، صحافين ۽ شاعرن ۾ وڏي اهميت ماڻي." ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري جي هن لکڻ مان مراد ڇا سمجهون؟ ته مولانا گرامي بذات خود ڪجهه به نه هيو، پر اهو سيد علي اڪبر شاهه ميهڙ وارو هيو، جنهن جي ڪري ڪيس اهميت ملي! اڳتي هلي ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري

لکي ٿو: ”تہ ماهي ’مهراڻ‘ ۾ ڪيترائي مقالا لکيائين جن ۾ ’مشرقي شاعري جا فني قدر‘ تنقيد جو گهٽو نشانو بڻيو.“ مولانا گراميءَ اهو مقالو سڏيءَ طرح شيخ اياز جي دفاع ۾ لکيو هو. هڪ دفعي دادو شهر جي هڪ سوناري ۽ استاد بخاريءَ جي هڪ مداح، پنهنجي رهائشگاهہ تي رات جو استاد بخاريءَ جي اعزاز ۾ هڪ محفل جو اهتمام ڪيو هو. ان محفل ۾ سڄي سنڌ کان ناميارا شاعر آيل هيا. پروگرام ختم ٿيڻ کان پوءِ، مرحوم غلام محمد گراميءَ جي مقالي ”مشرقي شاعري جا فني قدر“ جي ڳالهہ نڪتي تہ سنڌ جي پلوڙ شاعر، سائين نياز علي شاهہ محسن ڪڪڙائي چيو: اسان ساڄي ڌر واري ادبي لڏي ڏانهن مولانا غلام محمد گراميءَ جي ان مقالي جو قرض اجا باقي رهيل آهي ۽ اسان جي ادبي لڏي وارو ڏڙو اجا تائين تہ اهڙو مقالو ڪونہ لکي سگهيو آهي ۽ نہ ئي ان جو جواب ڏئي سگهيو آهي.

سنڌ جي هڪ شاعر فيض بخشاپوريءَ بابت ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري (صفحي ۶۰۴) تي لکي ٿو: ”فيض الله خان ولد مصري خان ڊومڪي، بخشاپور (ڪشمور، ڪنڊڪوٽ) جو رهاڪو، غزل جو شهنشاهہ، خطابن ۾ تغزل (خطابن ۾ تغزل چا معنیٰ؟) ۽ غالبِ سنڌ پنهنجي انداز جو منفرد شاعر، اردو سنڌي مشاعرن ۾ مجمعي تي حاوي ٿيندڙ، حڪومت پاڪستان کان **تمغہ حسن ڪارڪردگي** مليل، الفاظ ۽ خطابت اهڙي جو ڪنهن بہ اديب، شاعر يا دانشور جي حصي ۾ نہ آئي.... ترقي پسند شاعرن ۽ اديبن سان ڪڏهن راس نہ رهيو، بلڪ انهن تي تنقيد ڪندو رهيو!“

فيض بخشاپوري ڪو ۱۸ يا ۱۹ صدي جو شاعر ڪونہ هو، جنهن بابت ماڻهن رڳو ٻڌو هجي ۽ ڏٺو نہ هجي. فيض بخشاپوريءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌي لفظن جو تعداد ڪيترو هوندو هو! اهو **راز** ڪنهن کان بہ ڳجهو ڪونهي. سنڌ جي هڪ بهترين شاعر عطا محمد حاميءَ هڪ دفعي ڪنهن مشاعري ۾ جڏهن فيض بخشاپوري، شعر پڙهي لٿو پئي تہ سڏ ڪري چيس: ”سائين هاڻي هڪڙو سنڌي شعر بہ تي وجي.“ سنڌ جو اهڙو ڪوبہ مشاعرو ڪنهن کي بہ ياد ڪونهي، جيڪو فيض بخشاپوريءَ سنڌ جي رنگين ڪلام شاعر استاد بخاريءَ وانگر لٽيو ۽ قريو هو! نہ ڪي پنڊال مان ڪڏهن آواز آيا تہ فيض بخشاپوري کي گهرايو، جڏهن تہ استاد بخاري يا وفا ناٿن شاهي ۽ اهڙن ڪوڙ بين شاعرن لاءِ پنڊال مان تقاضا پريل آواز ايندا هيا: **استاد بخاري يا وفا ناٿن شاهيءَ کي ٻيهر گهرايو**. جيستائين ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري جي هن جملي جو تعلق آهي تہ ”**الفاظ ۽ خطابت** اهڙي جو ڪنهن اديب، شاعر يا دانشور جي حصي ۾ ڪونہ آئي.“ ان جي جواب ۾ عرض آهي تہ جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جو شمار گذريل ويهين صديءَ جي شعلي زبان ۽ شعلہ بيان مقررن ۾ ٿيندو هو. خود ڀٽو صاحب اديب هو ۽ بہ چار ڪتاب بہ لکيائين. چا فيض

بخشاپوري فن خطابت ۾ اهڙو ماهر هيو، جيڪو ذوالفقار علي ڀُٽي کي به مات ڏئي ويو هو؟

ضميمي ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ اهڙن اديبن، شاعرن ۽ عالمن کي به قلم جي نوڪ تي آندو آهي، جن جو ذڪر ڪتاب جي اصلي مصنف، خانبهادر محمد صديق ميمڻ به ڪيو آهي. خبر ناهي ته ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ ڇا سوچي اهڙن اديبن، عالمن ۽ شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي! مثال طور: شمس الدين بلبل جو ذڪر، سنڌ جي ادبي تاريخ جي شڪارپور واري ڇاپي جي صفحي ٥٣٩ تي موجود آهي، جنهن کي خانبهادر محمد صديق ميمڻ، ميان شمس الدين بلبل ڪري لکيو آهي ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ ٥٤٩ صفحي تي ذڪر ڪيو آهي. بلڪ شروعات ئي شمس الدين بلبل کان ڪئي اٿس. اهڙيءَ طرح ضميمي جي صفحي ٥٥٤ تي ادائي سٽن ۾ آخوند محمد قاسم هالائي جو ذڪر ڪيو اٿس، جڏهن ته خانبهادر محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ جي صفحي ٣٥١ تي ڏاڍي پيرائتي نموني ۾ ڪم ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ جي صفحي ٤٣٦ (شڪارپور ڇاپو) تي محمد حسن بيڪس (روهڙي) جو ذڪر موجود آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ به سندس ذڪر صفحي ٥٥٤ تي (”ضميمي“ ۾) ڪيو آهي. ٽکڙ جي هڪ نابينا شاعر حافظ حامد ٽکڙائي کي سارينڊي سندس ذڪر صفحي ٥٥٥ تي ڪرڻ مناسب سمجهيو آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري پنهنجي ”ضميمي“ ۾ سنڌ جي ادبي تاريخ جي مصنف، خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي باري ۾ خيالن جو اظهار صفحي ٥٦٢ تي ڪيو آهي. ڊاڪٽر عابد لغاري لکي ٿو:

”خانبهادر محمد صديق ميمڻ سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي جو بنياد رکيو. ١٩ صديءَ جي وچ ڌاري هن سوسائٽيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ بي شمار ڪتاب مختلف موضوعن تي شايع ڪيا.“ هتي به ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري ساڳي چُڪ ڪري ٿو، جيڪا هن مرحوم محمد صديق مسافر جي احوال ۾ ڪئي آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري کان ادب سان سوال ڪجي ٿو ته سائين خانبهادر محمد صديق ميمڻ صاحب ڄائو ئي ١٩ صديءَ جي آخر ۾، ته هن ١٩ صديءَ جي وچ ڌاري سنڌي مسلم سوسائٽيءَ جو بنياد ڪيئن رکيو هو؟ ۽ اهو ڪهڙي طرح ممڪن آهي ته ڄمڻ کان اڳ ئي ڪو لازوال ڪارنامو سرانجام ڏئي!

ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري ”ضميمي“ واري حصي جي صفحي ٥٧٠ تي سنڌ جي هڪ اهم سياستدان ۽ اديب، سيد ميران محمد شاهه جي باري ۾ لکي ٿو:

” سيد ميران محمد شاهه ولد سيد زين العابدين شاهه ڳوٺ ٽکڙ تعلقي ٽنڊو محمد خان ۾ ڄائو. زمينداريءَ سان گڏ سياست کي گڏوگڏ هلايائين. پاڻ پاڪستان جو سفير پڻ رهيو.“ ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري هر معروف ماڻهوءَ جي باري ۾ ڏاڍو اختصار کان ڪم ورتو آهي. ميران محمد شاهه نہ رڳو پاڪستان جو ٻاهرين ملڪ (اسپين) ۾ سفير هو پر هو ١٩٣٦ع جي چونڊن کان پوءِ وجود ۾ ايندڙ سنڌ اسيمبليءَ جو پهريون مسلمان اسپيڪر بہ رهيو هو. ان کان سواءِ هو ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان اڳ، سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين ۽ پوءِ سيڪريٽري رهيو. سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين جي عهدي تي رهندڙ ۽ سنڌي ٻولي جو اهم اديب غلام رباني آگرو پنهنجي دلڪش ٻوليءَ سان ڪتاب ”جهڙا گل گلاب جا“ جي حصي ٻئي ۾ صفحي ٢١٨ تي سائين ميران محمد شاهه بابت لکي ٿو:

”سيد ميران محمد شاهه سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري هو ۽ مان نائب سيڪريٽري. هو ٩ مهينا کن ان عهدي تي رهيو. پاڪستان کان اڳ بورڊ جو خود چيئرمين بہ رهي چڪو هو..... بورڊ جو سيڪريٽري هئڻ سان گڏ هو ان جي باني ميمبرن مان هڪ ۽ مڙني ميمبرن ۾ غالباً سيني کان سينئر.“ سائين ميران محمد شاهه جي، سائين جي ايم سيد ڏانهن لکيل خطن تي مشتمل ڪتاب ”رهاڻ“ جو نالو بہ نہ کنيو ويو آهي!

خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب .سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ ڊاڪٽر ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ **واڌارو** ڪيو آهي. **واڌاري** ۾ سنڌ ۾ ادبي خدمتون سرانجام ڏيندڙن جو ذڪر ٿيل آهي، پر حيرانگيءَ جهڙي ڳالهہ هيءَ آهي تہ جيڪي اديب، سنڌ جي اهم اداري سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين ۽ سيڪريٽري رهيا هجن ۽ ڪتاب جو نالو بہ **سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ واڌارا** هجي ۽ اهڙين شخصيتن جو سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي سان ذڪر نہ ڪرڻ، ڪجهہ کٽڪي ٿو. مثال طور سائين ميران محمد شاهه ۽ مرحوم عثمان علي انصاري بہ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري رهيو هو، جنهن جو ذڪر جناب غلام رباني آگري پنهنجي ڪتاب ”جهڙا گل گلاب جا“ جي صفحي ٢١٠ تي ڪيو آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري پنهنجي ”ضميمي“ جي صفحي ٦٠٥ تي سنڌيءَ جي اهم شاعر نارائڻ شيام جو ذڪر فقط ڏيڍ سٽ ۾ ڪيو آهي ۽ نارائڻ شيام جي ڪنهن بہ شعري مجموعي جو ذڪر ڪونہ ٿو ڪري. اهڙيءَ طرح ساڳئي ئي صفحي تي هڪ نامعلوم شاعر صوفي ساجد بابت ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري رقم طراز آهي:

”دوست محمد ولد ولي محمد سمون پنهنجي استاد سرشار عقيليءَ جي نسبت سان معروف رهيو.“ پڙهندڙ پاڻ اندازو لڳائن تہ صوفي ساجد بابت ههڙي واقفيت ڏيڻ مان

سائين عابد لغاريءَ جو مقصد ڇا آهي؟ ته صوفي ساجد پنهنجي استاد سرشار عقيلي جي نسبت سان معروف رهيو.
حيرت جهڙي ڳالهه ته ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري پنجاب جي هڪ صوفي شاعر خواجه غلام فريد کي به زوريءَ سنڌ جي ادبي تاريخ جي ”ضميمي“ ۾ شامل ڪيو آهي. ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ آهي. خواجه غلام فريد هڪ پهتل بزرگ ۽ صوفي شاعر هيو ۽ ان وٽ ۾ وڏ به چار ڪافيون سنڌي ۾ چيون هيون. ”ضميمي“ ۾ جيڪڏهن خواجه غلام فريد کي سنڌي ڪافين جي حوالي سان شامل ڪرڻ ضروري هيو ته پوءِ چڪ پرڪڻ پرسان ضلع شڪارپور جي هڪ ڳوٺ انباهه جي سائين فيض درياءَ شاهه جو ذڪر ڪرڻ به ضروري هيو. سائين فيض درياءُ شاهه به خواجه غلام فريد جو هم عصر شاعر هيو ۽ ڪافيءَ جو سنو شاعر هو. سائين فيض درياءَ شاهه جي ڪافين وارو ڪتاب ”قلندري خطاب“ به شايع ٿيل آهي.
”ضميمي“ جي صفحي ٥٦٥ تي ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري هڪ شاعر دولهه دريا خان جو ذڪر ڪري ٿو، پر ان بابت اهو نه ڄاڻايو اٿس ته سندس ڳوٺ ڪهڙو هو؟ سندس والد صاحب جو نالو ڇا هو؟ ان ڪري اهو مغالطو پيدا ٿئي ٿو ته ڪهڙو دولهه دريا خان؟ دريا خان فقير ڪنڌڙيءَ وارو يا اڃا ڪو ٻيو؟ دريا خان نالي هڪ ٻيو به سنڌي شاعر هو، جنهن جو ڳوٺ هڱورجا هو پر دفن لالو رائنڪ تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو.
ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري صاحب ”ضميمي“ ۾ صفحي ٥٥٢ تي محمد فقير ڪٽياڻ جي احوال ۾ لکي ٿو:
”محمد فقير ولد حيدر خان ڪٽياڻ، نزد ٽنڊي ڄام جو رهاڪو، نواب فقير ولي محمد لغاريءَ جو معتقد ۽ طالب هو.“ خبر ناهي ته ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري صاحب کي اهو ڪنهن ٻڌايو آهي يا ڪٿي پڙهيو اٿائين ته محمد فقير ڪٽياڻ، فقير نواب ولي محمد لغاريءَ جو معتقد ۽ طالب هو؟ پهرين ڳالهه ته معتقد ۽ طالب هجڻ ۾ وڏو فرق آهي. ڇاڪاڻ ته **معتقد** هجڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ **طالب** هجڻ ٻي ڳالهه. حقيقت هن طرح آهي ته محمد فقير ڪٽياڻ، فقير نواب ولي محمد لغاريءَ جو طالب ڪونه هو، پر محمد فقير ڪٽياڻ پير پاڳاري جو طالب هو ۽ اها ڳالهه محمد فقير ڪٽياڻ جي مجموعي ڪلام ”منطوق محمدي“ ۾ لکيل آهي.
”ضميمي“ جي صفحي ٥٨٧ تي برصغير جي نامور سياسي شخصيت، سائين جي ايم سيد جي احوال ۾، سندس سياسي ڇرپر ۽ ڪردار بابت لکيو اٿس، پر اهو ڪونه ڄاڻايو اٿس ته ١٩٤٣ع ۾ جڏهن سنڌ اسيمبليءَ پاڪستان جي حق ۾ بل پاس ڪيو هو ته ان جو

محرڪ سائين جي ايم سيد هو. اهو به سنڌ اسيمبلي ۾ رڪارڊ تي آهي ته سنڌ اسيمبلي واحد اسيمبلي هئي، جنهن سڀ کان اول پاڪستان جي حق ۾ بل پاس ڪيو هو. سائين جي ايم سيد ضلعي ڪائونسل ڪراچيءَ جو صدر هو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ٺهڻ بابت وڏي جاکوڙ ڪئي هئي. ان جو ذڪر ڪرڻ بيحد لازمي هو.

ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ جي ”ضميمي“ ۾ سنڌ جي وڏن ۽ سنن شاعرن ۽ اهلِ قلم ڪي الائي ڇو جڳهه نه ملي سگهي؟ اهڙن سنن شاعرن ۾ ڪيئل داس فاني، دادن فقير، ذوالفقار راشدي، بردو سنڌي، ميان غلام سرور فقير قادري ۽ ٻيا شامل آهن. وڏي ڳالهه ته سنڌ جي هڪ سٺي نقاد مرحوم قربان بگٽيءَ جو الڳ احوال ڪونه ڏنو ويو آهي. جڏهن ته ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري صاحب بار بار ڪيترن ئي شخصيتن جي احوال ۾ هڪ نقاد طور سندن نالو ڪٽي ٿو. جهڙوڪ سائين جي ايم سيد (صفحو ٥٤٩) ۽ پير علي محمد راشدي (صفحو ٥٨١) وغيره. اميد ڪجي ٿي ته سائين ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري آئنده ايڊيشن ۾ سنڌيءَ جي مشهور ۽ معروف قلمڪارن کي مناسب ۽ نمايان حيثيت سان لکندو.

ضياء شاھ جون ساروٽيون ....

دُنيا جي ھر ٻوليءَ جي ادب ۾ آتم ڪٿا جي وڏي اھميت رھي آھي. آتم ڪٿا ادب جي واحد صنف آھي، جيڪا ھر پڙھندڙ لاءِ وڏي ڪشش رکي ٿي، چاڪاڻ تہ ھي بہ داستان ۽ افساني جو ھڪ قسم آھي، پر داستان يا افسانو ھڪ خيال آھي ۽ ھيءَ ھڪ حقيقت. ”انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا“ ۾ آتم ڪھاڻيءَ جي وصف ھن طرح بيان ڪيل آھي: ”آتم ڪٿا غير افسانوي ادب جو ھڪ قسم آھي، جنھن جو موضوع فرد جي حياتي ھوندي آھي.“

آتم ڪٿا ڇا آھي؟ ان لاءِ مشھور برطانوي ناول نگار بينجامن ڊسرائيلي (١٨٠۴-١٨٨١) لکي ٿو:

“Read No history, nothing but biography for that is Life without theory”

(نہ تاريخ پڙھو، نہ ٻيو ڪجھہ، رڳو سوانح عمري پڙھو، چاڪاڻ تہ اھا ڪنھن ٿيوري/نظرئي يا فارمولا ھيٺ نٿي لکي وڃي.)

ھڪ ٻيو انگريز اديب ايڊمنڊ چيريو (١٨٧۵-١٩۵٦) پنھنجي ڪتاب Biography of beginners ۾ سوانح حيات تي روشني وجھندي چوي ٿو:

“The art of biography is different from Geography. Geography is about maps but biography is about chaps.”

(سوانح نگاري جاگرافيءَ کان الڳ ۽ مختلف شيءِ آھي، چاڪاڻ تہ جاگرافي نقشن جي ڪھاڻي آھي ۽ سوانح نگاري، انسانن جو داستان آھي.)

مشھور مفڪر ٿامس ڪارلائل چوي ٿو:

“No great men live in vain. The history of the world is but the biography of great men”.

(ڪوبہ اُتم ماڻھو زندگي اجايو نٿو گھاري. دنيا جي تاريخ ڪجھہ بہ ناھي سواءِ اُتم انسانن جي ڪٿا جي.)

چيو وڃي ٿو تہ آتم ڪھاڻي ايتري پراڻي آھي: جيترو خود انسان. ڪن زبانن ۾ تہ ھزارين سال پراڻيون آتم ڪھاڻيون موجود آھن. سڀ کان انوکي ڳالھہ تہ دنيا جي سڀني ٻولين/زبانن ۾ انسانن جي آتم ڪٿا موجود آھي. اردو زبان جي ھڪ اديب شميم نويد روزاني ”ايڪسپريس“ جي سومر واري ايڊيشن ۾ لکيو آھي تہ: ھو ١٩٩٢ع ۾ دھلي (انڊيا) پنھنجي مائٽن سان ملڻ ويو. دھلي شھر جي ھڪ پاڙي ٻلي ماران (ٻلي مارينڊڙ) ۾ ڪراچي جي ريگل چوڪ ۽ حسن اسڪوائر وانگر پراڻن ڪتابن جا دوڪان آھن. ھُن

پنهنجي ساهراڻي آڪهه مان هڪ مائٽ سليمان صابر سان، پنهنجي زال کي بلي ماران ۾، پراڻن ڪتابن خريد ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. موٽندي مائيءَ جي هٿن ۾ ٻه پراڻا، پر ناياب ڪتاب هئا، جيڪي هن پنهنجي مڙس کي خوش ٿيندي ڏنا. مٿان چيائينس: هي ٻئي نادر ۽ ناياب ڪتاب آهن، توڙي جو ڪتان ڪتان اڌوهي کاڌل آهين پر ڏاڍي ڪم جا آهن، چاڪاڻ ته هي ٻئي ڪتاب، هڪ جن ۽ هڪ جنڙيءَ جون آتم ڪٿائون آهن، جيڪي هنن پنهنجي مرشد حافظ رحمت علي کي ٻڌايون هيون. حافظ رحمت علي سندن زباني ٻڌايل ڳالهين کي اردو زبان ۾ قلمبند ڪيو. حافظ رحمت علي ڪيترن ئي جنن جو مرشد هيو ۽ سندس مزار دهليءَ جي مشهور اولياءُ خواجه بختيار ڪاڪي رحہ جي مزار جي اڳڻ ۾ آهي. جنڙيءَ جي آتم ڪٿا جو نالو ”دينار“ آهي.

ڪن آتم ڪهاڻين دنيا ۾ وڏو ترٿلو مچايو. مثال طور: سينٽ آگسٽس جي ”اعترافن“ مذهبي دنيا ۾ وڏو ٻڙڌڪ مچايو، جين جيڪس روسو جي ”اعتراف“ وري ادبي دنيا ۾ وڏو غوغاءُ پيدا ڪيو.

سنڌ جي هڪ اديب ۽ آثار قديمه جي ماهر مرحوم تاج صحرائي به استاد بخاريءَ جي ڪتاب ”اوتون جوتون“ جي مهورت ٿيڻ کان ٿوري جهٽ پهريائين ڪيفي فردوس، نيو چوڪ، دادوءَ ۾ استاد بخاريءَ سميت وينل دوستن جي اڳيان اهو ٻڌايو ته مان به پنهنجي جيون ڪهاڻي ”اعتراف“ (Confessions) جي نالي سان لکي رهيو آهيان. ان ۾ مان ڪابہ ڳالهه لڪائي نه رکندم. پر الائي چو نه لکيائين؟ حالانڪ مون ڪيئي دفعا ڪانئس پڇيو. ڪلي چوندو هيو: آتم ڪٿا لکڻ ڪو يوڳ ڪونهي، سوچيان ٿو ته ڇا لکان ۽ ڇا نه لکان؟ پنهنجي وفات کان هڪ هفتو اڳ، رات جو ٩ بجي فون ڪري سيوهڻ ۽ قلندر جي ميلي ۾ رٿيل ادبي ڪانفرنس ۾ اچڻ ۽ مقالي پڙهڻ لاءِ زور ڀريائين. مون ڪانئس سندس ”اعتراف“ لاءِ پڇيو. چيائين: نذير! اهڙا اعتراف، تو شايد سڄي زندگي ڪونہ پڙهيا هوندا، جيڪي مان ڪندم. افسوس جو قلمي اعتراف ڪرڻ کان اڳ، هڪ وڏي حقيقت يعني موت جو اعتراف ڪيون هليو ويو. ڏک اهو به اٿم ته تيار هوندي به مان سيوهڻ جي ادبي ڪانفرنس ۾ نه وڃي سگهيو هوم. ميلي مان موٽيل ٻن اديبن ۽ شاعرن: مقصود گل ۽ مختيار گهمرو ٻڌايو ته: تون ميلي ۾ نه ايئن! سائين تاج محمد صحرائي، هر هر بي چين ٿي، تنهنجي لاءِ پڇندو رهيو، ڏاڍو منتظر رهيو تنهنجي لاءِ.

ڪئناڊا جي وزيراعظم جي زال مارگريٽ ٽروايڊا جي آتم ڪٿا ”عقل کان ڪجهه متيرو“ به دنيا جي علم ادب جي شوقينن ۽ اديبن/شاعرن کي وائڙو ڪري ڇڏيو هو، ڇو ته مارگريٽ پنهنجي جيون آکاڻيءَ ۽ زندگيءَ جا ڪڙا سچ ۽ حقيقتون، جيئن جو تيئن

لکيون آهن جو پڙهندڙن کان چرڪ نڪري ويا. چيائون: هان! اهڙو سچ بہ پني تي لکي سگهجي ٿو!

اردوءَ جي شاعرِ انقلاب جوش مليح آبادي جي جيون ڪٿا "يادون ڪي بارات" ٣٠ سال گذري وڃڻ کان پوءِ بہ اردو ادب جي ماڻهن ۾ ڪچهريءَ جو موضوع آهي.

اردوءَ جي مشهور اديب خامہ بگوش (ڪَنَ تي قلم) جي پردي ۾ لکل بي مثال نقاد، مشفق خواجہ جا لفظ ڪاڏي وڃن تہ: آتم ڪٿا ۾ ڪوڙ ۽ زٽ هڻڻ جي گهٽي گنجائش موجود هوندي آهي!

انڊيا جي صوبي اَوڌ جي تاجدار واجد علي شاهہ پنهنجي خود نوشت "محل خانہ شاهي" ۾، جيڪا بعد ۾ "پري خانہ" جي نالي سان اردوءَ ۾ لکنو مان شايع ٿي هئي، وڏا زٽ هنيا آهن. پنهنجي لاءِ لکي ٿو تہ: ٨ سالن جي عمر ۾ پهريون عشق ڪيم.

ساڳي ڳالهہ اردوءَ جي متنازعہ شاعر رئيس امروهيءَ جي ڀاءُ ۽ اردو اديبہ زاهده حنا جي سابق مڙس، جون ايليا پڻ پنهنجي شاعريءَ جي مجموعي جي مهاڳ ۾ لکي آهي يعني جون ايليا بہ ٨ سالن جي عمر ۾ پهريون عشق ڪيو هو. عمر ٨ سال ۽ عشق؟! هي ماڻهو مجنونءَ کي مات ڏئي ويا!

البرٽ هبرڊ آتم ڪهاڻين جي باري ۾ چوي ٿو:

"Biography broadens the vision and allows us to live a thousand lives in one."

(ڪٿا اسان جي شعور ۾ واڌارو آڻي ٿي ۽ اسان کي هڪ زندگيءَ ۾ هزارين زندگيون گذارڻ جي لائق بڻائي ٿي.)

آتم ڪٿا قابلِ مطالعہ ٿئي ٿي. ان کي پڙهندي، بقول هڪ مفڪر البرٽ هبرڊ اها اسان جي مسرت ۽ شعور ۾ اضافو آڻي ٿي. ڪٿي ڪي واقعا پڙهندي عبرت حاصل ٿئي ٿي.

ڪن ماڻهن تہ پنهنجي جيون ڪهاڻيءَ ۾ واهہ جا زٽ ۽ ڪُوڙ هنيا آهن. آتم ڪٿائون لکندڙ الائي ڇو اکيون ٻوٽي بند ڪمرن ۾ لکڻ وقت اهو بہ نہ ٿا سوچين تہ پڙهندڙ ٻئي اکيون کولي ۽ چٽيءَ روشنيءَ ۾ پڙهندا هوندا.

مثال طور مشهور پاڪستاني فلمي ڊائريڪٽر ڊبليو زيڊ احمد جي ڀاءُ، انڊيا جي مشهور ڪميونسٽ ليڊر ڊاڪٽر زيڊ اي احمد جي آتم ڪٿا، هونءَ تہ پڙهڻ جهڙي آهي پر اهو بہ هڪ ٻن جاين تي کِسڪي ويو آهي. ڊاڪٽر زيڊ اي احمد مشهور اديب ۽ لاهور جي ترقي پسند رسالي "ادبي دنيا" جي ايڊيٽر مولانا صبيح الدين احمد جو سڳو ڀائيٽو هو ۽ سنڌ جي ناميار سياستدان ۽ سنڌ جي گورنر سر غلام حسين هدايت الله جي گهر واري، سندس سڳي پُڦي هئي. ڊاڪٽر زيڊ اي احمد سنڌ جي تاريخي شهر عمرڪوٽ ۾ ١٩٠٨ع ۾ ڄائو ۽ ١٩٩٩ع ۾ لکنؤ ۾ فوت ٿيو. ڊاڪٽر زيڊ اي احمد پنهنجي آتم ڪٿا ۾ اُهو بہ

لکي ٿو: ”منهنجي سڳي پيڻ صادقه بيگم جي شادي الله آباد (انديا) جي هڪ مشهور ۽ معروف وڪيل پر هڪ هندوءَ شيڪر سرن سان ٿي.“ اڳتي هلي هو هند ۽ سنڌ جي مشهور عالم شمس العلماءُ دائود پوٽي کي ١٩٣٦ع ۾ سنڌ جي ممبيءَ کان ڌار ٿيڻ وقت رٽائر ڏيکاري ٿو. جڏهن ته ڊاڪٽر دائود پوٽو، سنڌ جي سابق گورنر عظيم دائود پوٽي جو والد بزرگوار، پاڪستان نهڻ وقت ٻه ۵۵ سالن جو ڪونه ٿيو هو. ان وقت سرڪاري ملازم جي رٽائر ٿيڻ جي عمر جي آخر حد ۵۵ سال هئي. ڊاڪٽر دائود پوٽو پاڪستان جي قيام کان پوءِ ٻه سنڌ ۾ ڊئريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن هئو. اهو عهدو موجوده سيڪريٽري تعليم جي عهدي برابر هو.

محترم ضياء شاهه سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي دنيا ۾، ڪنهن ٻه رسمي تعارف جي ضرورت نہ ٿا رکن. ضياء شاهه جي جيون آڪاٽي ”ساروٽيون“ جي نالي سان ماهوار ”سوجهرو“ ۾ قسطوار ڇپجي رهي آهي. ضياء شاهه پنهنجي آتم ڪٿا کي بابن ۾ ورهائڻ بجاءِ انگي حسابن وارن انگن ۾ ورهائي ٿو. هن وقت يعني مئي ٢٠٠٣ع تائين، ضياء شاهه جي جيون ڪهاڻيءَ جون ٢٠ قسطون ۽ انگ ٢٨۴ تائين اچي بيٺو آهي. هر قسط ۾ ضياء شاهه جي ’مان مان‘ پئي ٿي پوي. وٽس لفظن ۽ تشبيهن جي ڏاڍي کوٽ نظر اچي ٿي. مثال: ساروٽي نمبر ۴١ ۾ لکي ٿو: وزيراعظم ذوالفقار علي ڀُٽي چوندن جو اعلان ڪيو. ملڪ ڪر پيچي اُٿي ڪڙو ٿيو. وري ساروٽي نمبر ۴٨ ۾ لکي ٿو: ۵ جولاءِ ١٩٧٧ع جو ڏينهن ڪر موڙي اٿيو آهي. يعني ڪڏهن ملڪ ٿو ڪَرَ پيچي ۽ ڪڏهن ڏينهن ٿو ڪر موڙي؟ معنیٰ ڀُٽي صاحب جي جنوري ١٩٧٧ع واري چوندن جي اعلان کان اڳ ملڪ ننڊ پيو هو. يا ايئن ليٽي پيو هو جو چوندن جي اعلان سان ڪر موڙي اُٿي پيو؟ هي ملڪ ۽ ڏينهن ته نہ ٿيا، بلڪ ڪي انسان ٿيا، جيڪي بار بار ڪر موڙي، آرس پيچي اُٿي ڪڙا ٿين ٿا!

ضياء شاهه خود پسند ۽ خود نمائي ڪندڙ ايترو آهي جو پنهنجي تعريف ۾ مبالغي ۽ وڌاءَ کان ايترو ڪم ورتو اٿس جو لڳي ٿو ڄڻ پاڻ شڪارپور ۽ ان جي پسگردائيءَ جو هڪ اهم ۽ وڏي ڪم وارو ماڻهو يا اهم سياستدان آهي. انهن ڳالهين جو ذڪر اڳتي ايندو.

ضياء شاهه ساروٽي نمبر ۴٧ ۾ لکي ٿو: ماضي اجا پيڇو نٿو ڇڏي. هڪ انسان جي ماضيءَ ڪڏهن سندس پيڇو ڇڏيو آهي؟ ماضي ٻه پيڇو ڇڏيندو آهي ڇا؟ معنیٰ هن وقت يعني جُون ٢٠٠٣ تائين يقينًا ماضي ضياء شاهه جو پيڇو ڇڏي چڪو هوندو؟! ماضي خوشگوار هجي يا ڏکوئيندڙ، ڪنهن ٻه انسان جو قبر تائين پيڇو ڪو نہ ڇڏيندو آهي. ايئن لکڻ ته ماضي اجا پيڇو نٿو ڇڏي ڇا معنیٰ؟

نمبر ۴۸ ۾ لکي ٿو: ۵ جولاءِ جو ڏينهن ڪر موڙي اُٿيو آهي. شينهن وانگر گجيو پئي. **ٻاقي ٻيا ڏينهن گدڙن وانگر اونايون ڪندا آهن.** اونهاري جي اُس چورن وانگر ٽپيون ٽپي آئي آهي. **اُس ته هر جاءِ/هر گهر/بنگلي جي اڱڻ يا پٽر ۽ وراندي تائين پهچندي آهي. ڇا چور ٽپيون ٽپي رڳو اڱڻ ۽ وراندن ۾ اچي ويهندا آهن؟** هر روز جيان رڻ ٻري وڃي ٿو. ڏامر جون سڙڪون ٽامڻي هٽي وڃن ٿيون. پاڇا سرڪندا وڃن ٿا. ٽيپهري ڏاري لڪيدر چوڪ تي روايتي رونق موٽي اچي ٿي. مان ڪيفي اعجاز ۾ داخل ٿيو آهيان. دخل وارو ٿو چوي: ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪيوويو آهي. دستور معطل ٿي ويو آهي. جنرل ضياءُ الحق وارد ٿي چڪو آهي. منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وڃي ٿي.

ضياءَ شاهه جي چوڻ موجب: ۵ جولاءِ تي هر روز جيان رڻ ٻري وڃي ٿو. ۵ جولاءِ کان اڳ ۾ ٻه ڪو رڻ متو هيو ڇا، جو ۵ جولاءِ تي ٻه روزمره جيان ساڳي طرح رڻ ٻريو؟ شاهه صاحب پنهنجي آتم ڪٿا ٿو لکي يا ڪنهن فلم ۽ ٽي ويءَ لاءِ ڊرامو، جو پنهنجي ڳالهه ڪنهن فلمي سين وانگي ڏيکاري ٿو؟ ڏامر جون سڙڪون ٽامڻي هڻن ٿيون ۽ وري ٿڏي تي پاڇا سرڪندا وڃن ٿا ۽ هڪدم ٽيپهري ٻه ٿي وڃي ٿي. هيءَ ڪا فلم/ ڊرامي جي سين آهي يا ڪنهن آتم ڪٿا جو حصو؟ جڏهن ڳالهه ٽيپهريءَ واري وقت جي ڪرٽي آهي ته پوءِ ٻن-پهرن جي ٽامڻي هڻڻ جي منظر نگاري ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ضياء شاهه آتم ڪٿا لکي ٿو يا ڪا فلم يا ڪو ڊرامو؟

۴ ۽ ۵ جولاءِ جي وچ واري اڌ رات جو، جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي حڪومت ختم ٿي وئي ۽ پاڪستان ۾ مارشل لا لڳايو ويو. صبح ساجهر کان پاڪستاني ريڊيو ۽ ٽي وي دنيا جون ريڊيو اسٽيشنون هر هر اها خبر ٻڌائينديون رهيون ته ڀُٽي صاحب جي حڪومت ختم ۽ مارشل لا نافذ ڪيو ويو. هيءَ ڪا رواجي ۽ خسيس خبر ڪانه هئي، جيڪا سنڌ جي هڪ سني تاريخي ۽ ثقافتي ۽ تعليم يافته ماڻهن جي شڪارپور تائين شام لڙندڙ ۽ سرڪندڙ پاڇن تائين **پنڌ** ڪندي رهي. ضياء شاهه جهڙي اديب، ڄاڻو، سياستدان (**شاهه صاحب خود لکيو آهي ته مون کي سياست ۾ ٻيهر آڻڻ وارو فلاڻو ابڙو هو**) ۽ شاعر يا ڪيفي اعجاز جي دخل تي ويٺل شخص کي هيءَ هيڏي وڏي ۽ ڇرڪائيندڙ خبر، جنهن سڄي ملڪ جي ماڻهن کي وائڙو ڪري ڇڏيو هو، پيار جي واعدن جيان لڙندڙ ۽ سُرڪندڙ پاڇن يعني ٽيپهريءَ جي وقت پوي ٿي؟ ڀُٽي صاحب جي حوالي سان سندس حڪومت ختم ٿيڻ جي خبر، نيٺ ٻهراڙين جي اڻ پڙهيل عورتن کي ٻه، گهر ويني پئجي وئي ۽ خاص طور تي سنڌ ۾ ماڻهن کي روئڻهارڪو ڪري ڇڏيو هئائين. اها خبر جهنگ جي باهه وانگر سڄي ملڪ ۾ ٻڌي وئي، پر حيرت آهي ته

شڪارپور شهر وارا شام تائين بي خبر رهيا! جو ڪين شام جو اها خبر پئي تہ ڀُٽي صاحب جي حڪومت ختم ڪري مارشل لا نافذ ڪيو ويو آهي!
محترم ضياء شاهہ تاريخ ۽ تاريخي ڪردارن سان، ويساهہ-گهاتي ڪرڻ ۾ ملڪو رکي ٿو. سندس مرضي آهي تہ ڀُٽي صاحب کي زبردستيءَ آزاد ڏيکاري، نئون ديرو پهچائي يا ڪراچيءَ، شاهہ صاحب ڪان ڪير پڇندو؟
نمبر ١٧٧ ۾ ضياء شاهہ لکي ٿو: مان سال ١٩٧٧ ڌانهن موٽي اچان ٿو، ذوالفقار علي ڀُٽي کي سهالا ريسٽ هائوس ۾ نظربند ڪيو ويو. تڏهن ڪنهن بہ نہ پئي ڄاتو تہ جنرل ضياء حدون اورانگهي ويندو. هن ڀُٽي کي ٻاهر وڃڻ جو وجهہ بہ ڏنو. ڪاش ڀٽو برطانيہ يا فرانس هليو وڃي ها. آيت الله خميني بہ تہ جلا وطن رهيو هو ۽ اتي ويهي ايران جي انقلاب کي ڪائونٽر ڪندو رهيو. ڀٽو خود سياست کي آرٽ سمجهندو هو. الائي ڇا ٿي ويس؟ ..... جنرل ضياء، ڀُٽي کي پيرول تي بہ آزاد ڪيو هو پر هو جذباتي بيان ڏيندو رهيو.
۴ ۽ ۵ جولاءِ جي اڌ رات جو ڀُٽي صاحب جي حڪومت ختم ٿي، تڏهن وزيراعظم هائوس تي فوج جو قبضو ڪونہ ٿيو هو. پنهنجي ملٽري سيڪريٽري جي معرفت ڀُٽي صاحب، جنرل ضياء سان ڳالهايو تہ جنرل ضياء چيس: سر مان مجبور آهيان. رڳو اهو ٻڌايو تہ توهان ڪراچي وڃڻ پسند ڪندؤ يا ڳوٺ نئون ديرو؟ ڀُٽي صاحب نئون ديرو لفظ چئي فون بند ڪرڻ تي هيو تہ جنرل ضياء چيس: نيڪ آ سر، صبح صادق جو اسپيشل جهاز توهان کي نئون ديرو کڻي ويندو. ڀٽو صاحب صبح جو ٩ بجي تائين چانهہ ۽ سگار پيئندي منتظر رهيو. اتفاق سان ان رات ڀُٽي صاحب جي سڄي فيملي وزيراعظم هائوس ۾ موجود هئي. صبح جو ٩ بجي اسپيشل جهاز رڳو وزيراعظم ڀُٽي صاحب کي کڻي ڪوهہ مري پهچايو ۽ نہ سهالا ريسٽ هائوس. جيئن ضياء شاهہ لکي ٿو. **ثبوت لاءِ ڏسو ٦ ۽ ٧ جولاءِ ١٩٧٧ جون اخبارون ۽ ان هفتي جا رسالا**. ڀٽو صاحب سهالا ريسٽ هائوس ۾ نظربند ڪونہ هو، البتہ ڀُٽي صاحب جي وزارت جا اهم ماڻهو: جناب ممتاز علي ڀٽو، عبدالحفيظ پيرزادو ۽ مولانا ڪوثر نيازي ۽ قومي اتحاد جا اڳواڻ سهالا ريسٽ هائوس ۾ نظربند ڪيا ويا هئا، جن لاءِ جنرل ضياء جي حڪومت ريڊيو ۽ ٽي وي تي اهو بيان نشر ڪندي رهي تہ: انهن اڳواڻن کي حفاظتي طور نظربند رکيو ويو آهي. ويجهي ماضيءَ جي تاريخ سان ايڏي هٽ-چراند! هيءَ ڳالهہ خود ڀُٽي صاحب ڪيترا دفعا چئي هئي تہ: جنرل ضياءُ الحق مون سان ڪيل پوئين واعدي تان ڦري ويو هو. جناب ممتاز علي ڀٽو، عبدالحفيظ پيرزادو ۽ پروفيسر غفور ان واقعي جا اکين ڏٺا شاهد نہ، پر ان واقعي جا بذات خود ڪردار آهن. اهي بہ تصديق يا ترديد ڪري سگهن ٿا.

باقي جيستائين آيت الله خميني ۽ ڀُٽي صاحب جي ڳالهه آهي ته ٻنهي کي مليل حالتن ۾ فرق هو. ايراني قوم سا به اسلام جي هڪ فرقي شيعه سان سلهاڙيل. مون کي نئون ديري ۾، ڀُٽي صاحب جي بنگلي ۾ ڀُٽي صاحب جي ٻارهي تي آيل، مشهور قانوندان ۽ ڀُٽي صاحب جي وڪيل يحيٰ بختيار ٻڌايو ته: هڪ دفعي مون ڀُٽي کي عرض ڪندي صلاح ڏني ته هو ملڪ کان ٻاهر هليو وڃي. تنهن تي ڀٽو صاحب ڏمرجي پيو ۽ چينيندي چيائين: تون چا ٿو سمجهين ته تاريخ مون کي ڀاڄوڪڙ قرار ڏئي. مان ته ڀڄڻ جي بجاءِ تاريخ جي هٿان مرڻ پسند ڪندم. پر ضياء شاهه لکي ٿو ته: ڀٽو صاحب تاريخ جي بجاءِ فوج جي هٿان مرڻ پسند ڪيو. ضياء شاهه جيڪر تاريخ جي وصف ٻڌائي، ڪجهه وضاحت ڪري ها ته چڱو هو.

ضياء شاهه چوي ٿو: جنرل ضياء، ڀُٽي صاحب کي پيرول تي آزاد ڪيو هو. سوال آهي ته جنرل ضياءُ الحق ڪهڙي ڪورٽ جو جج هو، جو ڀُٽي صاحب کي پيرول تي آزاد ڪيو هئائين. پاڪستان جي هر فرد کي اها خبر آهي ۽ پاڪستان جي عدليه جي تاريخ شاهد آهي ته ڀٽو صاحب ڪڏهن به ڪنهن به صوبائي ۽ مرڪزي ڪورٽ طرفان **پيرول** تي آزاد ڪونه ٿيو هو. ڀٽو صاحب ضمانت تي آزاد ٿيو.

ضياء شاهه شڪارپور ۽ ان جي ڀرپاسي جو ڪيترو اهم ماڻهو آهي جو ٻاهران ايندڙ هڪ غير سويلين عملدار پر ان جو نالو لکڻو ناهي، به هڻ مار ڪري، شڪارپور شهر مان ڏس پتو پڇائيندو ضياء شاهه کي سلطان ڪوٽ جي مڊل اسڪول ۾ ڳولي لهي ٿو. هڪ ڪم جي معاوضي طور ڪيس سينيٽر ٿيڻ جي آڇ به ڪري ٿو! ”ساروٽيون“ جي قسط نمبر ١٢ ۽ انگي نمبر ١٩٨ ۾ پاڻ لکي ٿو:

”هڪ ڏهاڙي اسڪول ۾ هڪ غير سويلين هڪ رٽائرڊ عملدار (**نالو چا هيس؟**) اچي نڪتو. سندس عهدي جو نالو ٻڌي هوند چڱن ڀلن کي ڏڪڻي وني وڃي ها. (**رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ به ايڏو عهدو جو چڱا ڀلا ڏڪي ٿا وڃن!**) هو سڌو مون ڏانهن هليو آيو. مون سان ايئن پئي ڳالهايائين جڻ اسان جي قلمي دوستي رهي هئي. (**ماشاء الله**) چي: **شاه صاحب مين ني آپ ڪي تعريف سُني هي. آپ ماشاءَ الله انڌيري مين چراغ ڪي طرح هين**. پوءِ اصل مقصد ڏانهن آيو. ڪيس ڪا زمين انعام ۾ مليل هئي. ڪيس منهنجو سهڪار گهربل هو. مان اچرج ۾ هوس، منهنجي ڪابه سماجي حيثيت نه هئي ۽ نه وري سردار سلطان احمد خان سان ڏيٺ وائٺ هيم. اسان جي اسڪول ۾ سردار صاحب جا ٻارڙا ضرور پڙهندا هيا، جيڪي مون سان رلي ملي ويا هئا پر مان هڪ صوفي منش هيس. اسڪول کان واندو ٿيڻ، مون لاءِ قيد مان رهائي وانگر هو. سڌو گهر هليو ايندو هوس، ڪنهن سان به عليڪ سليڪ نه رکي هيم. اوچتو وارد ٿيل همراهه پروسي سان پئي چيو

تہ: سندس مسئلي جو حل منهنجي سهڪار سان سلهاڙيل آهي. مان نٿو چئي سگهان تہ ڪيس اهو ڏس ڪنهن ڏنو هو؟ هن مون کي انعام جي آفر بہ ڏني. چئي: مان توهان کي ٽيڪنوڪريٽس جي ڪوٽا ۾ سينيٽر مقرر ڪرائيندس. جنرل ضياء جي دور ۾ ماڻهو خريد ڪرڻ وارو سلسلو هليو پئي، تنهنڪري اها آفر گهٽي عجيب بہ لڳي پر ڪيس **ٺپ** جواب ڏئي ڇڏيم.

ضياء شاهه جي مٿين ڳالهہ ڪيتري قدر سچي يا من گهڙت آهي؟ هڪ غير سويلين عملدار، **معنیٰ فوجي عملدار**، جنهن جي عهدي جو ٻڌي، ڇڱا ڀلا بہ ڏڪي وڃن ٿا. اهڙي وڏي بااختيار عملدار جو ڪم آهي هن کي انعام ۾ مليل زمين تان هارين جو قبضو ڇڏرائڻ. اهڙي بااختيار غير سويلين عملدار نہ گورنر کي چيو، نہ ڪنهن ڪمشنر يا ڊپٽي ڪمشنر کي، پر پنڌ ڪري، وقت سيڙائي، مدل اسڪول سلطان ڪوٽ ۾ پهچي وڃي ٿو. اهڙن بااختيار عملدارن جا ڪم تہ ٽيليفون تي اڪ-ٻنپ ۾ ٿي ويندا آهن، پوءِ سوال آهي تہ اهڙي بااختيار عملدار ضياء شاهه کي ايلاز ڇو ڪيا؟ جڏهن تہ خود ضياء شاهه مڃي ٿو تہ سندس ڪابہ حيثيت ڪانہ هئي، پوءِ اهڙي عملدار هڪ ٽيچر کي **سينيٽر** ٿيڻ جي آڇ ڪيئن ڪئي؟ ڪم ننڍو ۽ معاوضو ايڏو وڏو؟! ضياء شاهه لکي ٿو تہ: اها پيشڪش ڪيس عجيب ڪونہ لڳي؟ لڳي تہ ايئن ٿو تہ اهڙيون آڇون (سينيٽر ٿيڻ جون) ضياء شاهه کي روز روز ٿينديون هيون. ان ڪري سائين ضياء شاهه ان عملدار کي **ٺپ** جواب ڏئي ڇڏيو!

محترم ضياء شاهه لکي ٿو تہ: اسڪول ڪان واندو ٿيڻ مون لاءِ قيد مان رهائي وانگر هو. اسڪول (قيد) مان رهائي (موڪل) ملڻ تي ٻارڙن کي تہ خوشي ٿيندي آهي. ان لاءِ عام طرح ماڻهو ٻڪريءَ ۽ ڪاسائيءَ جو مثال ڏيندا آهن. هڪ ٽيچر ايئن چوي تہ اسڪول مان واندو ٿيڻ هُن لاءِ قيد مان آزاد ٿيڻ برابر هوندو هو تہ اهڙو قيدي اسڪول ۾ ٻارڙن کي ڇا پاڙهيندو هوندو؟

ضياء شاهه جي آتم ڪهاڻي پڙهندي اها بہ ڄاڻ ملي تہ ضياء شاهه ٽيچر/سرڪاري ملازم هوندي بہ سياستدان آهي. پاڻ ٩١ نمبر ۾ لکي ٿو تہ: مون کي سياسي دنيا ۾ ڀيهر آڻڻ وارو اياز ابڙو هو، معنیٰ اياز ابڙي ڪان اڳ ۾ بہ ضياء شاهه سياسي دنيا جو ماڻهو هو. سياسي دنيا مان ضياء شاهه جي مراد الائي ڇا آهي؟ عملي سياست يا نظرياتي؟ سنڌ واسين تہ پاڪستان/سنڌ جي سياسي دنيا ۾ ڪڏهن بہ ضياء شاهه جو نالو نہ ٻڌو هو. نڪي ڪنهن پارٽيءَ ۾ سندس نالو گونجيل هو. محترم ضياء شاهه مشهور ڪميونسٽ ليکڪ نجم عباسي جي طرز تي لکي ٿو: بازار جي مهڙ وٽ بہ ماڻهو ڏاڍيان ڳالهائين پيا. هڪ ابوجهہ ڳوناڻو پيو لنگهي. ”چاچا ڇا حال آهي؟“ بابا الله جي ٻاجهہ آهي، مڙوئي

سک آهي. چاچا ڪوڙ پيو ڳالهائين، ايئن چو نتو چوين تہ: ٻچڙا بکيا آهن. زال بيمار آهي ۽ نياڻيءَ جي مٽي تي پوتي ڪانهي! اڙي اجا ڪونہ سڌرندؤ! اجا ڪيستائين پاڻ کي دوکو ڏيندَؤ؟

ان ڳالهہ جو ضياء شاهہ جي زندگي (**جيون ڪهاڻيءَ**) سان ڪهڙو تعلق؟ هيءَ آتم ڪٿا آهي يا رپورتاز؟ بازار جي مهڙ وٽ جيڪو ابوجهہ ڳوناٽو لنگهي ٿو ۽ حال احوال جي موٽ ۾ الله جو شڪر بجا آڻي ٿو تہ ڪيس چوي ٿو (بقول ضياء شاهہ:) ڪوڙ ٿو ڳالهائين، تنهنجي گهر ۾ بک آهي. تنهنجي زال بيمار آهي. تنهنجي ڌيءَ جي مٽي تي پوتي ڪانهي. سوال آهي تہ ضياء شاهہ کي اها خبر ڪيئن پئي تہ ان (ابوجهہ جن لاءِ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ چا تون نٿو ڏسين تہ سادگي ايمان جي نشاني آهي!) ڳوناٽي جي گهر ۾ کائڻ لاءِ اٽو ڪونهي، هُن جي زال بيمار آهي ۽ هن جي نياڻيءَ جي مٽي تي پوتي ڪونهي. ضياء شاهہ ”سوجهري“ ۾ منهنجي تنقيد جو جواب لکندي فرمايو هو تہ: هو موسيٰ روحاني تہ ڪونهي، پوءِ واٽهڙو ابوجهہ ڳوناٽي جي باري ۾ اها خبر ڪيس ڪيئن پئي يا سندس دوستن کي يا ڪن ٻين کي، تہ هُن جي گهر ۾ ٻچا بکيا آهن. هُن جي نياڻيءَ جو انگ اگهاڙو آهي ۽ هُن جي زال بيمار آهي. ايترين تڪليفن هوندي بہ جيڪڏهن ابوجهہ ڳوناٽو الله جا شڪرانہ ادا ڪري ٿو، تہ ان ۾ دوکي جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ ابوجهہ ڳوناٽي ڪنهن سان دوکو ڪيو؟ ان ابوجهہ ڳوناٽي جي ان ڳالهہ سان ضياء شاهہ جي آتم ڪٿا جو ڪهڙو تعلق يا ڪهڙو لڳ لاڳاپو؟ بقول ضياء شاهہ تہ: هو پنهنجو پاڻ سان دوکو ڪن ٿا، پوءِ ان ۾ ٻئي ڪنهن جو چا وڃي؟ هنن جي، پنهنجو پاڻ سان ڪيل دوکي سان، ٻين جو ڪهڙو نقصان ٿئي ٿو؟ الله پاڪ جو لفظ ٻڌي، هي هٽرادو ترقي پسند چڙن چو ٿا؟ مظلوم ماڻهو تہ ظلم جي انتها ٿيندي بہ چوندو آهي: يلا الله تہ آهي. هي جڙتو ترقي پسند، بي سهارا ماڻهن کان الله جو سهارو ڪسي موت ۾ چا ٿا ڏين؟ لينن، ڪارل مارڪس ۽ مائوزي تنگ جا قول. مائوزي تنگ جي قبر بہ ڊاني وئي. ان جا هڏا بہ ڪڍيا ويا. اقوال ماڻهن جو آسرو تي نہ ٿا سگهن. ڪنهن ڏاهي ۽ عالم جا لفظ آهن تہ:

Faith is not mere feeling there is an element of cognition in it.

(ايمان رڳو احساس ناهي پر ان ۾ عقل جو عنصر بہ شامل آهي.)

هيءَ ڪهڙي ترقي پسندي آهي. لاڙڪاڻي جي رام پنجواڻي لکيو آهي تہ: هُن هڪ دفعي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي کي بہ لاڙڪاڻي جي مسجد مان ٻاهر نڪرندي ڏٺو هو. هي سڀ چا آهي؟ خود ڪو فضيحت اورون ڪو نصيحت. اجا تہ ضياء شاهہ پاڻ کي صوفي منش ڪري ڪوني ٿو. صوفي ٻين تي ٽوڪون ۽ ٺٺوليون، چٿر ۽ طنز نہ ڪندا آهن؟

جيڪڏهن اِبوجهن، مسڪينن جو ايترو احساس اٿوَ ۽ نجات ڏيارڻ چاهيونِ پيا ته پنهنجي وس آهر ان اِبوجهه ڳوناٺي جي مالي مدد ڪيو ها. ڪيس ان بيمار زال لاءِ دوا ۽ نياڻيءَ کي پوتي پارايو ها. الله جا شڪرانا بجا آڻڻ هر ڪنهن جي ذاتي ۽ شخصي ڳالهه آهي. ڇا ذاتي ۽ شخصي ڳالهه ۾ مداخلت ڪرڻ واجب آهي؟

نمبر ١٢٥ ۾، ضياء شاهه اسان جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي علم ۾ اضافو ۽ ڄاڻ وڌائيندي لکي ٿو ته: جهلي ۽ ڪلواڙي ڳوٺن جا ٻار ماڇيپي ۽ مريادا ۾ اڳيرا آهن. تعليم جي لحاظ کان اهي ڳوٺ **حيدرآباد ضلعي جي پاٽ** ڳوٺ سان ڪلهو ملائڻ لاءِ آتا آهن. پاٽ جو ڳوٺ ضلعي حيدرآباد ۾ آهي؟ يا ضلعي دادو ۾، پيارو ڳوٺ ريلوي اسٽيشن جي ڏکڻ ۾؟ هن ڳالهه جي تصديق يا ترديد ته ڦُلجي ۽ پيارو ڳوٺ جا رهاڪو يا رڪڻ جو رهواسي ۽ مشهور شاعر استاد بخاري اڪيڊمي جو سيڪريٽري، نواز رڪٽائي يا پيارو ڳوٺ جو سائين عبدالرحمان شاهه ئي ڪري سگهي ٿو.

١٤٧ نمبر ۾ لکي ٿو: ادبيات ڪتاب گهر تي هڪ ڇوڪري ايندي هئي. هميشه تڪڙي اُبهري ايندي هئي ۽ اُبهري هلي ويندي هئي. مون آسماني اکيون اڳ نه ڏٺيون هيون. ڏکهي قد تي ڍگها وار واهه جو نهندا هئس. اها منهنجي دل جا چارئي خانه والاري ويئي. ڪيس ڏسڻ لاءِ فردوس سئنيما وٽ وڃي ويهندو هوس، ڇو ته هوءَ اڪثر اُتي ايندي هئي. يونيورسٽيءَ جي پوائنٽ بس ۾ سوار ٿي هلي ويندي هئي. بس ۾ سوار ٿيندي اک ٽيٽ سان ڏسندي هئي ته من اندر جا ساز چڙي پوندا هئا. هڪ منجهند ٽاڻي، آفيسر دوست وٽ ويم ته ڪيس پڻ اتي وينل ڏٺم. آڱريون زخمي ٿي پيون هيس. دروازو بند ڪندي طاقن جي پڪوڙ ۾ هٿ اچي ويو هوس. مون واري دوست اڃاتري نظر سان ڏٺس پئي، ٻنهه سرد نگاهن سان. مون سندس آڱرين جي ڊريسنگ ڪئي ته اکين ۾ لڙڪ اچي ويس. سنگتيءَ کان ڪجهه پڇڻ مناسب نه ڄاتم (**ڇا پڇڻ مناسب نه ڄاتئي؟**) آسماني اکين واري ڇوڪري وري نه ڏٺم. سندس اکين جو رنگ آسمان جُهڙي ورتو هو.

بقول ضياء شاهه: هڪ ڇوڪري نيرين اکين واري هن جي پهچڻ کان اڳ ۾ هن جي دوست يا ٻنهي جي گڏيل دوست وٽ منجهند ٽاڻي (**جڏهن پکي پکڻ ٻنهه سمهي پوندا آهن**) جو وينل هئي، جنهن جون آڱريون دروازو بند ڪندي طاقن جي وچ ۾ اچي زخمي ٿي پيون هيون. ضياء شاهه ته پوءِ پهتو. ان سهڻيءَ ڇوڪريءَ جون آڱريون ته اڳ ۾ زخمي ٿي پيون هيون، پوءِ ضياء شاهه جي ان دوست ايترو وقت ڇا پئي ڪيو؟ اها سهڻي ڇوڪري رت وهائيندي رهي ۽ ضياء شاهه جي دوست وِيني مزو پئي ڏٺو. سرد نگاهن سان (**وڏو ڪو بي رحم انسان هو**) ضياء شاهه پهچڻ سان ان ڇوڪريءَ جي ملم پٽ ڪئي. فرسٽ ايڊ باڪس ڪٿان آيو؟ يا ضياء شاهه پاڻ سان کڻيو ويو هو، ڇاڪاڻ ته

ڪيس خبر هئي ته نيرين اکين واري ڇوڪري زخمي ٿي فلاٽي دوست وٽ ويني آهي؟ جيڪڏهن فرسٽ ايڊ باڪس ضياء شاهه جي دوست وٽ آفيس ۾ موجود هئي ته پوءِ سندس دوست ملم پٽي پاڻ ڇونه ڪئي؟ يا فرسٽ ايڊ باڪس ڇوڪري کي ئي ڏئي ڇڏي ها ته هوءَ خود پاڻ ئي پنهنجي ملم پٽي ڪري ها. آخر ضياء شاهه جو انتظار ڇو پئي ڪيو ويو؟

١٥٥ ۾ ضياء شاهه لکي ٿو ته: آغا صدر الدين منهنجي ويجهي سنگتين مان هو. ڪي.ڊي.اي جو ڊائريڪٽر فنانس ٿيو ته منهنجو ياءُ عبدالغفار شاهه ملڻ ويس. آفيس ڇڏي نڪري آيو ۽ بوت به پائي نه سگهيو هو. مان به بنا اجازت سينٽر ڇڏي نڪتو هوس، هوش ۾ ڪونه هوس. شام واري ريل گاڏي تائين ترسڻ منهنجي وس ۾ نه هو. بس ويگن ۾ ئي روانو ٿي ويس. ڊرائيور سان ڄاڻ سڃاڻ هيم. ڪيس ٻڌايم ته ويگن معمول کان تيز ڪيائين.

مرحوم آغا ڪي.ڊي.اي جو ڊائريڪٽر پنهنجي آفيس ۾ پيرين اگهاڙو وينو هو ڇا؟ جيئن ضياء شاهه جي ياءُ جي اچڻ جي خبر پيس ته پيرين اگهاڙو نڪري آيو؟ آغا وينو به جڻ پنهنجي اوطاق ۾ هو. ڇا آغا عبدالغفار شاهه کي اندر آفيس ۾ نه پئي گهرائي سگهيو؟ يا عبدالغفار شاهه جي آفيس ۾ داخلا بند هئي؟ دوستن جي موت جو ٻڌي واقعي صدمو رسندو آهي ۽ ماڻهوءَ کان تڙ تڪڙ ۾ ڪجهه به نه پڄندو آهي ۽ نه ئي سجهندو آهي پر ڊرائيور جو واقف نڪري پوڻ ڪا فلمي ۽ ڊرامائي سين ٿي لڳي. جيئن عام فلمن ۾ هيرو يا ولين جي لاءِ ڏيڪاريو ويندو آهي ته هو تڪڙ ۾ هوندو آهي ۽ تڪڙي سواريءَ کي سڏي ان ۾ ويهندو آهي ته ڊرائيور هن جو اڳ جو واقف نڪري پوندو آهي.

ساڳي قسط جي ١٥٧ ۾ لکي ٿو ..... (آغا) ڪيس ايئن جلد موڪلائڻ جو پتو هجي ها ته سڪندر ذوالقرنين جيان ڪفن منجهان هٿ ٻاهر ڪڍڻ جي وصيت ڪري ها. سوال آهي ته ڪفن مان ٻاهر هٿ ڪڍڻ واري وصيت ڪنهن ڪئي هئي؟ سڪندر اعظم ڪئي هئي ته سندس مرڻ کان پوءِ هن جا هٿ ڪفن کان ٻاهر ڪڍيا وڃن ته جيئن دنيا وارا ڏسن ۽ عبرت حاصل ڪن ته سڄي دنيا تي بادشاهيءَ/حڪمرانيءَ جا خواب ڏسندڙ ۽ حڪومت ڪندڙ جڏهن هن دنيا مان هميشه لاءِ موڪلايو ته هٿين سکڻو هليو ويو. (ڏسو ”مهراڻ“ جو مقالا نمبر) سڪندراعظم جي حوالي سان هيءَ ڳالهه سنڌ ۾ ايتري مشهور آهي جو سنڌ ۾ هن ڳالهه پهاڪي/ورجيس/ چوٽي/ضرب المثل جي صورت ورتي آهي. حيرت جهڙي ۽ اچرج ۾ وجهندڙ ڳالهه هيءَ آهي ته پي سي ۾ رهڻ جون دعوائون ڪندڙ، ايم اي فرسٽ ڊگريون رکندڙ ضياء شاهه کي اها خبر ڪانهي ته سڪندر اعظم ۽ سڪندر ذوالقرنين ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

ضياء شاهه ۷۹ ۾ لکي ٿو تہ: مون گوبند پنجابيءَ کي پئي ساريو. هو تہ سال ۱۹۸۹ ۾ آيو هيو. ڪيس پبلڪ لائبريري ۾ آجياڻو ڏنو هيوسين. رهاڻ وغيره روايتي هئي. چيائين تہ مان پنهنجي شهر واسين جي رڳو شاعري ٻڌندس. اُتي مون غزل پيش ڪيو هو. غزل پڙهندي مون کي هوءَ ياد آئي. گوبند پنجابي کي نہ ٻڌايو هيم. ٻڌايانس ها تہ هوند الهاس نگر جي گهٽي گهٽي جهاڳي ها. غزل پڙهڻ وقت ضياء شاهه کي هُوءَ (هندو ڇوڪري) ياد اچي ٿي ۽ لکي ٿو تہ گوبند پنجابيءَ کي نہ ٻڌايو هيم. ٻڌايانس ها تہ هوند الهاس نگر جي گهٽي گهٽي جهاڳي ها. گوبند پنجابي تي ڪهڙي اچي پئي هئي جو ضياء شاهه جي محبوبہ جي تلاش ۾ هو الهاس نگر (هينئر يا ۱۹۸۹ع ۾ شڪارپور کان بہ وڏو شهر) جي گهٽي گهٽي جهاڳي ها! گوبند پنجابيءَ جهڙي عمر رسيده شريف ماڻهو، اديب ۽ شاعر کي ٻيو ڪم نہ هيو ڇا؟ ڪنهن ٻئي ملڪ جي ماڻهوءَ جي محبوبہ ڪير ڳوليندا آهن؟ گوبند پنجابي تي ايڏو وڏو الزام!

ساروٽي نمبر ۲۴۴ ۾ ضياء شاهه علم جا واهڙ وهائيندي لکي ٿو: ...... مان بنو هاشم قبيلي جي باني هاشم بابت پڻ سوچيندو هوس. پوءِ تصور ۾ قداور ۽ جانٺو شخص اچي ويندو هو جيڪو زائرين جي اُڃ اُجهائڻ لاءِ زم زم جي پاڻيءَ ۾ ڪشمش وجهي ڇڏيندو هو ۽ پاڻي مِنو ٿي ويندو هو. هاشم زائرين کي ماني، ڀِين جي صورت ۾ پيش ڪندو هو. ماني کي ڀِين ۾ ورهائڻ سبب مٿس نالو **هاشم** پئجي ويو.

ضياء شاهه جي لکڻيءَ موجب: هاشم زم زم جي پاڻيءَ ۾ ڪشمش وجهندو هو تہ جيئن پاڻي منو ٿئي. ڇا هاشم جي وقت ۾ زم زم جو پاڻي ڪارو، تلخ ۽ ڪسارو هيو جو هاشم کي ان ۾ ڪشمش وجهڻ جي ضرورت پيش آئي؟ حقيقت اها آهي تہ حضرت اسماعيل جي پيرن جي پيداوار ۽ بي بي هاجران جي چيل لفظن زم زم (بيهہ بيهہ) جي چشمي ۽ هاڻي کوهہ جو پاڻي تہ شروع کان وٺي مفرح ۽ هاضميدار رهيو آهي. زم زم جو پاڻي ڪڏهن ڪؤڙو ڪسارو ۽ ڪارو هيو جو ان ۾ هاشم سڳوري کي ڪشمش وجهڻ جي ضرورت پيش آئي؟ پاڻيءَ ۾ ڪشمش بہ وجهبي آهي ڇا؟ نڪو ماني جي ڀِين ڪرڻ/ورهائڻ کي عربيءَ ۾ هاشم چئبو آهي، جيئن ضياء شاهه لکي ٿو. هاشم عربي جو لفظ آهي جيڪو هشم مان ورتل آهي يعني مانيءَ کي ٻوڙ جي رس ۾ ڪُٽي ڪرڻ وارو. نڪو زائرين کي هاشم مانيءَ جا ڀِيا ڪري کارائيندو هو. اصلي ڳالهہ تہ ضياء شاهه گول ڪري ويو آهي. عمر بن عبدالمناف تي هاشم نالو ڪيئن پيو. هڪ دفعي مڪي ۾ اهڙو ڏڪار پيو جو مڪي جا رهواسي اناج جي داڻي لاءِ سڪن پيا. پنهنجي ڳوٺائين جي اهڙي حالت ڏسي هاشم شام ويو ۽ اُتان سوين مڻ ان ڪٽائي مڪي پهتو. جن اُٺن تي ان ڪٽائي آيو هو انهن اُٺن کي ذبح ڪري، انهن جون قيمو ڪرايائين ۽

جيئن ته مکي جا ماڻهو گهٽي تعداد ۾ بڪايل هيا، ان ڪري قيمي ۾ گهٽي رس ڪرائي ان ۾ ماني پورا پورا ڪري ان جي ڪتي نهرائي، ماڻهن کي کارائيندو رهيو، جتان ان جو نالو هاشم پيو يعني پورا پورا ڪُتي ناهيندڙ. (ڏسو ڪتاب ”انسان العيون“ جلد١- ص-٥) هاشم جي قبر، شام ۾ اڄ به موجود آهي.

ضياء شاهه لکي ٿو ته: هر جمعي تي لطيف شاهه جو ميلو لڳندو هيو. اُتي نرتڪين جو ناچ ٿيندو هو. هڪ ڏينهن ناچ ڏسڻ جي ارادي سان ميلي ۾ ويم. هڪ نوجوان ناري، ڍولڪ جي تال تي نچندي نچندي مون وٽ آئي. مون وٽ ڪيس ڏيڻ لاءِ آڌيلي (اڌ رُپيو) کان سواءِ ڪجهه به نه هو. مون ڪيسي ۾ هٿ وجهي آڌيلو ڪڍي سندس ترِيءَ تي رکي مٺ بند ڪئيمانس ته هُن به تيستائين مُٺ نه کولي جيستائين آڌيلو صندوق ۾ نه ويو ..... انهيءَ نرتڪي مون کي فيملي لائين جيڪب آباد ۾ موجود پنهنجي گهر جو سرنامو ڏئي چيو ته: جڏهن به جيڪب آباد اچو ته مون وٽ ضرور اچجو. (ساروٽي ٢٤٦)

ضياء شاهه جي مٿين هترادو ڳالهه پڙهي مون کي طلعت ۽ شمشاد بيگم جو ڳايل دوئٽ: **ملتي هي آنکين دل هُوا ديوانه ڪسي ڪا**، ٿو ياد اچي. هڪ نرتڪي جنهن جو ذريعه معاش، جسماني شاعري/ناچ ڪري پئسا ڏوڪڙ ڪمائڻ هجي، سا آڌيلي تي ايڏو موهجي پئي، جو نه رڳو آڌيلو صندوق ۾ سوغات سمجهي سانديائين پر موٽ ۾ گهر اچڻ جي دعوت به ڏئي ٿي! نرتڪيون ايئن آڌيلن تي مرن ته پوءِ عاشقن کي ڇا کپي؟ آڌيون آڌيون ميڙينديون رهن ته پوءِ ميلن ۾ سڄي سڄي رات، ڇيريون وڄائڻ جي ڪين کهڙي ضرورت، جو نچندي سندن جسم به شل ٿي پوندا آهن؟ مون کي اردوءَ جو پهاڪو ياد اچي ٿو: **گهوڙا گر گهاس سي دوستي ڪري تو ڦر ڪائي گا ڪيا؟** اها نوجوان نرتڪي، جيڪا ليکڪ ضياء شاهه جي خوابن جو سينگار آهي ۽ ليکڪ ايترو پُراميد آهي ته هوءَ گهر جي چائنٺ تي ويهي سندس انتظار به ڪندي هوندي. عاشق ڪيڏي نه خيالي دنيا ۾ رهي اجايا پهه ٿا پچائين؟ شڪارپور کان جيڪب آباد وڃڻ لاءِ ڪنهن پاسپورٽ ۽ ويزا جي ضرورت هئي ڇا، جو ايڏي مهربان نرتڪيءَ جا ديدار، درشن ۽ ڪچهريءَ لاءِ، ڪهڙا سبب هيا جو ضياء شاهه نه وڃي سگهيو؟ جڏهن ته اها مائي/نرتڪي ايڏي مهربان به هئي! اهڙي ايڊريس ته سنڌ جي هڪ ڄاتل سڃاتل ڪردار محترم ڄام ساقيءَ کي به ڪنهن ميلي ۾ ڪنهن مهربان مائي/نرتڪيءَ ڏني هئي. هي اسان جا اديب ۽ شاعر يا مشهور ماڻهو پاڻ کي لکنؤ جي شاعرن ۽ اديبن سان ڇو ٿا ڀيٽين؟ لکنوي شاعر به هر هر اها ڳالهه لکندا ۽ چوندا هئا ته مٿن طوائفون ۽ نرتڪيون مرنديون هيون.

ضياء شاهه پنهنجي جيون ڪهاڻيءَ ۾، پنهنجي تعريف ڪرڻ ۾ به وسان ڪونه گهٽايو آهي. لکي ٿو ته: لطيف آباد نمبر ٩ ۾ هڪ پناهگير طبيب وٽ ويهي ٿو رهان. هُو يوناني

حڪمت ۾ ماهر هيو ۽ غزل گوئي سندس مشغلو هيو. هُو (حڪيم) لکنوي ٻوليءَ ۾ کيکر ڪندو هو. ڪيس سنڌين لاءِ غلط فهميون هيون. سنڌين کي هو جنسي طور ڀٽڪيل پائيندو هو. مون سان ڪچهريون ٿيس تہ پشيمان ٿيو. چيائين: **شاهہ صاحب مين خود ڀٽڪ گيا ٿا! آپ راهہ راست پر لائي هين.** ٻولي بہ دهلوي، لکنوي ۽ بهاري ٿيندي آهي ڇا؟ دهلي، ڪانپور، سلطان پور، لکنؤ، حيدرآباد دکن ۽ صوبہ بهار جا سيئي ماڻهو (اڪثريت)، هندو مسلمان، اردو ڳالهائيندا آهن. سندن ٻولي اردو آهي. البتہ انهن جو لهجو الڳ الڳ ٿئي ٿو. ضياء شاهہ تہ ماشاء الله سندس چوڻ موجب: اردوءَ ۾ شاعري بہ ڪندو هو. ان کي اها خبر ڪانهي تہ لکنوي ٻولي نہ ٿيندي آهي. اهو لکنوي حڪيم سنڌين کي جنسي طور ڀٽڪيل پائيندو هو. ضياء شاهہ کيس اهڙي پٽي پڙهائي جو اهو لکنوي حڪيم ضياء شاهہ جي گفتگو، دانائي ڏاهپ، فصاحت ۽ بلاغت جو ايترو قائل ٿي ويو جو بي اختيار چئي ڏنائين: **شاهہ صاحب مين خود ڀٽڪ گيا ٿا! آپ راه راست پر لائي هين.** ايئن تہ ڪوڙ مهاجر سنڌين جي خلاف زهر رکن ٿا. ضياء شاهہ کي اهڙو گر هر هنڌ استعمال ڪرڻ کپي جو مهاجر مجبور ٿي چون: **اسان ئي ڀٽڪيل هئاسون.**

شاهہ صاحب اهو تنهنجو قرب آهي جو اسان کي سنئين ۽ سڌي راهہ تي وٺي آئين.

سارتر کان پڇيو ويو: توهان پنهنجي آتم ڪٿا جو نالو ”الفاظ“ چو رکيو آهي؟ جواب ۾ چيائين: لفظ ڳالهائبا آهن. لفظ لکبا آهن. لفظ بار ڪندا آهن. لفظ ذهني باليدگي آڻيندا آهن. لفظ ذهني تشدد ڪندا آهن. لفظن (ڳالهائڻ) جي ڪري انسان اشرف المخلوقات آهي. سارتر جا اجا بہ ڪوڙ ٻيا الفاظ آهن. اهي وري ڪنهن ٻي ساعت!

يار زنده صحبت باقي.

”ڪينجهر“ جون سنڌي ادب ۾ ڪاوشون

انساني ايجادن ۾ ڪاغذ اها شيءِ آهي، جنهن علم و ادب، شاعريءَ، مذهب ۽ تهذيب، ثقافت ۽ انساني معاشري جي تفريحي مواد کي، ايندڙ نسلن تائين محفوظ رکڻ جو اهڙو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي جو املهه/ماڻڪ موتي ۽ قيمتي سرمايو هميشه لاءِ محفوظ ٿي وڃي ٿو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، ڪاغذن ۾ سهيڙيل سرڪاري رسالي ”نئين زندگي“ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي ”مهراڻ“ کي تاريخ ڪٿي وساري سگهندي؟ انهن رسالن شيخ اياز، اياز قادري، سوڀو گيانچنداڻي، علي محمد مجروح، امداد حسيني، ذوالفقار راشدي، بردو سنڌي، ماستر هزارو خان مجاهد، وفا ناٿن شاهي، محسن ڪڪڙائي، سليم ڳاڙهوي، هري دلگير، نياز همايوني، ابراهيم منشي، تنوير عباسيءَ کان استاد بخاريءَ تائين ۽ عمدن نثرنگارن، محققن ۽ مترجمن جو تعارف سنڌي پڙهندڙن سان ڪرايو ۽ سن 1950 واري يا ان کان پوءِ وارن ڏهاڪن ۾ عثمان ڏيپلائيءَ جا رسالا: ”انسان“ ۽ ”عبرت“، ذوالفقار راشديءَ جو لاڙڪاڻي مان نڪرندڙ ”مذهبِ انسانيت“، هالا جو ”فردوس“، حميد سنڌيءَ جو ”روح رهاڻ“ (1920ع واري ڏهاڪي ۾ پڻ حيدرآباد سنڌ مان هڪ رسالو ”روح رهاڻ“ نالي سان نڪرندو هو)، طارق اشرف جو ”سهڻي“، نوناريءَ جو ”بادل“، نوابشاهه جو ”ادا“، موري شهر جي ”باک“، تاج بلوچ جو ”سوجهرو“، انور جو رسالو ”سنڌ“، گُل ڪونتر جو ”ادب“ ۽ ناز سنائيءَ جي ”ڪينجهر“ جو شمار اهڙن مخزنن/ رسالن منجهان آهي، جن پڙهندڙن جو هڪ وڏو وسيع حلقو پيدا ڪيو ۽ پڙهندڙ انهن رسالن جو انتظار ڪندا رهيا آهن. سنڌيءَ ۾ شايع ٿيندڙ اهڙن رسالن جا نالا ڪڍڻ سان انهن جي ايڊيٽرن جو نالو فوري طور ذهن ۾ ايئن اچي وڃي ٿو جيئن گلاب، رابيل ۽ رات جي راڻيءَ جي گلن جي نالي ڪڍڻ سان انهن جي خوشبوءِ جو تصور يا ماڪيءَ جي نالي ڪڍڻ سان ماکيءَ جو صاف شفاف ۽ مناڻ جو احساس. ايئن رسالي ”مهراڻ“ جي نالي ڪڍڻ سان محترم محمد ابراهيم جويو ۽ مرحوم غلام محمد گرامي، ”انسان“ سان جڙيل نالو محمد عثمان ڏيپلائي، ”نئين زندگي“ معنئ عبدالواحد سنڌي، ”روح رهاڻ“ سان ڳنڍيل نالو حميد سنڌي، ”سوجهرو“ جو نالو وٺڻ سان تاج بلوچ ۽ ”ڪينجهر“ جو نالو وٺڻ سان ناز سنائي سميت سيني جون الڳ الڳ تصويرون ذهن تي اُڀري اچن ٿيون. سنڌ محمد عثمان نالي ٻه ماڻهو اهڙا اديب پيدا ڪيا جن پنهنجي ذات تي سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ نمايان ۽ منفرد حيثيت حاصل ڪري ورتي. انهن منجهان هڪ، ”انسان“ رسالي وارو محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ٻيو ”ڪينجهر“ وارو محمد عثمان عرف ناز سنائي. ٻنهي جي ذات ميمڻ هجڻ پڻ حيرانگيءَ جهڙي ڳالهه آهي. انهن

ٻنهي جي رسالن کي ڇرڪائيندڙ ۽ انوکي مواد کري پسند ڪيو ويو يا پسند ڪيو وڃي ٿو.

ڪنهن بہ رسالي جي عمارت، جن ٿنين تي بيهي ٿي، انهن ٿنين منجهان اهم ۽ مضبوط ٿنيو: ايڊيٽر ٿئي ٿو. هر رسالي جي ادبي معيار کي برقرار رکڻ جي سڄي ذميواري ايڊيٽر جي مٿان هوندي آهي ۽ رسالي ۾ ايڊيٽوريل نوٽ جي اهميت اهڙي هوندي آهي جهڙي مُنڍيءَ ۾ ٽِڪ ۽ هيري جي. "مهراڻ" رسالي ۾ محمد ابراهيم جويي ۽ غلام محمد گرامي يا "نئين زندگيءَ" ۾ مرحوم عبدالواحد سنڌيءَ جا ايڊيٽوريل نوٽ سرڪاري رسالن جي ڪري سرڪاري پاليسيءَ کي نظر ۾ رکي لکيل هئڻ باوجود بہ ادبي لحاظ کان موتين جي مالها آهن، پر رسالي "انسان"، ٻُڌي ويل "سهڻيءَ" جي ميهار طارق اشرف، "سوجهرو" ۾ تاج بلوچ ۽ "ڪينجهر" ۾ ناز سنائيءَ جا لکيل ايڊيٽوريل ان ڪري الڳ شناخت رکي ادب جو شاهڪار سمجهيا وڃن ٿا، ڇاڪاڻ تہ انهن پنهنجي لکيل ايڊيٽوريل نوٽ ۾ ادبي مسئلن سان گڏ سنڌ جي حقيقي مسئلن يا ٻرندڙ مسئلن کي پڻ پنهنجي قلم جي نوڪ تي آندو.

"ڪينجهر" ۾ جڏهن رقيبن طرفان هتراڏو طوفان آٽي/ آٽائي "ڪينجهر" کي ٻنهي ڪنارن کان جل ٿل ڪري ڇڏيو تہ طوفان ۾ هلندڙ ٻيڙي ("ڪينجهر") جي ملاح (ناز سنائي) پنهنجي قدرتي صلاحيتن کي استعمال ڪندي، هن ٻيڙيءَ کي ٻڏڻ کان بچايو ۽ ايئن "ڪينجهر" پنهنجي ملاح جي معرفت طوفاني برسات وارين راتين ۾ پنهنجا 100 ڦيرا پُورا ڪيا. "ڪينجهر" ۾ شايع ٿيل تنقيدي مضمونن کي ساراهڻ بجاءِ ان جي ايڊيٽر کي ملامتن جو نشانو بڻايو ويو. ان ڳالهہ کي نظرانداز ڪيو ويو تہ رسالي "ڪينجهر" ۾ ڪهڙي نوعيت جو مواد شايع ٿي رهيو آهي، حالانڪ "ڪينجهر" ۾ اهڙو مواد شايع ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ نہ رڳو عالمن لاءِ پر عام پڙهندڙ لاءِ بہ ان ۾ دلچسپيءَ جو عنصر موجود هوندو آهي. الائي ڇو اسان وٽ سنڌي ادب ۾ تنقيدي عمل کي زياده فروغ نہ ملي سگهيو آهي. لڳي ٿو تہ اسان جا اديب، قلمڪار ۽ شاعر، پاڻ کي اعليٰ ۽ ارفع سمجهي، تنقيد کان بالاتر سمجهن ٿا. ان جو شايد هڪ سبب هيءُ بہ آهي تہ هر شخص (قلمڪار) پنهنجي طبعي رُجحان يا پنهنجي علمي ۽ فڪري سطح مطابق سوچي ٿو. ان ڪري اسان جي فڪري انتشار ختم ٿيڻ جي بجاءِ ان ۾ ڏينهن بہ ڏينهن واڌرو ۽ اضافو ٿيندو رهي.

"ڪينجهر" ۾ شايع ٿيل تنقيدي مواد جي ڪري رسالي "ڪينجهر" کي سنڌي ادب ۾ اها حيثيت حاصل آهي، جيڪا اردو ادب ۾ ناصر بغداديءَ جي منفرد رسالي "بادبان" کي آهي. ڪراچيءَ مان نڪرندڙ هن رسالي (بادبان) کي سڄي هندوستان ۽ مغرب جي ملڪن

۾ جتي جتي **اردو گهر** جي نالي سان ادارا آهن، اُتي پسند ڪيو وڃي ٿو. تنقيدي عمل ته تاريخي آئيني برابر هوندو آهي. ڇا تاريخي آئيني کي پيچڻ سان تاريخي حقيقتون اسان جي **مرضيءَ پٽ-اندر** بدلجي سگهن ٿيون؟ ايئن "ڪينجهر" به تاريخي آئينو ڏيکاري ٿو. "ڪينجهر" جي ايڊيٽر يا قلمڪارن جي شايع ٿيل مواد ۾ ڏٺل اکرن، لفظن ۽ جملن ۾ هڪ سچائي آهي. اهڙي طرح "ڪينجهر" جي ايڊيٽر جي هر تحرير اثرائتي آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ سچائي ۽ صداقت جي توانائيءَ وارو تاثير شامل آهي. تنقيد جهڙي معياري لفظ کي **نڪته چيني** جهڙي ڪرب پرئي لفظ برابر سمجهيو وڃي ٿو. حقيقت هيءَ آهي ته تنقيد ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. نقاد کي قاضي ٿي فتوىٰ ڏيڻي پوي ٿي ۽ اها قاضيءَ جي ذميواري ناهي ته سندس ڏنل فتوىٰ **ڪنهن** جي حق ۾ وڃي ٿي يا **ڪنهن جي** خلاف! پنهنجن ۽ پراون جي لکڻين تي تنقيد ڪري ۽ ڇاپي، ناز سنائي جرئت مندي، همت ۽ بهادريءَ جو ڪم ڪري، "ڪينجهر" جو معيار برقرار رکيو آهي. تنقيد اها شيءِ آهي، جنهن سان دوستي ۽ تعلقات ۾ فرق پئجي سگهي ٿو يا اچي وڃي ٿو، پر "ڪينجهر" ان ڳالهه جي پرواهه نه ڪندي، پنهنجو سفر يعني تنقيد نگاري جاري رکي، سنڌي ادب جي سونهن ۾ اضافو ڪيو آهي.

هيءَ به هڪ حقيقت آهي ته سنڌ ۾ نڪرندڙ ڪوڙ رسالن کان "ڪينجهر" ڪيترين ڳالهين ۾ گوءِ کٽي ويو آهي. سڀ کان اول ته هي اشتهارن جي مدد کان بغير هلي رهيو آهي. "ڪينجهر" جو آتم ڪٿا نمبر، منهنجو ڳوٺ نمبر (ٻه حصا) ۽ خاڪا نمبر (ٻه حصا) پڙهڻ وٽان آهن. مون کي ته اردو ادب ۾ به اهڙو آتم ڪٿا نمبر نظر ڪونه ٿو اچي. آتم ڪٿا نمبر کي دُنيا جي ادب ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته "ڪينجهر" ۾ شايع ٿيل هر آتم ڪٿا نه ته آتم ڪٿا آهي ۽ نه ئي جڳ ڪٿا پر انسان ڪٿا آهي. هنن ڪٿائن ۾ هڪ عام ماڻهوءَ جا پنهنجا ذاتي ۽ شخصي، ڇرڪائيندڙ تجربا ۽ مشاهدا آهن، جيڪي اهڙي مڪمل سچائيءَ سان لکيا ويا آهن جو اهڙي لکڻ جو حوصلو پاڻ کي **پوز خان** سمجهندڙن ۽ ورائيندڙن وٽ به ڪونهي. هتي ته لکيل ڊائريون ۽ ذاتي خط به **ٽاپ سيڪريٽ** چئي پنهنجي گهرن دوستن ۽ رازدانن کان به لڪايا ويندا آهن.

جيئن ماضيءَ ۾ سنڌي رسالن "نئين زندگي" ۽ ته ماهي "مهراڻ" نون ۽ تازه دم شاعرن ۽ اديبن، مترجمن ۽ محققن کي پنهنجي (اسٽيج) ڪاغذن تي آڻي نروار ڪيو، جن مان اڪثر اڳتي هلي صاحبِ ڪتاب بڻيا، جيئن شيخ اياز، سوڀو گيانچنداڻي، امداد حسيني، ذوالفقار راشدي، استاد بخاري، وفا ناٿن شاهي، بردو سنڌي ۽ ٻيا ڪوڙ. ساڳيءَ طرح ڪينجهر به ڪيترن ئي نون قلمڪارن ۽ اديبن، شاعرن ۽ محققن جو تعارف سنڌ جي پڙهندڙن سان ڪرايو، جن منجهان ڪيئي اڳتي هلي صاحبِ ڪتاب بڻيا. اهڙن اديبن ۽

شاعرن، ليکڪن ۽ محققن ۾ محبت ٻرڙو، الطاف ملڪاڻي، آسي زميني، سعيد ميمڻ، منير سولنگي، مرحوم م.ن محزون ۽ انجنيئر عبدالوهاب سهتو شامل آهن. انجنيئر عبدالوهاب سهتي جا تہ ٻہ چار تحقيقي ڪتاب شايع ٿيا آهن. تازو سندس تحقيقي ڪتاب ”ورجيسون“ جي نالي سان شايع ٿيو آهي. هيءُ ڪتاب پنهنجي موضوع ۽ مواد جي لحاظ کان منفرد اهميت رکي ٿو. اهڙيءَ طرح محبت ٻرڙي جي ڪتابن جا مضمون، اَڌَ کان مٿي سڀ کان اول ”ڪينجهر“ ۾ شايع ٿيا. الطاف ملڪاڻيءَ جي ڪهاڻين جي مجموعي ”ساڀيان کان رنل سپنا“، سعيد ميمڻ جي شعري ڳٽڪي ”نيڻ سفر ۾“، آسي زمينيءَ جي شعري ڪتاب ”مجتا جي رُج ۾“ وارن ڪتابن ۾ ڏنل شاعريءَ مان گهڻي شاعري سڀ کان اول ”ڪينجهر“ ۾ شايع ٿي ۽ عام پڙهندڙن کان داد ورتو. ايئن مرحوم محمد نواز محزون بہ مسلسل ”ڪينجهر“ ۾ لکندو رهيو. سندس ڪتابن ۾ آيل مواد گهڻو تڻو ”ڪينجهر“ ۾ شايع ٿيل آهي.

”ڪينجهر“ جو وجود ناز سنائيءَ جي شوق ۽ ذوق جو تسلسل آهي. اهو ئي سبب آهي جو انتهائي مشڪل حالتن جو مقابلو ڪندي، هن ”ڪينجهر“ کي ڪنارن سميت بچائي رکيو آهي. ان جي پاڻيءَ (مواد) جي حفاظت ڪندي، ان کي جاري رکي، سنڌي ادب جي خدمت ڪري رهيو آهي. مون کي يقين آهي تہ ناز سنائي ”ڪينجهر“ جي مزاج ۽ معيار کي تنقيدنگاريءَ سميت (ڇاڪاڻ تہ تنقيد جو فن، نثرنگاريءَ کان گهڻو بلند ۽ مٿاهون آهي) برقرار رکندو ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ ان ساڳئي جذبي سان ڪم ڪري، ”ڪينجهر“ جي پاڻيءَ (مواد) کي گدلي ٿيڻ ۽ سينوارجڻ کان بچائي رکندو.

”گهڙيون گذاريم جن سين“ جو تنقيدي جائزو

زيتونن، ٻيرن ۽ انبن جي وڻن سان جنجهيل شهر لاڙڪاڻو، پنج هزار سال قديم تهذيبي اهڃاڻ موئن جو دڙو ۽ بين الاقوامي شخصيت قائد عوام ذوالفقار علي ڀُٽي جي حوالي سان، سڄي دنيا ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. انهيءَ سان گڏوگڏ، لاڙڪاڻي جو سنڌي ادب ۽ شاعريءَ ۾ پڻ ڀرپور حصو رهيو آهي. تازو ڪسڪي ويندڙ وِيهين صديءَ جي پوئين اڌ واري حصي ۾، مرحوم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو نالو به، سنڌي ادب جي حوالي سان چڱو گونجيو. اهو اتفاق چئجي يا ٻيو ڪجهه، ته گذريل ويهين صديءَ ۾، لاڙڪاڻي جي حوالي سان جن غير لاڙڪاڻوين شهرت ماڻي،انهن ٻنهي جا نالا عبدالمجيد هئا ۽ ٻئي پاڻ کي سنڌي سڏرائيندا هئا. منجهانئن هڪُ، تحريڪ پاڪستان جو اهم نالو، شيخ عبدالمجيد سنڌي هو. هُو اصل ۾ حيدرآباد سنڌ جو رهاڪو هو. برصغير جي نامور ليڊر، اديب ۽ فلاسفر سائين جي. ايم. سيد جي چوڻ تي، نئين ڪنڌ جي ورهاڱي کان اڳ، اسيمبليءَ جي سيٽ لاءِ، لاڙڪاڻو ۽ رتوديرو تڪ مان، سر شاهنواز ڀُٽي جي مقابلي ۾ فارم ڀريو هئائين. ڪن مخصوص سببن جي ڪري هو ڪامياب به ٿي ويو هو. ٻيو آهي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. هو اصل ۾، سنڌ جي ثقافتي شهر شڪارپور کان ٽن ميلن جي فاصلي تي هڪ ڳوٺ ماڙيءَ جو رهاڪو هو. شروعاتي ۽ ڪجهه سيڪنڊري تعليم، شڪارپور شهر جي مشهور نيو ارا اسڪول مان ورتي هئائين، جنهن بعد لڏي اچي لاڙڪاڻي ۾ ديرو ڄمايائين ۽ حياتيءَ جا پويان پساهه به اتي پورا ڪيائين.

لاڙڪاڻي ۾ الائي ته ڪهڙي قدرتي ڪشش رکيل آهي جو جيڪو به ٻاهريون ماڻهو، منجهس پهتو ته هميشه لاءِ لاڙڪاڻوي ٿي ويو. جيڪڏهن ڪن سببن جي ڪري لاڙڪاڻي کي ڇڏڻ چاهيو به هوندائين ته سندس دل ۽ من سندس ساٿ نه ڏنو هوندو. مثال طور: سنڌ جو سابق وزير اعليٰ قاضي فضل الله، اصل ۾ نوشهروفيروز جو هيو پر لاڙڪاڻي جي آب و داڻي کيس ڇڪي لاڙڪاڻي پهچايو، ته هميشه لاءِ لاڙڪاڻي جو ٿي ويو، تان جو مٽيءَ پنوڙو به لاڙڪاڻي ۾ دفن ٿيس. مشهور درگاهه، سائين قائم شاهه بخاريءَ جي پر واري قبرستان ۾ ابدي ننڊ ڪري رهيو آهي.

ڪيترا مثال ڏجن؟ سنڌي ادب جي مشهور شخصيت، محترم محمد حنيف صديقي، ڊاڪٽر بشير احمد شاد، ساهتي پرڳڻي سان تعلق رکندڙ سنڌ جو ڄاتل سڃاتل محقق جناب انجنيئر عبدالوهاب سهتو ۽ پٽنه شهر (بهار-انڊيا) کان لڏي ايندڙ، انجمن ترقي

پسند مصنفين جو موجوده سيڪريٽري جنرل ۽ لاڙڪاڻي سنگت جو باني چيئرمين جناب مسلم شميم وغيره، انهن سيني جي شناخت لاڙڪاڻي سان آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي شروعات ۾ پي. ڊبليو. ڊِي کاتي ۾ اوورسيئر هو ۽ پوءِ ايم.اي سنڌي ڪيائين ته پراڻي سکر جي مين روڊ تي ٽڪريءَ تي اڏيل هڪ خانگي اسلاميه آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج ۾ شعبي سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو. ١٩٧٢ع جي سيپٽمبر مهيني ۾، ان وقت پاڪستان جي صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر، جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي حڪم هيٺ سيئي تعليمي ادارا قومي ملڪيت ۾ ورتا ويا، ته ڪاليج سان لاڳاپيل تدريسي ۽ غير تدريسي عملو به رات جي پيٽ ۾ سرڪاري ملازم بڻجي ويو. ١٩٧٤ع ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ پي ايچ. ڊي جي ڊگري ورتي ۽ بعد ۾ اُتر سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۾ پرنسپال پڻ رهيو، جن ۾ پاڪستان ڪاليج خيرپور ميرس، شاهه لطيف ڪاليج شڪارپور، شاهه لطيف ڪاليج قمبر، آرٽس ڪاليج رتوديرو ۽ آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻو شامل آهن. اهو به اتفاق ئي چئجي ته ڊاڪٽر صاحب، جن به ڪاليجن ۾ پرنسپال رهيو، سي هڙئي قومي تحويل ۾ ورتل يعني نيشنلائيزڊ ڪاليج هئا.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو، يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب ”گهڙيون گذاريم جن سين“ ١٩٩٤ع جي جنوريءَ واري مهيني ۾، ”مهراڻ اڪيڊمي ڪراچيءَ“ طرفان شايع ٿيو، جنهن ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ پنهنجن گهاٽن دوستن يا گهٽي ويجهڙائپ رکندڙ شخصيتن جو ذڪرِ خير ڪيو آهي، جن ۾ روهڙيءَ وارو مشهور روشن دماغ تعليمي ماهر، اديب ۽ دانشور سائين عطا حسين شاهه موسوي کان وٺي رتوديرو جي مشهور تعليمي ۽ سماجي شخصيت المعروف ”سائين قاضي“ يعني قاضي عبدالحي شامل آهن.

پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٤٠ تي، سنڌ جي لاثاني اديب ۽ مورخ مولائي شيدائيءَ بابت ”هڪ زنده دل دوست ۽ عظيم مورخ“ عنوان ڏئي ڳالهه شروع ڪئي اٿس ۽ صفحي ٤٦ تي لکي ٿو:

”سکر مان جڏهن پير علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشدي هفتيوار اخبار ’ستاره سنڌ‘ جاري ڪئي ته ان ۾ سندس مضمونَ ’مولائي شيدائي‘ جي قلمي نالي سان ڇپجڻ لڳا. اخبار جي مطالعي ۽ مضمونن لکڻ جي شوق کيس ’ستاره سنڌ‘ اخبار جي آفيس ۾ پهچايو. اهڙيءَ طرح راشدي برادران سان تعلق پيدا ٿيس. انگريزن جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي گرفت کان بچڻ لاءِ، صلاح ٻيني ته قلمي نالو اختيار ڪيو وڃي. پير علي محمد راشديءَ، سندس طبيعت موجب ’مولائي‘ نالو اختيار ڪرڻ جي تجويز ڏني. پير

حسام الدين راشديءَ جو رايو هو تہ ’شيدائي‘ لکيو وڃي. مولائي صاحب ڪلندي چيو: ٻئي نالا ڪٽي ٿو ڳنڍ رکان. اهڙيءَ طرح ’مولائي شيدائي‘ قلمي نالو اختيار ڪري، ان نالي سان مضمون لکڻ شروع ڪيائين.“
خبر نہ ٿي پوي تہ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي لکڻ جو مقصد ڇا آهي؟ هڪ طرف پاڻ لکي ٿو: ”جڏهن راشدي پائرن سکر مان ’ستاره سنڌ‘ اخبار جاري ڪئي تہ رحيمداد خان جا مضمون ’مولائي شيدائي‘ جي نالي سان اخبار ۾ ڇپجڻ لڳا هئا. وري ٿو لکي تہ: اخباربينيءَ جي شوق ڪيس اخبار ’ستاره سنڌ‘ جي آفيس ۾ پهچايو، جتي راشدي برادران سندس قلمي نالي تي پاڻ ۾ ردڪد ڪئي.
سوال آهي تہ جڏهن اخبار ’ستاره سنڌ‘ ۾، ميمڻ صاحب جي لکت موجب، رحيمداد خان جا مضمون، ’مولائي شيدائي‘ جي نالي سان ڇپبا هئا تہ پوءِ انگريزن جي حڪومت جو ڊپ ڊڄ ڇا معنيٰ؟ راشدي پائرن ڪيس قلمي نالو اختيار ڪرڻ لاءِ ڇو زور پريو ۽ ڪيئن زور پريو؟ ڇا راشدي پائرن کي اها ڄاڻ بہ ڪانہ هئي؟ ايئن بہ ناهي تہ مولائي شيدائي ڪلي، راشدي پائرن کي چيو تہ: ٺهيو پلا ٻئي نالا ڳنڍي ٿو رکان، جيئن ميمڻ صاحب لکيو آهي. رحيمداد خان جو قلمي نالو ’مولائي شيدائي‘ اختيار ڪرڻ لاءِ آخري ۽ حتمي فيصلو، ڪنهن ڪيو هو؟ ان لاءِ ڏسو تہ-ماهي ’مهراڻ‘ جو ’سوانح نمبر‘، حصو پهريون، ڇاپو پهريون، سال ۱۹۵۸ع. سنڌ جو هڪ سنڌو اديب محترم مقبول صديقي، مولائي شيدائيءَ جي سوانح عمريءَ ۾ ’مولائي شيدائي‘ نالو ڪيئن پيو، جي عنوان تحت لکي ٿو:
”ريلوي گارڊ جي زماني ۾، مولائي صاحب پنهنجي فرصت جون گهڙيون سکر جي اخبار، ’ستاره سنڌ‘ جي آفيس ۾ ان جي ايڊيٽر پير علي محمد راشديءَ وٽ گذاريندو هو. هڪ دفعي مولائي صاحب جڏهن پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي ۽ مولانا دين محمد وفائي مرحوم سان ڪچهري ڪري رهيو هو تہ ڳالهين ڳالهين ۾ پير علي محمد راشديءَ ڪيس صلاح ڏني تہ جيئن تہ هو سرڪاري ملازم هوندي اخبارن ۾ مضمون لکي رهيو آهي، جا ڳالهہ حڪومت جي نظر ۾ ڪنهن حد تائين اعتراض جوڳي آهي، تنهنڪري وقت جي تقاضا اها آهي تہ هو پنهنجي اصلي نالي سان اخبارن ۾ طبع آزمائي ڪرڻ بدران ڪو فرضي نالو اختيار ڪري. جيئن تہ راشدي صاحب جي تجويز نهايت ئي معقول هئي، تنهنڪري مولائي صاحب قبول ڪئي. ان ڪري ڪين پاڻ بابت ڪو فرضي نالو تجويز ڪرڻ لاءِ استدعا ڪيائين، جنهن تي پير علي محمد راشديءَ، سندس فقيرانہ ۽ دلچسپ طبيعت کي مدنظر رکي سندس لاءِ ’مولائي‘ جو تخلص تجويز ڪيو. وري پير حسام الدين راشديءَ جو خيال هو تہ هن لاءِ ’شيدائي‘ تخلص وڌيڪ

موزون رهندو. مگر هڪڙو مولانا دين محمد وفائي مرحوم ئي هو، جنهن جي دماغ ۾ گهٽي ويچار ڪرڻ کان پوءِ به مولائي صاحب لاءِ ٻيو ڪو موزون تخلص نه آيو. هوڏانهن وري راشدي برادران ڪنهن به هڪ تخلص تي متفق ٿيڻ لاءِ تيار نه هئا ۽ هر هڪ پنهنجيءَ جاءِ تي هوڏيو بيٺو هو. ان ڪري ان تنازعي کي طئه ڪرڻ لاءِ مولانا دين محمد وفائي مرحوم پنهنجي طرفان رٿ پيش ڪئي ته چو نه ٻئي تخلص: 'مولائي شيدائي' اختيار ڪيا وڃن. اها رٿ سڀني ڌرين کي پسند آئي ۽ ان ڏينهن کان مير رحيمداد خان جو قلمي نالو ڦري 'مولائي شيدائي' ٿي ويو."

سنڌ جي هڪ ٻئي اديب ۽ شاعر، ميرن واري خيرپور جي رهاڪو، پروفيسر عطا محمد حاميءَ جو ذڪر ڪندي، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪتاب جي صفحي ١١٢ تي لکي ٿو:

"ڪجهه وقت کان پوءِ رياست خيرپور جي سياست ۾ اهم تبديلي آئي ۽ رياست جي آزاد اسيمبليءَ جو قيام عمل ۾ آيو. حامي مرحوم به رياست جي سياست ۾ حصو ورتو ۽ اليڪشن کٽي اتي جو ايم اين اي ٿيو."

خبر ناهي ته ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ اهو ڪيئن لکيو آهي ته: رياست خيرپور جي آزاد اسيمبليءَ جو قيام عمل ۾ آيو! ڇا رياست خيرپور کي آزاد ڪشمير جهڙي حيثيت حاصل هئي جو ان جي اسيمبلي به آزاد هئي؟ ان زماني جي خيرپور رياست جو نظام توڙي اسيمبلي، حڪومت پاڪستان جي قانون پٽ-اندر ڪم ڪندا هئا. رياست خيرپور جي اسيمبلي، جنهن کي ڊاڪٽر صاحب "آزاد اسيمبلي" ڄاڻايو آهي، تنهن جي حيثيت اها ساڳي هئي جيڪا موجوده نئين نظام تحت پاڪستان جي ضلعي اسيمبلين کي آهي. ڇا ڪو هاڻي اهو چئي سگهندو ته ضلعي اسيمبليون آزاد آهن؟ رياست خيرپور جا وزيراعظم به رياست جو حڪمران مقرر ڪري ڪونه سگهندو هو. اهي به مرڪزي حڪومت مقرر ڪندي هئي. جنهن اليڪشن جي ڳالهه ڊاڪٽر صاحب ڪري ٿو، سا خيرپور رياست جي آخري وزيراعظم ممتاز علي قزلباش جي دَور ۾ ٿي هئي. آغا ممتاز علي قزلباش جا يادگار: ممتاز ڪاليج، ممتاز گرائونڊ ۽ ممتاز ڪالوني، اڃا تائين خيرپور ۾ موجود آهن. ايم اين اي مان مراد آهي ميمبر نيشنل (قومي) اسيمبلي. ڇا خيرپور رياست جي اسيمبليءَ کي قومي اسيمبليءَ واري حيثيت حاصل هئي، جو پروفيسر عطا محمد "حامي" اتان جو ايم اين اي هو؟ هيءَ ڳالهه ڪا صديون پراڻي ڪونه آهي. ان اليڪشن جا ڪوڙ ساترا اکين ڏٺا شاهد، ووٽر ۽ اليڪشن ۾ ڊيوٽي ڪندڙ ماڻهو اڃا خير سان حال حيات آهن. رپڙيءَ جي پر واري ڳوٺ علي بخش سروهيءَ جا به پائر: مولوي نور محمد خان سروهي ۽ ميان فيض محمد خان سروهي، جيڪي ٽپيدار طور مشهور هئا، سي ان اليڪشن جا داستان ٻڌائيندا هئا. انهيءَ اليڪشن ۾ ڳوٺ علي

بخش سروهيءَ جي زميندار ۽ وڏيري علي بخش سروهيءَ جو پاڙيسري، ڪنڊڙي وارو مرحوم غلام قادر پنهور به چوندجي آيو هو ۽ قزلباش وزارت ۾ تعليم جي محڪمي جو قلمدان سنڀاليو هئائين، جنهن جو ذڪر مرحوم قائم رضا عرف ”نسيم“ امروهي پنهنجي اردو ۾ لکيل ڪتاب ”تاريخ خيرپور“ ۾ پڻ ڪيو آهي. ايئن ته ڪوڙ ماڻهو ان اسيمبلي جا ميمبر چوندجي آيا هئا، ڇا اهي سڀ ايم اين اي هئا؟!

ان اسيمبليءَ جي خاص ڳالهه هيءَ هئي ته پروفيسر عطا محمد حامي ان اسيمبلي جو واحد ميمبر هو، جيڪو حزب اختلاف واري سيٽ والاريندو هو ۽ قزلباش جي ”مخالف ذر“ طور سڃاتو ويندو هو، ڇاڪاڻ ته آغا ممتاز علي قزلباش ۽ مرحوم پروفيسر عطا محمد حاميءَ جي هڪ ٻئي سان ٻنهه ڪانه پوندي هئي. ٻئي هڪ ٻئي لاءِ سڄي رياست ۾، رقيب طور مشهور هئا. آئنده جو مورخ، جڏهن خيرپور رياست جي تاريخ ۾، سنڌيءَ جي شاعر پروفيسر عطا محمد حاميءَ جي علمي ڪارنامن ۽ شخصيت تي قلم کڻڻ چاهي ۽ ڪيس ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو ڪتاب هٿ لڳي وڃي، ته ظاهر آهي ته هو اهو ئي لکندو جيڪو ڊاڪٽر ميمڻ سنڌي لکيو آهي. ڇا پوءِ اهڙي تاريخ ”مستند“ هوندي؟ اڄ کان ١٠٠ سال يا وڌيڪ عرصي بعد، ڪير تصديق يا ترديد ڪندو ته مرحوم پروفيسر عطا محمد حامي ايم اين اي هئو! يا رياست آزاد به هئي؟

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ساڳئي باب ۾ لکي ٿو: ”ون يونٽ قائم ٿيڻ وقت، جيئن ته صوبائي اسيمبليون ختم ٿي رهيون هيون، انهيءَ ڪري ون يونٽ قائم ٿيڻ کان ٿورو اڳ (حامي صاحب) اسيمبليءَ تان استعيفيٰ ڏئي ممتاز ڪاليج خيرپور ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر ٿي رهيو. انهيءَ سان گڏ ڪرنل شاهه هاسٽل جو سپرينٽينڊنٽ به ٿي رهيو.“

هڪ طرف لکي ٿو ته صوبائي اسيمبليون ختم ٿي رهيون هيون، ڇاڪاڻ ته ون يونٽ قائم پئي ٿيو، ته ان کان ٿورو اڳ اسيمبلي تان استعيفيٰ ڏئي ممتاز ڪاليج خيرپور ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر ٿي رهيو. پر ساڳي صفحي تي ڊاڪٽر عطا محمد حامي لاءِ لکي ٿو: ”انهن ڏينهن ۾ مخدوم طالب المولىٰ جي زيرنگرانيءَ هالا ۾ سروري اسلاميه ڪاليج هلي رهيو هو، جنهن جو ان وقت پرنسپال مشهور اديب محبوب علي چنه مرحوم هو. حامي صاحب مرحوم، ايم اي پاس ڪرڻ کان پوءِ هن ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو، جتي ڪيس محبوب علي چنه مرحوم جي رفاقت ۽ دوستي ۽ حضرت طالب المولىٰ سائين جي صحبت جو شرف به حاصل ٿيو.“

هتي سوال هيءُ آهي ته پڙهندڙ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي لکيل ڪهڙي ڳالهه تي اعتبار ڪري؟ حامي صاحب اول ڪٿي پروفيسر مقرر ٿيو هو؟ مخدوم طالب المولىٰ جي زيرنگرانيءَ ۾ سروري اسلاميه ڪاليج هالا ۾ يا ون يونٽ قائم ٿيڻ کان

ٿورو اڳ ممتاز ڪاليج خيرپور ميرس ۾؟ ڇاڪاڻ تہ ڊاڪٽر ميمڻ صاحب، ٻئي ڳالهيون لکيون آهن ۽ ڪابہ وضاحت نہ ڪري سگهيو آهي.

ساڳئي صفحي تي پاڻ وڌيڪ لکي ٿو:

”هر سال اسلام آباد ۾، اهلِ علم ڪانفرنس تي، بہ گڏ هوندا هئاسون. هڪ پيري مرزا اسد بيگ مرحوم، راقم الحروف ۽ حامي صاحب هڪ ڪمري ۾ رهياسون. اهي ڪچهريون وسرڻ جون نہ آهن.“ خبر نہ ٿي پوي تہ ڊاڪٽر ميمڻ صاحب جي لکڻ جو مقصد ڇا آهي؟ اها تہ عام ڳالهہ ۽ عام مشاهدو آهي تہ ڪانفرنس جي موقعن تي منتظمين طرفان انتظام ڪجهہ اهڙو هوندو آهي جو ٻن ٻن يا ٽن ٽن اهل قلم حضرات کي هڪ ڪمري ۾ ئي رهايو ويندو آهي ۽ اها ڪا نئين يا خاص ڳالهہ بہ ڪانہ آهي. پر سوال آهي تہ اتي ڪچهري ڪهڙي تي؟ ڪهڙا عالمانہ ۽ اديبانہ نقطا زير بحث ٿيا؟ يا حامي صاحب ڪهڙيون نيون ۽ چرڪائيندڙ ڳالهيون ڪيون. يا بس فقط اهو لکڻ تہ اهي ڪچهريون وسرڻ جون نہ آهن، ڇا معنیٰ؟ ائين تہ عام ماڻهو بہ چوندا آهن تہ يار فلاڻو اديب مليو. ڏاڍي سٺي ڪچهري ٿي، ڇانهہ ٻانهہ پيتي سون!

ڊاڪٽر صاحب صفحي ١١۴ تي لکي ٿو:

”ان ڪان سواءِ هن ناچيز سان گڏ سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر بہ ٿي رهيو. محترم قاسمي صاحب بورڊ جو چيئرمين هو. حامي مرحوم، سندس (مولانا قاسمي صاحب جو) بيحد احترام ڪندو هو، پر حق ۽ سچ چوڻ ۾ ڪنهن جو بہ لحاظ نہ رکندو هو.“ ان جي جواب ۾ عرض تہ سنڌ ۽ پاڪستان جو ڪهڙو عالم، اديب، شاعر، سياستدان يا دانشور هيو يا آهي، جيڪو مولانا قاسمي صاحب جو احترام نہ ڪندو هو؟ سنڌ يونيورسٽيءَ جو سابق وائيس چانسيلر، پاڪستان جو مجيل دانشور ۽ اديب، سابق مرڪزي وزيرِ تعليم، پروفيسر غلام مصطفیٰ شاهہ جهڙو شوخ طبيعت رکندڙ ماڻهو بہ قاسمي صاحب جو احترام ڪندو هو. ايتري قدر جو شاهہ صاحب پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ مولانا قاسمي صاحب کي پي ايڇ. ڊي جي ڊگري نہ هوندي بہ پي ايڇ. ڊي ڪندڙن جو گائيڊ مقرر ڪيو هو. جيڪڏهن مان پلجان نہ ٿو تہ خود ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ کي جيڪا پي ايڇ. ڊي جي ڊگري ملي هئي سا بہ مولانا قاسمي صاحب جي مرهون منت ملي هئي. سوال ٿو ٿئي تہ اهو ڪهڙو حق ۽ سچ هيو، جيڪو چوڻ ۾ حامي صاحب، بقول ڊاڪٽر ميمڻ صاحب جي، ڪنهن جو بہ لحاظ نہ رکندو هو؟ مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي جي حوالي سان اهڙو جملو لکڻ جي ڇا معنیٰ آهي؟!

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي اڳتي هلي، سنڌ جي هڪ ٻئي سني اديب، شاعر ۽ نقاد شيخ اياز ۽ آفاق صديقيءَ جي گهاٽي دوست مرحوم شيخ عبدالرزاق ”راز“ جو ذڪر ڪندي صفحي ١٢٥ تي لکي ٿو:

”١٩٤٧ع جو ڪجهه عرصو هن پنجاب ۽ ڪشمير جي سير و سياحت ۾ صرف ڪيو ۽ انساني خون جي هوليءَ جا مناظر پنهنجي اکين سان ڏٺا.“

١٩٤٧ع ۾ انسانن جو رت بيدرديءَ سان وهيو ۽ هڪ راڪاس پنهنجي اندر جي اڄ انساني رت سان اجهائيندو، سڄي برصغير ۾ ڊوڙندو رهيو ۽ اسان جي اديب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ کي اهو سڀ ڪجهه ”هولي“ نظر آئي؟ هولي ته هندن جي خوشين جو تهوار آهي، جيڪو مختلف خوشنما رنگن ۽ خوشين جو اهڃاڻ آهي ۽ ههڙي انساني سانحي کي هولي سمجهڻ؟ يا ههڙي انسان ذات سان قهر ٽيڻ واري واقعي کي هوليءَ سان ڀيٽ ۽ تشبيهه ڏيڻ؟

اڳتي هلي صفحي ١٣٠ تي پاڻ لکن ٿا:

”وڏي پئماني تي، لطيف ادبي ڪانفرنس به سکر ۾ منعقد ٿي. محترم آفاق صديقي ۽ راقم الحروف (ميمڻ عبدالمجيد سنڌي)، ’راز‘ صاحب جا ٻانهن ٻيلي رهياسون.“ سکر ۾ لطيف ڪانفرنس منعقد ڪرڻ ۾ رڳو ’راز‘ صاحب اڪيلو ڪونه هو. اها شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽيءَ جي گڏيل ڪوشش هئي، چاڪاڻ ته آفاق صديقيءَ ان ڪانفرنس جي تفصيلي روئيداد پنهنجي آتم ڪٿا ”صبح ڪرنا شام ڪا“ ۾ لکي آهي. ان ۾ ڪٿي به اهو ڪونه لکيو اٿس ته: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي به ڪو، ان ڪانفرنس جي منعقد ڪرڻ ۾ سندن ٻانهه ٻيلي هو.

پنهنجي ڪتاب جي صفحي ١٤٥ تي ڊاڪٽر صاحب ننڍي کنڊ جي مشهور مزدور ليڊر ۽ ڪميونسٽ رهنما ڪامريڊ جمال الدين بخاريءَ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

”ڪيس انهيءَ ڳالهه تي به فخر هو ته هُو (ڪامريڊ بخاري) احمد آباد جي جنهن محلي ۾ ڄائو هو، ان جو نالو به ’سنڌ واڙو‘ هو جيڪو سنڌ جي رهواسين ئي اڇي آباد ڪيو هو ۽ پوءِ انهن جي ڪري ئي انهيءَ نالي سان مشهور ٿيو.“

ڊاڪٽر ميمڻ سنڌيءَ جي مٿين لکيل ڳالهه جي جواب ۾ عرض ته ڪامريڊ سيد جمال الدين بخاري احمد آباد گجرات انڊيا ۾ ضرور ڄائو هو پر سنڌي واڙي ۾ نه، جيئن ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو. ڪامريڊ سيد جمال الدين بخاريءَ جو جنم ١٩٠٠ع ۾ احمد آباد، گجرات، انڊيا جي هڪ پاڙي ”بخاري محلي“ ۾ ٿيو هو. ١٩٨٢ع ۾ پاڪستان نيشنل سينٽر لاڙڪاڻي ۾، ڪامريڊ سيد جمال الدين بخاريءَ سان رهاڻ رچائي وئي. ان موقعي تي، لاڙڪاڻي جي هڪ ادبي تنظيم، بزم سچل، طرفان ڪامريڊ جي حياتيءَ ۽ ڪارنامن

تي مشتمل هڪ ڪتاب: ”اجا ڪي آهين“ شايع ٿيو ويو هو. اهو، تنظيم جي جنرل سيڪريٽري ۽ لاڙڪاڻي جي معروف شاعر مرحوم لقمان ”حڪيم“ شايع ڪرايو هيو. اُن ڪتاب ۾ پهريون مضمون ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ”سنڌيءَ“ جو ۽ آخري مضمون ”بخاريءَ جي ڪهاڻي، سندس ئي زباني“ جي نالي سان، خادم حسين منگيءَ قلمبند ڪيوهيو. انهيءَ ۾ ڪامريڊ سيد جمال الدين بخاري چوي ٿو:

”آئون احمد آباد ۾ ڄائو آهيان. مون ننڍي هوندي کان ڏٺو ته احمد آباد ۾ هڪڙو پاڙو هو، جنهن کي ’سنڌي واڙو‘ جي نالي سان ياد ڪيو ويندو هو. انهيءَ پاڙي جا سنڌي صدين کان وٺي ڪو نه ڪو ڪم ڪندا هئا. اهي سنڌي اسان جي خاندان جا مُريد به هئا ۽ اسان جي ’پاڙي جي آستوڙيه دروازي‘ جي ٻاهران، جانورن جو هاٽ لڳندو هيو، جنهن ۾ سنڌي گهوڙا، ڳئون، ڍڳا ۽ مينهن جو واپار ٿيندو هو. سنڌ جا ماڻهو پڻ اسان جي ڏاڏي جي قبر تي فاتحا پڙهڻ لاءِ عام طور تي ايندا هئا. اسان جي ’بخاري محلي‘ جي سامهون هڪ وڏي مسجد آهي. انهيءَ مسجد کي عام طور ماڻهو ’راڻي سپري‘ جي مسجد جي نالي سان ياد ڪندا آهن. انهيءَ مسجد جي سامهون ’ڄام جُوڻي‘ جي ٻنهي ڏيئرن جا مقبرا آهن، جيڪي ميناڪاريءَ جي ڪري مشهور آهن.“ (ڪتاب ”اجا ڪي آهن“ صفحو ٤٥-٤٦)

ڪامريڊ سيد جمال الدين بخاريءَ جي زباني معلوم ٿيو ته هن جو جنم احمد آباد گجرات انڊيا جي هڪ پاڙي ’بخاري محلي‘ ۾ ٿيو هو. ڪامريڊ سيد جمال الدين بخاري عليڳڙهه يونيورسٽيءَ جي شاگرديءَ واري دَور ۾ پنهنجي هڪ ڳهاٽي سنڌي دوست ۽ سنڌ جي هڪ سابق وزيراعليٰ، قاضي فضل الله جي معرفت لاڙڪاڻي ۾ آيو. سندس گهر واري شانتا بائي ۽ سندس ٽئي پٽ، اجا تائين لاڙڪاڻي جي مشهور ۽ معروف درگاهه حضرت سيد قائم شاهه بخاريءَ جي پرسان قائد عوام روڊ تي رهن ٿا. ڪامريڊ سيد جمال الدين بخاري جي فرزند ۽ عالم سيد سلطان بخاريءَ (هن جو به ذڪر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڪامريڊ سيد جمال الدين بخاريءَ واري تذڪري ۾ ڪيو آهي) ٻڌايو ته: ”آئون پنهنجي والد ڪامريڊ سيد جمال الدين بخاريءَ ۽ والده شانتا بائيءَ سان گڏجي ١٩٥٦ع ۾ پنهنجي ڏاڏاڻي ڏيهه يعني احمد آباد گجرات ويو هئس. اسان جو ڏاڏاڻو گهر، احمدآباد جي بخاري پاڙي ۾ آهي، نه ’سنڌي واڙي‘ ۾. احمد آباد ۾ پاڙي کي واڙو چيو وڃي ٿو. اسان جي وڏن جي درگاهه حضرت سيد عالم شاهه بخاريءَ جي نالي سان، احمدآباد جي بخاري پاڙي ۾ موجود آهي ۽ اسان جا سوٽاڻ ان درگاهه جا متولي ۽ سجاده نشين آهن. ٻه ٽي سال اڳ جڏهن احمد آباد، گجرات ۾ ڀيانڪ هندو مسلم فساد ٿيا هئا، تڏهن اُتان جي مسلمانن پڄي اسان واري درگاهه ۾ پناهه ورتي هئي. البته سنڌي پاڙو احمد آباد

گجرات ۾ ضرور آهي. پر ’بخاري پاڙو‘ ۽ ’سنڌي واڙو‘ احمد آباد جا بہ الڳ الڳ محلا آهن، جيئن ڪنهن بہ شهر ۾ بہ مختلف پاڙا يا محلا هجن.
ڪامريڊ جمال الدين بخاريءَ ڪان پوءِ ”سيرت ۽ ساجاهہ جو صاحب“ جي عنوان سان سنڌ جي هڪ مجيل اديب ۽ شاهہ جي رسالي جي ڄاڻوءَ، سابق ڊائريڪٽر آف ڪاليجز حيدرآباد ريجن مرحوم پروفيسر سائين محمد اڪرم انصاريءَ جون يادون بيان ڪيون اٿس. ڊاڪٽر ميمڻ صاحب پنهنجي ڪتاب جي صفحي ١٤٩ تي شروعات ۾ ئي لکي ٿو:
”هُو (پروفيسر محمد اڪرم انصاري صاحب) مون کي شاهہ لطيف جي شعر جو تمام وڏو ڄاڻو معلوم ٿيندو هو. ان هوندي بہ هو مون ناچيز کان شاهہ صاحب جي ڪن شعرن جو مفهوم پڇندو هو ۽ تبادلہ خيالات ڪندو هو.“
ڊاڪٽر ميمڻ صاحب اڳتي هلي صفحي ١٥١ تي لکي ٿو:
”اتفاق وري اهڙو ٿيو جو جڏهن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مون پروفيسر آف سنڌيءَ جي آساميءَ لاءِ فارم پريو تہ ان کان پوءِ جلد ئي انصاري صاحب ڪميشن جو ميمبر مقرر ٿيو. ڪميشن ۾ پروفيسر آف سنڌيءَ جو انٽرويو ڏيڻ ويس تہ انصاري صاحب منهنجو انٽرويو وٺڻ واري بورڊ ۾ ميمبر هو. شاهہ صاحب جي ’خاص‘ بيتن جي لسٽ ناهي ڪٽي آيو هو، جن جو مفهوم هن ’مون کان‘ سمجهڻ گهريو ٿي. هو مون کان بيتن جي معنيٰ پڇندو رهيو ۽ لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم تي بحث مباحثو ڪندو رهيو. هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس منهن ڀهڪڻ لڳو. حقيقت اها آهي تہ عالم کي ڪنهن علمي مسئلي جي سلجهاءَ تي جيڪا دلي مسرت حاصل ٿيندي آهي، ان جو ڪاٿو ڪَٿي نہ ٿو سگهجي.“
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي مٿين لکڻيءَ مان اهو صاف بکي رهيو آهي تہ پروفيسر محمد اڪرم انصاري، شاهہ ڀٽائي جي بيتن جي باري ۾ ڪنهن اهڙي مونجهاري جو شڪار هيو ۽ هو غريب ريشمي ڌاڳن جي اهڙن مختلف رنگن واري سُٽ جيان منجهيل ڪنهن اُلجهاءَ جو شڪار هيو جو ان مسئلي کي آخرڪار ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ حل ڪيو، تڏهن تہ پاڻ لکيو اٿس:
”ڪنهن عالم کي ڪنهن علمي مسئلي جي سلجهاءَ تي جيڪا دلي مسرت حاصل ٿيندي آهي، ان جو ڪاٿو ڪَٿي نہ ٿو سگهجي.“ پر اهو ڪهڙو علمي مسئلو هيو جيڪو پروفيسر اڪرم انصاري کان نہ سلجهيو هو؟ يا شاهہ ڀٽائيءَ جا اُهي ڪهڙا بيت هئا جن جي پروفيسر صاحب هڪ ڊگهي لسٽ ناهي رکُو ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ کان معنيٰ ۽ مفهوم پڇڻ واسطي ڪٽي آيو هو؟ ان آسامي لاءِ انٽرويو ڏيندڙ فقط ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ”سنڌي“ تہ ڪو نہ هو جو ڪيس يقين ٿي ويو تہ شاهہ جي بيتن جي اها

لست رڳو ۽ رڳو هن لاءِ ترتيب ڏئي ناهي وئي هئي؟ يا اهي کهڙا بيت هئا؟ ثبوت ڏيڻ لاءِ ڪو هڪ اڌ شاهه جو بيت يا شعر ڏيڻ ته ڪپندو هو ته جيئن اسان پارن جي علمي معلومات ۾ اضافو ٿئي ها! چاڪاڻ ته ميمڻ عبدالمجيد ”سنڌي“ پاڻ ئي لکي ٿو ته: ”سنڌس جواب ڏيڻ کان پوءِ پروفيسر انصاري صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سنڌس منهن ڀهڪڻ لڳو.“

هتي جيڪڏهن اهو وڏاءُ نه سمجهيو وڃي، جيڪڏهن آءٌ اهو لکان ته پروفيسر محمد اڪرم انصاريءَ سان منهنجي به نيازمندي هئي. پروفيسر محمد اڪرم انصاري صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات تعلقي ڏوڪري، ضلعي لاڙڪاڻي جي هڪ ڳوٺ ٺُلاهه جي رهواسي محترم علي اڪبر ٺُنئي ڪرائي هئي. مرحوم علي اڪبر ٺنيو، منهنجي سڳي چاچي (جنهن کي آءٌ بابو وڏو چوندو آهيان) مشهور تعليمي ماهر مرحوم حاجي درمحمد سومري جو عزيز ترين شاگرد هو. علي اڪبر ٺنيو پهريائين جامعه عربيه جو هيڊ ماستر هيو، جتي ٻين سان گڏ پروفيسر عبدالرسول شيخ (سابق پرنسپال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو حال حيات ۽ لاڙڪاڻي ۾ رهائش پذير) به سنڌس نائب هو. ١٩٦٢ع واري تعليمي پاليسيءَ کان اڳ سنڌ يونيورسٽيءَ جي مئٽرڪ واري درجي ۾ علي اڪبر ٺنئي جو انگي حسابن جو ڪتاب A Simple Course of Arithmetic پڙهايو ويندو هو ۽ محترم علي اڪبر ٺنيو پوءِ، حيدرآباد سنڌ جي ڪينٽونمينٽ ڪاليج جو پرنسپال ۽ اڳتي هلي (شايد) مرڪزي تعليمي بورڊ اسلام آباد جو چيئرمين بڻيو هو. آءٌ جڏهن به حيدرآباد ويندو هئس ته جناب علي اڪبر ٺنيو سان گڏجي پروفيسر محمد اڪرم انصاريءَ سان ملڻ ضرور ويندا هئاسون، چاڪاڻ ته علي اڪبر ٺنيو پاڻ به علم ۽ ادب دوست شخصيت هو. اُتي انصاري صاحب سان وڏا عالم، اديب ۽ دانشور ڪچهري ڪرڻ ۽ ملڻ ايندا هئا پر مجال هئي جو انصاري صاحب ڪنهن کان پڇي ته يار شاهه جي رسالي تي ڪم پيو ڪريان، فلاڻي شعر ۾ شاهه جا ڪتب آيل لفظ سمجهه ۾ نه ٿا اچن. اُلٽندو ڪو پڇندو به هين ته جواب ۾ فرمائيندا هئا: ”سائين! مڙئي سمنڊ ڪناري ٻيهي ڪچ ۽ ڪوڏيون پيا ميڙيون. شاهه صاحب کي سمجهڻ ڪو آسان آهي ڇا؟“

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ”سنڌي“ پنهنجي ڪتاب ۾ حافظ خير محمد ”اوحدي“ جي باري ۾ لکي ٿو: ”حافظ صاحب پڪو ۽ سچو مسلمان هو.“ (صفحو ٩٧) ۽ صفحي ٩٢ تي حافظ صاحب جو هڪڙو شعر ڏنو اٿس، جنهن مان گستاخي صاف ظاهر آهي. سوچڻ جو مقام آهي ته ڇا هڪ پڪو ۽ سچو مسلمان اهڙو گستاخانه شعر لکي سگهي ٿو؟ حافظ صاحب جو شعر هي آهي:

ڪرامن ڪاتبين جي ڊائري ڦاڙيم ته ڇا ٿي پيو؟

ڪريان ٿو ڪاتبِ تقدير جي تحرير جا ٽڪرا.
ڪاتب تقدير ڪير آهي؟ اهو ته فقط هن سڄي ڪائنات جو رَبُ ۽ قادر مطلق آهي. ڇا هڪ بيوس، گنهگار (عبد) ٻانهو پنهنجي پيدا ڪندڙ جي تحرير کي ٽڪڙا ڪرڻ جي سگهه به رکي سگهي ٿو؟
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صفحي ٩٢ تي لکي ٿو:
”ڪنهن زماني ۾ روزانه ’مهراڻ‘ ۾ سنڌي شاعرن جي شعر تي ’ڪي. ايم. حافظ‘ جي نالي سان سندس پنجاهه قسطون شايع ٿيون هيون. انهن تنقيدن ادبي حلقي ۾ وڏو تهلڪو مچائي ڇڏيو هو. آخر اخبار تي زوربار آٽي، اهو سلسلو بند ڪرايو ويو، ته جيئن وڏن وڏن شاعرن جي عظمت ۽ اهميت جو ڀانڊو ڦاٽي نه پوي. اهي حافظ صاحب مرحوم جون لکيل هيون.“
سڄي سنڌ ڄاڻي ٿي ته روزاني (اخبار) ’مهراڻ‘ جو ايڊيٽر سردار علي شاهه ”ذاڪر“ هيو ۽ سائين سردار علي شاهه سڄي عمر ساڄي ڌُر سان وابسته رهيو هو ۽ ڪي. ايم. حافظ پڻ ساڄي ڌُر سان سلهاڙيل هئڻ ڪري، ڪابي ڌُر يعني ترقي پسند اديبن جي خلاف تنقيدون لکيون هونديون ۽ اُهي بقول ميمڻ صاحب جي ته ٥٠ قسطن کان پوءِ انهن جو زوربار هليو جو ڪي. ايم. حافظ جو زور ٽٽو!
اها ساڳي ڳالهه ميمڻ عبدالمجيد ”سنڌي“ سائين سردار علي شاهه ”ذاڪر“ واري باب ۾ صفحي ١٧٦ تي منڍ ۾ لکي ٿو، پر ان ۾ اهڙي ڳالهه ڪا نه لکي اٿس ته ڪو سردار علي شاهه ”ذاڪر“ تي ”ڪنهن“ جو زوربار پيو ۽ مرحوم سردار علي شاهه ”ذاڪر“ زيربار ٿي، اهو سلسلو بند ڪيو.
ڊاڪٽر ميمڻ صاحب لکي ٿو:
”سندس (سردار علي شاهه ”ذاڪر“) ئي تحرڪ سبب حافظ خير محمد اوحديءَ ڪي. ايم حافظ جي نالي سان سنڌي عروضي شاعرن جي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو لکيو، جنهن جون ٥٠ قسطون روزاني ’مهراڻ‘ ۾ ڇپيون پر پوءِ سلسلو بند ڪيو ويو، جنهنڪري اجا اڌورو رهجي ويو.“ (ڪتاب جو صفحو ١٧٦)
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ”سنڌيءَ“ سنڌ جي هڪ لاثاني اديب، شاعر، نقاد، عالم ۽ دانشور ته ماهي ’مهراڻ‘ جي ايڊيٽر مولانا غلام محمد گراميءَ کي به ياد ڪيو آهي ۽ ان جو خاڪو به لکيو اٿس، پر خبر ناهي ته ميمڻ صاحب الائي ڇو مرحوم غلام محمد گراميءَ جي خلاف هر جاءِ تي يعني ”پٽر پرائو ۽ سور پنهنجا“ جي مصداق، پنهنجي اندر جو اوٻر ڪڍيو آهي، ان سلسي ۾ ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

مثال-۱: ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هڪ گهٽگهري شيخ عبدالرزاق ”راز“ جو ذڪر ڪندي صفحي ۱۳۱ تي لکي ٿو:

”راز صاحب بلند پايہ نقاد هو، جڏهن مولانا غلام محمد گراميءَ جو طويل مقالو ’مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات‘ ڇپيو، تڏهن ان تان وڏو اختلاف پيدا ٿيو، ڇاڪاڻ جو ان ۾ مسلمان صوفي شاعرن کي غلط رنگ ۾ پيش ڪيو ويو. راز صاحب ان جي جواب ۾ مقالا لکيا جيڪي روزاني ’مهراڻ‘ ۾ ڇپيا.“

مثال-۲: مرحوم سردار علي شاهه ذاڪر واري باب ۾ وري ميمڻ صاحب کي مرحوم غلام محمد گرامي ياد اچي ويو. پاڻ صفحي ۱۷۷ تي لکي ٿو:

”۽ مولانا غلام محمد گرامي جي طويل مقالي ’مشرقي شاعريءَ جي فني قدر ۽ رجحانات‘ تي تنقيدي بحث تي مشتمل مضمون ڇپايائين. سندس تحرير تي ٻين بہ تنقيدون لکيون، جن ۾ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ’خليل‘، رشيد لاشاري، شيخ عبدالرزاق ’راز‘، ’معمور‘ يوسفاڻي، عبدالڪريم ’تابان‘، راقم الحروف (ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي) ۽ ٻين جا نالا اچي وڃن ٿا.“

خبر ناهي تہ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جا مولانا غلام محمد گرامي جي شاهڪار مقالي جي خلاف تنقيدي مضمون ڪٿي ۽ ڪڏهن شايع ٿيا هئا، جو پاڻ لکي ٿو تہ مرحوم سردار علي شاهه ذاڪر جي چوڻ تي جن اديبن مرحوم غلام محمد گراميءَ خلاف لکيو تن ۾ ميمڻ صاحب پاڻ بہ شامل هو. جيڪڏهن ميمڻ صاحب جي ڳالهه کي صحيح سمجهون ٿا تہ پوءِ اها ڳالهه مولانا غلام محمد گراميءَ واري باب ۾ ڇاٽائڻ ڪپندي هيس!

دُنيا جي سرتاج الشعراءُ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو هڪ شعر آهي:

جڏهانڪر ٿيام، ساجاهہ سپرين سين،
تڏهان ڪر تِر جيترو، وير م وسريام،
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ”سنڌي“ اچي ڀٽائيءَ جي ان شعر کي ورتو آهي، جو هڪ کي ڇڏي ٻئي دوست واري باب ۾ ڀٽائيءَ جو اهو شعر ڏنو اٿس، جڏهن تہ شاهه جي رسالي ۾ ٺهڪندڙ بيتن/شعرن جي ايڏي کوٽ هئي جو ميمڻ صاحب کي ٻيو ڪو شعر ئي نہ ملي سگهيو!

مثال-۱: روهڙيءَ جي سادات گهراڻي جي علمي ۽ ادبي شخصيت ۽ دُورانديش انسان سائين عطا حُسين موسوي لاءِ ڀٽائيءَ جون مٿيون شعر صفحي ۱۴ تي ڏنو اٿس.

مثال-٢: لاڙڪاڻي جي هڪ شاعر ”قلندر بدوي“ جو ذڪر ڪندي، پٺائيءَ جو ساڳيو شعر صفحي ٥٢ تي لکيو اٿس.
مثال-٣: لاڙڪاڻي جي ئي هڪ سياسي، سماجي، مذهبي ۽ ادبي شخصيت مرحوم سيد حسين شاهه کي ياد ڪندي، پٺائي جو ساڳيو شعر صفحي ٨١ تي ڏنو اٿس!
مثال-٤: لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ مشهور ڪميونسٽ ليڊر مرحوم ڪامريڊ جمال الدين بخاريءَ کي ساريندي، ميمڻ صاحب پٺائي جو ساڳيو شعر صفحي ١٤٧ تي ڏنو آهي.
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، دادوءَ سان تعلق رکندڙ سنڌ جي معروف اُستاد الشعراءُ حافظ محمد ”احسن“ چنه جو ذڪر ڪندي صفحي ١٨٨ تي لکي ٿو:
”حافظ محمد احسن چنه ڪجهه وقت هفتيوار اخبار ’آواز سنڌ‘ دادوءَ جو ايڊيٽر رهيو.“
ان جي جواب ۾ عرض ته حافظ محمد ”احسن“ چنه هفتيوار اخبار ’آواز سنڌ‘ دادوءَ جو رڳو ايڊيٽر نه هيو پر پاڻ ان جو مالڪ، پرنٽر ۽ پبلشر به هو. ١٩٧٥ع ۾ حافظ صاحب کي ڪاليج روڊ دادوءَ تي اخبار جو دفتر ۽ پريس به هئي، جتي ڪاليج بند ٿيڻ کان پوءِ، مان ۽ استاد بخاري گڏجي حافظ صاحب سان ڪچهري ڪرڻ ويندا هئاسون. حالانڪ پاڻ گهڻو ضعيف ٿي ويا هئا پر پوءِ به پريس تي ضرور ايندا هئا ۽ شام جو ٽيهريءَ کان اڳ اُٿي گهر هليا ويندا هئا.
بهرحال، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ پنهنجي ڪتاب کي يادگيريون قرار ڏنو آهي، جيڪو حقيقت ۾ يادگيريون ته پنهنجي جاءِ تي ضرور آهن پر اصل ۾ ”خاڪن“ جو ڪتاب آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب، ڪنهن به شخصيت جي خاڪي ۾ ڪو پرپور تاثر ڪو نه لکيو آهي، جيڪو مستقل ۽ ديرپا اثر ڇڏي.

”ماروجي مليرجا“ تي هڪ اتاچري نظر

خاڪا، سوانح عمريون يا وڏن ناميارن ماڻهن بابت تعارفي ڪتاب ذاڏي شوق ۽ وڏي دلچسپيءَ سان پڙهيا ويندا آهن، چاڪاڻ ته اهي ڪنهن جڙتو ۽ چور شاعر وانگر، پرايون سٽون ۽ پراوا خيال چورائي لکيل ڪونه هوندا آهن. بلڪ اهي سنئين سڌي نموني ۾ اهڙن شخصيتن جي باري ۾ لکيا ويندا آهن، جن پنهنجي دَور ۾ وڏو نالو ڪمايو هو ۽ ڪن شخصيتن کي ته سنڌ ۾ محاوري/پهاڪي/ورجيس جهڙي حيثيت ملي وئي. مثال طور: تون ڪهڙو گامون سچار آن؟ يا پيگت ڪنور رام وارو ٽولو يا تون ڪهڙو جام ڪانيو خان آن؟ وغيره. ماضيءَ ۾ سائين جي ايم سيد، وفائي، غلام رباني آگرو، ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي ۽ علي احمد بروهي جا مختلف نالن سان سنڌ جي مشهور، ڪجهه گمنام پر پنهنجي دَور جي اهم ۽ منفرد ماڻهن بابت لکيل ڪتاب وڏي مڃتا ماڻي چڪا آهن. ان ڪان سواءِ ضلعي جيڪب آباد جي شخصيتن بابت ڊاڪٽر داد محمد ”خادم“ بروهي جو تعارفي ڪتاب ”منڙا ماڻهو“ جي نالي سان ٢٠٠٢ع ۾ شايع ٿيو، ته ان جي ڪجهه هڪ ٻئي اديب محترم ”خادم“ چانڊئي جو سنڌ جي اديبن، شاعرن، ڳائڻ، گوين، سياستدانن بابت هڪ تعارفي ڪتاب ”مارو مليرجا“ نالي سان، گنج بخش ڪتاب گهر طرفان شايع ٿيو آهي.

هِن ڪتاب ۾ گذريل ويهين صديءَ دوران سنڌ ۾ نالو ڪمائيندڙ ۽ مڃتا ماڻيندڙ، سنڌ جي عظيم شخصيتن جو تعارف، تفصيل سان ڏنل آهي. هن ڪتاب جو تعارف ڪرائيندي، سنڌ جو مشهور ماڻهو نصير مرزا صفحي ٦ تي ”خادم کي هن خدمت تي لک شاباش“ جي سري هيٺ لکي ٿو: ”..... خاص جس ته ان ڳالهه تي ته هن ڪتاب ۾ هن (خادم حسين چانڊئي کي) جنهن يڪ مشت ٦٥٠ شخصيتن سان اسان جو مڪاميلو ڪرايو آهي...“ ڪتاب جو مرتب محترم خادم حسين چانڊيو پڻ ”مرتب پاران“۾ لکي ٿو: ”هن ڪتاب ۾ مختلف شعبن ۾ شهرت رکندڙ هڪ صديءَ جي ٦٥٠ کان وڌيڪ سنڌي سڄڻن جو تحقيقانه انداز ۾ ذڪر ڪيل آهي، جيڪو سنڌي ادب ۾ پهريون مثال آهي.“

ٻئي: محترم اديب ۽ محترم نصير مرزا، ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل شخصيتن جو انگ ٦٥٠ لکن ٿا، جڏهن ته ڪتاب جي فهرست ۾ انگ ٦١٧ آهي. جيڪو آٿر ناٿن شاهي کان شروع ٿئي ٿو ۽ آخري انگ ٦١٧ نور محمد نظاماڻي مولوي تي دنگ ڪري ٿو. خبر ناهي ته ڇا صحيح آهي؟ مرتب ۽ نصير مرزا جي لکت يا ڪتاب جي فهرست؟ ٽائيٽل ڪور تي سنڌ جي مهان هستين جي وچ ۾ ۽ ڪن کان ته مٿي ۽ نمايان جڳهه تي جلال

چانڊئي جي تصوير، خبر ناهي ڪهڙي حيثيت سان ڏني وئي آهي؟ جلال چانڊيو ڪهڙيءَ ريت اهڙي فهرست ۾ شامل ڪيو ويو آهي؟ محترم خادم حسين چانڊئي وٽ معيار ۽ ماڻ جو ڪو ماپو ضرور هوندو، جو سنڌ جي هڪ ڳائڻي جلال چانڊئي کي اهڙي ۽ ان ريت سنڌ جي ڏاهن، عالمن، سياستدانن، جهڙوڪ سائين جي ايم سيد، مولانا عبيدالله سنڌي، شيخ اياز ۽ مرزا قليچ بيگ کان به متانهين جڳهه تي ڏيکاريو اٿس! جيڪڏهن ڳائڻ جي حيثيت ۾ جلال چانڊئي کي آندو ويو آهي، ته پوءِ مرحوم جلال چانڊئي کان وڌيڪ مشهور ته ڀڳت ڪنور رام به هو، جيڪو هڪ الله لوڪ ۽ سخي مرد هو، راڳ بند ٿيڻ کان پوءِ جهوليءَ ۾ آيل پيسا، ڏوڪڙ ۽ سونُ، اتي جو اتي مسڪينن ۾ ورهائي، بوڇڻ ڇنڊي، ميدان مان ٻاهر نڪرندو هو. مرڻ پڇاڙان، وٽانئس ڇا نڪتو؟

”فقير جي مڏي: به ڏنڊڻ، هڪ تڏي.“

گذريل ويهين صديءَ ۾ عالمي شهرت ماڻيندڙ ٻن شخصيتن، مثلاً: علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جون تصويرون، خبر ناهي ته ڪهڙي سبب جي ڪري ڪونہ ڏنيون ويون آهن ۽ اها ڪسر، محترم خادم حسين چانڊئي اندرئين صفحي ۾ بليڪ اينڊ وهائيٽ تصويرون ڏئي پوري ڪري، سيني سان تر سنوان ڪيا آهن.

جن شخصيتن بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي، انهن مان ڪن جي باري ۾ معلومات اڻ پوري ڏنل آهي. هتي چند مثالن تي اڪتفا ڪجي ٿو:

مثال (١) سنڌ جي هڪ بهترين غزل گو شاعر، ايڊيٽر، صحافي ۽ اڻ ڌرئي نقاد مرحوم ذوالفقار راشديءَ لاءِ صفحي ٢٥٦ تي لکيل آهي ته: ”سونهن ۽ پيار جو شاعر ذوالفقار راشدي ٢٧ آگسٽ ١٩٨٦ع تي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج اسپتال لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪري ويو.“ مرحوم ذوالفقار راشدي جي وفات جي تاريخ ٢٦ آگسٽ آهي ۽ نہ ٢٧ آگسٽ ۽ نہ ئي کيس چانڊڪا اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو. کيس لاڙڪاڻي جي دڙي محلي ۾ ريلوي اسٽيشن جي سامهون نئين نهيل هڪ خانگي ميڊيڪل سينٽر ۾ داخل ڪيو ويو هو. هن جي مزار پير ڳوٺ لڳ نئون ديرو جي هڪ اڍائي سؤ سالہ پراڻي ۽ تاريخي مسجد جي چانوَ ۽ پاڇي ۾ آهي.

مثال (٢) قائد عوام ذوالفقار علي ڀُٽي بابت ڪجھ اڻپوري معلومات ڏنل آهي. گذيل پاڪستان جي آخري مهينن ۾، جڏهن اوير پاڪستان ۾ وڳوڙ وڌي ويو هو، پاڪستان جي صدر جنرل يحيٰ خان، اوير پاڪستان مان قومي اسيمبليءَ جي اڪيلي سيٽ حاصل ڪندڙ (١٩٧٠ واريون چونڊون) هڪ پراڻي ۽ ڪک سياستدان نورالامين کي پاڪستان جو وزيراعظم ۽ ڀُٽي کي نائب وزيراعظم ۽ وزير خارجه مقرر ڪيو هو. ١٩٧١ جي نومبر/ڊسمبر مهيني ۾ ڀُٽي صاحب، اقوام متحده جي اجلاس ۾ پاڪستان جي

نمائندگي، نائب وزيراعظم ۽ وزير خارجه جي حيثيت سان ڪئي هئي ۽ پاڪستان ٽٽڻ وقت پاڻ پاڪستان ۾ ڪونه هو. ڪيس خاص هوائي جهاز ذريعي گهرائي، پاڪستان جي صدر جي عهدي جو حلف کڻايو ويو. اوپر پاڪستان جي جدا ٿيڻ کان پوءِ اولهه پاڪستان جو تصور ئي ڪو نه رهيو هو، پر محترم خادم حسين چانڊيو صفحي ٢٦٠ تي لکي ٿو "٢٠ ڊسمبر ١٩٧١ع تي جنرل يحيٰ خان جي استعيفا ڏيڻ کان پوءِ جناب ذوالفقار علي ڀٽو اولهه پاڪستان جو صدر ۽ پهريون سول چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿيو. خبر ناهي ته محترم خادم حسين چانڊئي، ڀُٽي صاحب کي اولهه پاڪستان جو صدر ڪيئن لکيو؟ اولهه پاڪستان ته تڏهن ڪونبو هو جڏهن اوپر پاڪستان به پاڪستان جو حصو هو. جڏهن اوپر پاڪستان نه رهيو ته اولهه پاڪستان جو صدر ڇا معنيٰ؟ محترم خادم حسين کي هي به لکڻ گهربو هو ته: پاڪستان جي صدر جي عهدي تي فائز رهندڙن ۾ ڀٽو صاحب، پهريون سنڌي صدر ٿيو هو.

جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي وڏي فرزند، مير مرتضيٰ ڀُٽي جو ذڪر ڪندي محترم خادم حسين چانڊيو، بيگم نصرت ڀٽو کي ذوالفقار علي ڀُٽي جي هم ڪلاس لکي ٿو: "بيگم نصرت ڀٽو جيڪا اڃا خير سان حال حيات آهي، ڀٽي صاحب جي هم ڪلاس پڻ رهي چڪي آهي. بيگم نصرت ڀٽو جي والد ماجد عبداللطيف خان جو تعلق، ايران جي مشهور شهر اصفهان سان هو. سنڌي ماڻهن وٽ چوڻي هئي، اصفهان: اڌ جهان. ان اڌ جهان واري شهر جي هڪ معزز ۽ نيڪ انسان عبداللطيف جي نياڻي نصرت صاحبه جي پهريون ڀيرو ڀُٽي صاحب سان جيڪا ملاقات ٿي سا ڪراچيءَ ۾ ڪنهن شادي/وهانوءَ ۾ ٿي هئي، سا به ١٩٥١ع ۾. ڀٽو صاحب پڙهيو ممبئي، برطانيا ۽ آمريڪا ۾، ته پوءِ نصرت ڀٽو، ڀُٽي صاحب جي هم ڪلاس ڪيئن ٿي؟ ان تي تحقيق ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته نصرت ڀٽو ڪيترا دفعا انٽرويو ۾ اهو چئي چڪي آهي ته: ڀٽي صاحب کي هن پهريون ڀيرو ڪراچي ۾ ڏٺو هو.

محترم خادم حسين چانڊيو، صفحي ٥١٢ تي سنڌ جي هڪ معروف سياستدان ۽ سنڌ جي سابق وزيراعليٰ قاضي فضل الله بابت لکي ٿو: "...هو (قاضي فضل الله) آڪٽوبر ١٩٥٨ع ۾ مارشل لا قائم ٿيڻ تائين وزير رهندو آيو ۽ پوءِ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ ۽ زمين سنڀالڻ جي ڪم ۾ مشغول رهيو." قاضي فضل الله جون وزارتون ١٩٥٨ع تائين ختم نه ٿيون پر جناب ذوالفقار علي ڀٽو، جڏهن پاڪستان جي صدر ايوب سان تاشقند معاهدي تي سخت اختلاف رکي، وزارت خارجه تان استعيفا ڏني، تڏهن ڪجهه مهينن کان پوءِ، دشمنيءَ ۾ جنرل ايوب خان، لاڙڪاڻي جي هن سياستدان (قاضي فضل الله) کي صوبائي ون يونٽ واري اولهه پاڪستان حڪومت ۾، گورنر موسيٰ خان واري وزارت

۾ هوم منسٽر ڪري رکيو هو. قاضي فضل الله، ان عهدي تي پاڪستان جي ٻي مارشل لا (١٩٦٩ع واري) تائين رهندو آيو. اولهه پاڪستان جو يحيٰ خان واري مارشل لا کان اڳ، ٻه چار ڏينهن يوسف هارون (ڪراچي وارو) گورنر ٿيو هو، جنهن جو (يوسف هارون جو) ذڪر هن ڪتاب ۾ شامل ڪونهي.

نئين زندگيءَ جي باني ايڊيٽر مرحوم عبدالواحد سنڌي جو ذڪر ڪندي صفحي ٤٢٠ تي لکي ٿو: "هڪ دفعي سنڌس ملاقات مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان ٿي، جنهن کيس ٻڌائيندي چيو ته: مان سيالڪوٽ ۾ پيدا ٿيس. چار پور ۾ تعليم حاصل ڪيم ۽ پرچونڊي ۾ وڃي مسلمان ٿيس. پاڻ کي سنڌي لکندو آهيان ۽ گورنمينٽ رڪارڊ تي به سنڌي آهيان. پر افسوس جو تون سنڌي هوندي به پاڻ کي سنڌي لکندي شرم ٿو محسوس ڪرين. هن واقعي کان پوءِ مولانا عبدالواحد پاڻ کي سنڌي لکڻ لڳو." حقيقت هيءَ آهي ته مولانا عبدالواحد سنڌي، هندستان جي صدر، ڊاڪٽر ذاڪر حسين جو ڀٽيلو هو ۽ ڪراچي ۽ ڍاڪا يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر محمود حسين جي گهر ۾ رهندو هو ۽ ڊاڪٽر وارن ئي مولوي عبدالواحد سنڌي جي شادي هڪ اردو ڳالهائيندڙ خاندان مان ڪرائي هئي.

محترم خادم حسين چانڊئي جي مٿين ڳالهه ڪيتري قدر صحيح ۽ سچ آهي جو هو صاحب لکي ٿو ته: مولانا عبيدالله سنڌي جهڙي وڏي پايي جي عالم ۽ سياستدان واتان شرم وغيره جا لفظ اُچارائي لکي ٿو. ان جي ترديد، ڊاڪٽر محمود حسين جي ياد ۾ ملير ڪراچي مان شايع ٿيندڙ ڪتاب صفحو ١٥٦ تي ڪري ٿو. ڪتاب جو مرتب صادق علي لکي ٿو:

"سنڌي صاحب کي ڪتابون مين اهم ترين تصنيف 'رسول پاڪ' تي. اس کا تعارف خود ذاکر صاحب (ڊاڪٽر ذاکر حسين سابق صدر هند) ني تحرير فرمايا تا. اس ڪتاب کي باري مين ذاکر صاحب اکثر کلمات تحسين ادا کيا کرتي تي. ايک بار انهون ني فرمايا: 'اگر مين بادشاهه هوتا تو عبدالواحد کو خلعت سي نوازتا'. جب اس ڪتاب کا مسوده تيار هو گيا تو عبدالواحد سنڌي صاحب، جو اس وقت عبدالواحد جامعي کي نام سي مشهور تي، مسودي کي ايک نقل جناب عبيدالله سنڌي صاحب کو مشوري کي غرض سي ڀيڄي. يه وه دور تا جب عبيدالله سنڌي صاحب اپني انقلابي سرگرميون کي باعث حکومت وقت کي عتاب مين تا اور ان کي جلاوطني کي احکام پي صادر هو چکي تي. عبيدالله سنڌي صاحب ني ممبئي سي وه مسوده عبدالواحد کو صرف ايک جگه پر تبديل کر کي واپس ڀيج ديا. يه ترميم ان کي نام مين تي اور جامعي کو کاٽ کر اس کي جگه سنڌي لک ديا اور اس کي ساٿ انهون ني ايک

پيغام پي ارسال ڪيا، ڪ عبدالواحد کو ايک نہ ايک دن سنڌ واپس جا کر خدمت انجام ديني هونگي. کهين ايسا نہ هو ڪ اهل سنڌ انهين غير سمجھ کر فراموش کر بيٺين. اس طرح عبدالواحد جامعي، عبدالواحد سنڌي هوگئي.“ هاڻي قارئين پاڻ اندازو لڳائن تہ حقيقت جي شڪل ڪيئن بگاڙي وئي آهي. آئون خود حيران هوس تہ، عبيدالله سنڌي جهڙو ماڻهو اهڙي غير معياري ٻولي ڪيئن استعمال ڪندو؟!

فلمي دنيا سان لاڳاپيل، پنجابي فلمن جي بي تاج بادشاهہ مصطفيٰ قريشي جو ذڪر ڪندي صفحي ٦٨١ تي لکي ٿو: ”مصطفيٰ قريشي ١٩٦٨ع ۾ فلمي دنيا سان وابستہ ٿيو. سندس پهرين سنڌي فلم ”ڌرتي لال ڪنوار هئي.“ جڏهن تہ سنڌ جي هن سپوت مصطفيٰ قريشي جي پهرين فلم ”پرديسي“ هئي، جنهن جو فلمساز حيدرآباد وارو سيد علي شاهہ فاضلاڻي هو. ”پرديسي“ فلم ۾ مصطفيٰ قريشي هڪ عياش وڏيري جي پٽ جو ڪردار ادا ڪيو هو ۽ فلم ۾ سندس نالو ”انور“ هو. تصديق لاءِ اڄ بہ پرديسي فلم ڏسي سگهجي ٿي. هيءَ ڪا ايڏي پراڻي فلم ڪانهي، جنهن جي پرنٽ، آئوٽ آف مارڪيٽ هجي!

اهڙيءَ طرح سنڌ جي هڪ ماهر تعليم، سيد غلام مصطفیٰ شاهہ کي ڊاڪٽر (پي. ايڇ. ڊي) ۽ تعليم کاتي جي سيڪريٽري لکڻ واري ڳالهہ خود تحقيق طلب آهي، تہ ڇا پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ پي ايڇ. ڊي بہ ڪئي هئي؟ محترم خادم حسين چانڊيو، صفحي ٤٩٥ تي پاڻ بہ غلام مصطفيٰ شاهہ کي پروفيسر ڪري لکي ٿو. جڏهن تہ ٻين پي ايڇ. ڊي رکندڙن جي نالي سان گڏ ڊاڪٽر لکي ٿو. مثال طور اياز قادري ڊاڪٽر (صفحو ١٠٧)، بشير احمد شاد ڊاڪٽر (صفحو ١٢٢)، الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر (صفحو ٨)، حيدر سنڌي ڊاڪٽر (صفحو ٢٣)، در محمد پٺاڻ ڊاڪٽر (ص- ٢٤٦)، شاهنواز سوڍر ڊاڪٽر (ص- ٣٢٦)، عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر (ص- ٤١٠)، عمر بن دائودپوٽو ڊاڪٽر (ص-٣٢٦)، غلام علي الانا ڊاڪٽر (ص- ٤٧٠)، غلام محمد لاکو ڊاڪٽر (ص- ٤٨٧)، فيروز احمد ڊاڪٽر (ص-٥١٩)، نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر (ص- ٢٢٠)، نواز علي شوق ڊاڪٽر (ص- ٢٤٠)، ۽ هڪ اڌ ٻيو. جيڪڏهن پروفيسر غلام غلام مصطفيٰ شاهہ ڊاڪٽر هو تہ پوءِ سائين خادم حسين چانڊيئي صاحب لاءِ لازمي هو تہ هو سائين غلام مصطفيٰ شاهہ کي ڊاڪٽر لکي ها. پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ ڪڏهن بہ پاڻ کي ڊاڪٽر نہ لکيو ۽ نہ کونايو. پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ لاءِ محترم خادم حسين لکي ٿو: فلاڻي سال کين گورنمينٽ ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ڪيو ويو ۽ وري کيس سنڌ مسلم ڪاليج ۾ پوليٽيڪل سائنس جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو ۽ ١٩٦٥ع ۾ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن مقرر ٿيو (صفحو ٤٩٦). ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن ٿيڻ کان اڳ ۾ پروفيسر غلام

مصطفي شاهه مختلف ڪاليجن ۾ پرنسپال به رهيو هو، جن ۾ سنڌ جي ثقافتي شهر شڪارپور جو چيلاسنگهه سيتل داس المعروف سي اينڊ ايس ڪاليج شڪارپور به شامل آهي.

سنڌ جي برک ڪهاڻيڪار مرحوم نسيم کرل کي گنبٽ، کهڙا ۽ رپڙي روڊ تي هڪ ڳوٺ سائديءَ ۾ سندس بنگلي ۾ قتل ڪيو ويو هو، جيڪا وڏي ۽ اهم ڳالهه آهي. نسيم کرل جي حوالي سان سندس اوچتو قتل ٿيڻ جو ذڪر پڻ ضروري هو، پر خادم حسين صرف تاريخ ڏئي ان جي هميشه لاءِ موڪلاڻي ڏيکاري ٿو.

محترم ناز سنائيءَ جو (ص- ٤١٨ تي) ذڪر ڪندي لکي ٿو: پنهنجي اشاعتي اداري ”سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد“ مان ٿي سو کن معياري ڪتاب مختلف اديبن جا شايع ڪري چڪو آهي. ”سنڌ تحقيقي بورڊ“ به محترم ناز سنائي جو ادارو آهي، پر ان طرفان هيستائين رڳو ٽيهه ڪتاب شايع ٿيا آهن. جڏهن ته جنهن اداري جو محترم خادم حسين ذڪر ڪري ٿو ان جو نالو ”سنڌي ساهت گهر“ آهي. ٻئي طرف ناز سنائيءَ جي ڇپيل ڪتابن جي لسٽ ڏني وئي آهي. انهن ۾ ”منهنجو عزم فولاد“ ۽ ”سنڌ جو سفر“ ته ڇپيل به ڪونهن.

محترم خادم حسين چانڊيو، پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٢٤٢ تي سنڌ جي هڪ لوڪ فنڪاره مرحومه نور بانو جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته: سيد زمان شاهه راشدي جي معرفت ريڊيو تي پهتي. مائي نور بانو تلهار شهر جي پير شهاب الدين راشدي جي گهر ۾ ڪم ڪار ڪندي هئي. پير علي محمد راشديءَ ۽ مرحوم حسام الدين راشديءَ جي تلهار واري پير آف شهاب الدين سان مٽي مائٽي هئي. هنن ٻنهي راشدي پائرن جو اڪثر تلهار اچڻ وڃڻ ٿيندو هو، جتي هڪ دفعو هنن مائي نور بانو کان ڳارايو. سندس آواز جي لوچ، لئي ۽ سر، ٻنهي پائرن کي موهي وڌو ۽ جڏهن پير علي محمد راشدي اطلاعات ۽ نشريات کاتي جو وزير بڻيو ته ڪيس ريڊيو تي وٺي آيو. مائي نور بانو آخري وقت تائين پير حسام الدين راشدي جي گهر ۾ هڪ ڀاتي جيان، وڏي عزت ۽ احترام سان رهي.

بهرحال محترم خادم حسين چانڊئي جون ڪوششون ساراهڻ جوڳيون آهن. تاهم هڪ ڳالهه هر هر ڪٽڪڻ جهڙي آهي ته، محترم خادم حسين پنهنجي هن ڪتاب ۾ جتي نامعلوم ۽ معمولي مشهور ۽ پنهنجي ضلعي ۽ تعلقي تائين محدود يا پرنٽ ۽ پبليڪيشن ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا سان سلهاڙيل معمولي قابليت رکندڙ ماڻهن کي جاءِ ڏني آهي، اتي سنڌي فلمن جو بنياد وجهڻ واري سيد حسين شاهه فاضلاڻيءَ جو نالي ماتر به ذڪر نه ڪيو آهي.

سنڌ جي هڪ وزيراعليٰ پيرزادي عبدالستار بابت انتهائي مختصر معلومات ڏني وئي آهي. هو سياستدان هئڻ کان سواءِ هڪ سريلي ڳلي ۽ موسيقي تي مڪمل دسترس رکندڙ شخص هو. پاڻ جڏهن سنڌ جو وزيراعليٰ هو، تڏهن ميرپورخاص شهر ۾ ڪيس مدعو ڪيو ويو. ميزبانن طرفان ٽيبل تي جيڪو ڪيڪ رکيو ويو هو. ان ڪيڪ جي مٿان سنڌ جو نقشو ٺهيل هو ۽ ڪيڪ ڪاٽڻ لاءِ پيرزادي عبدالستار کي چاقو هٿ ۾ ڏنو ويو، ته خار ڪائيندڙ نظرن سان ميزبانن ڏانهن ڏسي چاقو کي پري اڇلائيندي چيائين ته: ”سنڌ جي پيٽ ۾ ڇُرو هڻڻ لاءِ رکو مان وڃي بڇيو آهيان ڇا؟ اهڙي ڪڏي ڪم لاءِ سنڌ جو غدار ڪو ٻيو ڳولهيو. آئون ڪنهن به حالت ۾ سنڌ ماءُ جي پيٽ ۾ ڇرو/ ڪاتي ڪو نه هڻندم.“

ڪتاب ۾، لاڙڪاڻي ريڊيو جي حوالي سان جتي ٻين دوستن جو ذڪر خير ڪيو ويو آهي، اتي ”رسالو“ جهڙو ادبي پروگرام لاءِ هر هفتي ڪوشان رهندڙ ۽ سنڌي شاعر عنايت ميمڻ جو ذڪر به ضروري هو. ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي نشريات منجهان، ”رسالو“ اهو خالص ادبي پروگرام آهي، جيڪو ڏاڍي چاهه سان ٻڌو ويندو آهي. ايئن عنايت ميمڻ وانگر سنڌ ۾ تجريدي نظم لکڻ واري نديم ملڪ کي به وساريو ويو آهي ۽ ان بابت ڪا به ڄاڻ نه ڏني وئي آهي. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر محترم علي احمد قريشي دادو وارو ۽ دادو جي هڪ محقق سائين اظهر سولنگي کي پڻ وساريو ويو آهي. ٻهاڪن ۽ ورجيسن ۾ نمايان فرق ٻڌائيندڙ، اسان جي وقتِ روان جي محقق، انجنيئر عبدالوهاب سهتي جو ڪتاب ۾ ڪٿي نالو به لکيل ڪونهي. اميد ته محترم خادم چانڊيو آئينده ڪتاب لکڻ وقت گهٽي احتياط کان ڪم وٺندو، ڇاڪاڻ ته اڄ جي زماني جا لکيل ڪتاب آئنده جي مورخ لاءِ دستاويز هوندا ۽ آئنده جو مورخ گهڻو تڻو ههڙن ئي ڪتابن تي ڀاڙيندو.

نجم عباسي جي فلسفي جي چيرڦاڙ

هر انسان ۾ فطري طور نالي، شهرت ۽ ناڻۀ نيڪي ڪيرائڻ جي بُک هر وقت ۽ هر عمر ۾ موجود رهي ٿي. اها بي ڳالهه آهي ته ان قسم جي بُک ڪِن ۾ توري ۽ ڪِن ۾ گهٽي ٿئي ٿي. ڪجهه ماڻهو، ان بک جو پورائو ڪرڻ خاطر اهڙيون ته نازيبا حرڪتون ڪندا آهن جو نه رڳو پنهنجي ملڪ ۽ پرڳڻي ۾ مشهور يا بدنام ٿي ويندا آهن پر سندن بدناموسي يا بدنامي، ملڪي سرحدون ٽپي ٻين ملڪن تائين پهچي ويندي آهي، جنهن کي اردوءَ جي هڪ ضرب المثل شعري سٽ: ”بدنام هوئي تو ڪيا نام نه هوگا؟“ وانگر، پنهنجي ”هاڪ“ سمجهندا آهن.

اهڙن نام- ڪنين يا بدنام ماڻهن جي، هڪ اڻ ڳُڻ فهرست اسان جي سنڌ سڳوريءَ ۾ موجود آهي. هتي ”خرار مان نموني جي مُٺ“ طور هڪ اڌ مثال، غير ملڪين جي، ڏيڻ تي اڪتفا ڪجي ٿي. انڊيا ۽ برطانيه جي ٻٽي شهريت رکندڙ، شيطاني ذهن، جنوني ۽ ناقص العقل پر پنهنجي پَرِ ۾ پاڻ کي عقلِ ڪُل سمجهڻ واري سلمان رشديءَ جو شمار اهڙن نام- ڪنين يا بدنامِ زمانه ماڻهن ۾ ٿئي ٿو. سندس زندگي، سندس لاءِ ڪيڏي نه ڏکي ٿي وئي آهي جو الله پاڪ جي هيڏي وڏي ۽ وسيع ڌرتي به سندس لاءِ تنگ ۽ سوڙهي ٿي وئي آهي. ايتري تائين جو برطانيه جهڙي ملڪ ۾ به اشتهاري مجرمن وانگر جايون بدلائي لڪندو وتي ٿو. گذريل سال وري جڏهن هندستان ويو ته ڪنهن به ادبي تقريب ۽ مشاعري ۾، ڪوٺ جي باوجود، وڃي نه سگهيو. هڪڙي رات ۾، سواءِ ڪنهن کي ٻڌائڻ جي، ڀوپال مان جهاز رستي، دڳَ مٽائيندو، ڪلڪتي ڪان ٿيندو، چورن وانگر انڊيا مان ائين ڀڳو جو لنڊن جي هيٿرو هوائي اڏي تي به ساهه پٽڻ جي مهلت ڪونه مليس!

سال ١٩٦٣ع جي نومبر مهيني جي ڳالهه آهي، لاڙڪاڻي شهر جي وڏي مڇي مارڪيٽ جي پرسان، غريب مقام جي پِر ۾، هڪ اوپري ماڻهوءَ، چوني سان نڪتل گول دائري جي پٽيءَ تي سواءِ ڪنهن وقفي جي ٤٨ ڪلاڪ سائيڪل هلائڻ جو مظاهرو ڪيو هيو. رونشي ڪوڏيا ۽ گهرن ڪان بي گهر تيل واندا ۽ رول ماڻهو، سائيڪل سوار کي ڏسڻ ۽ بيجا داد ڏيڻ لاءِ هر هر ڀڳا بينا هوندا هيا. ان مان سائيڪل سوار جو مقصد ڇا هيو؟ سواءِ نالي، نمود ۽ نمائش جي ٻيو ڪجهه به نه. ڀلا سندس ان بي مقصد ڪرتب مان، عوام کي ڪهڙو فائدو هو؟

ايئن لاڙڪاڻي جو شبير سولنگي، مسلمان هوندي به ڪڏهن ڏوتي ۽ جٽيو پائي، تلڪ لڳائي، پيرن ۾ گنگهرو ٻڌي لاڙڪاڻي شهر ۾ گهمندو هيو ته سيني دڪاندارن ۽ واٽهڙن جي نگاهن جو مرڪز بڻجي پوندو هو. ڌوتي، جٽيو ۽ تلڪ لڳائڻ ڪان پوءِ به نالو مسلمانن وارو يعني شبير سولنگي سڏرائڻ ۽ چورائڻ پسند ڪندو هو. گهڻ ۾ گهڻ لاهور واري مجذوب فقير لال حُسين وانگر، لفظ "ماڌو" جو ته اضافو ڪري ها. شبير نه تلڪ لڳائيندا آهن ۽ نه ئي جٽيو پائيندا آهن. هڪ ڏينهن اهڙو به هيو جڏهن شبير سولنگي، تئو ٻچي ۾ پائي شهر ۾ گهميو ته روزانه ڪاوش "تئو ڳالهائي ٿو" جو ڪيپشن هڻي، سندس فوٽو شايع ڪيو. ان ڪان پوءِ شبير سولنگي به "تئي وارو" جي لقب سان سڄي سنڌ ۾ سڃاتو ويو. سندس ان عمل سان سنڌين کي ڪهڙو فائدو پيو؟ انسانذات کي ڪهڙو لاڀ حاصل ٿيو؟ ڪيئن؟ آهي نه نالي جي بُڪ!

اِيئن اڄ جا "ڪڄهه" سنڌي ليکڪ (شاعريءَ جي نالي ۾ تڪبندي ڪندڙ) پاڻ کي نام-ڪنيو يا بدنام ڪرڻ خاطر، جيڪي گل پوئي رهيا آهن، سي ڪنهن ڪان به ڳجها ڪونهن. اهڙن لکندڙن، پنهنجي وسان ڪونه گهاٽيو آهي. مذهب ۽ اخلاق کي، خاص طور، پنهنجي خيالن جي يلغار جي زد ۾ آڻي ٻين جي مٿان "ٽاڪڻ" جي ڪوشش ڪئي اٿائون. چڱا ڀلا، ڏسٽا وائسٽا ليکڪ، نوجوانن جي ڪچن ذهنن کي ماديت پرستيءَ وارو سبق ڏئي، سندن ڪردار ۾ هر طرح جي خوبين جي وبا پکيڙي، ڪين مذهب ۽ اخلاق کان ٻاهر ڪڍي ڌوبيءَ جو ڪتو بڻائي ڇڏيو اٿائون، جيڪو نه گهر جو نه گهاٽ جو رهيو آهي. بقول ڪنهن شاعر جي: "شاهين کو سکاتي هين، پَسنتي کيا پرواز". نتيجي ۾ ڇا ٿو ٿئي؟ مايوس انسان، زندگيءَ جي عظمت جو منڪر ٿي وڃي ٿو ۽ ذهني صلاحيتون به ختم ٿي وڃنس ٿيون.

اخلاقي قدرن کي ڇڏي، جيڪو به دل ۾ اچي سو لکي ڇڏڻ، تخريبي ڳالهين جي تشهير ڪرڻ، هن ڪائنات جي پيدا ڪندڙ سان عداوت رکڻ ۽ ان جي موڪليل نبين ۽ پيغمبرن جي شان ۾ گستاخيءَ وارا جملا چوڻ، لکڻ يا پنهنجي مضمونن ۽ ڪهاڻين ۾ ٺُنبڻ، اسلام کي پنهنجي ذهني مرض جو نشانو بنائڻ اها "انقلابيت" ڪانهي، پر پاڻ کي نام-ڪنيو/بدنام ڪرڻ واري "ذاتي خود غرضي" آهي. سنسڪرت جي ڪنهن ڏاهي ۽ عالم جا لفظ آهن:

"نائيم آتما بال، هيني نا ليپا."

يعني: "هڪ بزدل ذهن ڪڏهن به سچ کي ڳولي نه سگهندو."

خانواهڻ واري، مرحوم ڊاڪٽر نجم ڪنيڙي عرف نجم عباسيءَ، سنڌي ادب ۾ خاص ڪري سنڌي ڪهاڻين ۾، مذهبي ڳالهين جي مخالفت ڪرڻ ڪري، گهڻو نالو ڪمايو.

هن سواءِ اسلام جي، ڪنهن به ٻئي مذهب، جهڙوڪ: هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم کي هٿ نه لاتو. اها به اخلاقي تقاضا آهي ته ڪنهن به دين ڌرم کي طنز جو نشانو نه بڻائجي، پر ويچاري نجم عباسيءَ جو زور رڳو اسلامي ڳالهين جي مخالفت تي هيو ۽ هليو. ان جي پس پرده به ڪي نفسياتي سبب تي سگهن ٿا.

”چوڏو“ جي عنوان سان ٽه-ماهي ’مهراڻ‘ ۾ ڇپيل، سندس ڪهاڻي پسند ڪئي وئي، ته هي به پانهون ۽ وَرَ ڪنجي، بظاهر مت جي موڙهيلن جي ڳالهين ۽ اصل ۾ اسلامي ڳالهين جي مخالفت ۾، واڻ آندائين. انٽرويو ڏيڻ وقت به ساڳي ڳالھ جو ورجاءُ ڪندو رهيو. ايئن سنڌي ادب ۾، بلبل هزار داستان بڻجي ويو.

١٩٧٠ع ۾ ايلين لاسڪيءَ هڪ ڪتاب A History of Greek Literature جي نالي سان لکيو هيو، جنهن ۾ يوناني اديبن جي باري ۾ لکي ٿو ته: ”انهن ۾ بلاغت (Rhetoric) ۽ اسراريت (Mystery) جو غلبو زياده هيو. سيئي اهو چاهيندا هئا ته قدرت طرفان مليل سموريون وصفون ۽ خاصيتون، ليڪن جي هيرو ۾ شامل هجن.“ (اهو هن ڌرتيءَ تي ناممڪن آهي ته هڪ ماڻهو هڪ ئي وقت سهڻو به هجي ۽ بهادر به هجي، جنگجو به هجي ۽ ڳائڻو به هجي، موسيقار به هجي ۽ سنو سياستدان به هجي، سنو ليکڪ به هجي ۽ ايڊيٽر به هجي). يوناني اديبن جي طرز تي بورس پوليوائيءَ جو ڏندڪٿا ٽائيپ ناول A Story of a real man هڪ سچي ماڻهوءَ جي آکاڻيءَ جي نالي سان شايع ٿيو. هن پنهنجي ناول ۾ هڪ ديومالائي قصو، بين لفظن ۾ معجزاتي قصو، بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪ پنگلي ۽ معذور ماڻهوءَ اليڪسي نالي واري پائليٽ جو، هڪ برفاني علائقي ۾، جنگهه ۾ چڪ هڻي، رڇ ماس پٽي ڪائي ٿو. سندس جنگهه ۾ چڪ وجهي، ڪيس برف جي تهن مان ٻاهر آڻي ڪڍي ٿو. شايد اڳئين جنم ۾ برفاني رڇ اليڪسيءَ جو وفادار مائٽ يا دوست رهيو هوندو، نه ته پلا ڪهڙو سبب جو رڇ ڦهريائين پائليٽ جو ماس پٽي ڪائي ٿو ۽ پوءِ ڪيس زندهه ڇڏي ڏي ٿو!

سوال آهي ته هڪ برفاني علائقي ۾ رڇ جي ڪاڏل معذور پائليٽ جا ڦٽ ڪيئن ڇٽا؟ نه دوا، نه دارون ۽ نه ملم پٽي، ته پوءِ ان زخمي ۽ پنگلي پائليٽ جا زخم ڪيئن ڀريا؟ پنگلي پائليٽ جي جهاز اڏائڻ جي ڳالھ ته اجا پوئتي آهي. شايد نجم عباسيءَ جهڙا همدرد ۽ رحمدل سوشلسٽ ڊاڪٽر يا يوسف سنڌيءَ جهڙا انسان دوست اديب، فرسٽ ايڊ جا باڪس ڪنيون، رستا نه هوندي به برفاني علائقي ۾ پهچي ويا هوندا!

مذهبي معجزن جي مخالفت ڪرڻ وارا، محفلن ۾ وڏو وات ڦاڙي، ٽڙيءَ تي ايڏو زور ڏيندا آهن جو سنڌن ڳڇيءَ جو رڳون به ڦوڪجي نڙ تي پونديون آهن. ڦوڪيل رڳن سان اليڪسيءَ جي ڪردار، برف ۾ ڪرڻ، رڇ جي چڪن (ڦٽ ڪيئن ڇٽا، انهيءَ تي بحث

ڪو نہ ڪندا نہ ڪي ڳالھ ڪندا) ۽ ان جي پنگلي پائليٽ جي جهاز اڏائي دشمن تي حملو ڪرڻ جو معجزو بيان ڪندا آهن.

محترم يوسف سنڌي بہ (جناب ذولفقار علي ڀُٽي، سائين جي ايم سيد، علامہ آءِ آءِ قاضي، امر جليل، پليجي صاحب، پير حسام الدين راشديءَ کان وٺي استاد بخاري، نياز همايوني يا ذوالفقار راشديءَ تائين اسان هڙئي سنڌي، چڻ افريڪن، اسپيني، بنگالي، چيني، تامل، افغاني ۽ اسرائيلي آهيون. باقي هي بہ تي ماڻهو سنڌي آهن. جڻ رهن سنڌ ۽ پاڪستان کان ٻاهر ڪنهن ملڪ ۾ تا، جو سنڌي سڏرائڻ تي زور اٿن. بقول ذوالفقار راشدي مرحوم جي تہ جيڪو تو گهرؤن رُسي سو پاڻ کي سنڌي لکي ۽ سڏائي ٿو) مذڪوره ناول جي هيرو اليڪسيءَ سان نجم عباسيءَ کي پيٽ ڏيندي روزاني عبرت ۾ ”ڪالھ هُو اڪيلو هو“ جي عنوان سان هڪ خط نما مضمون لکيو هو، جيڪو پوءِ محترم يوسف سنڌيءَ جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”جبل متي باهڙي“ (نجم عباسيءَ جا خط صفحي ١٧ تي شايع ٿيل آهي.

محترم يوسف سنڌي لکي ٿو تہ:

”مون کي پتو ڪونهي (ڇو؟ باقي هي رهاڻيون ۽ ڪچهريون ڪنهن سان ڪندو هو؟) تہ سندس دل ۾ اهو احساس جاڳيو هيو يا نہ!؟ پر ڏنو وڃي تہ اسان ڪيس وساري ڇڏيو آهي جو هُو بيماريءَ جي جنهن عذاب ۾ گذري پيو، تنهن ۾ اسان ڪڏهن بہ ڏانهس بہ گهڙيون سيڙائي نہ ويا آهيون...... خود سوچيو تہ هڪ ماڻهو جنهن سڄي عمر انقلاب ۽ آزاديءَ لاءِ لکيو هجي. (ڊاڪٽر نجم عباسي انقلاب ۽ آزاديءَ لاءِ ڪهڙا ڪتاب لکيا هئا؟ ڪنهن هڪ اڌ ڪتاب ۽ پبلشر جو نالو؟) سو ماڻهو حيدرآباد ۾ موجود هجي، جنهن وٽ سوشلزم کان سواءِ ٻي ڪنهن ذاتي ملڪيت جو تصور بہ نہ هجي (پاڻ سوشلزم جي وات تي ڪيترو عمل پيرا هيو؟) ۽ گذريل ٽن سالن کان اڌ-رنگ جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا هجي، جنهن جو علاج فقط لنڊن ۾ هجي ۽ سڄو ڏينهن اڪيلائپ ۾ گذاري، هفتن جا هفتا ڪنهن جو منهن نہ ڏسي، جڏهن تہ حيدرآباد/ قاسم آباد جي گهٽي گهٽيءَ ۾ ڪو نہ ڪو اديب رهندو هجي، تہ ڇا منجهس اجا زندگيءَ لاءِ تڙپ هوندي؟ منهنجو اهو سوال سڀني کان آهي.“

محترم يوسف سنڌي هڪ سوال ۾ ڪيترائي سوال ڪري ويو آهي. سندس سوال جي جواب ۾ عرض تہ نجم عباسي ڪهڙي انقلاب لاءِ ڪوشان هيو؟ هن سنڌي قوم کي ڪهڙو نئون منشور ڏنو؟ ايئن تہ فيض احمد فيض ۽ حبيب جالب بہ شعر چيا ۽ احمد نديم قاسميءَ پارن بہ ڪوڙ ڪهاڻيون لکيون، جنهن ۾ سوشلزم جي ڳالھ ڪندا هيا. ڇا انهن شعرن ۽ ڪهاڻين سان اسان جي ملڪ ۾ انقلاب اچي ويو هيو، جيڪو نجم

عباسيءَ جي لکڻين سان نہ اچي سگهيو، جنهنکري سڄي سنڌي قوم کي تا مياردار ڪيو!

يوسف صاحب، توهان لکو ٿا تہ ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي بيماريءَ جو علاج ”فقط“ لنڊن ۾ هيو. لفظ ”فقط“ تي ايترو زور ڇو؟ ڪهڙي بيماريءَ جو علاج فقط لنڊن ۾ هيو يا آهي؟ سنڌ جو يگانو شاعر استاد بخاري تہ بہ دفعا علاج لاءِ لنڊن ويو هيو. ڇا استاد بخاريءَ کي بيماري ڇڏي وئي هئي؟ ڇا استاد بخاري لنڊن کان تندرست ٿي ۽ نوبنو ٿي موٽيو هو؟

حيدرآباد ۽ قاسم آباد جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ رهندڙ اديبن کي ڇڏيو. اديب هونءَ ئي مردم بيزار هوندا آهن. سواءِ ڪنهن هڪ اڌ شاعر ۽ اديب جي، باقي سڀني جا حال پورا آهن، پلي پوءِ اُهي اردوءَ جا اديب ڇو نہ هجن. مڙئي رڍون ٻوٽ ڪاريون آهن. باقي جيستائين نجم عباسيءَ کان عيادت ڪرڻ (عيادت ڪرڻ بہ نجم عباسيءَ کي وڻندو هيو الائي نہ، ڇاڪاڻ تہ اها بہ مذهبي ڳالھ آهي ۽ نجم عباسي تہ سنڌي تهذيب ۽ ثقافت تي ٽوڪان ڪيون آهن، جنهن جو بيان اڳتي ٿيندو) جو تعلق آهي تہ نجم عباسي سڀني خطن ۾ هر هر اها لباڙ هنئي آهي تہ هو سنڌيت جو پرچار ڪرڻ ۾ ماهر آهي. سنڌيت بابت واعظ ڪندي، پنهنجي سڄي عمر گهاري ڇڏيائين ۽ بقول نجم عباسي تہ هن جي اهڙي واعظ کان سڄي سنڌ جا نوجوان متاثر ٿيا هيا. پوءِ اهي هن جا سڀ مداح ۽ حواري ڪيڏانهن ويا، جو انهن جو هر دلعزيز ليڪڪ (ليڊر) مري رهيو هيو، اخبارن ۾ خبرون شايع ٿيڻ کان پوءِ بہ قدم پري، نجم عباسيءَ جو منهن بہ ڏسڻ ڪو نہ آيا؟ ڇو؟!

سنڌيت (جنهن ۾ سنڌي ثقافت ۽ تهذيب پوريءَ طرح شامل آهي) جي پرچار جي دعويٰ ڪندڙ نجم عباسي پنهنجي خط ١٩٩٠-١٢-٢٢ ۾ لکي ٿو:

”.....اهڙيءَ طرح اسان وٽ بي بہ هڪڙي رسم آهي تہ جڏهن هڪٻئي سان ملندا آهيون تہ خوش خير عافيت ڪندا آهيون. چوندا آهيون تہ خوش چڱا، ٻار ٻچا، اوڙو پاڙو، ڍڳا ڍور، مال متاءُ، مٽ مائٽ سڀ.... جواب ۾ بہ دستوري اکر دهرائيندا آهيون. سڀ خير آهي خدا جا شڪرانہ. دعائون، رب جي مهرباني...... حالانڪ گهڻين حالتن ۾ ٻنهي طرف پينگ هوندي آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهو دستوري (هي هر هر دستوري ڪٿان آيو؟ نجم صاحب تہ نيٺ سنڌي لکڻ جو قائل آهي) جملو: سڀ خير آهي! اسان سنڌين جي بيحس، بي عمل، سست، ڪاهل، رضا تي راضي رهڻ ۽ ڪوڙي اطمينان ۾ وقت گذارڻ جو هڪ وڏو ۽ خطرناڪ ڪارڻ آهي. اهو حقيقت کان لنوائڻ جو هڪ لاشعوري طريقو آهي.“

حال احوال ڏيڻ وٺڻ تہ سنڌ جو اباڻو ورثو آهي ۽ سنڌ جو تهذيبي ۽ ثقافتي اهڃاڻ آهي. ڊاڪٽر نجم عباسيءَ کي ان ۾ الائي ڪهڙي برائي نظر آئي جو لکيو اٿس تہ: اهو

سنڌين جي بي حس ۽ بي عمل هجڻ جي نشاني آهي. حال احوال پڇڻ ۽ جواب ۾ خير خيريت هجڻ وارا لفظ چوڻ ۽ دهرائڻ ۾ ڪهڙي برائي آهي! اهو ڪو ضروري ناهي ته هر هنڌ نجم عباسيءَ جي گهر وانگر پينگ ۽ بيماري هجي. يا سنڌ جي هر ڳوٺ، هر واهڻ ۽ هر شهر ۾، هڪٻئي کي حال احوال ڏيڻ ۽ وٺڻ وارا، سچا يا پينگيا، مفلس يا نجم عباسيءَ وانگر اڌ-رنگي جا هنيل ۽ ستيل هجن. هن ۾ طبقاتيءَ ۽ قومي غلاميءَ جو ڪهڙو سوال آهي؟ هيءُ ته سنڌ جا تهذيبي اهڃاڻ آهن. ايتري قدر جو سنڌ ۾ نئين مٿي مائٽي ڪندڙ، پوءِ چاهي هڪ ٻئي جا ويجها مائٽ هجن يا ڏاريا هجن، هڪ ٻئي کان حال احوال پُڇڻ ضروري سمجهندا آهن.

اجا ته نجم عباسي سنڌ، سنڌين ۽ سنڌي تهذيب جو عاشق هئڻ جو دعويدار آهي، جي نه ته الائي چا لکي ها! تورو سوچجي ته سنڌ جي اباڻي ورثي تي هيئن جُلهه ته پاڪستان جي پهرئين وزيراعظم به ڪئي هئي، پوءِ نجم عباسيءَ ۽ لياقت علي مرحوم ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ لياقت علي به سنڌين جي ثقافتي ۽ تهذيبي اهڃاڻ جو انڪاري هيو ۽ نجم عباسي به لکي ٿو ته: هنن (سنڌين) جي ثقافت به ته پينگ آهي. هي نا اهل، بي عمل، سُست ۽ ڪوڙي زندگي گذارڻ جا عادي هوندا آهن! لياقت علي ۽ نجم عباسيءَ جي ڳالهين ۾ رڳو لفظن جو فرق آهي. معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان، ٻنهي جو مقصد ساڳيو آهي، پوءِ نجم عباسي ۽ هُن ڌارئي (مهاجر وزيراعظم) ۾ ڪهڙو فرق؟

اڌ-رنگ جي بيماريءَ مان تنگ ۽ ڪڪ ٿيڻ جي ڪري نجم عباسيءَ جو خيال، بار بار خودڪشي /آتم-هتيا ڏي وڃي ٿو. يوسف سنڌيءَ ڏي، موڪليل هڪ خط ۾ (ڏسو صفحو ٣٣ ڪتاب - جبل مٿي باهڙي)، نجم عباسي لکي ٿو: "…. ته پوءِ اهڙي خودڪشيءَ کي چو نه مقصد وارو بڻايو وڃي. مثال طور: ڪنهن سنڌ دشمن کي مٿيءَ ۾ ملائي ڇڏجي، ڪنهن گروهه کي ختم ڪري ڇڏجي." اهڙي سني، نيڪ يا بامقصد (نجم عباسي چواڻي) ڪم ۾ نجم عباسيءَ ايڏي دير الائي چو ڪئي؟ مري ته هونءَ ئي ويو. گهٽ ۾ گهٽ سندس انهيءَ نيڪ ۽ وقتائتي قدم سان سنڌ کي ڪجهه ته لاڀ ملي ها. ساڳئي وقت سندس نالو سنڌ جي شهيدن ۾ به ڳڻيو وڃي ها. پنج ڇهه سال، خوامخواه، لوڙي لوڙي ۽ چُڙي چُڙي مري ويو.

"جبل مٿي باهڙي" ۾، پنهنجي هڪ خط (ڏسو صفحو نمبر ٢٣) ۾ نجم عباسي لکي ٿو ته: "موت کان مان بيءَ طرح ڪو نه ٿو ڊڄان." (باقي پهرينءَ طرح الائي ڪيئن ڊڄبو آهي؟) اڳتي لکي ٿو: "صديون گذري ويون جو پاڻ مُلن جي غير سائنسي ڳالهين کي اهميت ڏيڻ ڇڏي ڏني آهي". (پاڻ الائي ڪيتريون صديون هن ڌرتيءَ تي زنده رهيو جن

بابت ائين لکي ٿو.) جنهن سائنس تي ٺٺولو هيو، ان لاءِ دُنيا جي مجيل ۽ مشهور ڏاهي برناڊشا چيو هو:

"Science is always wrong, it never solves a problem without creating ten more."

(ڪير ٿو چوي تہ سائنس فائديمند آهي؟ سائنس تہ هڪ مسئلي کي حل ڪرڻ بجاءِ، ويتر ڏهہ مسئلا پيدا ڪندي آهي.)

ساڳئي ڪتاب جي ساڳئي صفحي تي، نجم عباسيءَ جي خط ۾ هن ريت لکيل آهي:
"ها مان (نجم عباسي) مرڻ لاءِ تيار آهيان. مان مرڻ کان ڪو نہ ٿو ڊڄان، پر مان اهڙو موت ٿو چاهيان جنهن ۾ پيڙا نہ ٿئي! ترت ۽ آسان هجي."

هيءَ ڪهڙي بهادري آهي؟! جنهن لاءِ يوسف سنڌي ۽ نجم عباسيءَ جا ٻيا حواري ماڻهن جا ڪن ڪائين ٿا ۽ چون ٿا تہ نجم عباسي وڏو بهادر انسان هو. خودڪشي تہ بزدل ۽ گيدي ماڻهو ڪندا آهن، جيڪي زندگيءَ جي حقيقتن کان فرار ٿيڻ چاهيندا آهن. دُنيا ۾ اهڙو ڪهڙو ماڻهو آهي، جيڪو مرڻ لاءِ وتي عام ماڻهن يا دوستن کان پڇندو تہ: "ٻيلي رستو تہ ٻڌاءِ تہ ڪيئن مران؟"

ورهاڱي کان اڳ، هندوستاني رياست رامپور جي رضا انٽر ڪاليج ۾، انگريزيءَ جو ليڪچرار اصغر علي عباسي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ لڏي ڪراچي آيو، کيس آثارِ قديمہ جي کاتي ۾ آفيسر ڪري رکيو ويو هو. ڪجهہ سال نوڪري ڪرڻ کان پوءِ، کيس ساڳئي کاتي ۾ ترقي ڏئي اعليٰ عهدو ڏنو ويو. هڪ ڏينهن هُن چا ڪيو جو پنهنجي چانهن جي ڪوپ ۾ قاتل زهر وجهي پي ڇڏيائين ۽ اهو زهر ايترو طاقتور هيو جو اصغر علي عباسي اڪ ڇنڀ ۾ ختم ٿي ويو. ان واقعي جو ڏک وارو پهلو اهو بہ هيو تہ هن اها چانهن پنهنجي پريءَ جهڙي ڌيءَ شهناز کي پياري ڇڏي هئي ۽ ائين اصغر علي دنيا جي جنجهٽن کان آزاد ٿي ويو. نجم عباسيءَ جي آسان موت واري خواهش تي مون کي هڪ پراڻي ڏنل انڊين بليڪ اينڊ وائيٽ فلم ياد پوي ٿي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي تہ هڪ بادشاهہ کي پاڙيسري دشمن ملڪ جي بادشاهہ جنگ لاءِ نياپو موڪليو. بادشاهہ پنهنجي وزيراعظم کي گهرائي چيو: "جنگ ڪي تياري ڪرو!" بادشاهہ جو حڪم ٻڌڻ سان فلمي وزيراعظم جي چهري تي مايوسيءَ ۽ پريشانيءَ جا پاڇا وڌي آيا. بادشاهہ ڪانئس پڇيو: "ڪيون وزيراعظم! ڪيا موت سي ڊرتي هو؟!" نجم عباسيءَ وانگر فلمي وزيراعظم ورندي ڏني:
"نهين ظلِ الاهي، موت سي تو نهين ڊرتا! البتہ قتل هوني سي ڊرتا هون. بس ايسي موت چاهتا هون جو ذرا سهل اور آسان هو."

”جبل متي باھڙي“ جي صفحي ٢٨ تي نجم عباسي علم جي پالوٽ ڪندي، اسان پارن جاھلن ۽ ڏُڌن جي علم ۾ اضافو ڪندي، ”سنڌي سوشلزم“ جو نئون نعرو ڏئي ٿو. ڪاش ھن ڪتاب ڇپجڻ وقت مائو، لينن، اسٽالن، خروشچيف، ڪارل مارڪس ۽ چو اين لاءِ پارا ماڻھو زنده ھجن ھا تہ اُھي روس ۽ چين مان پنھنجا سڀ ڪم ڪار ۽ مصروفيتون ڇڏي، سڌا سنڌ جي شھر خانواھڻ ۾ پھچي، نجم عباسيءَ ڪي گلن جا ھار پارائين ھا. (اُھي ناھن تہ چا تي پيو. مڙئي خير آھي. داد ڏيڻ وارا ڀيا بہ ڪوڙ آھن!) نجم عباسي واقعي علم جو پندار ٿو لڳي، چاڪاڻ تہ سندس خط مان پھريون دفعو خبر پئي تہ سوشلزم بہ، قومن وانگر: سنڌي، انگريزي، پشتو، اردو، پنجابي ۽ ڪشميري بہ ٿيندو آھي.

ماڻھو، پاڻ کي مشھور ڪرڻ لاءِ، ڪيڏا نہ جتن ڪري ٿو. لڳي ٿو تہ نالي ۽ شھرت جي بک، نجم عباسيءَ جي جسم ۾، ڪنھن لتون ڏئي پري ھئي، چو جو مري وڃڻ کان اڳ، وصيتون ۽ نصيحتون لکي ڇڏي ٿو تہ: ”قبر سنگ مرمر جي ٻڌرائجو (پونيرن تي اعتبار صفا ڪو نہ ھيس) ۽ قبر تي تختي (ڪتبو) لڳرائجو تہ: ھن قبر ۾ نجم عباسي پوريل آھي، جنھن فلاڻي تاريخ جنم ورتو ۽ فلاڻي تاريخ موڪلايائين.“ ڊاڪٽر نجم عباسي تہ ھيءَ وصيت ڪري وڃي ھا: ”سنگ مرمر خريد ڪرڻ تي جيڪو خرچ اچي، سو ڪنھن مستحق غريب کي ڏئي ڇڏجو.“ ان کان علاوه بہ، نجم عباسيءَ ھڪ حيران-ڪن وصيت جو اظھار، ڪاوش فيملي مئگزين جي انٽرويو ۾ ڪيو ھو، جنھن جو ذڪر اڳتي ايندو. اھڙي حيران-ڪُن خبر، ھڪ ٻئي عباسيءَ يعني تنوير عباسيءَ جي حوالي سان بہ مشھور ٿي ھئي، جنھن ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ چيو ھيو تہ: سندس مرڻ کان پوءِ، سندس اکيون ڪنھن انڌي کي ڏنيون وڃن. عجيب و غريب وصيتون ڪندڙ ٻئي عباسي ھئا ۽ ٻئي ڊاڪٽر پڻ ھئا. شاعر تنوير عباسيءَ جون اکيون ڪھڙي انڌي کي مليون؟ سندس ڪيل وصيت تي ڪيترو عمل ٿيو؟ اھو بہ جڳ جھان ڄاڻي ٿو. پلا جي اھڙا بيان نہ ڏين تہ پوءِ ”شھرت“ ڪيئن حاصل ٿئين. عام لوڪ ۾ ھنن جو نالو وٺي، ”چوپچو“ ڪيئن ٿئي؟

پنھنجي ھڪ خط ۾، صفحي نمبر ٧٧ تي، يوسف سنڌيءَ کي نجم عباسي لکي ٿو: ”ڪيترن ورھين کان موت جو سوچي، مان ان ڳالھ کان گھبرائيندو آھيان تہ قبر ۾ وجھي مٿان مَٽ مٽيءَ جا وجھندا تہ مون کي ڏاڍو ٻوسٽ ٿيندو.“ انھن لفظن سان ملندڙ ڳالھہ، اردوءَ جي مشھورِ زمانہ ليکڪا، عصمت چغتائيءَ بہ ١٩٨٠ ۾، لکنئو ريڊئي تي انٽرويو ڏيندي چئي ھئي: ”قبر ۾ پورجڻ ۽ مٿان مڻ مٽيءَ جا پوڻ واري خيال اچڻ سان ۽ ڳالھ ڪرڻ سان، مون کي تہ ھاڻي ٻوسٽ ٿئي ٿو. ان ڪري مان (عصمت چغتائي) اھا

وصيت ڪري ڇڏي آهي تہ مرڻ ڪان پوءِ لاش کي پوريو نہ، پر ساڙيو وڃي.“ عصمت چغتائيءَ جي مرڻ ڪان پوءِ، واقعي سندس لاش کي ساڙيو ويو. ساڳيو حشر، اردوءَ جي ناميارِي شاعر ن.م راشد جي لاش سان ڪيو ويو هو. سندس لاش کي، سندس ئي گهر واريءَ، سندس مٽن ۽ مائٽن، دوستن ۽ احبابن بلڪ ساڳئي شهر لندن ۾ رهندڙ، سندس پهرين گهر واريءَ مان ڄاول سندس پٽ جي پهچڻ کان اڳ ئي، گيس جي وڏي آڙاهہ ۾ اڇلرائي، ڀسم ڪرائي ڇڏيو هو.

جيستائين ”ٻوسٽ“ ٿيڻ جي ڳالهہ آهي، اهو تہ زندهہ ماڻهن کي ٿيندو آهي. جڏهن تہ نجم عباسي پنهنجي ڳالهہ جي ترديد ڪندي، خطن واري ڪتاب جي صفحي نمبر ۹۴ تي هڪ خط ۾ لکي ٿو: ”موت کان پوءِ اوندهہ (ٻوسٽ) جو ڪهڙو ڊپ؟“ يا وري صفحي نمبر ۱۲۰ تي لکي ٿو: ”ماڻهوءَ جي موت سان، ماڻهوءَ جو دماغ بہ مري وڃي ٿو. هن جو روح ۽ جسم بہ ختم ٿي وڃي ٿو.“ نجم عباسيءَ جي خيال موجب: مرڻ کان پوءِ انسان جو دماغ، ذهن ۽ روح سڀ ڪجهہ ختم ٿي وڃي ٿو، پوءِ ”ٻوسٽ“ ڇا جو؟ ڪٿي نجم عباسيءَ جي لاشعور ۾، قبر جو ڇپاٽو، جيڪو روح کان ٿيٽو آهي ۽ ٻوسٽ بہ تہ روح کي ٿيندو ۽ قيامت ٿيڻ واري يقين هجڻ جو لڪل خوف تہ موجود ڪو نہ هو؟

يوسف سنڌيءَ جي ڪتاب ”نجم عباسي: فن ۽ شخصيت“ جي صفحي نمبر ۷۱ تي، نجم عباسيءَ جي وصيت شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ نجم عباسي وصيت ڪندي (۲۲ سيپٽمبر ۱۹۹۱ع تي) لکي ٿو: ”منهنجي لاش کي، منهنجي ڳوٺ خانواهڻ جي اباڻي قبرستان ۾ دفنايو وڃي.“ چار پنج سال بعد، ساڳيو نجم عباسي، ڪاوش فيملي ميگزين کي انٽرويو ڏيندي چوي ٿو: ”منهنجي لاش کي ساڙيو وڃي!“ اهي اکر، ڪاوش فيملي ميگزين جي، نجم عباسيءَ جي انٽرويوءَ واري صفحي تي، مٿان ئي مٿان، وڏن اکرن ۾ شايع ٿيل آهن. ايڏو تضاد ڇو؟ اڄ هڪڙي ڳالهہ ۽ سڀاڻي ٻي ڳالهہ. اهڙا ڦِرڻا گهرڻا ماڻهو تہ، ڦِرڻي گهرڻي طبيعت سبب، بي اعتبارا سڏبا آهن.

”نجم عباسي: فن ۽ شخصيت“ جي آخري صفحي تي يوسف سنڌي صاحب، نجم عباسيءَ کي قومي ڪهاڻيڪار، بي باڪ ۽ بي ڊپو، سنڌ جو عظيم ليکڪ ۽ جرئتمند جهڙا لقب القاب ڏئي ٿو. مرحوم نجم عباسي ڪيترو بي ڊپو ۽ سنڌ جو عظيم ليکڪ هيو. ان جي لاءِ پنهنجي راءِ ڏيڻ بدران، آءٌ نجم عباسيءَ جا اکر دهرايان ٿو تہ نجم عباسيءَ جي بي ڊپائي ظاهر ٿي پوندي. مذڪوره ڪتاب جي صفحي نمبر ۵۲ تي، ”جيڪي بنگال سان ٿيو“ ڪتاب جي باري ۾، لکي ٿو:

”ع غ سنڌي، منهنجو پاڙيسري ۽ دوست هيو. بہ ٽي دفعا مون وٽ آيو ۽ ان ڪتاب جي باري ۾ ڏيڇاريائين. خبر ناهي هن کي پليجي سان ڪو وير پاڙٽو هيو يا ڪا ڳالهہ هئي.

مان نيٺ ’پاڙيو‘ تي پيس ۽ پليجي کي وچي منٿ ڪيم ته ان ڪتاب تي منهنجو نالو ’نه‘ لک. هن گهٽي ئي خاطري ڏني ته ڪجهه نه ٿيندو پر مان سچ پچ ’ڏڄي ويو‘ هيس.“

نجم عباسي، پنهنجي لطيف آباد واري گهر جي لٽجڻ بابت، مذڪوره ڪتاب ۾ آنڌل هڪ خط اندر، يوسف سنڌيءَ کي لکي ٿو: ”ورهين کان پئي لکندو آيس ته انقلاب بندوق جي ناليءَ مان ايندو آهي. (سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي ته فقير نيٺ چڱي ڏار). حال ته بندوق جي ناليءَ سان پنهنجي گهر مان تڙيو ويس (جهڙي نيت، تهڙي مراد).“ نجم عباسيءَ کي خبر ڪا نه هئي ته عراق ۾، شاهه فاروق جو تختو اونڌو ڪرڻ واري ڪرنل نجيب سان، ڪرنل جمال عبدالناصر ڪهڙو حشر ڪيو؟ افغانستان ۾ ظاهر شاهه جي سڳي سالي جنرل دائود جو انقلاب آڻڻ کان پوءِ ڪهڙو حساب ڪتاب ٿيو؟ ڪلاشنڪوف ناهڻ واري جو موت ڪيئن ٿيو؟ ڪلاشنڪوف جي دل ڏاريندڙ ۽ هنيانءُ ڦاڙيندڙ آوازن، جتي عام بيگناهه ماڻهن کي يرغمال ۽ قتل ڪيو، اتي ساڳي ڪلاشنڪوف، پنهنجي ناهيندڙ کي به هڪ ڏينهن اهڙو شڪار ڪيو جو هن جي جسم جا هزارين ٽڪرا اڏري پتين سان چنبڙي بينا هئا. هيءَ دنيا مڪافاتِ عمل جو ميدان آهي. ان ڪري قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

”فاعتبرو يا اولي الابصار“ يعني: ”پوءِ اکين وارا! عبرت حاصل ڪريو.“

”نجم عباسي: فن ۽ شخصيت“ جي صفحي نمبر ٦۴ تي يوسف سنڌي لکي ٿو:

”نجم عباسيءَ جو پنهنجن پڙهندڙن سان خطن ذريعي گهرو لاڳاپو هوندو هو. هو ٽني جي ڊي ايچ او جي پٽيوالي سومار سمون جي لکيل آڏن ڦڏن خطن (اچا! اڄ خبر پئي ته خط به آڏا ڦڏا ٿيندا آهن، چاڪاڻ ته هن وقت تائين آڏا ڦڏا اکر ۽ سوال ٻڌا هئاسين) جا جواب ڏيندو هو، ته ڪور واهه جي نوجوان خادم حسين کي به خطن جا جواب ڏيندو هو. سندس اهڙن خطن جو تعداد هزارن ۾ آهي.“ هيءَ ڪهڙي ڳالهه آهي ته نجم عباسي عام ماڻهن جي خطن جا جواب ڏيندو هو. ايئن ته جناب ذوالفقار علي ڀٽو، سائين جي ايم سيد، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي، پير حسام الدين راشدي ۽ استاد بخاري به خطن جا جواب ڏيندا هئا. جناب ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ سائين جي ايم سيد ڪان عام ماڻهو خطن ۾ عجيب نموني جا سوال پڇندا هئا. اڄ به اردوءَ ۽ سنڌيءَ جا شاعر ۽ اديب ماڻهن جي خطن جا جواب ڏيندا آهن. نجم عباسي ڪو هڪڙو ته ڪونه هيو، جيڪو عام ماڻهوءَ کي خطن جا جواب ڏيندو هو. جيڪا ڳالهه يوسف سنڌيءَ، نجم عباسي جي حوالي سان ڪتاب ۾ لکي آهي. جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي ڪراچي واري رهائشي گهر، ٧٠ ڪلفٽن ۾، ڪوڙ فائيل پريا پيا آهن. عام ماڻهن وٽ، جناب ذوالفقار علي ڀُٽي، سائين جي ايم سيد ۽ استاد بخاريءَ يا ٻين ڪيترن اديبن ۽ شاعرن، ليکڪن ۽ سياستدانن جا

خط سانديا پيا آهن. استاد بخاري تہ هر روز اٽڪل اڌ درجن خطن جا جواب لکندو هيو، جنهن جو اکين ڏٺو شاهد مان پاڻ آهيان يا اهي ماڻهو، جن وٽ استاد بخاري اڪيڊمي دادو جا خط سانديل آهن. وڌيڪ ثبوت اهو آهي جو استاد بخاريءَ جي فرزند ڊاڪٽر الطاف احمد شاهہ بخاريءَ اخبارن ذريعي اعلان ڪيو هو تہ: جن وٽ استاد بخاريءَ جا خط آهن، سي مهرباني ڪري انهن جا فوٽو اسٽيٽ (يا نقل) استاد بخاري اڪيڊميءَ ڏانهن ڏياري موڪلين تہ جيئن، انهن خطن تي مشتمل ڪتاب ڇپائي سگهجي. اهڙا سوين خط ذوالفقار راشديءَ جي حويلي ۾ پيا آهن، جيڪي سندس فرزند سيد عبدالحي شاهہ راشديءَ ترتيب ڏئي رکيا آهن. پير حسام الدين راشديءَ جي پونئير سائين حسين شاهہ راشديءَ[1] وٽ ايترا خط پيا آهن، جو انهن جي سنڀال ڪرڻ بہ هنن لاءِ مشڪل آهي.

”جبل مٿي باهڙي“ جي صفحي نمبر ٨٠ تي نجم عباسي لکي ٿو: ”اهڙيءَ طرح اسان جي ڌرتيءَ جي هڪ ڌرمي اڳواڻ سوشلزم جو پهريون تصور ڏنو. اهائي گوتم ٻڌ جي عظمت آهي. نجم عباسي تہ ڌرم (مذهب) جي سڄي عمر خلاف رهيو، پوءِ گوتم ٻڌ هن جو ڌرمي اڳواڻ ڪيئن بڻيو؟ نہ وري نجم عباسي ”ٻڌ“ هيو، جو گوتم ٻڌ کي ”اسان جو ڌرمي اڳواڻ“ ڪري لکيو آهي. نجم عباسي تہ پاڻ کي سنڌي سڏرائڻ جو دعويدار هيو. پراڻيءَ سنڌ جون جاگرافيائي سرحدون تہ وڌ ۾ وڌ ڪشمير ۽ ڪانياواڙ رياست تائين هيون. گوتم ٻڌ تہ صوبي بهار جي هڪ شهر ”گيا“ جو ڄايو هيو. گيا شهر ۾ ڪپل وسطو پاڙي ۾، اهو ٻڙ جو وڻ اڃا تائين بيٺو آهي، جنهن جي هيٺان گوتم ٻڌ ويهي عبادت ڪندو هو. اهو وڻ هاڻي اڪيڙن ۾ وڏي ڇڪو آهي. ان حالت ۾ گوتم ٻڌ اسان جي ڌرتيءَ (سنڌ) جو ڪيئن ٿيو؟ ثبوت لاءِ ڏسو انسائيڪلوپيڊيا آف برٽينيڪا جو جلد چوٿون، جنهن ۾ صاف لکيل آهي تہ:

Buddhism is the religion of followers of Gotum Buddha, which formerly cover a large area in India and is still spread widely in Ceylon, Burma, Siam, China & Japan. It arose on 6th century B.C as an offshoot of prevailing Hindu religion of North India i.e. "Bihar" of west Bengal.

گوتم ٻڌ تہ سڄي زندگيءَ ۾ سوشلزم جي ڳالهہ ئي نہ ڪئي ۽ نہ سوشلزم جو نعرو هنيو هو. نبي، رسول، پيغمبر ۽ اوتار، انسانن جي برابريءَ جا قائل هوندا آهن. ايئن گوتم ٻڌ بہ انسانن جي برابريءَ جو قائل ۽ بي ضرر انسان هو.

”نجم عباسي: فن ۽ شخصيت“ ۾ محترم يوسف سنڌي لکي ٿو: ”.... پاڻ (نجم عباسي) ڪافي غير سنڌي لفظن جا سنڌي نعم البدل بہ ڳوليائين ۽ استعمال بہ ڪيائين.

[1] هاڻي مرحوم ٿي چڪو آهي: عبدالوهاب سهتو

جهڙوڪ: لائوڊ اسپيڪر (گونجارو)، رسيور (جهٽو)، ٿرماميٽر (تپ تپاسٽو)، ٽيليفون نمبر (پريان ڳالهائٽو انگ)، شهيد (سدا حيات)، ائش ٽري (رک-وَٽي)، ٽيليويزن (ڏور ڏسٽي) وغيره شامل آهن.“

هاڻي ڏسٽو اهو آهي تہ نجم عباسيءَ مختلف شين لاءِ جيڪي نعم البدل الفاظ چونديا آهن، تن جي معنيٰ يا مفهوم ڇا آهي. مثال طور: ٽيليفون نمبر، جنهن لاءِ نجم عباسي لکي ٿو ”پريان ڳالهائٽو انگ“، ڇا ٽيليفون نمبر صرف هڪڙو انگ هوندو آهي؟ ٿِي اينڊ ٿِي ڪاٽي طرفان مليل فون نمبر جو هڪ انگ هوندو آهي؟ اهو نمبر تہ وڌيڪ انگن تي مشتمل هوندو آهي، پوءِ هڪ انگ ڪيئن ٿيو؟ ڇا موبائل فون جي نمبر ۾ صرف هڪ انگ هوندو آهي. پريان ڳالهائٽو انگ معنيٰ: جيڪو پريان ڳالهائي، ان جو انگ! ۽ شهيد جي بجاءِ سدا حيات لفظ استعمال ڪيو اٿس. سنڌيءَ ۾ اسان وٽ سدا حيات جي بجاءِ مرحيات چيو ويندو آهي. نجم عباسي جڏهن اسلام ۾ يقين نہ رکندو هو، پوءِ شهيد لفظ تہ عربي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي واقعي جو اکين ڏٺو شاهد. اهو بہ قرآن پاڪ ٻڌائي ٿو تہ شهيد زنده آهن ۽ قرآن پاڪ تي تہ نجم عباسي اعتبار ۽ ايمان يا يقين ئي نہ رکندو هو. فون جي رسيور لاءِ لفظ استعمال ڪيو اٿائين جهٽو. جهٽو تہ سنڌي ٻولي ۾ خراب معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. جهٽ هٽڻ معنيٰ ڦرڻ، ٺڳائڻ، چوري ڪيل ڪا شيءِ يا ڳالهہ لڪائڻ/ ٺڳائڻ. مثال طور: ضلعي دادوءَ جي هڪ سماجي نقاد ۽ شاعر، دادن فقير بہ، جهٽڻ لفظ پنهنجي هڪ شعر ۾ استعمال ڪيو آهي. دادن فقير چوي ٿو:

ڪيان ٿو فون محبوب ڏي، ڪو جهٽي نہ وٺي،
متان ڪو رقيب، ان لائين کي ڪٽي نہ وٺي.

نجم عباسي ٽي ويءَ لاءِ، لفظ ڏور ڏسٽي استعمال ڪري ٿو. واهہ ڙي نجم عباسي واهہ! واقعي تون گهر ۾ در دريون بند ڪري ويهي، کهاڻيون لکندو يا گهڙيندو هئين! ٽي ويءَ کي ”دور درشن“ تہ هندوستان وارا ١٩٦٢ع کان چوندا پيا اچن ۽ اڄا تائين انهن جي چينل جو نالو ”دور درشن“ آهي. نجم عباسي، نقل ڪرڻ جو وڏو ماهر آهي. ”دور درشن“ جو سنئون سڌو ۽ لَس ترجمو ”ڏور ڏسٽي“ ڪري ڇڏيائين.

سنڌي ٻوليءَ ۾ تہ بين ڪوڙ شين جا انگريزي نالا آهن. مثال طور: سئنيما، ڊرامو، ناول، گلاس، ٽڪيٽ، پليٽ فارم، فِرج، ريل، ٽرين، بس، لاري، پاس (امتحان پاس ڪرڻ) ۽ ٽيليفون وغيره. انهن کي پلاءِ انهن مروج لفظن ۽ نالن کان سواءِ ڇا چئون؟ انهن نالن/لفظن جا متبادل، نجم عباسيءَ چونہ ڳوليا ۽ لکيا؟ هرويرو جدت/نواڻ جي آڙ ۾ مروج ۽ آسان لفظن کي بگاڙي لکڻ، سنڌ ۽ سنڌين جي ڪهڙي خدمت آهي؟

سال ١٩٧٨ع جي ڳالهہ آهي. دادو شهر جي هڪ شاعر ۽ ان وقت پرائمري استاد، هاڻي پي ٽي وي پروڊيوسر اطهر منگيءَ حيدرآباد مان نڪرندڙ هڪ رسالي ”هلچل“ کي خط لکي ايڊيٽر کي”پائل“ ڪري لکيو هو، جنهن تي ايڊيٽر جواب ڏنو هيس: ايڏا بہ جدت پسند نہ ٿيو. سنڌيءَ ۾ پائو تہ استعمال ٿيندي ٻڌو آهي. هِي ”پائل“ لفظ ڪٿان آندو اٿئي؟

هڪ طرف نجم عباسي نج پچ ۽ ٺيٺ سنڌي لفظن جو ڳولائو ۽ استعمال ڪرڻ جو دعويدار آهي ۽ ٻئي طرف لکي ٿو: ”.... مان ادب ۾ نئين صنف ’مڪالمو‘ جي شروعات ڪري رهيو آهيان يا گهٽ ۾ گهٽ ان صنف جي نالي کي جنم ڏنو اٿم. اهو نالو ذهن ۾ رکڻ سان مون کي پڪ آهي تہ ليکڪ جي لکڻيءَ ۾ نئون قير ايندو.“ (ڏسو: ”نجم عباسي: فن ۽ شخصيت“، صفحو ٣٨)

مڪالمو لفظ تہ اردوءَ جو آهي، جيڪو عربيءَ مان ورتل آهي. اتي نواڻ ۽ سنڌيت ڪاڏي وئي؟ وري ساڳئي ڪتاب جي صفحي نمبر ٣٦ تي لکي ٿو: ”.... جڻ تہ مون ذهن جو سمورو بار يا گهٽ ۾ گهٽ وڏو بار ڪاغذن تي اوتي ڇڏيو آهي.“ سوال آهي تہ ”بار“ بہ ”اوتبو“ آهي ڇا؟ بار تہ لاهبو آهي، بار تہ گهٽ ڪبو آهي. اوتبو گهڙي/مَٽ/دلي مان پاڻي آهي يا ڪنهن هڪ ٿانوَ مان ٻئي ٿانوَ ۾ ڪير اوتبو آهي، نہ ڪ ”بار“، جيئن نجم عباسي لکيو هو. هيءَ اسان جي سنڌي اديب نجم عباسيءَ جي سنڌي ٻوليءَ تي دسترس آهي!

مذڪوره ڪتاب جي ٦٩ صفحي تي، محترم يوسف سنڌيءَ سوال پڇيو آهي: ”جيڪڏهن نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون، ڪچو مال آهن يا رپورٽنگ آهن تہ پوءِ هن جون ڪهاڻيون ايڏي چاهہ سان ڇو پڙهيون وينديون هيون؟ .... سندس ڪتابن جا ڪيترائي ڇاپا نڪرندا هئا؟ نهايت تيزيءَ سان، پبلشر سندس ڪتاب ڇو ڇپرائيندا هئا؟“ ايترن پُڇيل سوالن جي جواب ۾ عرض تہ: ايئن تہ جاسوسي ڊائجسٽ بہ تيزيءَ سان وڪرو ٿيندا آهن ۽ جنسي ڪتاب بہ ڏڙا ڏڙ خريد ڪيا ۽ پڙهيا ويندا آهن. پوءِ ان لاءِ ڇا چئجي؟

ڪاوش ميگزين طرفان پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ نجم عباسيءَ وراڻيو: ”ذهني سطح، ننڍي هوندي کان ئي سيڪيولر هئي ۽ ويتر ڪتابن پڙهڻ سان وڌيڪ شعور آيو.“ سيڪيولر ذهن وارا ماڻهو تہ بي ضرر هوندا آهن. هُو هر ڪنهن جي مذهب ۽ فرقي جو دلي احترام ڪندا آهن. نجم عباسي اهڙي قسم جو سيڪيولر آهي جو سندس تنقيد جي تانَ ڦري گهري سندس مامي مرحوم الله بخش عرف سهڻا سائينءَ ۽ ان جي فرزند محمد طاهر عرف سڄڻ سائينءَ تي وڃي ٿي ٽُٽي. يا سندن روحاني مرشد خواجہ محمد عبدالغفار عرف پير منا تي ۽ بس، جنهن لاءِ يوسف سنڌي فرمائي ٿو: ”سندس (نجم عباسي جو) مامو هڪ ڪٽر مذهبي خيالن وارو، هڪ پنجابي پير جو مُريد هو.“ ان کي

سوليءَ سنڌيءَ ۾ چوندا آهن: ”ڏاچي هٽي ڏهه ته توڏي هٽي تيرنهن.“ يوسف سنڌي ته نجم عباسيءَ جي مامي مرحوم الله بخش سان مليو ئي ڪونه هو. ان کي ڏٺو ئي ڪونه هئائين. اهو ڪيس ڪٽر مذهبي ڪيئن نظر آيو يا محسوس ٿيو؟ نه ئي مرحوم الله بخش جو مُرشد پنجابي هو. هو ته سرائيڪي مادري زبان رکندڙ هو ۽ مذهبي واعظ به سرائيڪي زبان ۾ ڪندو هو. هن جي مزار لاڙڪاڻي جي رحمت پور پاڙي ۾ آهي. يوسف سنڌيءَ کي اها خبر ڪٿان حاصل ٿي ته هو پنجابي هو. پنجابي هجڻ ڪو ڏوهه ڪونهي. ايئن ته فيض احمد فيض، حبيب جالب، احمد نديم قاسمي، ڊاڪٽر مُبشر ۽ ٻيا ڪوڙ سارا سوشلسٽ پنجابي آهن، پوءِ نجم عباسي ذاتي ڪچهرين ۾ انهن جي ساراهه ڇو ڪندو هو؟ ڪٽر ۽ تنگ نظر ته نجم عباسي هو، ڇو جو هُو اسلام ۽ مذهبي ڪتابن تي جرح ڪندو هو. هيءَ ڪهڙي ترقي پسندي آهي؟ جو پنهنجا هٺرادو ۽ جُڙتو نظريا، ڪچن ذهنن کي ڪمزور ڪندڙ خيال، ٻين جي مٿان ٿاڦيو ۽ مڙهيو!“ يوسف سنڌيءَ جي ڳالهه ڪٿي مڃئون به، ته نجم عباسيءَ جي مامي جو مرشد پنجابي هو، ته پوءِ لينن، ڪارل مارڪس، مائوزي تنگ ۽ چو این لاءِ، جن تي نجم عباسي ڪلمه پڙهيا آهن، سي ڪهڙا سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جهڙوڪ: رپڙي، جهول، ڳڙهي، سن، سانگهڙ، مانجهند، ملان ڪاتيار، ٺٽي ۽ جهڏي جا رهندڙ هئا؟ جيڪڏهن مامنهس جو مُرشد ڪٽرپٽي وارو ۽ ڌاريو (پنجابي) هيو ته سندس پيشوا به ته غير سنڌي، اوپرا ۽ ڌاريا هئا، جن پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ سنڌ جو نالو به ڪونه ورتو هو، جن جي اڳيان مذهب جو نالو ڪڻڻ به پولي کي ڪل ڏيڪارڻ برابر هيو. ڇا اهو هنن جو ڪٽرپڻو نه هيو؟ جڏهن ته زماني جي آخري نبي حضرت محمد ﷺ جن پنهنجي زندگيءَ ۾ سنڌ جو نالو ورتو ۽ سنڌ ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا. نجم عباسيءَ ته ڪڏهن به آخري زماني جي نبي ڪريم ﷺ جو، ڪنهن به حوالي سان، نالو ڪونه ورتو هو! اڄ به اقوامِ متحده جي مکيه دروازي تي جيڪو منشور لکيل آهي، سو نبي ڪريم صلعم جي آخري خطبي جو هوبهو ترجمو آهي.

نجم عباسي ته پاڻ کي سوشلسٽ سمجهندو هو. مذهب کان جيترو بيزار ۽ ٻگان هيو، اهو ته سندس لکڻين مان صاف ظاهر آهي. ڪائنس وڏيڪ سوشلسٽ، اردوءَ جو مشهور رائيٽر، مرحوم سبط حسن هو. انجمن ترقي پسند مصنفين طرفان مارچ ١٩٨٦ع دوران، ڪراچيءَ ۾ هڪ گولڊن جوبلي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي هئي، جنهن ۾ پاڪستان ۽ هندستان جا وڏا سوشلسٽ شريڪ ٿيا هيا، جن ۾ سنڌي سوشلسٽ سوڀو گيانچنداڻي، جمال ابڙو ۽ ابراهيم جويو به هيا. آخري اجلاس ۾، جڏهن هن خطي جي خاص مذهب اسلام تي جرح ڪئي وئي ۽ جرح ڪندڙ مشهور مارڪسي ليکڪ عبدالله ملڪ هيو،

تڏهن سيد سبط حسن اسٽيج تي آيو ۽ چيائين: ”مان بنيادي طور تي مارڪسي خيالن وارو يعني پڪو مارڪسٽ آهيان. مون هن ئي شهر ڪراچيءَ ۾ ڪارل مارڪس جي زندگيءَ تي ڪتابچو ٻه ڇپائي پڌرو ڪيو هو، پر هتي اچي ڳالهائيندڙن طرفان عجيب ۽ غريب ڳالهيون ٻڌي ڏک ٿيو اٿم.“ سبط حسن، پنهنجي هم خيال دوست عبدالله ملڪ جي مقالي جي مخالفت ڪندي چيو: ”مارڪسزم يا سوشلزم ڪو يورپ يا تيسري دنيا ۾ تقسيم نهين ڪر سڪتي. مارڪسزم اور سوشلزم تو ايڪ هي هي. (پر نجم عباسي ته چوي ٿو: سنڌي سوشلزم ٻه ٿيندو آهي.) اسلام مساوات اور انصاف پسند مذهب هي. اس مين حريت پرست الاهيات ڪي ارتقا ڪي زبردست گنجائش هي. صوفياءِ ڪرام ني، اسلام عوام ڪي محاوري ۾ پيش ڪيا ٿا. صوفيا ني، مقامي روايتون ڪا احترام ڪر ڪي عوام ڪي دلون ڪو جيت ليا تها. (پر نجم عباسي ته چوي ٿو: ٻيڙي ته صوفين ٻوڙي آهي!) (ڏسو هفتيوار بليٽن ممبئي، اپريل، ٻيو هفتو ١٩٦٨ع ۽ طلوع افڪار ڪراچي جو انجمن ترقي پسند مصنفين جو گولڊن جوبلي نمبر مارچ ١٩٨٨ع).

مذڪوره ڪتاب جي صفحي نمبر ٥٨ تي راڌڻ شهر سان تعلق رکندڙ هڪ نوجوان جو هترادو ۽ فرضي قصو بيان ڪيو ويو آهي. نجم عباسي جو ڪتاب ”ڏنم، اڻ ڏنل“ پڙهڻ ڪري، سنڌس مامي ڪي دانهن ۽ شڪايت ملي ته هيءُ نوجوان نجم عباسي جا ڪتاب پڙهي منڪر/ڪافر ٿي ويو آهي، ان ڪري هن ڪي نئين سر مسلمان ٿيڻ پوءِ ان جو نڪاح پڙهايو وڃي. آخر هن ڇوڪري ڪي توبهن ڪرائي، ڪلمو پڙهائي ۽ نئين سر مسلمان ڪيو ويو. تڏهن مس وڃي هن جو نڪاح پيو ۽ شادي ٿي.“

هن ”زٽ“ جو ثبوت اهو آهي ته راڌڻ جي ان نوجوان جو، نه ته نالو لکيو ويو آهي ۽ نه ئي قوم. نه ئي وري ان جي والدين جا نالا لکيا ويا آهن. نڪاح اهڙو عمل آهي، جنهن ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جا پيئر ۽ انهن جي گهراڻن جا چند فرد، دوست احباب ۽ پاڙي وارا موجود هوندا آهن. جڏهن مون راڌڻ جي چند معززين کان، ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي ان ”زٽ“ بابت پڇيو ته سيني لاعلميءَ جو اظهار ڪيو. صاف صاف چيائون: ”اهو ايڏو وڏو واقعو آهي جو ان جي گونج اجا تائين ٻڌڻ ۾ اچي ها! ته ڪنهن مسلمان ڇوڪري کي وري مسلمان ڪيو ويو!“ راڌڻ شهر ڪو ننڍڙو ڳوٺ يا گهٽ آدمشماريءَ وارو شهر ڪونهي، جنهن ۾ اها ڳالهه لڪي وڃي ها.

”منهنجون بهترين ڪهاڻيون“ جي نالي سان نجم عباسيءَ جي چند ڪهاڻين جو هڪ ڪتاب شايع ٿيل آهي، جنهن لاءِ يوسف سنڌي لکي ٿو: ”ان لحاظ کان نجم عباسي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ڪهاڻيڪار آهي، جنهن پنهنجون ڪهاڻيون، پاڻ چوندي پسند ڪيون.“ ان جي معنىٰ اها ٿي ته ان ڪتاب ۾ آيل/شايع ٿيل ڪهاڻين کان سواءِ باقي نجم جون

سيئي ڪھاڻيون ”بدترين“ (بھترين جو ضد) آھن، ڇو جو ليکڪ پاڻ ئي چوي ٿو تہ اھي ئي سندس بھترين لکيل ڪھاڻيون آھن. ليکڪ پاڻ لکي ۽ چوي ٿو: منھنجون فلاڻيون شيون بھترين آھن!

سال ١٩٨٠ع واري ڍاڪي جي شروعاتي سالن (١٩٨۴ع) ۾ اردوءَ جي فڪشن رائيٽرز ۾ نمايان جاءِ والارينڊڙ، انڊيا واري قرت العين حيدر[1] ڪراچي آئي تہ ڪجھ اردو اديبن، سيڙجي ساڻس ملاقات ڪري ڪيس چيو: ”اسان توھان جي اعزاز ۾ ڪو پروگرام ڪرڻ ٿا چاھيون، مھرباني ڪري وقت ڏيو.“ خبر آ تہ قرت العين حيدر اردو اديبن کي ڪھڙو جواب ڏنو؟ ھن چيِن: ”مان اٽڪل ٢٥ سالن کان پوءِ پاڪستان ۾ رڳو پنھنجي مٽن مائٽن سان ملڻ آئي آھيان. انھن ٢٥ سالن ۾ توھان پاڪستاني اردو اديبن جو الئي ڪھڙو انتقام مون ڏي رھيل ھو جو، منھنجي سيني افسانن مان چند افسانہ چونڊي ڪتاب ڇپرائي بہ ڇڏيوَ ۽ نالو رکيو اٿوَس ”قرت العين حيدر جا بھترين افسانہ“! ان جو مطلب اھو آھي تہ منھنجا باقي افسانہ، ان لائق ئي ڪونھن جو انھن کي ”بھترين“ چئي سگھجي. اھي رديءَ جي ٽوڪريءَ جو مال آھن؟“

قرة العين حيدر جي اعتراض سان ملندڙ جلندڙ جواب، جڳ مشھور ليکڪا ۽ شاعره، امرتا پريتم بہ ان لاھوري پاڪستاني پبلشر کي ڏنو ھو، جيڪو خاص طور تي سيڙجي انڊيا ويو ھيو تہ اتان جي ليکڪن کان اجازت نامو وٺي سندن ڪتابن جا پاڪستاني ايڊيشن شايع ڪرائي. ھو جڏھن دھليءَ ۾ امرتا پريتم[2] سان مليو ۽ پنھنجي خواھش/تمنا بيان ڪيائين تہ امرتا پريتم ٽپي باھ ٿيندي چيس: ”تم سب پبلشر ڪا ستيا ناس ھو. تم ني ميري اڇي پلي ڪھانيون ڪا ستيا ناس ڪرديا. چند ڪھانيون پر مشتمل ايڪ ڪتاب شايع ڪر ڪي، اس ڪا نام ديا ھي ”امرتا پريتم ڪي بھترين ڪھانيان“! يہ ڪيا بڪواس ھئي! اس ڪا مطلب ھي ڪي ميري دوسري ڪھانيان بيڪار، بدترين اور پڙھني ڪي لائق نھين ھين!“ ھتي تہ نجم عباسي، پنھنجي ڪھاڻين کي پاڻ نمبر ڏئي ويو ”ھڪڙيون بھترين، باقي بدترين.“

نجم عباسي ١٩۵٣ ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ گھڙيو. خير سان لاڙڪاڻي ۾ بہ پير گھمائي (نوڪري ڪري) ويو. ١٩۵٨ع ڌاري، سرڪاري نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي، خانگي طور پريڪٽس ڪرڻ لڳو. سرڪاري نوڪري ڇڏي، پرائيوٽ (خانگي) اسپتال يا ڪلينڪ ھلائڻ جي پس منظر ۾ ڪھڙا ڪارڻ ھئا؟ عام ماڻھن جي خدمت يا پيسي ڏوڪڙ ۾ موھ، لالچ ۽ لوڀ؟ سرڪاري اسپتالن ۾ نوڪري ڪرڻ سان عام ماڻھوءَ جي وڏيڪ

[1] ھن وقت دنيا ۾ نہ رھي آھي: عبدالوھاب سھتو
[2] تازو ديھانت ڪري وئي آھي: عبدالوھاب سھتو

خدمت ڪري سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ تہ اُتي عام ماڻهن ڪي دوائون تہ ڇا ويتر رهڙون، ڇبيون ۽ ڀچيون ملنديون آهن. نجم عباسي تہ ڊاڪٽر هيو. ان ڪي ان زماني ۾ بہ خبر هوندي تہ اسپتالن جو حال ڪهڙو آهي. خانگي اسپتالون ۽ ڪلينڪ تہ ڪمائيءَ جو ذريعو هونديون آهن. نجم عباسيءَ ڪي دل ۾ وڏو قومي درد هو. قوم جو احساس رکڻ وارا تہ سرڪاري اسپتال ۾ نوڪري ڪري عوام جي خدمت ڪن ها يا سرڪاري اسپتالون 'درندن' ۽ وحشين جي حوالي ڪري، پاڻ آجا ٿي ويهن ۽ پوءِ چوَن: "اسان تہ قومي ڪارڪن/ ليڊر/ ليکڪ آهيون."

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جا آخري سال ڏاڍا ڏکيا گذريا. جن هٿن سان قلم ذريعي ٻين (مامو وغيره) ماڻهن ڪي رنجائيندو هو، فالج ان هٿ تي ڪريس! جنهن زبان سان، شعائر الله جي مخالفت ڪندو هو، فالج تنهن تي ڪريس. نتيجي طور، آخر ۾ ڳالهائڻ وقت 'ائن''ائن' ڪندو هو. لفظ/الفاظ هن جي چپن تي دم ڏئي ڇڏيندا هيا ۽ پوءِ هن جي دماغ جو وارو آيو. اتي سائنس ڪيڏانهن وئي؟ سائنسي ايجادون سندس بيماريءَ (فالج/اڌرنگي) جو علاج ڪرڻ ۾ ڇو ناڪام ٿيون؟ واقعي ڪنهن ڏاهي سچ چيو آهي تہ: "هيءَ دنيا عبرت جي جاءِ آهي، ڪو کيل ۽ تماشو ناهي."

”ياد گهر“ جو ”اڌورو“ جائزو

ادب جي دنيا ۾ خطن کي وڏي اهميت حاصل آهي. ڪو زمانو هو جڏهن ڪبوتر خطن پهچائڻ جو ڪم ڪندا هيا، پر جڏهن پرنٽ ۽ پبليڪشن جو دور آيو تہ ذاتي، شخصي هڪ هنڌ گڏ ٿيل، لڪيل ۽ گڏ يا محفوظ ٿيل خط ورقن جي ور چڙهيا، جو خط و ڪتابت باقائدي هڪ فن جي صورت اختيار ڪئي. مغربي ادب ۾ تہ Epistle writing هڪ مستند ادبي شيءِ سمجهي وڃي ٿي. انگريزي زبان جو لفظ Epistle يوناني لفظ Episteme مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ ڄاڻ يا علم آهي (انگريزي زبان ۾ Epistolary انهيءَ ڪتاب کي چئبو آهي، جيڪو خطن جي مجموعي تي مشتمل هجي).

سنڌي زبان ۾ ٽہ-ماهي ”مهراڻ“ ۾، سنڌ جي وڏي شاعر اياز جا سندس دوست ۽ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد (هاڻي ڄامشورو) جي سيڪريٽري سائين محمد ابراهيم جويي صاحب ڏانهن لکيل خط، شايع ٿيا تہ پڙهندڙن جي هڪ وڏي حلقي ۾ بيحد پسند ڪيا ويا. سائين جي ايم سيد ڏانهن سنڌ جي لاثاني سپوت حضرت علامہ آءِ آءِ قاضي، سنڌ جي عمدي اديب ۽ متنازعہ ڪردار پير علي محمد راشدي ۽ سنڌ اسيمبلي جي پهرئين مسلمان اسپيڪر سائين ميران محمد شاهہ جا خط ”اڄ پڻ چڪيم چاڪ“ جي نالي سان شايع ٿيا تہ سنجيده طبقي ۾ وڏي مقبوليت ماڻيائون. خط ڪي اڌ ملاقات بہ چيو ويندو آهي. اڌ ملاقات جي نالي سان، ٻڌي ويل جديد ”سهڻيءَ“ سان گڏ مري ويل ادبي ميهار، طارق اشرف جو خطن تي مشتمل ڪتاب پڻ شايع ٿيو هو.

جڏهن سنڌ ۾ تعليم عام ڪا نہ هئي، تڏهن اڻ پڙهيل پنهنجي مٽن مائٽن، عزيزن قريبن ۽ دوست احبابن ڏانهن تعليم يافتہ ماڻهن کان خط لکرائيندا هيا تہ آخر ۾ هڪ جملي لکرائڻ تي گهڻو زور ڀريندا هئا. اهو جملو ضرور لک. اهو جملو هوندو هيو: **ٿورو لکيو، گهڻو سمجهندا.**

ريڊيو پاڪستان ۾ ملازمت ڪندڙ خيرپور واسي، غلام قاسم عرف ڪوثر برڙي جو ڏانهس موڪليل خطن تي مشتمل ڪتاب ”ياد گهر“ جي نالي سان، غزل پبليڪيشن خيرپور طرفان شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ ڪتاب جي شايع ٿيڻ جي ڪتي بہ تاريخ لکيل ڪا نہ آهي. اڌ لوهہ جو ۽ اڌ ڪاٺ جو وانگر، انگريزيءَ ۾ تاريخ ڄاڻائي وئي آهي، جڏهن تہ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي. هر ڪتاب تي سنڌي/اردو ۾ پبليشر يا ليکڪ جو نالو ۽ سن اشاعت وغيره لکيل هوندو آهي. هي پنهنجي طرز جو انوکو ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌيءَ ۾ هڪ ۽ انگريزي ۾ ڪجهہ ٻيو لکيل آهي.

ڪتاب ”ياد گهر“ جي مصنف/ ليکڪ طرفان ساروٽيون ۽ خط ڇاٽايا ويا آهن. ساروٽين ۾ هڪ عاشق مزاج ۽ دل ڦينڪ يا سدا عاشق عورت ’ن‘ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. عورت ’ن‘ بابت ڪتاب جا اٽڪل ٽي چار صفحا سيڙيل آهن. ”ياد گهر“ ڪتاب ۾ ١١٦ ماڻهن جا خط شامل آهن. انهن ۾ ’ن‘ جو ڪو به خط شامل ناهي. جڏهن ته خود ڪوثر ٻرڙو پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٤٢ تي رقم طراز آهي ته ’ن‘ ڪيس ڍڳها ڍڳها خط لکندي هئي. ان ڪي سولي سنڌيءَ ۾ چئبو آهي: تورو لکيو، گهڻو سمجهندا.

ڪوثر ٻرڙو لکي ٿو: ”ان ست ۾ هڪ ڇوڪري هوندي هئي، جنهن جو نالو هوندو هو: ’ن‘. هوءَ شاعري به ڪندي هئي. ’ن‘ آل رائونڊر هئي. (الائي ڇا ۾؟) پهرئين پروگرام ۾، پهرين نظر سان، هوءَ پنهنجي دل مون کي ڏئي ويني. هتي مون کي طلعت محمود ۽ شمشاد بيگم جي آواز ۾ ڳايل ڊوئيٽ ياد ٿو پوي، جنهن جا ٻول آهن:

ملتي هي آنکين، دل هوا ديوانہ کسي کا!

(ڇا ته سنو ترجمو آهي!)

هوءَ مون کي ڍڳها ڍڳها خط لکڻ لڳي. هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ’ن‘ جا لکيل اهي ڍڳها ڍڳها خط ڪيڏانهن ويا؟ جڏهن ته ’ن‘ جي باري ۾ ڪوثر ٻرڙو اهو به لکي ٿو ته ”هوءَ پنجابي اعواڻ فيملي سان تعلق رکندڙ هئي ۽ ڪراچي ريڊيو تي بزم طلبہ پروگرام ۾ ايندي هئي.“(ص ٤٢) ته پوءِ ’ن‘ جو خط شايع ڪرڻ ۾ ڪهڙي قوت، آسمان تک ديوار بڻجي، ڪوثر ٻرڙي کي روڪي وڌو! جڏهن ته ١١٦ ماڻهن/خطن ۾ ڪوڙ غير معروف ماڻهو به آهن. پر ’ن‘ جو خط ڪونهي. هي ته ڪو فرضي داستان معلوم ٿئي ٿو، ڪا فلمي سين، جنهن کي ڊرامائي طور ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ڪوثر ٻرڙو اڳتي هلي ’ن‘ بابت لکي ٿو:

”هوءَ مون کي بي حساب چاهيندي هئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ڪمري ۾ اچي ويهندي هئي. مان لکڻ پڙهڻ ۾ مصروف، هوءَ مون مان اک ئي نہ ڪيندي هئي. ڪنهن ٻئي سان ڳالهائيندي هئي، ته به مون ڏي ڏسندي هئي. هن جي نگاهن ۾ وڏيون التجائون سمايل هونديون هيون.“(ص ٤٢)

ڪوثر ٻرڙو لکي ٿو: ته ’ن‘ سندس ڪمري ۾، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهندي هئي ۽ ڪوثر ۾ جُوهہ وجهي ڏسندي هئي پر پاڻ لکڻ پڙهڻ ۾ مشغول هوندو هو. جڏهن ڪوثر ٻرڙو لکڻ پڙهڻ ۾ مشغول، هيٺ ڪنڌ ڪيون وينو هوندو هو ته پوءِ ڪوثر اهو ڪيئن ڏسندو هو ته هوءَ هن مان اک ئي نہ ٿي ڪڍي؟! يا ٻئي سان ڳالهائيندي هئي ته به ڪوثر ڏانهن ڏسندي هئي؟ جيڪا منظرنگاري ڪوثر ٻرڙي ڪئي آهي، ان حالت ۾ سوال پيدا ٿو ٿئي ته: **اهو پيو ڪير هوندو هو؟** جنهن سان ’ن‘ ڳالهائيندي هئي پر ڏسندي ڪوثر

ٻرڙي ڏانهن هئي! يا ڪوثر ٻرڙي جو ڪنڌ هيٺ، لکڻ پڙهڻ ۾ مشغول ۽ مصروف، نه هن کي اها خبر ڪيئن پئي ته ’ن‘ ڳالهائي ڪنهن ٻئي سان تي، ڏسي ڪوثر ٻرڙي کي تي! ’ن‘ بابت ڪوثر ڪوڙ ساريون ٻيون ڳالهيون لکيون آهن. مثال طور: ’ن‘ ڪوثر کي خط لکيو پر ڪوثر ان کي ڪا موچاري موٽ ڪانه ڏني، ته هوءَ هڪ ٻن ڏينهن ۾ ڳري ڪندا تي وئي ۽ ڪوثر جي عشق ۾ زيور، ڳهه ڳنا لاهي اڇليائين ۽ سنا ڪپڙا پائڻ به ڇڏي ڏنائين. ساڳئي صفحي تي ڪوثر لکي ٿو:

”منهنجي چنئي پڙهي مون ڏي ڏنو. ٿڌو ساهه ڀريائين. ڳوڙها اکين مان لار ڪري وهڻ لڳس. خدا حافظ چئي اٿي وئي. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ، رڪارڊنگ تي آئي. ’ن‘ ساڳي نه هئي، (ابول! چئبو اجا سهڻي ۽ سسئي زنده ۾ حال حيات آهن) ”هڪ به زيور ڪو نه، ميڪ اپ ڪو نه، سادا ڪپڙا، ڇڻ ورهين جي بيماري مان اُٿي آئي هجي، رنجيده رنجيده، نه کل نه خوشي.

ڪتاب ”ياد گهر“ ۾ ڪوثر ٻرڙي ڏانهن جن خط لکيا آهن، تن جو تعداد ١١٦ آهي. مهڙيون خط، سائين جي ايم سيد جو آهي ۽ آخري سوڀي ڏيري مان لالڻ چَني جو شامل ڪيل آهي. ڪافي خط، مشهور ۽ معروف ماڻهن جا به ڏنل آهن، جن ۾ استاد بخاري ۽ نواز رُڪٽائي، محسن ڪڪڙائي ۽ الطاف شيخ جا به شامل آهن. حيرت جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته ڪنهن به خط تي، نه ته تاريخ لکيل آهي ۽ نه لکڻ واري جي جاءِ جو تعين ٿيل آهي يعني اها ڄاڻ نه ٿي پوي ته اهو خط هن صاحب ڪٿان لکيو آهي؟ جوهيءَ مان يا جاتيءَ مان؟ سن مان يا سانگهڙ مان؟ پراڻي ديري مان يا نئين ديري مان؟ دادو مان يا نوابشاهه مان؟ ڪراچيءَ مان يا ڪنڊياري مان؟

عام طور چيو ويندو آهي ته يادون مِنجي ويندون آهن يا متن به لٽ پئجي وڃي ٿو. ايئن لڳي ٿو ته ڪتاب جي نالي يعني ”ياد گهر“ مان تاريخون ۽ ڳوٺ يا شهرن جا نالا به منجي ويا آهن يا متن به لٽ پئجي ويو آهي. حيرت آهي سائين جي ايم سيد ۽ الطاف شيخ به خط تي تاريخ ۽ مقام ڪو نه لکيو. جڏهن ته معروف سفر نگار الطاف شيخ ته جيڪڏهن ڪنهن جهاز يا ڪنهن ساموندي بندر تان خط لکندو آهي ته به ان جو ذڪر ڪندو آهي ۽ نالو لکندو آهي. هتي الائي ڇو ايئن ٿيو؟ حيرت لفظ کي به اچرج وٺي وڃي ٿو ته ١١٦ ماڻهن پنهنجن خطن تي نه تاريخ لکي، نه مقام؟!

ڪوثر ٻرڙو، ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد جو ذڪر ڪندي، پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٤٧ تي لکي ٿو:

”قيام پاڪستان کان ڪجهه عرصو پوءِ ئي ان ڳالهه جي ضرورت محسوس ڪئي وئي ته ملڪ ۾ نيون ريڊيو اسٽيشنون قائم ڪيون وڃن. ان سوچ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ

حيدرآباد شهر جي رهواسين کي تفريح فراهم ڪرڻ واسطي ١٧ آگسٽ ١٩٥٥ع تي هوم اسٽيڊ هال جي ڇهن ڪمرن ۾ هڪ ننڍڙي ريڊيو اسٽيشن جو قيام عمل ۾ آندو ويو.“ ڪوثر ٻرڙي جي مٿين لکيل ڳالهه ڪيڏي نه منجهائيندڙ آهي، جو لکي ٿو ته حيدرآباد جي شهر واسين کي تفريح فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ ريڊيو اسٽيشن جو قيام عمل ۾ آندو ويو. ڇا ريڊيو حيدرآباد صرف حيدرآباد شهر، جيڪو ١٩٥٥ع ۾ هڪ محدود شهر هو، جي شهرين کي **تفريح** ڏيڻ لاءِ کوليو ويو هو؟ ايئن ته پوءِ حڪومت لوڪل براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشن به حيدرآباد ۾ کولي سگهي پئي. جيئن ١٩٧٠ع تائين لاڙڪاڻي شهر جناح باغ ۾، لوڪل براڊڪاسٽنگ هوندي هئي. پوءِ گورنمينٽ کي هيڏو خرچ ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي؟ ڪوثر ٻرڙي جي هن ڳالهه ته پير علي محمد راشديءَ کي قبر ۾ به تڙپايو هوندو! حقيقت هيءَ آهي ته پلي ڪو پير علي محمد راشديءَ سان نظرياتي طور لک اختلاف رکي پر ريڊيو پاڪستان جي حيدرآباد ۾ اسٽيشن قائم ڪرڻ، ڪنهن جو به ڪارنامو ناهي پر اهو فقط ئي فقط پير علي محمد راشديءَ جو ڪارنامو آهي، جنهن جا اکين ڏٺا شاهد حيدرآباد ۾ اڃا خير سان حال حيات آهن. پير علي محمد راشديءَ جي هيڏي وڏي ڪارنامي کي باءِ پاس ڪرڻ جا معنيٰ؟ پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ جي ٽئين جلد جي صفحي نمبر ٣١٢ تي لکي ٿو: ”مرڪزي وزير اطلاعات ۽ نشريات ٿيندي ئي مون چوويهن ڪلاڪن اندر، حيدرآباد ۾ ريڊيو اسٽيشن کولي هئي. مشنري ترڪن ۾ پرائي پاڻ ڪٽائي ويو هوم. هوم اسٽيڊ هال تي زوريءَ وڃي قبضو ڪيو هيم. افتتاحي مجلس لاءِ تڙ تڪڙ ۾ جيڪي آرٽسٽ هٿ لڳا، سي ساڻ وٺي ويس. قلعي ٻاهران، هڪ فقيرياڻيءَ کي ڳائيندي ٻڌم. دردوَندي پئي معلوم ٿي. چونڪ ريڊيو اسٽيشن درد-وندن جي ديس ۾ کلي رهي هئي، تنهنڪري ان دردن ماريل فقيرياڻي کي به وٺي وڃي موجود ڪيم. ريڊيو اسٽيشن کولڻ ۾ مون اهڙي تڪڙ ان خيال کان ڪئي هئي جو انسان جي حياتيءَ وانگر وزارت تي به اعتبار ڪونه هو. بهرحال جهڙي تهڙي اسٽيشن کلي ته وئي، آئنده مولا مالڪ.“ سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره مائي نور بانوءَ کي به پير علي محمد راشدي تلهار مان وٺي اچي ريڊيو تي ڳارايو هو. مائي نور بانو، جيڪا ان زماني ۾ نوران سڏبي هئي، پير علي محمد راشديءَ جي ويجهي عزيز، تلهار جي معزز شهري، پير شهاب الدين شاهه راشديءَ جي گهر ۾ ملازمه هئي ۽ هيٺ پٽ تي ويهي ڳائيندي هئي.

ريڊيو پاڪستان ڪنهن جو ڪارنامو آهي؟ ان لاءِ ريڊيو پاڪستان جي تمام وڏي آفيسر، عمدي نثر نگار، اديب ۽ شاعر حميد نسيم کان راءِ وٺون ٿا. حميد نسيم ريڊيو پاڪستان حيدرآباد اسٽيشن جو پهريون پروڊيوسر ۽ افتتاحي تقريب جا انتظام مڪمل

کنڌ ۾ ان جو اکين ڏٺو شاهد آهي. جناب حميد نسيم پنهنجي آتم ڪٿا "ناممکن ڪي جستجو" جي صفحي ۴۱۹ تي لکي ٿو:

"زيد اي بخاري ڪا ٽيليفون آيا ڪہ اگلي گاڙي سي ڪراچي پهنچو. وزير اطلاعات و نشريات پير علي محمد راشدي صاحب ني مرتب شده پروگرام، جو ان ڪي خدمت مين پيش ڪي گئي ٿي، نامنظور ڪرديئي هين.

بخاري صاحب وه مسوده لي ڪر راشدي صاحب ڪي پاس گئي. انهون ني پروگرام معائنہ ڪرني ڪي بعد منظوري فرمائي اور اپني منظوري ڪي سند ڪي طور پر مسوده پر اپني دستخط فرما ديئي. مرحوم مجيد لاهوري سي فون پر عليڪ سليڪ هوئي تو انهون ني ڪها ڪہ حيدرآباد مين مير رسول بخش ڪا مهمان هوجانا. وه بڙي سچي اور دوستدار انسان هين. اسي شام، مير صاحب ڪي پاس پهنچا.... صبح سات بجي، نهايت پر تڪلف ناشتہ آيا. سات هي مير صاحب يي تشريف لي آئي. اپي ريڊيو ڪي پاس ڪوئي ٽرانسپورٽ نهين ٿي اور قليلي ڪي پار ڪوئي سواري يي نهين ملتي ٿي. مير صاحب ني ڪها: **"سائين مين شهر جار رها هون، چليئي آپ ڪو ريڊيو اسٽيشن پر اتار دون گا."** اگلي هي دن، دو پهر ڪو پير علي محمد راشدي، بخاري صاحب ڪي سات ريڊيو اسٽيشن پر تشريف لي آئي. حڪم هوا ڪہ اسٽوڊيو مين ڪرسيان لگوا دو، وهان بيٺين گي. اسٽوڊيو يي عارضي ٿا. تين ڪرسيان رک دي گئين. ايڪ طرف وزير صاحب، اس ڪي مقابل دو ڪرسيان ايڪ بخاري صاحب ڪي ليئي اور ايڪ ميري ليئي، بيچ مين ايڪ چوٽي سي ميز. راشدي صاحب بيڙي پيتي ٿي اور بيڙيان ۵۵۵ ڪي ڊبي مين رڪتي ٿي. وه ايڪ بيڙي نڪال ڪر سلگاني لگي. اس ني بخاري صاحب ڪي طرف ديڪا..... وه بلڪل ساڪت بيٺي ٿي.... قر سنڌي مين سنڌي سازندون اور دوسري اسٽاف آرٽسٽون سي مخاطب هوئي اور فرمايا، يہ اسٽيشن مين ني بنايا هي. يہ اسٽيشن ميرا هي. مين پاڪستان ڪا وزير هون. تم سي ڪسي آفيسر سي شڪايت هو تو فورن ميري پاس پهنچو اور مجهي آڪر بتائو. مين انشاءَ الله العزيز اس آفيسر ڪو فنا ڪردون گا. باتين ڪرتي ڪرتي پير صاحب ني پائون دوسري ٽانگ پر اس زاويئي سي رڪا ڪہ جوتي ڪي نوڪ بخاري صاحب ڪي منہ سي ڪوئي ايڪ آڌ انچ دور ٿي. اس ني طلائي سليم ساهي جوتي پهن رکي ٿي. بخاري صاحب بت بني بيٺي رهي."

مسٽر ڪوثر برڙو تہ پنهنجي ملازمت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ٻہ ڪري چڪو آهي. حيرت جهڙي ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڪيس اها ٻہ خبر ڪانهي تہ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن ڪنهن جي ڪوشش سان نهي هئي؟ لڳي ٿو تہ پير علي محمد راشديءَ لاءِ ڪوثر برڙي

جي دل ۾ ڪو به نرم گوشو ناهي جو حيدرآباد جي ريڊيو اسٽيشن جي افتتاح (نئين بلڊنگ ۽ نئين مٽيريل سان سجايل ۽ سينگاريل) جو پاڪستان جي صدر ايوب خان جي هٿان ٢٨ ڊسمبر ١٩٦٢ع جو ذڪر ڪري ٿو پر پير علي محمد راشدي (**باني**) جو نالو وٺڻ به گوارا نه ٿو ڪري. ماضيءَ ۾ طارق اشرف، توڙي جو ڀُٽي جو مخالف مشهور هيو، هڪ دفعي لکيو ته جيڪڏهن ڀُٽي صاحب پنهنجي حڪومت ۾ سڀ ڪم غلط ڪيا هئا ته پوءِ سنڌس دور ۾ نهيل ڪاليج، اسپتالون ۽ پليون سڀ ڊاهي پٽ ڪريو، چاڪاڻ جو اهي ڀُٽي جي حوالي سان آهن. هي اسان جا اديب ۽ شاعر سطحي سوچ ڇو ٿا رکن؟ اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جڏهن سنڌي اديبن جي دل ڪشادي ٿي پوندي ته هو پنهنجين غلطين جو اعتراف ۽ مخالفن جي خوبين جا معترف بڻبا!

اڃا تائين غير سنڌي اسان سنڌين تي ٽوڪ ۽ ٺٺول، چٿر ۽ طنز ڪان ڪم وٺي چوندا آهن: سنڌي گهر ڪان ٻاهر نڪرندو ته پاڻ کي پرديسي سمجهندو آهي. قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن پنهنجي دور ۾ سنڌين کي ٻاهرين ملڪن ۾ پاڪستاني سفارتخانن ۾ نوڪريون ڏيندو هو ته بقول ڀُٽي صاحب جي ڪيس چوندا هيا: ”سائين ٻاهر ڪير ويندو؟ پرديس آ. اسان کي صوبيداري ڏي، سا به ڳوٺ واري ٿاڻي تي“. ذوالفقار علي ڀٽو چوندو هيو: منهنجي قوم پاڻ تان اهو ڇٽو ته **مان پرديسي آهيان!** الائي ڪڏهن لاهيندي؟

ڪوثر برڙو پڻ حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ۾ به پاڻ کي **پرديسي** سمجهي ٿو. جڻ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي بجاءِ سائوٿ آمريڪا ۾ نوڪري ڪرڻ ويو هيو! پنهنجي ڪتاب ”ياد گهر“ جي صفحي ٧٩ تي لکي ٿو:

”٣٠ سيپٽمبر واري ڏينهن مان واقعي واري هنڌ، گاڏي ڪاتي مان صرف اڌ ڪلاڪ اڳ اخبارون ۽ رسالا وٺي، حسين آباد پهتو هوس. اڃا پهتس ئي مس ته هيڏانهن فائرنگ جا ڏوڙيا ٿي ويا. انهن حالتن ۾ اسان **پرديسي ۽ نڌڻڪن** ماڻهن کي اڃهي ۽ محفوظ جڳهه جي ضرورت هئي.“ پڙهندڙ پاڻ اندازو لڳائين ته حيدرآباد سنڌ ۾ ڪوثر برڙو **پرديسي ۽ نڌڻڪو** آهي!

ڪوثر برڙو نه رڳو حيدرآباد ۾ پر لاڙڪاڻي ۾ به پاڻ کي **پرديسي** سمجهي ٿو. جڏهن ته سندس ڳوٺ خيرپور ڪان لاڙڪاڻي تائين، ويگن ذريعي صرف ٻن ڪلاڪن جو فاصلو آهي. پنهنجي ڪتاب ”ياد گهر“ جي صفحي ٩٦ تي لکي ٿو:

”لاڙڪاڻي شهر ۾ ڪئسيٽ وارن ديوان دوڪاندارن وٽ وڃي، ڪين ان ڳالهه لاءِ قائل ڪندا هئاسين ته توهان جي شهر ۾ اسٽيشن قائم ٿي آهي، اسين ته سڀ **پرديسي** آهيون.“

ڪوثر برڙو تہ حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ۾ بہ **پرديسي** آهي، باقي **ديسي** الائي ڪهڙي شهر ۽ ڳوٺ ۾ آهي؟

ڪوثر برڙو ريڊيو اسٽيشن ڪراچي جي قيام جي تاريخ بابت پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٢٥ تي لکي ٿو: ”پاڪستان جي پهرين سالگره يعني ١٤ آگسٽ ١٩٤٨ع واري ڏينهن ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ پنهنجي نشريات جو آغاز ڪيو هيو.“ حالانڪ ائين ناهي، جيئن هو لکي ٿو ۽ حقيقت تہ پنهنجي روشن چهري سان تاريخ جي صفحن ۾ نروار ٿي بيٺي آهي. صبيح محسن نالي ماڻهو جيڪو تازو ريڊيو پاڪستان جي ڊائريڪٽر پروگرامس جي عهدي تان رٽائر ٿيو آهي، اردو ۾ شايع ٿيندڙ ڪراچيءَ جي روزاني اخبار ”ايڪسپريس“ ۾ هر هفتي يعني آچر ڏينهن تي مضمون لکندو آهي. صبيح محسن پنهنجي مضمون ٢٩ فيبروري ٢٠٠٤ع تي ڪراچي ريڊيو اسٽيشن جي تاريخ بابت تفصيل سان لکيو آهي. صبيح محسن لکي ٿو:

”هوا يون تا ڪہ ٣ جون ١٩٤٧ع ڪو حڪومت برطانيہ ني آگست ١٩٤٧ع مين هندستان ڪو آزادي ديني اور پاڪستان ڪا مطالبہ تسليم ڪرني ڪا اعلان ڪيا تو اس ڪي بعد مسلم ليگ ني ڪراچي ڪو اس نئي مملڪت ڪا دارالحڪومت بناني ڪا فيصلا ڪيا. تب سنڌ ڪي ڪڇ فعال شهريون ڪو خيال آيا ڪہ يهان فوري طور پر ريڊيو اسٽيشن قائم ڪرنا ضروري هي. ان مين پيرامائونٽ ريڊيو ڪي وه هي ايس ڪي حيدر پيش پيش ٿي، جن ڪا تذڪره بخاري (زيڊ اي بخاري) ني ڪيا هي. حيدر صاحب اور علي محمد چاگلہ اس وقت ڪي حڪومت سنڌ ڪي مشير ٿي اين آڏناني سي ملي. جنهون ني تجويز، حڪام بالا يعني وزيراعليٰ اور گورنر ڪي سامني رکي. سب ني اسي پسند ڪيا اور ايڪ اسڪول ڪي ايڪ بيرڪ اس مقصد ڪي لئي لي. انهين ڪڇ ڪمري دي ديئي گئي. جولاءِ ١٩٤٧ع مين ڪام شروع هوا. دو ڪمرون ڪو سائونڊ پروف بنا ڪر انهين اسٽوڊيو بنايا گيا. حيدر صاحب اور ان پائيون ني ڪباڙيون سي سامان لي ڪر ايڪ بهت هي چوٽا سا ٽرانسسٽر خود هي بنايا. پهلي ڪوشش مين يہ ٽرانسسٽر نهين چلا. سب پر مايوسي چا گئي. ليڪن انهون ني اپني ڪوششين جاري رکين اور بالآخر ڪامياب هوئي. ١٥ آگسٽ سي تجرباتي نشريات شروع ڪي گئين. اسٽيشن ڪا نام سنڌ گورنمينٽ براڊ ڪاسٽنگ رکا گيا. ١٠ آگسٽ سي باقائده نشريات ڪا آغاز هوا. زياده تر فلمي گانون ڪي رڪارڊ بجائي جاتي ٿي، ليڪن دوسري پروگرام مثلاً بچون ڪي لئي اور خواتين ڪي لئي پروگرام ڀي نشر ڪيئي جاتي ٿي. ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع آخري وائيسراءِ هند لارڊ مائونٽ بيٽن ني پاڪستان ڪي دستورساز اسيمبلي سي خطاب ڪيا اور قائداعظم ني گورنر جنرل ڪي حيثيت سي حلف انايا. ان تقريبات ڪا آنڪون ديڪا

حال براهِ راست تو نشر نهين کيا جا سکتا تا، کيون کِ اس کي لئي ضروري سازوسامان مهيا نهين تا. ليکن اس کي رپورٽين اسي اسٽيشن سي نشر هوئين. اس کي تفصيل همين ريڊيو پاڪستان کي ملازمت اختيار کرني کي بهت سال بعد، اپني ايڪ سينيئر ساٿي علي محمد چاگلا سي معلوم هوئي. دوسري ذرائع سي اس کي تصديق يي هوئي.“

ڪوثر برڙو ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ بابت ڪتاب جي صفحي ٢٦ تي پڙهندڙن جي معلومات ۾ **غير معمولي** اضافو ڪندي لکي ٿو ته:

”پڙهندڙن جي **معلومات** لاءِ اهو به **ٻڌائجي** ٿو ته ١٤ آگسٽ ١٩٤٨ع تي صبح جو ڇهين وڳي ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جو آغاز، قاري زاهد قاسمي پاران ڪيل تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿيو، جنهن کان پوءِ مولانا شبير احمد عثماني دعائيه ڪلمات پڙهيا. ان کان پوءِ معشوق علي خان جي آواز ۾ نعت سڳوري ۽ پوءِ اردو ۽ انگريزي ۾ خبرون نشر ڪيون ويون. خبرن کان پوءِ **درس قرآن مجيد** نشر ٿيو، جنهن ۾ مولانا عبدالحامد بدايوني سوره فاتح جي تشريح ڪئي.“

ڪوثر برڙي جي مٿين لکيل ڳالهه پڙهي، هڪ عام پڙهندڙ بي اختيار تي دل ۾ چوندو ته يار وڄ! ڪوثر برڙي کي ته ريڊيو اسٽيشن ڪراچي جي وڏي تاريخ جاگرافي ياد آهي، پر جڏهن اهو ساڳيو پڙهندڙ جناب حميد نسيم جي آتم ڪهاڻي ”ناممکن کي جستجو“ جو صفحو ٢٨٠ کولي پڙهندو ته ڪيس اندازو ٿي ويندو ته ڪوثر برڙي ته جناب حميد نسيم جي لکيل ڳالهه جو صاف ۽ سليس ترجمو ڪري پنهنجي کاتي ۾ ٺٻي ڇڏيو آهي. جناب حميد نسيم جي لکيل ڪٿا پڙهو ۽ پوءِ اندازو لڳايو ۽ ڪوثر برڙي کي **داد** ڏيو. جناب حميد نسيم صفحي ٢٨٠ تي لکي ٿو:

”صحيح وقت پر اسٽيشن کي اناؤسمينٽ هوئي. پانچ بج کر انسٺ منٹ اور سات سيڪنڊ پر (ڪوثر برڙي چالاڪيءَ کان ڪم وٺي پنهنجي طرفان جاڻ ڏيندي وقت پورا ٦ بجي لکيو آهي. آهي نہ ڪمال؟) مولوي زاهد قاسمي ني تلاوت ڪلام پاڪ کي. تلاوت کي بعد مولانا عثماني ني دعائيه ڪلمه ارشاد فرمائي. (ڪوثر به دعائيه ڪلما وارا الفاظ لکيا آهن!) ڦر ايڪ نعت پيش کي گئي، شايد معشوق علي خان کي آواز مين. ڦر خبرين نشر هوئين، انگريزي اور اردو مين. خبرون کي بعد پروگرام شروع هوئي. ابتدا **درس قرآن مجيد** سي هوئي. مولانا عبدالحامد قادري بدايوني ني سورت فاتحا کي تشريح کي.“ خاص ڳالهه ته جناب حميد نسيم جي پروڊيوسر جي حيثيت سان اپريل ١٩٤٨ع ۾ ريڊيو ڪراچي تي بدلي ٿي هئي. هاڻي جيڪڏهن ڪوثر برڙي جي **همنوا** خيرپور سان تعلق رکندڙ حزب سومري جي هائيڊ پارڪ ۾ لکيل ڳالهه تي ٿوري دير

ويساهه ڪريون ته ريڊيو پاڪستان ڪراچي جو وجود ١٤ آگسٽ ١٩٤٨ع تي ٿيو هو ته پوءِ هڪ غير وجود واري جاءِ (**ريڊيو ڪراچي**) تي حميد نسيم جي بدلي ۽ مقرري ڪيئن ٿي هئي؟ جڏهن گهر ئي ناهي ته پوءِ ياتي، انهن جو رهڻ ڇا معنيٰ؟ جڏهن ڪراچي ريڊيو جو وجود ئي نه هيو، ته پوءِ حڪومت هي ماڻهو ڇو، ڇا لاءِ ۽ ڪيئن رکيا هيا؟ جناب حميد نسيم لاهور کان ڪراچي ۾ پنهنجي بدليءَ (اپريل ١٩٤٨ع) جو ذڪر پنهنجي جيون ڪٿا جي صفحي ٢٧١ تي ڪيو آهي. ڪوثر برڙو پنهنجي ڪتاب ۾، ريڊيو پاڪستان خيرپور جي نهڻ بابت جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جو ذڪر ائين نه ٿو ڪري جيئن حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي ناهڻ بابت پير علي محمد راشديءَ جو نالو نه ٿو ڪٽي. ڪوثر برڙو صفحي نمبر ١٠٤ تي لکي ٿو:

”ريڊيو پاڪستان خيرپور، سنڌ صوبي جي ٽين وڏي ريڊيو اسٽيشن آهي، جنهن جو قيام ٢١ مارچ ١٩٨٣ع تي عمل ۾ آيو. دراصل خيرپور ريڊيو اسٽيشن جي قيام جي تجويز گهٽو پراڻي هئي.“ هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته خيرپور ۾ ريڊيو اسٽيشن جي قيام جي تجويز ڪيتري پراڻي هئي؟ جو ڪوثر برڙو به مڃي ٿو ته گهڻي پراڻي هئي، پر اها تجويز ڪنهن جي هئي؟ حقيقت اها آهي ته ڀُٽي صاحب خيرپور جي عوام سان به واعدا ڪيا هيا، هڪ يونيورسٽي قائم ڪرڻ جو ۽ ٻيو ريڊيو اسٽيشن ناهڻ جو ۽ ڀُٽي صاحب پنهنجا ٻئي واعدا پاڙيا. ڀُٽي صاحب جي حڪم تي ئي سيد قائم علي شاهه ١٩٧٦ع ۾ ريڊيو خيرپور جي عمارت جو پيڙهه وارو پٿر رکيو، جيڪو خود ڪوثر برڙو به مڃي ٿو. باقي اهو لکڻ ته فلاڻي تجويز گهٽو پراڻي هئي، اهو حقيقت کان منهن موڙڻ برابر آهي. خيرپور جي حزب سومري منهنجي خط جي جواب ۾ روزاني ”ڪاوش“ ۾ ابهام پريو خط لکي، اهو پڇيو ته پلا ريڊيو اسٽيشن خيرپور جي بجاءِ سکر ۾ ڇو نه ٺهي؟ جڏهن ته خيرپور کان وڌيڪ وڏو شهر سکر هيو؟ وري پنهنجي علم جي پالوٽ ڪندي حزب سومري ”ڪاوش“ ۾ سوال ڪيو هو ته پلا ڀُٽي صاحب خيرپور جي عوام سان اهڙا واعدا ڇو ڪيا؟ ڪو نوٽيفڪيشن ڏيکاريو؟! هائيڊ پارڪ ۾ حزب سومري جو پڇيل سوال ايئن آهي ته ڪو ايئن پڇي ته دادو جي عوام سان ڀُٽي صاحب شگر مل ڏيڻ جو واعدو ڇو ڪيو هو؟ يا شگر مل ضلعي دادو جي هڪ ننڍي ڳوٺ **پيارو ڳوٺ** ۾ ڇو لڳرائي؟ جڏهن ته پيارو ڳوٺ جي پرسان سيتا روڊ وڏو شهر موجود هو! يا ڀُٽي صاحب نوابشاهه جي عوام سان گرلس ميڊيڪل ڪاليج ڏيڻ جو ڇو واعدو ڪيو هو؟ جڏهن ته نوابشاهه هڪ گرم ترين شهر آهي. نوابشاهه، حيدرآباد ۽ ڄامشوري جي بنسبت ذرا گهٽ سهوليتن وارو شهر آهي ۽ ڄامشوري ۾ ڇوڪرين جي سهوليت لاءِ هاسٽلون به موجود هيون ۽ اتان جي آبهوا به نواب شاهه جي مقابلي ۾ وڌيڪ فرحت افزا آهي. وڏي ڳالهه ته

ڄامشوري ۾ ايل ايم سي ۾ موجود آهي. اهڙن سوالن ڪرڻ وارن جي ذهني سطح جو اندازو لڳائڻ مشڪل نہ آهي. ڪتاب جي مهڙ ۾ اختر ٿانوري نالي ڪو ماڻهو ”چار اکر“ ۾ ڪوثر ٻرڙي جي سنڌي نثر بابت ساراهہ جا ڍڪ پريندي صفحي ۵ تي لکي ٿو:
”ڪوثر ٻرڙو سنڌي ٻوليءَ جي انهن قلمڪارن منجهان آهي، جن مٿان ڏات جي ديوي ڪجهہ وڌيڪ مهربان آهي. ڪوثر جي نثر جي اها خاص خوبي آهي جو هن جي ٻولي سادي ۽ روايتي آهي. هو نثر ۾ ڳرا لفظ شامل ڪرڻ بجاءِ سادا سلوڻا لفظ ۽ عام استعمال واري ٻولي ڪم آڻي ٿو.“ ڪوثر ٻرڙي جي سادي ۽ روايتي ٻولي جو عالم اهو آهي جو صفحي ۱۳۳ تي لکي ٿو:
”جيئن اردو ۾ چوندا آهن تہ **اوڙهنا بڇونا**، ايئن مون لاءِ **اوڙهنا بڇونا** ريڊيو ئي رهيو.“
خبر ناهي تہ **اوڙهنا بڇونا** لفظن کي ڪتاب ۾ الائي ڇو **بولڊ** ڪيو ويو آهي؟
ٿڌ يا پاري پوڻ واري رات جي لاءِ سنڌ ۾ تہ هي جملو ضرب المثل جي حيثيت رکندو آهي: ”سيءُ بہ چوي تہ اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان؟“ پر ڪوثر ٻرڙو صفحي ۸۷ تي لکي ٿو تہ:
”جون جو مهينو هو، ٽاڪ منجهند، گرمي چوي تہ اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان؟“ اڃا تہ ڪوثر ٻرڙي لاءِ ٿانوري اختر لکي ٿو تہ هن جي ٻولي سادي ۽ روايتي آهي؟ سنڌ ۾ منجهند ٽاڪ سانوڻ جو ذڪر ڪندي اسان سنڌي تہ ايئن چوندا آهيون. ”منجهند ٽاڪ هئي، ڪانو جي اک پئي نڪتي“ يا چوندا ايئن آهيون: گرمي چوي تہ اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان؟ اخلاق مانع آهي، نہ تہ مان اهي الفاظ لکان جيڪي جناب حميد نسيم پنهنجي جيون ڪهاڻي ”ناممڪن کي جستجو“ جي صفحي ۲۷۳ تي ريڊيو جي **جوهر** بابت لکيا آهن!
محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پاڪستان جي وزيراعظم هئي ۽ پنهنجي ڳوٺ نئون ديرو آيل هئي. ڪوثر ٻرڙو بہ سرڪاري حڪمن جي تعميل ڪرڻ لاءِ نئون ديرو ۾ محترمہ بينظير ڀٽو وزيراعظم پاڪستان جي کلي ڪچهري ۽ تقرير جي رڪارڊنگ لاءِ پهتل هيو. پاڻ صفحي ۱۰۰ تي لکي ٿو:
”هڪ دفعي عيد جي موقعي تي بينظير صاحبہ نئين ديري آيل هئي. سڄو ملڪ نئون ديرو ۾ لٿل هو، ماڻهن جي سخت پيهہ هئي. انهيءَ وقت اسان ڪان خوشيءَ ۾ اهو بہ وسري ويو تہ اسان عيد واري ڏينهن بہ شام تائين بکيا آهيون، ڇاڪاڻ تہ ريڊيو ٽيم جڏهن بہ ڪنهن وي وي آءِ پي جي لاءِ او بيءَ وجي ٿي تہ پوءِ ڪيس رڪارڊنگ تي وڃڻ ۽ ويندي قومي پروگرام بنائڻ تائين، ڪو هوش ڪونہ ٿو رهي، نہ مانيءَ جو ۽ نہ پاڻيءَ جو، نہ ڪاڌي جو، نہ پيتي جو. هيڪر ممتاز ڀٽو نگران وزيراعليٰ هو. اسان جي او بي

ٽيم ساٽس ڳڏ هئي. ميرپور ٻٺو ۾ ٻه ڏينهن قيام ڪيوسين، پر نه انتظاميه، نه ڀُٽي صاحب (ممتاز علي خان) جي ملازمن يا خود وزيراعليٰ سار لڌي ته ڪو ميڊيا ٽيم ڪي به پيٽ آهي.“

هتي سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته ڪوثر ٻرڙو، نئون ديري يا ميرپور ٻٺو ۾ سرڪاري ڊيوٽي ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏيڻ آيو هو يا پاڪستان جي وزيراعظم يا نگران وزيراعليٰ ڪيس دعوت ڏئي گهرايو هيو؟ ايئن ته جنوري ۱۹۷۲ع ۾ سنڌ جو مانائتو ۽ منفرد اديب مرحوم علي محمد بروهي به پاڪستان جي ان وقت جي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ۽ صدر جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي ڪلي ڪچهري جي رڪارڊنگ ڪرڻ ۽ پروگرام ڪوريج ڪرڻ لاءِ نئين ديري ۾ آيو هو پر هن ڪڏهن به اهڙي شڪايت ڪٿي به نه لکي هئي، نه اهڙو اظهار ڪنهن به هنڌ تي ڪنهن تقرير ۾ ڪيو هئائين. علي احمد بروهي ته ان زماني ۾ ڊائريڪٽر انفارميشن هو، پر وزيراعظم جي نئين ديري ۾ ڪئمپ دوران مرڪزي سيڪريٽري ۽ وڏا پوليس آفيسر، چيف سيڪريٽري به ايندا آهن. اهڙا آفيسر ان ڪري ڪاٻه شڪايت نه ڪندا آهن جو ڪين خبر هوندي آهي ته هو سرڪاري ڊيوٽي ۾ آيا آهن. ڪوثر ٻرڙي جي ان ڳالهه تي به ڪير اعتبار ڪو نه ڪندو جو هو لکي ٿو ته ميرپور ٻٺو (ممتاز علي ڀُٽي جي ڳوٺ) ۾ ٻه ڏينهن قيام ڪيوسي پر ڪنهن به سار نه لڌي حتيٰ ڪ ممتاز علي ڀُٽي نگران وزيراعليٰ به نه!

اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ڪوثر ٻرڙو ٻه ڏينهن ڪاڌي پيتي کان سواءِ رهيو هو. لکي ته ايئن ٿو ته ڪوثر ٻرڙي کي ڄڻ نئين ديري يا ميرپور ٻٺو ۾ بنگلي وارن ڪنهن وهانوَ يا شاديءَ جو سڏ ڏنو هو. اهڙي شڪايت ته جاجي ڪندا آهن يا سرڪاري ڊيوٽي ۾ سرڪاري پگهار تي آيل سرڪاري ملازم؟ ڪوثر ٻرڙو نه ته ”بيگر“ ۾ آيو هو ۽ نه ئي ڪنهن ڪاج ۾ برادري سڏ پرڻ، هو ته اها سرڪاري ڊيوٽي ڏيڻ آيو هيو جيڪا سندس فرض ۾ شامل هئي.

ڪوثر ٻرڙي جي پسنديده انگ ۱۱ يارنهن ۽ ڪتاب ۾ شامل چند مخصوص خطن جو مڪمل جائزو ڪنهن ٻئي دفعي...

يار زنده ...صحبت باقي،

يار زنده... تبصرو باقي.

صاحب علم ۽ صاحب ادراڪ

پروفيسر نذير احمد سومرو، پنهنجي ورتاءَ ۾ محبتي، ملنسار ۽ مهربان شخصيت هيو. علمي حوالي سان هو هڪ بهترين نقاد هيو. سندس تنقيد جو نشتر، ڪنهن ماهر جراح جيان هيو، جيڪو ڪنهن لکيت جي اوڻائي پوڻائيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ هلندو هيو.

هوندي به عام انسانن جا ليک ڪي صحيفه ناهن هوندا، جو منجهن غلطيءَ جي گنجائش نه هجي. ان ڪري، اهي مڻانئس عمومًا ناراض / چڙيل هوندا هيا. پر هن بي پرواه شخص، ڪنهن جي ڪاڻ نه ڪدي ۽ پنهنجي ڏکي راه تي رمندو رهيو.

انجنيئر عبدالوهاب سهتي، سندس لکيتن کي سهيڙي ۽ ڏاهپ پبليڪيشن ان کي شايع ڪري، هڪ صاحب علم ۽ صاحب ادراڪ شخص کي پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو آهي، ان حوالي سان ڪين جس هجي.

منظور ڪوهيار

گلشن حديد ڪراچي

۰٦ ڊسمبر ۲۰۱۲ع